
الطاف شيخ
آمريڪا
ڙي
آمريڪا
امرتا

# آمريڪا ڙي آمريڪا

[ سفرناموءِ تحقيق]

## الطاف شيخ

پبليڪيشنس حيدرآباد
2022ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2023 ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

Amarta’s Book No.69

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

# آمريڪا ڙي آمريڪا

[سفرنامو ۽ تحقيق]

**الطاف شيخ**

ايڊيٽنگ ۽ لي آئوٽ: **فقير محمد ڍول**

ٽائيٽل ۽ گرافڪس: **عرفان علي ميمڻ**

ڇاپو پهريون: جُون 2022ع

ڇپيندڙ: **امرتا پبليڪيشنس حيدرآباد،**

امرتا ڇاپ گهر، 1-باسم چيمبرس حيدر چوڪ حيدرآباد

amartachhapghar@gmail.com

ڇپرائيندڙ: **ڍول فقير فائونڊيشن_ سنڌ**

قيمت: 500.00 **روپيا**

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

www.sindhsalamat.com

**2023ع**

**America Ra’y America**

[Travelogue & Research]

**Altaf Shaikh**

| | |
|---|---|
| Editing & Lay Out: | Faqir Muhammad Dhol |
| Title & Graphics: | Irfan Ali Memon |
| First Edition: | June 2022 |
| Printed by: | Amarta Publications Hyderabad, Amarta Chhap Ghar, 1-Basim Chambers, Hyder Chowk Hyderabad. |
| Published by: | Dhol Faqeer Foundation, Sindh |
| ISBN: | 978-969-7954-32-2 |
| Price: | Rs.500.00 |

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناماري سفرنامانگار ۽ مئرين انجنيئر **الطاف شيخ** جو آمريڪا بابت لکيل ڪتاب **”آمريڪا ڙي آمريڪا“** اوهان اڳيان پيش آهي.

هن ڪتاب ’آمريڪا ڙي آمريڪا‘ ۾ سائين الطاف شيخ، آمريڪا ۽ ان جي شهرن، ندين نالن، سمنڊن، آمريڪا جي تاريخ، آمريڪا ۾ هلندڙ غلاميءَ، ماڻهن جي طبيعتن، سوچ و فڪر سميت هر پهلوءَ تي قلم کنيو آهي ۽ ڪتاب کي هڪ وٽندڙ سفرنامو هئڻ سان گڏ تحقيق نامو يا تاريخ نامو بڻائڻ ۾ ڪا ڪَسَر ڪونهي ڇڏي. ڪتاب ۾ آمريڪا بابت لکيل ٻن تازن سفرنامن پير تاج محمد قريشيءَ جي ”پرديس ٿيو ديس پنهنجو“ ۽ منصور تلهي جي ”آڏيءَ ڪان البني تائين“ تي لکيل مهاڳ پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

هي ڪتاب 2022ع ۾ **امرتا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون امرتا پبليڪيشن جي سرواڻ فقير محمد ڍول جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ مهربانيون الطاف شيخ جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## سُونهن سٽاءُ


ارپنا / پنهنجي پاران

هڪ همدرد ۽ بهترين انسان

منظور جوکئي جي نانءِ — الطاف شيخ — 7

اداري پاران

سفرنامي جي لکت جو عروج — فقير محمد ڍول — 23


## آمريڪا ڙَي آمريڪا


آمريڪا، موقعن جو مُلڪ — 27

آمريڪا ۾ لڏي ايندڙ اسان جي ماڻهن جا مختلف دؤر — 33

يارا اِها 'لا' نہ هجي ها... — 38

آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ DO's ۽ DONT's — 44

ڌارين ملڪن کان آمريڪا ۾ ايندڙ شاگردن لاءِ

ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ جوڳيون ڳالهيون — 48

اسان جي غم جو داستان — 53

ڇا وڃايو، ڇا حاصل ڪيو؟ — 58

آمريڪا ۾ اسان پاڪستانين جي زندگي — 67

سندن زالون واپس هلڻ نٿيون چاهين — 73

هُوءَ اڄ رات دير سان موٽندي — 80

آمريڪا ۾ رستي پڇڻ جي ضرورت ڪونهي — 86

اسان ننڊي ڪندَ جا ماڻهو.. — 90

آمريڪا هڪ ڏُورانهون ڏيهہ — 102

سمنڊ تي جهاز هلائڻ واري جي حالت — 108

آمريڪا جي ٻولي ۽ نديون نالا — 114

| | |
|---|---|
| جبلن جي سُونهن ۾ آمريڪا گهٽ ڪونهي | 119 |
| يورپي ماڻهو، مذهبي ظلمن کان پڇي ڀ آمريڪا آيا | 122 |
| انگلنڊ جو بادشاهه، جنهن جو سِرُ قلم ڪيو ويو | 125 |
| ’مَي فلاور‘ هڪ تاريخي جهاز | 129 |
| اسان جهاز وارن لاءِ ’يو ايس اَي‘ معنيٰ ايسٽ يا ويسٽ ڪوسٽ | 131 |
| آمريڪا جا ڇهه ريجن... | 134 |
| آمريڪا جي خانہ جنگي (Civil War) | 137 |
| آمريڪا جو مڊويسٽ ريجن | 140 |
| آمريڪا جون ڪجهه وڏيڪ ڳالهيون... | 143 |
| آمريڪا جي ماضيءَ ۽ حال تي هڪ نظر | 145 |
| آمريڪا ۾ هلنڊڙ غلاميءَ جي زندگي... | 148 |
| پرل نديءَ جي ڪناري تي ڪئنٽين<br>[ڪامارو شريف کان ڪيليفورنيا ۽ مشيگن] | 151 |
| هڪ ٻئي آمريڪيءَ جو سنڌي سفرنامو..<br>[آڏيءَ کان البنيءَ تائين] | 207 |




altafshaikh2005@gmial.coma

# ارپنا

پنهنجي پاران

هڪ همدرد ۽ بهترين انسان

## منظور جوڪئي جي نانءِ



جڏهن ڪان مون لکڻ شروع ڪيو تہ مون پنهنجن دوستن کي بہ لکڻ لاءِ همٿايو .خاص ڪري ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جي سُڄاڻن کي، جيڪي منهنجي ڏينهن ۾ اتي هئا. انهن مان ڪي ڪٽي مون کان سال ٻہ جونيئر هئا، پر اهو آهي تہ پيٽارو وارن ڏينهن ۾ مون هنن کي گهڻو وقت لئبرريءَ ۾ مطالعي ۾ مصروف ڏٺو. ڪاليج ڇڏڻ بعد مختلف يونيورسٽين ۽ ڪاليجن مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪري ڪي فوج ۾ ويا تہ ڪي ڊاڪٽر،

انجنيئر ٿيا، ته ڪي زميندار ۽ بيوروڪريٽ وغيره. آئون گهٽ ئي ڪي لکڻ لاءِ چوندو هوس. سڀ ’ها‘ ته وڏي ڪندا هئا. هڪ دفعي مون وارو جهاز ڪراچيءَ آيو ته سنڌ سيڪريٽريٽ/تغلق هائوس جو چڪر هڻندي انڪم ٽئڪس آفيس ۾ پيتاري جي اقبال جماڻي ۽ ڪنڊياري واري نَوَلراءِ اوڏ سان به مليس. مون اها ئي لکڻ جي پرچار ڪئي. اسان جي شرميلي جوان اقبال جماڻيءَ ته ڪجهه نه چيو پر نَوَلراءِ موڪلائڻ وقت چيو ته: ”يائي جان! اسان جي ڪاتي (انڪم ٽئڪس) جو ڪوبه نه لکندئي.“

”چو پيلا؟“ پُڇيومانس.

”اهو ان ڪري جو اسان ڪي ننڍي هوندي پيلي ادب سان شوق هو، ڪئين ڪتاب پڙهي ڇڏياسين، پر هاڻي اسان جو واسطو ’اڪرن‘ سان نه پر ’انگن‘ سان آهي.“

”ڏاڍي ٻڌايَئي“ آئون کلڻ لڳس. دل ۾ چيم ته ٿي سگهي ٿو ان ۾ سچائي هجي. مون مختلف اديبن، شاعرن جو سوچيو. مون ڪي ڪيترائي انجنيئر، ڊاڪٽر ۽ ڊپٽي ڪمشنر، هاري، زميندار ته سُجهيا پر ڪو انڪم ٽئڪس آفيسر هرگز نه.

ڪيترن سالن بعد، ٽيهه پنجتيهه سالن بعد، هڪ انڪم ٽئڪس آفيسر منظور جوکئي پنهنجو سفرنامو ’هوا جي ديوار‘ پيش لفظ لکڻ لاءِ موڪليو. مون ڪي حيرت به ٿي ته خوشي به. منهنجي منظور سان پهرين جي ڪا سڃاڻپ نه هئي ۽ نه ملاقات. نه وري مون ڪا هن جي پهرين جي ڪا لکڻي پڙهي هئي ۽ نه مون ڪي اها خبر هئي ته هو لکندو رهي ٿو. سنڌ کان ٻاهر سمنڊ تي رهڻ ۽ ان بعد ملائيشيا ۾ هجڻ ڪري منهنجو سنڌ جي مختلف حالتن، ويندي ادب کان ڇڏائي رهي ٿي.

منظور جي سفرنامي پڙهڻ جي شروعات ئي مون ڪي ڏاڍو متاثر ڪيو. خاص ڪري هن جي سوچ ويچار observation power، بيحد نج ۽ صحيح سنڌي، جنهن کان اڄ ڪلهه جا شهري نوجوان اڻ واقف آهن ۽ هن

جي لکڻيءَ ۾ مون کي اهي خوبيون نظر آيون جيڪي هڪ سٺي جرنسلٽ ۾ هونديون آهن. مون کي ياد آهي ته آئون ايڏو حيرت زده ٿي ويو هوس جو نه چاهيندي به (ان ڪري ’نه چاهيندي‘ لکيو اٿم جو منظور مون کي پنهنجي سفرنامي جو مواد ڏيندي ٻڌايو ته هُو انڪم ٽئڪس کاتي ۾ ڪم ڪري ٿو) مون سندس سفرنامو وڏيڪ پڙهڻ بند ڪري کيس فون ڪري پڇيو هو ته هن اخبار ۾ به ڪم ڪيو آهي؟... جنهن جي جواب ۾ منظور طرفان هائوڪار ٻڌي مون کي خوشي ٿي ته منهنجو اندازو صحيح نڪتو. ۽ سٺي سنڌي هجڻ ڪري اهو پڻ اندازو لڳايم ته منظور جو ننڍپڻ ڳوٺ ۾ گذريو آهي.

53 سالن جو منظور هن وقت ڪراچيءَ ۾ ڪمشنر اِنليند روينيو جي پوسٽ تي ويهين گريڊ ۾ آفيسر آهي. هُو وندر جون گهڙيون اڄ به لکڻ پڙهڻ جهڙن ڪمن ۾ گذاري ٿو. هن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته انڪم ٽئڪس جهڙن ادارن ۾ ڪم ڪندڙن جو واسطو نه فقط انگن سان آهي پر اکرن سان پڻ آهي.

سندس ننڍپڻ جو دوست ۽ سنڌ جي مشهور ادبي شخصيت ۽ مفڪر ’ڊاڪٽر محمود مغل‘ ٻڌائي ٿو ته. منظور جوڪئي لکڻ جي شروعات ستين ڪلاس ۾ شارٽ اسٽوري ’دولت جو نشو‘ کان ڪئي، جيڪا شڪارپور مان نڪرندڙ ’گلڙا‘ رسالي ۾ 1980ع ۾ ڇپي. ان بعد هن جون لکڻيون ”سنڌ“ رسالي ۾ ايندڙيون رهيون. منظور جو ڪهاڻيڪاري ۽ ترجما نگاري کان سواءِ محبوب مشغلو ڪالم نگاري پڻ رهيو آهي. هڪ طويل عرصو هن سنڌي اخبارن: مهراڻ، عبرت، خادم وطن ۽ ڪاوش کان سواءِ فرنٽئير پوسٽ ۾ به لاڳيتو لکيو آهي. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ’خيال، خوشبو ۽ ستارا‘ 2003ع ۾ ڇپيو ۽ ڪهاڻين جو ٻيو ڳٽڪو ’آئيندو‘ 2006ع ۾. ان بعد سندن دبئي، آمريڪا، لندن ۽ يورپ جو سفرنامو ’هوا جي ديوار‘ 2013ع ۾ ڇپيو. جنهن تي پيش لفظ لکڻ

جو شرف مون کي ڏنو ويو. پيش لفظ لکڻ ڪارڻ مون کي منظور جو سچو سفرنامو غور سان پڙهڻو پيو ۽ هي پهريون دفعو هو جو مون محسوس ڪيو تہ منظور هڪ قابل، محنتي ۽ سٺو لکڻ وارو آهي. هن جو مشاهدو ۽ لکڻ جو انداز منفرد ۽ دلچسپ آهي. هن ڪتاب تي ڪيس سنڌي لئنگئيج اٿارٽي طرفان بهترين سفرنامي جو ايوارڊ پڻ مليو. 2019ع ۾ منظور جي مضمونن جو مجموعو ’رنگ رتول‘ شايع ٿيو. ٽي ويءَ تي هلندڙ مشهور ڊراما سيريل ’ڏاهپڻ‘ جو ليکڪ پڻ اسان وارو منظور جوکيو آهي.

منظور، پڙهائي جي معاملي ۾ بہ هڪ مثالي شخصيت رهيو آهي. ڪٿي ڪو سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ جي غريب رهاڪو جو آفيسر پٽ يعني ڊپٽي ڪمشنر، پوليس ايس پي ٽائيپ آفيسر ڏسندو آهيان تہ هن سان وڃي ملندو آهيان ۽ هن کي ان عهدي تي پهچڻ لاءِ مبارڪباد ڏيندو آهيان. اها ئي ڳالهہ آهي تہ هن جو عوام سان ڪهڙو رويو هجي پر آئون پنهنجي حساب سان هن کي پارٽ ڪندو آهيان تہ جيئن تہ هن غربت ۽ ڏکيا ڏينهن ڏٺا آهن، ان ڪري هو مجبور ۽ غريب ماڻهن جو خيال رکي. مبارڪباد اهو سوچي ڏيندو آهيان تہ شهر ۾ رهندڙ ۽ امير والدين جي ٻارن کي تہ هر ڪا سهولت ميسر آهي پر ڳوٺن ۾ رهندڙ غريب ٻارن کي گهر جي پورهئي کان سواءِ سي ايس ايس جهڙن اعليٰ امتحانن لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي. ڪن کي تہ انهن امتحانن جي تياريءَ دوران گهر جي خرچ کي منهڻ ڏيڻ لاءِ ڪا نوڪري ڪري والدين جي مدد پڻ ڪرڻي پوي ٿي. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ خاص ڪري سنڌ ۾، ان قسم جي عهدن تي سياسي طرح پهتل امير ماڻهن، وزيرن، مشيرن، اسيمبلي ميمبرن جا ٻار ضرور آهن پر صحيح طرح امتحان ڏئي، پنهنجي قابليت تي هنن عهدن تي پهتل فقط غريب والدين جا ٻار آهن. ولايت ۾ پي ايچ ڊيُون ڪندڙ ۽ پورهيا ڪري ڪنهن منزل تي پهچڻ

وارا پڻ مون گهڻا تڻا غريبن جا ٻار ڏٺا. مزورن هارين جا، پورهيتن ۽ پرائمري اسڪول جي ماسترن جا، ڪلارڪن ۽ گاڏن تي سامان رکي وڪڻڻ وارن جا اهڙن ڪجهه ماڻهن بابت آئون پنهنجن ڪتابن ۾ تفصيل سان لکي چڪو آهيان. جيئن اڄ جي نوجوان کي اتساهه ملي ۽ خود ترسي (Self Pity) جو شڪار نه ٿئي. ڊي آءِ جي ذوالفقار لاڙڪ، پروفيسر جاويد لاڙڪ ۽ ڊپٽي ڪمشنر نويد لاڙڪ جي والده پرائمري اسڪول جي ٽيچر هئي، ڊاڪٽر عبدالله ساند ۽ ڊاڪٽر عبدالستار ساند (جن ملائشيا مان انجنيئرنگ ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي) جي والد ڪاٺيون ۽ چوڏا وڪڻي ٻارن کي پاليو، يُو اين او ۾ آفيسر منظور ڪوسي جو والد هاري هو.

اسان واري هن منظور جوکئي جو والد به ڪو پير، مير، وڏيرو يا وزير، مشير نه هو، جنهن رشوت ذريعي پنهنجي پٽ کي امتحان پاس ڪرايا، پر وڏي عيال وارو (ٽن پٽن ڇهن ڌيئرن وارو) هڪ پورهيت واڍو هو ۽ منظور هر قسم جو امتحان پنهنجي محنت ۽ نج قابليت جي بنياد تي پاس ٿي ڪيو. منظور نه فقط PCS جو مقابلي جو امتحان پر CSS جو امتحان به پاس ڪيو ۽ اڄ هُو انڪم ٽئڪس ڪمشنر آهي. اهو به لکندو هلان ته منظور ايندڙ نسلن جي نوجوانن جي رهنمائي ۽ همٿ افزائيءَ خاطر، جيئن هو هنن مقابلي جي امتحان لاءِ to the point علم حاصل ڪن، ڪتاب لکيا، جيڪي اڄ تائين هنن امتحانن جا اميدوار پڙهن ٿا. اهي آهن: ماس ڪميونيڪيشن، پاڪستان افيئرس، ايوري ڊي سائنس، اسلاميات ۽ سنڌيءَ جون گائيڊس.

منظور، پنهنجي تعليم جي شروعات پرائمري اسڪول رحمت پور لاڙڪاڻي کان ڪئي. ڇهين کان ائين تائين گورنمينٽ پائليٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي مان ۽ نائون ۽ ڏهون ڪلاس ’نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد‘ مان پاس ڪيو. مئٽريڪيوليشن 1984ع ۾ ڪرڻ بعد يارهون ۽ ٻارهون ڪلاس ’ماڊل اسڪول حيدرآباد‘ مان 1986ع ۾ پاس ڪيائين.

انٽر ڪرڻ کان پوءِ منظور هڪ ٻئي پويان ڪيترائي امتحان ڏنا. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان 1988ع ۾ بي اي ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان 1991ع ۾ ايم اي جرنلزم ۽ سال 2004ع ۾ ايم بي اي فائننس جون ڊگريون حاصل ڪيون. تنهن کان سواءِ هن 'پاڪستان بئنڪنگ ائنڊ فائننس ڪميشن' جو امتحان به نمايان انداز ۾ پاس ڪيو. PCS ۽ CSS جا امتحان هن ساڳئي سال 1996ع ۾ پاس ڪيا. بقول سندس وڏي ڀاءُ انور جوکيو جي دوست ڊاڪٽر محمود مغل جي، "منظور جوکيو لاڳيتي محنت ۾ اعتقاد رکندڙ وجود آهي. سندس حياتيءَ تي نگاهه وجهبي، ته لڳي ٿو ته هُن ڄڻ ڪا به گهڙي وڃائي ناهي." منظور ڪي هر وقت پورهئي ۾ مشغول ڏسي شاهه لطيف جو شعر ياد ايندو اٿم:

جان جان هئي جئري، ورچي نه ويٺي...

علم حاصل ڪندي به هن پنهنجي ڪِرت ۽ پيشيور ڪارڪردگيءَ کي سامهون ضرور رکيو آهي. بي اي ۽ ايم اي جرنلزم ۾ ڪرڻ دوران منظور ڪيترين ئي اخبارن ۾ ڇهه سال کن ڪم ڪيو جهڙوڪ روزاني 'سنڌ نيوز' حيدر آباد جو سب ايڊيٽر، روزاني 'مهراڻ' جو سب ايڊيٽر، 'خادمِ وطن' حيدرآباد جو سب ايڊيٽر ۽ ڊيلي 'فرنٽيئر پوسٽ' جي رپورٽر طور ڪم ڪيو. سال 1993ع کان 1995ع تائين منظور، 'نئشنل بئنڪ آف پاڪستان' جو لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد ۾ گريڊ ٽُو آفيسر ٿي رهيو. ان بعد پاڻ 1996ع ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر/سب ڊويزنل مئجسٽريٽ ٿي رهيو. ساڳئي سال سي ايس ايس ڪرڻ کان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر انڪم ٽئڪس بهاولپور، دادو، نوابشاهه، سانگهڙ، ٽنڊو آدم ۽ حيدرآباد ۾ رهيو. سال 2016ع کان ڪمشنر انڪم ٽئڪس مقرر ٿيو ۽ ڪجهه سال حيدرآباد ۽ لاهور ۾ خدمتون سر انجام ڏيڻ کان پوءِ هاڻي ڪمشنر اِنلئنڊ روينيو طور ڪراچيءَ ۾ مقرر آهي.

منظور کان مون پڇيو تہ، ”هن کي ملڪ جي اعليٰ امتحانن CSS ۽ PCS ڏيڻ جو خيال ڪيئن آيو؟“

”دراصل ان جو خيال مون کي ستين ڪلاس کان وٺي هو.“ منظور ٻڌايو.

”ستين ڪلاس کان!“ مون کي حيرت ٿي.

منظور ان وقت 12 ورهين جو هوندو ۽ لاڙڪاڻي جي ’گورنمينٽ پائليٽ اسڪول‘ ۾ پڙهيو ٿي. اسان وٽ اڄ بہ ورلي ڪا ڪنهن جي پري پلاننگ رهي ٿي. ڪو ٻار انٽر بعد ميڊيڪل يا انجنيئرنگ لاءِ نٿو چونڊجي تہ پوءِ هن کي انهن مقابلي جي امتحانن جو خيال اچي ٿو ۽ هُو جهڙا تهڙا سبجيڪٽ ڪٽي B.A ڪري ٿو، جيڪا هنن امتحانن لاءِ بنيادي ضرورت آهي. ائين بہ ناهي تہ منظور جي گهر جو ماحول ڪاموڪو هو، جتي هن کي ڊپٽي ڪمشنر يا پوليس سپرنٽينڊنٽ ٿيڻ لاءِ هنن امتحانن جي تياريءَ لاءِ چيو وڃي. منظور جو والد تہ هڪ عام پورهيت هو، جنهن پنهنجي ٻارن کي تعليم حاصل ڪري ڪا جهڙي تهڙي ڪلارڪي حاصل ڪرڻ لاءِ بہ رب جي شڪر گذاري ٿي ڪئي. سو منظور جي ان ڳالهہ تي منهنجو حيران ٿيڻ قدرتي ڳالهہ هئي.

منظور ڪلندي ٻڌايو تہ، ”اسان جي اسڪول ۾ هونءَ تہ هر قسم جا مهمان ايندا رهيا ٿي، پر انهن ڏينهن ۾ اکين جي ڪئمپ لڳي هئي، جنهن جي افتتاح لاءِ لاڙڪاڻي جو ڊپٽي ڪمشنر شفيق پراچا صاحب آيو. هن جي اڳيان پويان آفيسر ۽ هن جو شان شوڪت ڏسي آئون دنگ رهجي ويس تہ هي ڪير آهي ۽ ايڏو وڏو آفيسر ٿيڻ لاءِ ڪهڙا امتحان ڏيڻا پون ٿا. پوءِ معلوم ڪري آئون خوابن جي دنيا ۾ گم ٿي ويس ۽ هر وقت اهو ئي سوچيندو رهيس تہ آئون بہ محنت ڪري اهو امتحان ضرور پاس ڪندس“.

اهڙي خواب جو تعبير هن محنت ڪري پي سي ايس جو امتحان پاس ڪري، اسسٽنٽ ڪمشنر/ ايس ڊي ايم ٿي حاصل ڪيو ۽ لاڙڪاڻي ۾ ٽئي ٽريننگ ڪرڻ لڳو. ڪجهه ئي سالن ۾ هو ڊپٽي ڪمشنر ٿي ويجي ها. پر سي ايس ايس پاس ڪرڻ ڪري هن اها نوڪري ڇڏي انڪم ٽئڪس گروپ جوائن ڪيو.

منهنجي خيال ۾ منظور جي اها سٺي سوچ هئي. اهي خواب ۽ خيال آهن جن جي ساپيان ماڻڻ لاءِ انسان پنهنجيون قوتون سڌي راهه تي رکي ٿو. اسان ته نائين ڇا مئٽرڪ تائين پهچي وياسين ته به ان معاملي ۾ ڊڳا هئاسين. جنهن جو مثال پنهنجي انگريز پرنسپال ڪرنل ڪومبس جي 'لنڊن تائين لفٽ' ڪتاب ۾ انتساب ۾ لکي چڪو آهيان ته هن اسان کي مئٽرڪ ۾ پنهنجي مستقبل بابت مضمون لکڻ لاءِ چيو ته توهان زندگيءَ ۾ ڇا ٿا ٿيڻ چاهيو ته اسان کي سمجهه ۾ نه آيو يا جن به سٺون لکيون. انهن لکيو ته جيڪي قسمت ۾ هوندو. ان تي ٻي جنگ عظيم جي هن جپاني قيديءَ اسان کي خوب دڙڪا ڏئي سمجهايو ته اسان کي ننڍي هوندي کان ان بابت سوچ رکڻ کپي، جيئن پنهنجي اها خواهش/Goal ماڻڻ لاءِ ان طرف جي رخ ۾ رهون.

منظور کي چيم ته هن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن آماده ڪيو، ڪنهن شوق ڏياريو ۽ رهنمائي ڪئي. ماءُ يا پيءُ؟ منظور ٻڌايو ته هن جي والدين کي تعليم جهڙين ڳالهين جي افاديت جي نه ڄاڻ هئي ۽ نه هنن معاشي طور پهچ ساري ٿي. "آئون ٽن ڀائرن ۾ ڇئن ڀيڻين ۾ ننڍو هوس. مون کي تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق وڏي ڀاءُ انور جوکئي ڏياريو. بلڪ هن کي هن جي وڏي ڀاءُ جي دوست ۽ اهم شخصيت غلام حيدر شيخ ڏياريو، جنهن جو گذريل سال انتقال ٿيو ۽ هن اسڪرپٽ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي تي نوڪري ڪئي ٿي."

منظور جو ھي وڏو ڀاءُ سائين محمد يوسف جوڪيو صاحب جو وڏو ٻار انور جوڪيو آھي، جنھن جي ڄم جو سال 1957ع آھي يعني انور منظور کان 12 سال وڏو آھي. انور جوڪيو اڄ ڪلھ حيدرآباد ۾ رھي ٿو ۽ واپڊا مان ڊائريڪٽر ايڊمن جي عھدي تان ريٽائر ٿيو آھي. منھنجي ساڻس ملاقات اڄ کان ٽيھ سال اڳ پنھنجي ڀاٽيجي ’ماما گلاب‘ (غلام محمد شيخ) معرفت ٿي، جنھن پڻ اليڪٽريڪل انجنيئر ھجڻ ڪري حيدرآباد جي ساڳي اليڪٽرڪ آفيس ۾ نوڪري ڪئي ٿي. ان وقت مون کي خبر پيئي ته انور توڙي سندس ڀاءُ منظور کي سنڌي ادب سان شوق آھي. انھن ڏينھن ۾ انور جون ڪھاڻيون مختلف رسالن ۾ اچي رھيون ھيون ۽ سگھو ئي سندس 456 صفحن جو ترجمو ’پرين جي پچار‘ مارڪيٽ ۾ نظر آيو.

انور جوڪيو صاحب پنھنجو لکڻ پڙھڻ جو شوق اڄ تائين قائم رکندو اچي ۽ ھن جا ھيستائين ٻيا به ٽي ڪتاب ڇپجي چڪا آھن: ’پنھنجا پرين پراوا‘، ’سوريءَ چڙھيو سچ‘ ۽ مختلف اديبن ۽ انور جوڪئي جي ڪھاڻين جو مجموعو. ويجھڙائيءَ کان ھُو ’سنڌ رسالو‘ نالي ھڪ ٽه ماھي رسالو ڪڍي رھيو آھي، جنھن جا ست کن پرچا شايع ٿي چڪا آھن. ان کان سواءِ سندن ھيٺيان ڪتاب ڇپائيءَ ھيٺ آھن: جيل ڊائري، آتم ڪٿا ۽ ڪھاڻين جا ٽي کن مجموعا.

انور جوڪيو جو ھڪ وڏي ٻار جي حيثيت ۾ پڙھڻ ڪري سندس باقي ٻن ننڍن ڀائرن منور ۽ منظور کي به تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق ٿيو ۽ جيئن مٿي لکي آيو آھيان ته انور کي تعليم حاصل ڪرڻ تي مائل ڪرڻ ۾ سندس ماءُ پيءُ جو ته نه پر ھن جي دوست غلام حيدر شيخ جو ھٿ ھو. ڪٿي ڪٿي ايئن به ٿيندو آھي ته ٻار جي مستبقل ٺاھڻ ۾ ماءُ پيءُ جو نه ته ڪنھن مائٽ يا پاڙي واري جو ھٿ ھوندو آھي. ويندي غير زبان، غير مذھب وارو به مدد ڪندو آھي. سنڌ ۾ به توھان ڏسندائو ته جتي ڪنھن امير نواب وڏيري يا سيد، پير، سردار پنھنجي ماڻھوءَ جي مدد

نہ ڪئي هوندي، اتي توهان کي ڪيترا مهاجر ۽ پنجابي سيٽلر ملندا، جن سنڌ جي غريب ۽ پٺتي پيل قومن جي ٻارن کي تعليم ڏيڻ ۾ مدد ڪئي آهي، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون کوليون آهن. اهڙن ماڻهن کي واقعي شاباس هجي، جيڪي ٻين سان ساڙ ۽ حسد ڪرڻ بدران انهن جي همت افزائي ڪن ٿا. انور جوکيو ۽ ان جي پائرن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو روح غلام حيدر شيخ ڦوڪيو.

”لڳي ٿو هن جو والد صاحب تعليم يافتہ هو، جنهن پنهنجي پٽ کي نہ فقط پڙهايو پر نيڪ انسان بنايو.“ مون، انور کي چيو.

”نہ سائين! شيخ صاحب جو والد تہ هڪ غريب هاري هو.“ انور ٻڌايو.

”پوءِ تہ هن کي ۽ هن جي والد کي اجهان بہ وڌيڪ جَسُ هجي، جنهن نہ فقط پنهنجي پٽ کي پڙهايو پر ٻين لاءِ بہ راهہ کُلي وئي.“ چيومانس.

انور ٻڌايو تہ غلام حيدر شيخ صاحب جي والد کي پنهنجي پٽ کي پڙهائڻ جو ڏاڍو شوق هو پر غربت جي ڪري هن کي لاڙڪاڻي جي انگريزي اسڪولن ۾ پڙهائڻ بدران ٻاروچي با غ (هالا پرسان) مرحوم شفيع محمد نظاماڻي صاحب جي ’منصوره‘ ۾ ٺهرايل مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي تعليم مفت هجڻ سان گڏ، ماني ٽڪيءَ جو بہ بندوبست هو. غلام حيدر شيخ عالم/فاضل ٿيڻ بعد لاڙڪاڻي جي اسڪول ۾ داخلا ورتي.

”هُونءَ عمر ۾ مون کان ست سال وڏو هو، جو هُو 1950ع ۾ ڄائو هو.“ انور ٻڌايو.

”پوءِ توهان جي هڪ اسڪول يا پاڙي ۾ هجڻ ڪري، هن سان دوستي ٿي؟“ مون پڇيو.

”نہ... هُو اسان جو پاڙيسري ڪونہ هو. اسان لاڙڪاڻي جي ’نانو پڌر‘ محلي ۾ رهياسين ٿي، جيڪو پاڙو ’سُرهيا پڌر‘ محلي پرسان آهي... جتي ’ايمپائر سئنيما‘ هوندي هئي. غلام حيدر شيخ پري ٻئي محلي ۾

رهيو ٿي. اسان جي ملاقات پاڙي جي هڪ ننڍڙي لئبريريءَ ۾ ٿيندي هئي، جيڪا لوهار مسجد پرسان هئي. هن مون کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ همٿايو. هن سنڌي ادب لاءِ پڻ لاڙو پيدا ڪيو جو مون کي ادبي ميڙاڪن ۾ وٺي هلندو هو. ٻيو ماڻهو جنهن مون کي ادب لاءِ رجحان پيدا ڪيو اهو ’محمد سراج عالم‘ هو. سراج، لاڙڪاڻي جي مشهور شاعر ’منير تابان‘ جو فرزند هو. آئون سراج سان اڪثر جيلاني مسجد ۾ نماز لاءِ ويندو هوس. هنن کي ڪو ڪتاب يا رسالو ملندو هو ته پڙهڻ لاءِ مون کي ٻه ڏيندا هئا. تعليم ۽ ادب لاءِ منهنجو شوق ڏسي منهنجا ڀائر منور ۽ منظور به مون کي فالو ڪرڻ لڳا.“ انور ٻڌايو.

منور جو گهڻو لاڙو مذهب ڏي رهيو. منظور، گهڻي کان گهڻي تعليم حاصل ڪرڻ چاهي ٿي ۽ سندس ادب ۽ شعر و شاعريءَ سان دلچسپي رهي. مالي مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ وڏي ڀاءُ جي حيثيت ۾ انور، ننڍي عمر ۾ ئي نوڪري شروع ڪئي. مئٽرڪ بعد هن کي لاڙڪاڻي جي ’بلڊنگ ڊپارٽمينٽ‘ ۾ ڪلارڪي جي نوڪري ملي وئي، جتي هن کي ادب ۽ تعليم جو وڌيڪ شوق ڏيارڻ لاءِ شاهه لطيف جو هڪ سچو عاشق ۽ هن جي شاعريءَ جي چڱي طرح سڌ رکڻ وارو ’مختيار علي جانوري‘ ملي ويو، جيڪو هن آفيس ۾ سب انجنيئر ٿي آيو هو. مختيار جانوري سڄي سنڌ ۾ نه فقط هڪ بهترين ڄاڻو ۽ قابل انجنيئر جي حيثيت ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو، پر سندس سڃاڻپ جو هڪ ٻيو رخ هي به آهي ته پاڻ بهترين لکاري به آهي. انور جوڪئي توڙي منظور جوڪئي لاءِ مختيار جانوري هڪ دلچسپ ادبي شخصيت رهيو آهي، جنهن جي سنگت ۾ هنن شاهه جي ڪلام کي بهتر طريقي سان سمجهيو.

مختيار جانوريءَ جو تعلق سنڌ جي هڪ پڙهيل لکيل ڪٽنب سان آهي. سندس ڏاڏو حسين خان جانوري ميرن جي ’هزار لشڪري‘ جو ڪمانڊر ٿي رهيو. انگريزن جي حڪومت ۾ هُو خيرپور مان لڏي لاڙڪاڻي

آيو. جتي سندس پٽ يعني مختيار جانوريءَ جو ڏاڏو علي بخش خان جانوري، ناظر ڪورٽ جي عهدي تي رهيو. مختيار جو والد صاحب حسين بخش جانوريءَ سپرنٽينڊنٽ پوسٽ آفيس جي حيثيت ۾ رٽائرمينٽ ورتي. سندس چئن پٽن (يعني مختيار جانوريءَ جي پيئرن) مان وڏو امداد علي جانوري ايڊيشنل ڪمشنر تي رٽائرڊ ٿيو. ٻيو پٽ منظور علي پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ رهيو. ٽيون نمبر اختر علي، جيڪو سنڌي ڪهاڻيءَ جو منفرد ڪهاڻيڪار مڃيو وڃي ٿو. CSS ڪيائين ۽ سندس آخري پوسٽ ڪوئيٽا جو ائڊيشنل IG هئي. مختيار جانوري چوٿين نمبر تي ۽ سڀني ۾ ننڍو آهي ۽ هن 2016ع ۾ رٽائرمينٽ حاصل ڪئي آهي. هُو ايران، عراق ۽ شام جي سفرنامي ’هل هِنئين سين هوت ڏي‘ ڪان به مشهور آهي. 224 صفحن جو هي ڪتاب ’ساڀيان پبليڪيشن‘ وارن 2018ع ۾ حيدرآباد مان ڇپرايو ۽ مٿين ملڪن جي گائيڊ طور به استعمال ٿئي ٿو.

منظور اهو به ٻڌايو ته هن طرفان قائم ڪيل ’گلڙا ادبي سنگت‘ جي هڪ ادبي گڏجاڻيءَ لاءِ صدر جي حيثيت سان جڏهن اختر جانوريءَ شرڪت ڪئي ته اُن وقت هُو اي ايس پي هو. اختر جانوريءَ ڪي ڏسي به منظور ڪي سي ايس ايس ڪرڻ جو خيال آيو.

اسان جي منظور جوڪئي جي ننڍپڻ جي ڪلاس ميٽن مان به ڇڙا، جن ڪان توهان به واقف هوندا اهي آهن: روشن علي شيخ جيڪو هاڻي سيڪريٽري آهي. هُو صاحب ڪراچيءَ جو ڪمشنر به ٿي رهيو. ٻيو فدا حسين مستوئي DIG صاحب. ان ڪان سواءِ ڪسٽمس ڪليڪٽر ڊاڪٽر طاهر قريشي پڻ منظور سان گڏ ساڳئي ڪاليج مان پڙهيو.

منظور ڪان جڏهن سندس دلپسند استادن جو پڇيم ته هن جي زبان تي يڪدم ٻن ٽيچرن جا نالا آيا. هڪ ستين ۽ اٺين ڪلاس لاڙڪاڻي جو ’قمرالدين چانڊيو‘ صاحب ۽ ٻيو حيدرآباد جي ماڊل اسڪول جو ٽيچر جناب ’راحت عالم‘.

لکڻ پڙهڻ جي معاملي ۾ منهنجي درستگي ڪندي منظور ٻڌايو ته ايئن ناهي ته انڪم ٽئڪس ڪاتي ڪوبه ليکڪ پيدا نه ڪيو. ٻه اهم ليکڪ جن ڪان هر هڪ واقف آهي، اهي آهن: رفيق سومرو ۽ جميل الدين عالي صاحب... مون ڪي پڪ آهي ته مون وانگر منهنجن ڪيترن پڙهندڙن ڪي اهو معلوم ڪري حيرت ٿي هوندي.

جڏهن منظور کان پڇيم ته، ادب جي طرف هن جو رجحان ڪيئن ٿيو ته هن ٻڌايو، "جيڪڏهن امر جليل ۽ الطاف شيخ صاحب جهڙا ليکڪ نه هجن ها ته هن جو ادب ڏانهن لاڙو بلڪل نه ٿئي ها." هن ٻُڌايو ته، "ننڍي لاءِ انهن ٻنهي اديبن جي لکڻين کي پڙهي ئي هن لکڻ شروع ڪيو."

ان قسم جو خلوص، پيار ۽ ڳالهيون ٻڌي منهنجي دل وڏي ٿي ويندي آهي، ته منهنجو لکڻ ڪي وقت ڏيڻ سان ڪجهه ته فائدو ٿيو يعني ٻارن ۾ مطالعي جي عادت پيئي ۽ هنن ۾ ولايت ڏي نڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. بهرحال اڄ جي ٻارن ۽ والدين کي آئون اها ئي صلاح ڏيندس ته هُو پنهنجي ٻارن جي زندگيءَ کي بهتر راهه تي وٺي هلڻ ۽ ڪاميابي ماڻڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪاميابي ماڻهن جون آتم ڪٿائون پڙهن. ساڳي وقت اسان جي حڪومتي ادارن کي به کپي ته اهڙن ڪتابن کي سستو ۽ عام شاگرد جي پڙهڻ جوڳو بنائڻ لاءِ ڇپائڻ وارن جي مدد ڪن. ڪن ڪن ليکڪن جون آٽوبايوگرافيون پڙهڻ ته بيحد ضروري سمجهان ٿو، جيئن ته پير علي محمد راشدي، سائين جي ايم سيد، حسام الدين راشدي، ڪريم بخش نظاماڻي، شمس جعفراڻي، عبدالحي پليجو، قاضي فيض محمد، علي احمد بروهي، جسٽس ديدار شاهه، ڊاڪٽر عمر دائودپوٽو، عبدالواحد آريسر، عطا محمد جسڪاڻي، مهتاب راشدي، فهميده حسين، فضل قريشي، منير چنا، گل محمد عمراڻي، وغيره وغيره. اميد آهي ته منظور به پنهنجي آتم ڪٿا جلد لکڻ شروع ڪندو.

منظور کي چيم ته، ”ڪنهن هڪ اهڙي دوست جو به نالو ٻڌاءِ جيڪو اڄا تائين ڳوٺ ۾ رهندو هجي ۽ توهان اڄ تائين ان سان ملندا هجو“.

هن اصغر وڳڻ بابت ٻڌايو جيڪو لاڙڪاڻي ۾ هوٽل جو مالڪ آهي. منظور کان اصغر جو فون نمبر وٺي مون هڪ ڏينهن ان سان پڻ خبرچار ڪئي. اصغر، منظور جو همعمر آهي. اصغر ٻڌايو ته هو ٻئي پرائمري ڪلاس کان اٺين ڪلاس تائين گڏ گڏ ساڳين اسڪولن ’رحمت پور اسڪول‘ ۽ ’گورنمينٽ پائليٽ سيڪنڊري اسڪول‘ مان پڙهيا. ان بعد منظور حيدرآباد هليو ويو ۽ اصغر لاڙڪاڻي جي ’ڊگري ڪاليج‘ مان انٽر تائين پڙهيو.

”انٽر بعد پڙهائي ڇڏي مون پنهنجي وڏي ڀاءُ نادر علي سان گڏ اچي هوٽل تي ڪم ڪيو.“ اصغر ٻڌايو.

”ڇا توهان جي وڏن هوٽل جو ڪم ڪيو ٿي؟“ مون پڇيو. ان تي اصغر ٻڌايو ته هن جو والد علي اڪبر وڳڻ صاحب زميندار ماڻهو هو. ”پر پوءِ حالات ڪجهه اهڙا ٿي پيا جو منهنجي ڀاءُ هوٽل کولي.“

”هن کي هوٽل کولڻ جو خيال ڪيئن آيو؟“ مون پڇيو.

”دراصل هُو ڪڙهائيءَ ناهڻ جو ماهر هو ۽ هن لاڙڪاڻي جي هڪ هوٽل ’شاليمار هوٽل‘ ۾ ڪم ڪيو ٿي. هن ان کي ڇڏي پنهنجي هوٽل کولي ۽ انٽر ڪرڻ بعد آئون به اچي ساڻس گڏيس.“ اصغر ٻڌايو.

اصغر وارا ٽي ڀائر هئا. وچيون ڀاءُ اسد ننڍي هوندي گذاري ويو. وڏي ڀاءُ نادر عليءَ کي چار پٽ آهن، جيڪي پڻ هن اسٽيشن روڊ تي نهيل ’نادر هوٽل‘ سان سلهاڙيل آهن. اصغر کي پنج پٽ آهن جن مان هڪ هوٽل تي ڪم ڪري ٿو باقي ننڍا آهن ۽ پڙهائيءَ ۾ مشغول آهن. مون کان راءِ پُڇڻ تي مون اهو ئي چيومانس ته تعليم پنهنجي جاءِ تي آهي پر هنر ضروري آهي ۽ رڌ پچاءُ جهڙو بهترين هنر ٿي نٿو سگهي. مون ڪيس ڪيترن وڏن ماڻهن جي ٻارن، پُٽن توڙي ڌيئرن جا مثال ٻڌايا، جيڪي

رڌپچاءُ جي ڪم اچڻ ڪري سٺو روزگار ڪمائي رهيا آهن پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي تہ وڏين هوٽلن ۾ ڪم ڪرڻ ڪري هُو بورچي، ڪُڪ ۽ خانسامان سڏجڻ بدران 'شَيف' يا 'فوڊ ڊيزائنر' سڏجن ٿا. سڀ کان وڏو مثال 'راءِ بهادر موهن سنگهہ اوبراءِ' جو آهي، جيڪو انٽر کان وڌيڪ پڙهڻ بدران شملي جي هڪ هوٽل 'سيشل' ۾ وڃي ڪلارڪ ٿيو ۽ پوءِ محنت ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ ڪري پاڻ هوٽلن جو مالڪ ٿي ويو ۽ سندس اولاد 'اوبراءِ هوٽلز' جي ڪري مشهور آهي. ڳالهہ اها آهي تہ جنهن بہ فيلڊ ۾ وڃجي ان ۾ دل لڳائي محنت ڪجي ۽ صحيح طرح ڪم ڪجي. ڪيترا اهڙا بہ آهن جن CSS جا امتحان پاس ڪري سرڪاري وڏيون نوڪريون ٺڏي ڇڏيون ۽ جنهن فيلڊ ۾ ويا ان ۾ ڪامياب ٿيا. جيئن اسان جو سياستدان وڪيل اعتزاز احسن آهي يا اسان جو هڪ ٻيو ڪلاس ميٽ وڏي نوڪري ڇڏي وڃي درزي ٿيو ۽ هن ايڏي محنت ڪري ان فيلڊ ۾ نواڻ پيدا ڪئي، جو هن جا ڊيزائين ڪيل ڪپڙا سندس نالي جي شارٽ فارم 'TJ' تي وڪامن ٿا. جيئن جنيد جمشيد جو سامان '.J' سان.

اصغر وڳڻ ٻڌايو تہ گذريل 30 سالن کان هُو سڀ گڏجي هڪ هيءَ هوٽل هلائي رهيا آهن پر هاڻ ٻارن جي وڏي ٿيڻ تي هُو مختلف هنڌن تي ورتل پلاٽن تي هِن هوٽل جون شاخون کولي رهيا آهن.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ اسان جي منظور جوکئي نہ فقط ملڪ جي اعليٰ امتحانن CSS ۽ PCS لاءِ ڪاميابي حاصل ڪئي پر هن ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ جي امتحانن ۾ نالو روشن ڪيو. سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماس ڪميونيڪيشن ۾ ماسترس ڊگري امتحان ۾ فرسٽ پوزيشن کڻڻ تي کيس گولڊ ميڊل مليو.

نہ فقط علمي پر ادبي ۽ صحافتي دنيا ۾ پڻ منظور جوکئي جو نالو مٿانهون رهيو آهي. آل پاڪستان نيوز پيپرس سوسائٽي (APNS) طرفان کيس بہ پيرا سال 2003 ۽ 2004 جو ايوارڊ مليو. 'اڪيڊمي ادبيات'

اسلام آباد طرفان سال 2004ع لاءِ ڪهاڻين جي مجموعي ’خيال،خوشبو ۽ ستارا‘ تي ڪيس ’شاهه عبداللطيف ايوارڊ‘ مليو. ان ڪان سواءِ هو سفرنامي ’هوا جي ديوار‘ تي ’سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ‘ پاران ايوارڊ ۽ سال 2008ع ۾ ’سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن‘ طرفان ’لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ‘ ٻه ماڻي چڪو آهي. پنهنجي پيشي جي حوالي ڪان مختلف ڏيهي، پرڏيهي عالمي ادارن مان اعليٰ درجي جي تربيت حاصل ڪندڙ منظور جوکيو، ڪهاڻي، ڪالم، مضمون، سفرنامي ۽ ترجمي سان بيحد پيار ڪري ٿو.

منظور جي 1987ع ۾ شادي ٿي. ڪيس ٽي پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي. وڏو پٽ ’شرجيل‘ مهراڻ يونيورسٽيءَ مان انجنيئرنگ ڊگري حاصل ڪرڻ بعد آمريڪا ۾ آهي، جتي هُو ماسٽرس ڪري رهيو آهي. ’دانيال‘، قانوندان بڻجڻ چاهي ٿو. هُو Law جي تعليم ڪراچيءَ مان حاصل ڪرڻ بعد وڪالت ڪري رهيو آهي. ’قرت العين‘، ٽيڪسٽائِل ڊزائينر آهي ۽ ننڍو پٽ ’عاليان‘ حيدرآباد ۾ پڙهي رهيو آهي.

دعا آهي ته اهي سڀئي پنهنجي والد جي نقشِ قدم تي هلي، نه فقط علم پرائڻ ۾ نالو پيدا ڪندا، پر بلند اخلاق ۽ ديندار پڻ ثابت ٿيندا.

**الطاف شيخ**

پهرين مارچ 2021ع

اداري پاران

## سفرنامي جي لکت جو عروج

’امرتا پبليڪيشنز‘ پاران سائين الطاف شيخ جو پڌرو ٿيندڙ هي ڪتاب ’آمريڪا ڙي آمريڪا‘ چوٿون ڪتاب آهي، ان کان اڳ ۾ سندس ٽي ڪتاب ترتيبوار ’زنجبار جهنگبار‘، ’نکري ويا ناکُئا‘ ۽ ’چِين ڪيو بي چَين‘ پڌرا ٿي چڪا آهن. اسان جو ادارو پنهنجي لئہ اها خوشبختي جي ڳالهہ ٿو سمجهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي هن نامور ۽ يگاني ليکڪ جنهن جي لکت جو خاص ميدان ’سفرنامو‘ آهي، تنهن جا لاڳيتا ڪتاب ’امرتا پبليڪيشنز‘ جي پاران پڌرا ٿي رهيا آهن. اهو هُنن جو اسان مٿان اعتماد آهي.

سائين الطاف شيخ، پنهنجي عمر جي 78هين سال ۾ آهن، ڏٽي ڪين وڏي حياتي ۽ صحت نصيب فرمائي، انهن سالن ۾ هُنن پنجانوَي سنڌي ۽ 13 اردو جا ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ سفرنامن کي خاص اهميت حاصل رهي آهي. مطلب تہ سائين الطاف شيخ پنهنجي ڪتابن جي سئنچري اسڪور ڪري چڪو آهي، پر سندس لکت واري چاهہ کي سندس وڌندڙ عمر بہ روڪي ڪونهي سگهي ۽ پاڻ اڄ کان اڳرا ثابت ٿي رهيا آهن ۽ شيخ اياز جيان پنهنجي وقت جي هر گهڙي لکڻ پڙهڻ جي عشق ۾ گهاري رهيا آهن.

هيءُ مسلسل چوٿون ڪتاب آهي سائين الطاف شيخ جو، جيڪو مون ننڍپڻ کان پهرين پڙهيو آهي ۽ ننڍپڻ پڌرو ٿيل ڪتابَ پڙهڻ جو انگُ تہ مون کي ياد ڪونهي، پر توهان الطاف شيخ جي ڪتابن يا سندس لکت سان منهنجي موهہ جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهو ٿا تہ هي واحد ليکڪ آهي، جنهن جا ڪتاب مون پنهنجي اَيتين ايج ۾ پئسا نہ هجڻ جي صورت ۾ اوڌر تي بہ وٺي پڙهيا ها. هتي ڳالهہ آءٌ اها چوڻ جي ڪوشش پيو ڪريان تہ مون سائين الطاف شيخ کي مسلسل پڙهيو آهي ۽ اڄ منهنجي هن جي

ڪتابن يا لکت بابت اها راءِ اڃي بيٺي آهي تہ موجوده وقت سائين الطاف شيخ جي 'لکت جي عروج' جو آهي. هاڻ هُنن پنهنجي لکت کي اهڙو تہ پرفيڪٽ بڻايو آهي، جو هُو عام سفرنامن جيان رواجي سفري ڳالهيون نٿو ڪري، بلڪِ سفرنامن سان سلهاڙيل معلومات، ماضي، حال، مستقبل سان گڏ هڪ ريسرچر يعني محقق جيان تاريخ کي بہ پنهنجي لکت ۾ ضرور شامل رکي ٿو ۽ اها تاريخ رواجي محققن يا تاريخدانن جيان خشڪ يا نصابي ٻوليءَ واري ڪونهي، بلڪِ هڪ روان ۽ غيرروايتي انداز ۾ هجي ٿي، جيڪا پڙهندڙ کي بور يا بيزار قطعي نٿي ڪري، ساڳئي وقت وٽس سمجهاڻيون ڏيڻ لاءِ بہ ديسي مثال موجود آهن. مثال هن ڪتاب ۾ ئي هُو آمريڪا جي ندين نالن جي آسپاس موجود شهرن جي ڳالهہ پنهنجن شهرن ڄامشورو، ڪوٽڙي، هالا، دادو، مورو جي مثالن سان سمجهائي ٿو، جن سان پڙهندڙن وٽ پڪچر بلڪل چِٽي ۽ بنهہ صاف شفاف ٿي سامهون اچي وڃي ٿي.

هن ڪتاب 'آمريڪا ڙي آمريڪا' ۾ سائين الطاف شيخ، آمريڪا ۽ ان جي شهرن، ندين نالن، سمونڊن، ماڻهن جي طبيعتن، سوچ و فڪر سميت هر پهلوءَ تي قلم کنيو آهي ۽ ڪتاب کي هڪ وڻندڙ سفرنامو هئڻ سان گڏ تحقيق نامو يا تاريخ نامو بڻائڻ ۾ ڪا ڪَسَر ڪونهي ڇڏي. اهڙي حَسِين ڪم تي 'امرتا پبليڪيشنز' جو سمورو سَٽُ، سائين الطاف شيخ کي جَسُ تہ ڏئي ئي ٿو، پر ڪيس مبارڪباد بہ پيش ڪري ٿو.

'امرتا پبليڪيشنز' پنهنجي پڙهندڙن جي بہ تمام گهڻي شڪرگذار آهي، جن هميشہ اسان جي ڪتابن کي مانائتي موٽ ڏني آهي، پر سائين الطاف شيخ جي هر ڪتاب کي تہ بنهہ گهڻو ساراهيو بہ آهي ۽ دل سان خريد بہ ڪيو آهي. دعاڳو آهيون تہ اوهان جتي بہ هجو، سُکيا هجو- آمين.

**فقير محمد ڍول**

آچر 15 مئي 2022ع

امرتا ڇاپ گهر - حيدرآباد



# آمريڪا ڙي آمريڪا

[تحقيق ۽ سفرنامو]

## آمريڪا - موقعن جو ملڪ

America - The Land of Opportunities

آمريڪا، هڪ عجيب ملڪ آهي.

دنيا جي ماڻهن جي خوابن جو ملڪ آهي بلڪ خوابن جي ساپيان جو ملڪ آهي. گذريل ٽي چار سؤ سالن ڪان دنيا جي مختلف ملڪن، ننڍين توڙي وڏن، غريب توڙي امير، ڪمزور توڙي طاقتور، ويجهن توڙي ڏورانهن ملڪن جا ماڻهو، هِتي هميشہ رهڻ لاءِ ايندا رهن ٿا. جيڪي هميشہ رهڻ ڪان مجبور آهن يا جن کي هميشہ رهڻ جي موڪل نٿي ملي، اهي تيستائين آمريڪا ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيستائين هنن کي ڪڍيو نٿو وڃي يا گهٽ ۾ گهٽ اهو عرصو گذارين ٿا، جيڪو هنن کي هن ملڪ جو اميگريشن کاتو قانوني طرح هِتي رهڻ جي اجازت ڏئي ٿو.

آمريڪا، دنيا جي ملڪن جي مقابلي ۾ طاقتور ۽ امير ملڪ هڪ طرف آهي تہ ظالم، مغرور ۽ بي حس ٻئي طرف... پر اهي negative ڳالهيون، هِتي جي حڪومت جون ٻين ملڪن جي حڪومتن سان آهن. هِتي جي عوام لاءِ يا ڌارين ماڻهن لاءِ، جيڪي هِتي اچي رهائش اختيار ڪن ٿا، انهن کي هن ملڪ ۾ خوشحالي ۽ بهتري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هي اهو ملڪ آهي جِتي انسان جي پورهئي جو قدر آهي. جِتي هر انسان کي ايترو مليو وڃي، جو هن جون بنيادي ضرورتون تہ پوريون ٿيو وڃن بلڪ بچت بہ ٿيو وڃي. هِتي هن کي سوچ ۽ ڳالهائڻ جي آزادي آهي. هِتي هن کي مذهب جي آزادي آهي. وڏيس تہ مسجد ٺهرائي وڏيس تہ مندر ٺهرائي پنهنجي اپاڻهار جي بندگي ڪري. وٽي تہ دَهرِيو ٿي هلي جنهن لاءِ

سندس ڪو بہ مٿو نٽو ڦاڙي، ڪو بہ سندس گھر ٻار کي نٽو ساڙي. هِتي ڪنهن ڇوڪريءَ کي وٽي تہ منهن ۽ مٿي کي رومال (روسري) سان ڍڪي، وٽي تہ مني اسڪرٽ ۾ مين روڊ تان هلي يا بڪنيءَ ۾ پنهنجي بئاءِ فرينڊ سان گڏ بيچ (سامونڊي ڪناري) تي ليٽي رهي. هِتي دنيا جا اعليٰ ڪاليج ۽ يونيورسٽيون آهن جن مان ڪو چاهي تہ مختلف سبجيڪٽن ۾ تعليم حاصل ڪري يا اسڪول جي تعليم ختم ڪري ڪنهن هوٽل ۾ وڃي بئرو ٿئي يا ٽئڪسي هلائي. هِتي بهترين قسم جون دوائون ۽ اسپتالون آهن. هِتي قاعدو قانون آهي... امير توڙي غريب لاءِ ساڳيو ئي ساڳيو... ۽ نہ فقط قاعدو قانون آهي پر ان تي عمل بہ ڪرايو وڃي ٿو. هِتي انصاف آهي ۽ غريب کي جهٽ پٽ انصاف مهيا ڪرڻ لاءِ انسان ذات جي بنا ڪنهن لالچ يا اجوري جي خدمت ڪرڻ واريون انجمنون آهن، جيڪي لاچار ۽ بيوس ماڻهن جو track رکن ٿيون. هِتي اسان جهڙن ملڪن جيان ناهي تہ ڪنهن جي شڪل پسند نہ اچڻ تي هن کي هميشہ لاءِ غائب ڪيو وڃي ٿو ۽ نہ سعودي عرب ۽ ڪويت جهڙن ملڪن جيان آهي تہ ڏوهہ جي خاطري ڪرڻ بنا ملزم کي جيل ۾ هٽي ڇڏجيس ۽ هن کي وڪيل ڪرڻ جو بہ موقعو نہ ڏنو وڃي. هِتي هر ماڻهوءَ جي علم، هنر ۽ پورهئي مطابق قدر ڪيو وڃي ٿو. جپان ۽ جرمني جيان ناهي تہ انهن جا ماڻهو هر ڳالهہ ۾ اتم اتاهان باقي ٻيا سڀ ائين ئي آهن. اها Feeling تہ اسان جي مسلمان عرب ملڪن ۾ بہ آهي.

آمريڪا ۾ رهائش اختيار ڪندڙ هڪ سريلنڪا جي پروفيسر چيو تہ:

"Probably the number onething I miss most about America is not openness and friendliness of the people".

"پر اها مرڪ ۽ دوستاڻو رويو هڪ ظاهري ڏيک ئي تہ آهي." مون چيومانس.

"هل ڪٽي ظاهري ڏيک ئي سهي،" هن وراڻيو، "پر جپانين، عربن، فرينچن ۽ ٻين امير ملڪن جي ماڻهن وانگر منهن تہ نٽا سُجائين. هاڻ

ملائيشيا، ٿائلنڊ ۽ سنگاپور جهڙن ملڪن ۾ پئسو آيو آهي ته اهي به پاڻ کي سمجهڻ لڳا آهن. ڌارين سان اهڙي نفرت سان ملن ٿا ڄڻ اهي سندن ملڪيت ڪٽي ويندا. ويندي انهن ڊاڪٽرن، انجنيرن، پروفيسرن سان جن کي هو پاڻ پنهنجي ملڪ جي خدمت لاءِ دعوت ڏيئي گهرائين ٿا.“

آمريڪا ۾ Settled منهنجي سنگاپور جي چيني دوست کان به ساڳيو سوال ڪيم ته، ”هِتي آمريڪا ۾ هن کي ڪهڙي سٺي ڳالهه لڳي ٿي؟“ آمريڪا اچڻ کان اڳ هُو مون سان گڏ به سالَ ملائيشيا جي نيول اڪيڊمي ۾ به پروفيسر هو ۽ سعودي عرب جي ڪنهن بندرگاهه ۾ ٽي سال پورٽ ڪئپٽن به ٿي رهيو هو.

”آمريڪا ۾ قانون جي سو پڇڪڙي نه ڪريو.“ هن چيو. ”باقي ٻيو توهان کي جيڪي وڻي اهو ڪريو. توهان جي ڳالهه جو پاڙي وارو به نوٽس نه وٺندو.“

”ڇا مطلب؟“ مون پڇيومانس.

”يعني هِتي اسين آزاد آهيون. آئون ۽ منهنجا ٻار چيني ڊريس پهريون يا پتلون يا چڏيءَ ۾ واڪ ڪريون.“ هن ٻڌايو. ”ملائيشيا وانگر نه ته جيڪا ڊريس ملئي پهرين ٿا اها ئي عزت واري آهي پوءِ پلي دنيا سندن گوڏ ۽ لُنڊي قميص يا باتڪ جي ڇٽڪمري (اجرڪ جهڙي) قميص تان کِلي، پر ساڻن گڏ ڌارين لاءِ به اها پهرڻ ضروري آهي. ۽ نه وري سعودي عرب وانگر آهي جِتي عربن کان علاوه ٻيو ڪو اڇو جبو ۽ مٿي تي نوڙ ٻڌي نٿو سگهي. ڄڻ اها پاڪ ڊريس فقط عربن لاءِ ئي مقرر ٿيل هجي، جنهن کي پائي هڪ اڻ پڙهيل ۽ بيوقوف بدو به وڏي عقل ۽ مانَ شانَ جو مالڪ ٿيو وڃي ۽ ٻيا سڀ هن اڳيان اڇوت ليکيا وڃن ٿا.“

”هِتي منهنجيون ڌيئرون سائڪلنگ ڪنديون رهن ٿيون، گهر ۾ سئمنگ پول آهي جنهن ۾ اسين Swimming ڪريون ٿا. اسان هِتي ڪتي پالڻ جو شوق به پورو ڪري رهيا آهيون پر مجال آهي جو ڪو پاڙي وارو اسان کي گهٽ وڌ چوي يا برو پلو سوچي.....“

”پر ڪتي پالڻ جهڙو شوق ته پاڙي لاءِ جوکائتو ٿيو اها ته آمريڪا جي سٺي ڳالهه نه چئبي.“ مون چيومانس.

”آمريڪا توهان کي توهان جا حق enjoy ڪرڻ ٿو ڏئي ته توهان جي فرضن (duties) تي به ٻڌل هجڻ جي تلقين ٿو ڪري ته ڪتي کي فلاٽيون سُيون هٽائي جراثيم ۽ بيمارين کان بچايو. هن کي روز صابڻن ۽ شئمپوئن سان وهنجاريو ۽ هن جي ڳچيءَ ۾ ميونسپل طرفان مليل رجسٽريشن نمبر ڪارڊ ۽ پٽو وجهي پاڻ سان سوگهو رکو. ان هوندي به جيڪڏهن اهو پونڪي پاڙي واري جو سک ڦٽائي ٿو ته هن تي سرڪار طرفان ڏنڊ مڙهيو وڃي ٿو ۽ جي اهو ڪنهن واٽ ويندڙ يا گهر کان ٻاهر ڪنهن کي هلڪو چڪ به هڻي ٿو يا ٽَلهو پَتلُون کان جهلي ٿو ته ڪتي رکندڙ جو سِرُ ويو. هن تي هزارين ڊالر ڏنڊ پئجي سگهي ٿو ۽ ان ڏنڊ جي ڊپ کان هرڪو سوچي سمجهي هي شوق ڪري ٿو ۽ جي ڪري به ٿو ته ڪتي کي هر وقت پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکي ٿو.“

منهنجي خيال ۾ اهو ئي سبب آهي جو هر ڪو سڪون سان ڪتي وارن اڳيان لنگهيو وڃي، ڇو جو هن کي خبر آهي ته اهو هن کي نه ڏاڙهيندو ۽ جي ڏاڙهيائين يا معمولي چڪ به هنيائين ته ڪتي جي مالڪ يا انشورنس ڪمپني طرفان سندس علاج هڪ طرف ٿيندو ته ٿيهه چاليهه لک رپيا ڪئش ’هرجاني‘ طور الڳ  ملندس.

اسان وٽ گهٽين ۾ رول ڪتن جو هوندو. ڪو به خيال نه رکندن. جڏهن ميونسپلٽي وارا انهن رول. بيمار ۽ مرڊِيل ڪتن کي  مارڻ لاءِ ايندا ته پاڙي وارا مٿن پِٽن جو وسڪارو لائي ڏيندا ته ڇو ٿا بي زبان جانورن کي ماريو. پوءِ انهن رول ڪتن مان بيماريون پکڙن، گهٽين کي گندو ڪن ۽ انهن مان ڪجهه ڪتا پاڳل ٿي ماڻهن کي چڪِين. دنيا ۾ سڀ کان گهڻا پاڳل ڪتن جي چڪن جو شڪار سنڌ جا ماڻهو ٿين ٿا ۽ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي اڻ هوند ۽ بي حسيءَ ڪري سڀ کان گهڻا موت به سنڌ ۾ ٿين ٿا.

امريڪا جي حق ۾ سڀ کان گهڻو اهو جملو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته ’America is a land of opportunities.‘ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته امير توڙي غريب لاءِ هِتي وڌڻ ويجهڻ جا وڏا موقعا آهن. هِتي ڪيترائي غريب آيا جن وٽ آمريڪا جي سرزمين تي پير رکڻ مهل هڪ ٽڪو به نه هو پر هو محنت مزدوري ڪري پاڻ وڏن دڪانن، سپر مارڪيٽن ۽ ڪارخانن جا مالڪ ٿي ويا.

اهڙن ڪيترن ئي ڪي سڃاڻان جن پنهنجي وطن ۾ به پورهيو ڪيو ٿي ۽ هِتي به اچي دل لڳائي پورهيو ڪيو ۽ هينئر هو وڏي پراپرٽي جا مالڪ آهن. سندن ٻار سٺن اسڪولن ۾ پڙهن پيا. هو دل کولي خيرات ڏين ٿا ۽ پنهنجي وطن ۾ ڪيترائي اسڪول ۽ اسپتالون هنن جي مدد سان هلن ٿيون. هن هنڌ هنن جا نالا لکڻ مناسب نه ٿيندو متان هو offended محسوس ڪن ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا جيڪي ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ پروفيسر هئا ۽ هنن ڪي جيتوڻيڪ ڪا اهڙي جسماني جفاڪشي نه ڪرڻي پيئي پر پنهنجي علم، عقل، ايمانداري ۽ ذهني زرخيزيءَ ڪري هِتي اچي ايڏو نالو ۽ ڌن دولت ڪمايو آهي ۽ اهو سڀ مٿي ذڪر ڪيل پورهيتن وانگر حق حلال سان، جو هو پنهنجي وطن ۾ يا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ نه ڪمائي سگهن ها.

دنيا جي ۽ اسان جي وطن جي ڪيترن واپار ۽ ڌنڌي ڌاڙي جي شوقينن، هِتي ٿوري پئسي ۽ پنهنجي عقل ۽ واقفيت سان بزنيس ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو آهي. ون ڊالر شاپ، حلال فوڊ، مصالحن جا دڪان، ڪارپيٽ، پٿر ۽ ڪپڙن جا دڪان اسان جي ماڻهن هِتي متعارف ڪرايا. اندين ماڻهو ته ڪمپيوٽر ۽ ٻي ٽيڪنالاجيءَ ۾ مڪاني ماڻهن توڙي يورپين کان گوءِ کڻي ويا آهن ۽ خوب ڪمايو اٿن. هنن پاڻ کي، پنهنجي خاندان، مائٽن مٽن ۽ ملڪ کي سکيو ٻڻايو آ. پر ساڳئي وقت ڪيترن ئي ڌارين، جن ۾ اسان جي ملڪ ۽ عرب ملڪن جا به اچيو وڃن ٿا، انهن شراب ۽ شباب پٺيان به خوب لٽايو ۽ وڃايو آهي. هنن لاءِ به آمريڪا

’موقعن جي سرزمين‘ آهي، جو هنن کي هِتي پئسو لٽائڻ ۽ عيش عشرت لاءِ نئين نئين قسم جا شراب، جوا خانا ۽ عياشي جا اڏا نظر اچن ٿا جن ۾ وجڻ کان هنن کي ڪنهن جي به روڪ ٽوڪ جو خوف خطرو ناهي. ائين ته ڪئين ٻاوا پنڊت، مولوي، عالم به آمريڪا ۾ اچن ٿا. هنن لاءِ به آمريڪا ساڳي اهميت رکي ٿي يعني هنن کي آزادي ۽ موقعا فراهم ڪري ٿي ۽ هو هِتي آمريڪا ۾ جنهن آسانيءَ سان پنهنجي دين ڌرم جي پرچار ڪن ٿا اهڙي آزادي سان ته هو يورپ ۾ ته ڇا پر پنهنجي ننڍي ڪنڍ يا عرب ملڪن ۾ به نٿا ڪري سگهن.

هِتي جا ماڻهو ڪُلئي ذهن جا ماڻهو آهن... هنن کي سهپ جو مادو آهي... حڪومت طرفان آزادي مليل آهي ته جنهن کي وڻي اهو مسجد ٺهرائي يا مندر. جنهن کي جيڪو وڻي اهو مذهب اختيار ڪري. اهو ئي سبب آهي جو نائِن اِليوِن جي هيڏي هنگامي ۽ گوڙ بعد به مسلمان آزادي سان هلندا رهن ٿا ۽ جيترين گهٽيون مسجدون ۽ مسلمان نائن اليون بعد ٿيا آهن اوترا ڪڏهن به نه ٿيا. هونءَ به اسلام، آمريڪا ۾ سڀ کان تيز رفتاريءَ سان وڌندڙ مذهب آهي، جنهن بابت تفصيل سان پنهنجي آمريڪا واري پهرين سفرنامي ’نيو هالا کان نيويارڪ‘ ۾ لکي چڪو آهيان.

## آمريڪا ۾ لڏي ايندڙ اسان جي ماڻهن جا مختلف دؤر

پاڪستان کان لڏي آمريڪا آيل immigrant آمريڪا ۾ رهڻ دوران گهڻو ڪري ٽن دورن مان گذرن ٿا. پهريون دور پنج سال کن هلي ٿو. هن دور ۾ گهڻا immigrants پنهنجي وطن کي ڏاڍو ياد ڪن ٿا ۽ پنهنجن والدين ۽ مائٽن سان گڏ زندگي گذارڻ لاءِ واپس وطن ورڻ جي سوچيندا رهن ٿا. هو پنهنجي وطن جون ڪجهه ڳالهيون ياد ڪري بيتاب ٿيو وڃن. ڪجهه اميگرنٽ پنهنجي ملڪ جون سهولتون ۽ سک ياد ڪن ٿا، جيڪي ظاهر آهي ڌارين ۽ ماڊرن ملڪن ۾ نه آهن. پاڪستان ۾ ته مائرون، ڀينرون يا نوڪر چاڪر هر خدمت لاءِ تيار رهن ٿا. رڌ پچاءُ هجي يا ڪپڙا ڌوئڻ ۽ استري جو ڪم، هر شيءِ ٻين طرفان ٿي ملي ٿي. هر شيءِ ٺهي ٺڪي ملي ٿي. اسان کي فقط ماني کائڻ لاءِ اچي حاضر ٿيڻو پوي ٿو. پر هتي آمريڪا ۾ نه فقط نوڪري ڪرڻي پوي ٿي پر رڌو پڪو، گهر جي چنڊ ڦوڪ ۽ ٻهاري به پاڻ ڪرڻي پوي ٿي. هن دور ۾ ڪيترا پنهنجن گهاٽن دوستن ۽ پيارن کي ياد ڪندا رهن ٿا جن سان هو پنهنجي وطن ۾ دل جو حال اوريندا هئا ۽ صلاح مشورو وٺندا هئا .آمريڪا ۾ پير رکڻ سان يڪدم اهو احساس ٿيو وڃي ته هتي ڪو مفت جو لنگر نه پيو هلي. ٻين لفظن ۾ ’There is no free lunch‘ هتي جيئڻ لاءِ جدوجهد ضروري آهي. هو هر وقت اهي ئي ڳالهيون ڪندا رهن ٿا ته اسان فقط هيترو ڪمائي وٺون ته پوءِ واپس وطن روانا ٿي وڃون. هو هن پهرين دور ۾ پنهنجي ملڪ دوستن يارن، مٽن مائٽن کي گهڻي کان گهڻا فون ۽ خط لکن ٿا. پنهنجو احوال کين ٻڌائيندا رهن ٿا ۽ ڪانئن سندن حال پڇندا رهن ٿا.

آمريڪا ۾ اينڊرن جو اهو پهريون دور جنهن کي انگريزي ۾ Phase به سڏي سگهون ٿا، اهو پنجن سالن اندر ختم ٿيو وڃي يا ان کان اڳ ٿي، جيئن ئي هو پنهنجي وطن پهرين چڪر تي وڃي ٿو. اهي ماڻهو جيڪي آمريڪا جهڙي نئين ملڪ ۾ پهچي مونجهاري ۾ پئجي ويا هئا ۽ کين پنهنجي وطن جا ڪانگ به ياد اچڻ لڳا هئا اهي جڏهن وڏي سڪ ۽ اُڪير مان پنهنجي ملڪ پاڪستان پهچن ٿا ته هنن کي يڪدم احساس ٿئي ٿو ته هڪ سڌريل ۽ ڊيولپڊ ملڪ ۽ هڪ پٺتي پيل ملڪ ۾ ڪيڏو نه وڏو فرق آهي. هنن کي عجيب مونجهه ۽ depression ٿئي ٿو. پاڪستان جي گرمي، مڇر ۽ مکيون هڪ طرف سک ڦتائين ٿيون ته هوا ۾ آلودگي ۽ منرل واٽر جي بوتلن ۾ به گندگي هنن کي دست ۽ گُهمرا ڏيو ڇڏين. آمريڪا کان پاڪستان ۾ ڪٽي دوائون سستيون آهن پر هو وائڙا ٿيو وڃن جڏهن کين حقيقت جي خبر پوي ٿي ته اسان وٽ نقلي يا ٻه نمبري دوائون آهن جن مان ويتر نقصان ٿئي ٿو. موڪل تي پاڪستان اچڻ تي کين اهو به تعجب لڳي ٿو ته سندن گهاٽا دوست ۽ مائٽ جن کي ياد ڪري هنن کي آمريڪا ۾ سک نه پئي آيو اهي پاڪستان ۾ بهتر ۽ آرام واريون نوڪريون هجڻ جي باوجود هو ڪانئن پاڪستان ڇڏڻ ۽ آمريڪا ۾ اچڻ جا طريقا پڇن ٿا. هنن جو اندر ئي اندر پڄي پُري پوي ٿو. وطن واپس موٽي اچي هميشه رهڻ جا خواب چيتيون چيتيون ٿي وڃن ٿا. سندن پاڪستاني دوستن لاءِ اها حيرت ۽ خوش نصيبي جي ڳالهه آهي ته هي اميگرنٽ آمريڪا ۾ اعليٰ قسم جي ڪار هلائين ٿا ۽ هنن آمريڪا جا ۽ واپسي تي يورپ جا ڪيترائي شهر گهميا آهن. هنن مان ڪجهه جا والدين کين مٿين دل سان چون ٿا ته موٽي پنهنجي ملڪ اچو اسين توهان کي ياد ڪريون ٿا. ڪيترا نه کين اهو به نٿا چون بلڪ کين آمريڪا ۾ رهڻ جي همت افزائي ڪن ٿا. آخر هنن جي آمريڪا ۾ رهڻ ڪري سندن قرض پيا لهن، گهر بهتر نموني سان پيا هلن، پئسي جي بچت پئي ٿئي. هنن جي آمريڪا ۾ رهي ڪمائڻ ڪري گهر جي سٺي مرمت تي

سگهندي، پيٽ جي شادي تي سگهندي، پائر ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهي سگهندا... خواهشون انيڪ ۽ اهي خواهشون، اهي خواب، اهي سڌون، اهي شوق غريب ڪٽنب جا فقط ۽ فقط تڏهن پورا ٿي سگهندا جڏهن هنن جي گهر جو ڪو ڀاتي فارين ايڪسچينج ڪمائي سگهندو.

هاڻ آمريڪا موٽڻ تي اسان جي اميگرنٽ جو ٻيو دؤر (Phase) شروع ٿئي ٿو. هن ٻئي دور ۾ هن کي پاڪستان وڃڻ جي چاهت تمام گهٽ محسوس ٿئي ٿي. البت ڪڏهن ڪڏهن ٿوري ياد ستائيس ٿي. هو هاڻ پاڪستان ۾ موٽڻ ڪان اڳ اتي هڪ گهر ٺهرائڻ جو سوچي ٿو جنهن لاءِ هو پئسو به موڪليندو رهي ٿو. هن جو هي ٻيو 'دؤر' ان وقت ختم ٿئي ٿو، جڏهن هن کي خبر پوي ٿي ته ڪنهن سٺي علائقي ۾ پلاٽ خريد ڪرڻ ۽ ان تي گهر ٺهرائڻ جو اگهه وڌي ايڏو ٿي ويو آهي جو آسمان سان ٿو ڳالهيون ڪري. ان لاءِ هن کي وڏيڪ ناڻي جي ضرورت آهي ۽ جيترو پئسو هن پهرين سوچيو هو اهو ناڪافي آهي ۽ اهو پئسو جيڪو هن موڪليو اهو ٻين ضروري ڪمن تي خرچ ٿي ويو ۽ اهي ضروري ڪم هر فئملي ۾ کهڙا به ٿي سگهن ٿا. اگهايون سَگهايون، شاديون مراديون، قرض لاهڻ، پوليس جا ڪيس ۽ وڪيلن جون فيون يا والدين پنهنجي عقلمندي ڪري پئسو ڪنهن ڌنڌي ۾ لڳايو جيڪو سڀ لڙهي ويو. هاڻ ته والدين به سندس همت افزائي ٿا ڪن ته وطن موٽڻ بدران ولايت ۾ رهي پئسو ڪمائي ۽ ڳوٺ به موڪليندو رهي. هو پاڻ به هاڻ آمريڪا جي زندگي جو عادي ٿي ويو آهي. هن جا هاڻ آمريڪا ۾ ڪيترائي پاڪستاني آمريڪن دوست ٿي ويا آهن ۽ ڪجهه انديا ۽ ٻين ملڪن جا پڻ سڄاڻو ٿي ويا آهن، جن سان هن جي دل لڳي وئي آهي. هُو هاڻ آمريڪا ۾ ئي گهر وٺي رهڻ چاهي ٿو. هن کي هاڻ آمريڪا جو پاسپورٽ به ملي ويو آهي ۽ هو هاڻ 'پاڪستاني آمريڪن' آهي. ڪڏهن ڪڏهن هي اسان جو 'پاڪستاني آمريڪن' فئملي جي مسئلن ڪري يا نسل پرستي جي ذڪار ڪري، يا نوڪري مان ڪڍيو وڃڻ ڪري مايوس ضرور ٿئي ٿو پر تلهي ليکي هو خوش آهي.

پاڪستان کان آمريڪا لڏي آيل اميگرنٽ جو ٽيون ڏهه ڏهن ۽ پندرهن سالن جي وچ ۾ ڪنهن وقت به شروع ٿي سگهي ٿو. هي اهو دؤر آهي، جنهن ۾ هنن مان گهڻا سٺي طرح settle ٿي ويا آهن ۽ مڊل ڪلاس آمريڪن جي ليول تي يا ان کان ڪٿي ٿورو گهٽ آهن پر رهائش ۽ پئسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ پرسڪون آهن. وياج تي ورتل گهر ۽ گاڏي جي قيمت تقريبن ختم ڪرڻ تي آهن يا ختم ڪري چڪا آهن. هنن کي اباڻي ثقافت ۽ مذهب کي قائم رکڻ جو اونو رهي ٿو. هنن جي پهرين ترجيح پنهنجن ٻارن کي مذهب جي تعليم ڏيڻ آهي. ڏهه پندرهن سال آمريڪا ۾ رهڻ دوران هنن کي اهو احساس ٿيو آهي ته ههڙي مادرن ۽ ماده پرست مغربي ملڪ ۾ رهڻ ۾ ڪا قباحت ناهي جيڪڏهن هو پاڪستاني پنهنجي مذهب ۽ فئملي قدرن جو خيال رکن. اهڙو ٻار جنهن جو ننڍي هوندي کان مذهب ڏي رجحان رهي ٿو اهو آمريڪا جهڙي آزاد ماحول ۾ به ڀٽڪڻ کان بچيو وڃي. اهو ٻار پنهنجو پاڻ کي به صحيح راهه تي رکي ٿو ۽ والدين لاءِ به سڪون جو سبب بڻجي ٿو.

هن ٽئين دور ۾ پهچي اسان جا پاڪستاني آمريڪن هتي جي اسلامڪ سوسائٽين، پاڪستاني ايسوسيئيشن ۾ حصو وٺن ٿا ۽ ڪي ته ثقافتي ڪمن جهڙوڪ ميوزڪ ۽ شعر و شاعري جهڙين محفلن ۾ به حصو وٺن ٿا. هاڻ هنن ’پاڪستاني آمريڪن‘ کي پنهنجي وطن پاڪستان وڃڻ جي ضرورت نٿي پوي. پاڪستان پاڻ هنن وٽ هلي آيو آهي .پاڪستاني ڳائڻا، پاڪستاني سازنده، پاڪستاني اديب ۽ شاعر هنن وٽ هر سال آمريڪا ۾ گهمڻ لاءِ اچن ٿا. پاڪستاني ريسٽورنٽون جن تي هر وقت جليبيون، پڪوڙا، سِيرا پُوريون، پراٺا، ڇولا ۽ ٻيون اهڙيون شيون نه فقط موجود آهن پر پنهنجي ملڪ جي ڀيٽ ۾ بيحد لذيذ ۽ صاف سٿريون شيون ملن ٿيون جو آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ صحت ۽ فوڊ ڊپارٽمينٽ جا قاعدا قانون بيحد سخت آهن ۽ انهن تي عمل به ٿئي ٿو. ان ڪري هتي پراڻيون سُري لڳل داليون ۽ چٽا نٿا اچن. گِريس مان ٺهيل خطرناڪ تيل ’نج گيهه‘ جي نالي ۾

نٿا وڪامن. هنن مان ڪڏهن ڪو پاڪستان مان ٿي موٽي ﺑﻪ ٿو ﺗﻪ آلوده پاڻي ۽ پاروٽي گوشت کائڻ بعد ڊائريا (دستن ۽ گُهمري) جو مريض ٿيو موٽي ٿو. جيتوڻيڪ هُو پاڪستان ۾ هر شئي کي احتياط سان واپرائي ٿو.. گهر ۽ شهر جي وڏين هوٽلن کان علاوه ڪٿي ﺑﻪ ماني نٿو کائي، پاڻي ﺑﻪ اوچي ڪمپنين جي منرل واٽر بوتلن جو پيئي ٿو. پاڪستان کان اهڙن موٽي آيلن جون ڳالهيون ٻڌي ٻيا ڊڄيو وڃن ۽ ڪيترا ﺗﻪ پاڪستان وڃڻ جو ارادو ان سال لاءِ ڪئنسل ڪري ٻئي سال وڃڻ جي سوچ ڪن ٿا. اهڙي طرح اسان جو ’پاڪستاني آمريڪن‘ مڪمل طور ’آمريڪن‘ بڻجيو وڃي. ان سان گڏ هن جون ideas، لائيف اسٽائيل ۽ عادتون ﺑﻪ گهڻي حد تائين بدلجيو وڃن. هنن مان جڏهن ڪو پاڪستان چڪر تي وڃي ٿو ﺗﻪ هن جا مائٽ مٽ توڙي دوست وائڙا ٿيو وڃن جڏهن هو اسلام، انساني حقن، انساني برابري (Human Equality)، ايمانداري سان زندگي گذارڻ، وقت جي پابندي، صحيح طرح نوڪري ۽ حق حلال جي ڪمائي کائڻ ۽ محنت ۽ پورهئي جهڙن عنوانن تي ڳالهائي ٿو. پاڪستانين کي حيرت لڳي ٿي جڏهن هنن کي خبر پوي ٿي ﺗﻪ سندن مسلمان دوست جا آمريڪا ۾ يهودي ۽ هندو ﺑﻪ تمام سٺا دوست آهن.

آمريڪا ۾ رهندڙ گهڻي ڀاڱي پاڪستاني اميگرنٽ انهن ٽن دؤرن مان گذرن ٿا. ڪجهه immigrants جيتوڻيڪ آخري (ٽئين) دؤر ۾ وڃڻ بدران ٻئي ۾ اٽڪي پون ٿا ۽ هُو آمريڪا ڇڏي واپس پاڪستان موٽن ٿا ۽ اتي settle ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪجهه عرصو گذارڻ بعد هنن کي وري آمريڪا ياد اچي ٿو ۽ هُو پاڪستان مان لڏو پٽي وري آمريڪا اچن ٿا. هنن وٽ آمريڪا جو پاسپورٽ ﺗﻪ آهي ئي آهي، سو آمريڪا ۾ اچڻ لاءِ هنن کي ڪا ڏِقت نٿي ٿئي. آمريڪا ۾ پهچڻ سان وري هنن کي پاڪستان ياد اچي ٿو ۽ اهڙي طرح هنن جي اچ وڃ جو سلسلو هلندو رهي ٿو.

## يار! اها ’لا‘ نہ هُجي ها...

منهنجا ڳوٺائي توڙي ٻاهريان ڪڏهن ڪڏهن اهو بحث ڪندا آهن تہ: هالا جو مطلب ڇا آهي. منهنجي معلومات موجب هالا ۾ جيڪي ٻهريان ماڻهو اچي رهيا انهن جو ’هالا‘ قبيلي سان واسطو هو. هي اهي آهن جيڪي اڄ ڪلهہ ’ارباب‘ سڏائين ٿا. هي هالا قبيلي جا ماڻهو جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ وچ ايشيا کان لڏي ايران ۽ افغانستان کان ٿيندا هتي پهتا، انهن جا ڪجهہ ماڻهو دنيا جي ٻين ملڪن ڏي پڻ شفٽ ٿيا ۽ پنهنجي ساڳي سڃاڻپ قائم رکيائون. بقول UBL بئنڪ جي اڳوڻي صدر ’منور ارباب‘ جي تہ هنن جي ذات جا ڪجهہ ’هالا‘، ڪوريا ڏي بہ نقل مڪاني ڪري ويا. ان ۾ تہ ڪو شڪ ناهي تہ ڪوريا ۾ خاص ڪري ڏکڻ ڪوريا ۾ هالا نالي ڪيتريون ئي جهازن ۽ ڪارخانن جون ڪمپنيون آهن.

اسان جو دوست سابق فيڊرل سيڪريٽري ’فضل الله قريشي‘ چوندو آهي تہ: ”هالا جي سياستدان تي ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪجي. هو ’ها‘ ڪري ’لا‘ چوندي ويرم ئي نٿا ڪن.“ هالا تعليم، هٿ جي هنرن ۽ خاص ڪري ادب ۽ شعر و شاعريءَ کان بہ مشهور آهي. تڏهن تہ اسان جي هڪ ڳوٺائي شاعر دوست ’حميد شهيد‘ جي والد محترم مرحوم محمد عمر، تخلص ’اختر هالائي‘ جو هالا بابت هڪ شعر آهي تہ:

شاعري، موسيقي ۽ علم و ادب کي گڏ ڪري،
هڪڙي مرڪز تي وني آيس تہ هالا ٿي پيو.

بهرحال اهو عجيب اتفاق آهي، جو هالا جي ٻن اُچارن مان هڪ سنڌيءَ ۾ ۽ هڪ عربي ۾ پڻ آهي، جن جون معنائون هڪ ٻئي جي اُلٽ

ڪري، هر هڪ کي چرچي جو موقعو مليو وڃي. هالا لاءِ هڪ ٻئي پياري شاعر 'محبوب سروري' جو مزاحيہ شعر آهي تہ:

هالا جو وڏي شهر مون کي يار ٿو ڏاڍو،
پر 'ها' جي پٺيان يار اها 'لا' نہ هجي ها.

ان ڏينهن واشنگٽن کان پنهنجي گهر نيوجرسي پهتس تہ ڪولوراڊو رياست کان پنهنجي نندپڻ جي پيٽارو جي دوست ڊاڪٽر رامچند اوڏ جو فون آيو. "توهان کي پنهنجي ڳوٺ هالا جي معنيٰ جي خبر آهي؟" هن مون کان پڇيو.

"مون کي نہ پنهنجي ڳوٺ هالا جي ۽ نہ تنهنجي ڳوٺ ڪنڊيارو جي معنيٰ جي خبر آهي، پر آهي تہ خير؟" مون چيومانس.

"ان ڪري ٿو پڇان جو مون هن وقت هالا جي معنيٰ پڙهي آهي تہ عربيءَ ۾ پليڪار (Welcome) آهي." رامچند ٻڌايو: "هتي ڪولوراڊو رياست ۾ منهنجي پرواري شهر Aspen ۾ هڪ عرب شهزادي بندر بن سلطان بن عبدالعزيز جو 95 ايڪڙ زمين تي محل نما گهر وڪامي رهيو آهي، ان جو نالو The Hala Ranch آهي. اڄ جي اخبار ۾ ان بابت خبر آئي آهي ۽ اهو پڻ لکيل آهي، هن محل جو نالو 'هالا' آهي، جنهن جي عربي ۾ معنيٰ آهي 'خوش آمديد.'..."

بهرحال هالا لفظ، عربيءَ جو هجي يا سنڌيءَ يا پارسيءَ جو ۽ سندس معنيٰ ڪٿي ڇا بہ هجي، پر هالا جي نالي سان آمريڪا ۾ گهر هجڻ جو ٻڌي مون کي بہ ان خبر پڙهڻ ۾ دلچسپي پيدا ٿي.

سعودي شهزادي طرفان ڪولوروڊو رياست ۾ ٺهرايل هن گهر جي، جيڪو هو هن وقت چوڏهن ڪروڙ ڊالرن (ساڍن اٺ ارب روپين) ۾ وڪڻي رهيو آهي، وڏي تعريف لکيل آهي تہ ان جي چوڌاري جبلن ۽ ماڻرين جو خوبصورت قدرتي نظارو آهي. مالڪ ۽ سندس فئملي لاءِ 15 بيڊروم ۽ 26 باٿ روم آهن. ان کان علاوه نوڪرن چاڪرن، بورچين، ڊرائيورن جي رهائش لاءِ ڌار ڌار ڪمرا آهن. هڪ هڪ ڪمري ۾ اوچي ڪاٺ (Mahogany) جو

ڪم ٿيل آهي. گهر جي پاتين لاءِ هڪ حصي ۾ باربر جو دڪان، بيوٽي پارلر، ٽينس ڪورٽ، مڇين جو تلاءُ، سجو ڍڪيل سئمنگ پول، گاڏين لاءِ پنهنجو پيٽرول پمپ ۽ مڪينڪ جو دڪان آهي. سڄي گهر ڪي حفاظت ۾ رکڻ لاءِ سيڪيورٽي جو اعليٰ اليڪٽرانڪ سسٽم رکيل آهي. انهن شين کان علاوه هن گهر ۾ گهوڙن جو اصطبل ۽ جاگنگ ٽريڪ بہ آهي. هن گهر لاءِ چيو وڃي ٿو تہ، "اج ڪلهہ سڄي آمريڪا ۾ مهانگي ۾ مهانگو-Single Family گهر ويڪُو آهي."

هي گهر 'Hala Ranch' سعودي شهزادي، بندر بن سلطان وڏي خرچ ۽ شوق سان آمريڪا ۾ رهائش دوران ٺهرايو. 1971ع ۾، شهزادو بندر بن سلطان سعودي هوائي فوج جو فائيٽر پائلٽ هو. ان بعد ڌهران ۾ اسڪاڊرن ڪماندر ٿي رهيو. سندس والد شهزادو سلطان بن عبدالعزيز جيڪو سعودي عرب جي دفاع جو وزير هو، چار شاديون ڪيون، جن مان هڪ يمني عورت جيڪا شادي کان اڳ سندس گهر ۾ نوڪرياڻي هئي، شهزادو بندر ان جو پٽ آهي. شهزادي بندر بن سلطان آمريڪا ۾ ايئر فورس جي وڌيڪ ٽريننگ دوران ڪيترا ئي آمريڪي آفيسر دوست ٺاهيا ۽ آخرڪار هن کي آمريڪا ۾ سعودي عرب جو سفير مقرر ڪيو ويو. مون سان گڏ سئيڊن ۾ سعودي عرب جو هڪ نيول آفيسر رهندو هو. اهو سعودي عرب جي هن شهزادي لاءِ چوندو آهي تہ: بابا ان يمني نوڪرياڻيءَ جي پٽ، وڏو مال ميڙيو آهي. هُونءَ بہ هن لاءِ مشهور آهي تہ هن ويهہ سال کن، جيڪي واشنگٽن ۾ سعودي عرب جو سفير ٿي گذاريو، ان ۾ ڪروڙها، اربها ڊالر ميڙيا. هن آمريڪي فوجي ڪارخانن ۾ تيار ٿيل مال جي وڪري ۾ ڪڏهن بہ ڪوتاهي نہ ڪئي ۽ پنهنجي ملڪ کي خرچ ڪرائي فائدا حاصل ڪندو رهيو.

شهزادو بندر بن سلطان (۽ سندس زال شهزادي حائفہ جيڪا ڪنگ فيصل جي ڌيءَ آهي) پنهنجي سفارتي نوڪري دوران ورلي ڪو واشنگٽن ۾ رهيا، جتي پوٽومئڪ ندي جي ڪناري تي چين برج روڊ وٽ پڻ وڏو بنگلو آهي، جنهن ۾ 26 ڪمرا اسٽاف (نوڪر چاڪر، ڊرائيور بورچي

وغيره) جي رهائش لاءِ آهن ته 15 ڪمرا سندن ۽ سندن مهمانن لاءِ آهن. انهن گهرن کان علاوه هن شهزادي جي ملڪيت ۾ لنڊن جي پراڻو سڄو ڳوٺ ۽ ان ۾ ٺهيل محل، موراڪو ۾ هڪ محل، رياض ۾ هڪ محل ۽ جدي ۾ سمنڊ جي ڪناري تي هڪ محل ۽ ٻيا به ڪيترا ئي گهر ۽ ٻيون جائدادون آهن. پنهنجي ملڪ جي، شهنشاهي خاندان جي ڳجهين ڳالهين Secret missions کان علاوه هو وڏي بش، ڪلنٽن، ننڍي بش ۽ رونالڊ ريگن جا راز وارا ڪم به سرانجام ڏيندو رهيو آهي. آمريڪا ۾ سفير تي اچڻ کان اڳ، هو سعودي ڪابينا جو ميمبر هو، پر هيڏانهن اچڻ کان اڳ ان پوسٽ تان استعيفيٰ ڏيڻ بدران، اج تائين اها قائم رکي اٿس. واشنگٽن يا ڪولوراڊو ۾ هجڻ دوران، جڏهن به سعودي عرب ۾ وزيرن جي ميٽنگ ٿيندي هئي ته پاڻ پنهنجي ذاتي هوائي جهاز ۾ هتان نڪرندو هو ۽ سترهن ڪلاڪن ۾ رياض پهچي ويندو هو.

شهزادي بندر بن سلطان جي جاءِ تي سندس سالو شهزادو ترڪي بن فيصل آمريڪا جو سفير تي اچي رهيو آهي، جيڪو هن کان اڳ تي سال لنڊن ۾ سفير هو ۽ 24 سالن لاءِ سعودي عرب جي جاسوس کاتي (Intelligence) جو باس تي رهيو. هنن سالي ۽ پيٽوئي لاءِ مشهور آهي ته شهزادو بندر بن سلطان سعودي عرب جو جيمس بانڊ آهي ته شهزادو ترڪي بن فيصل سعودي عرب جو George Smiley آهي. شهزادي ترڪيءَ، فرانس ۾ جاسوسيءَ جي ٽريننگ ورتي ۽ ان بعد آمريڪا جي جاسوسي کاتي سي آءِ اي سان گڏ ڪيترا ئي اهم ڪم سرانجام ڏنا. 27 ڊسمبر 1979ع تي جڏهن روس جي ڳاڙهي فوج افغانستان ۾ ڊوڪي آئي ته ان کي آخرڪار ڪڍڻ ۾ آمريڪا جي سي آءِ اي سان گڏ هن (شهزادي ترڪي بن فيصل) اهم پارٽ ادا ڪيو. هن افغانستان ۾ وڙهندڙ مجاهدن لاءِ آمريڪا سان گڏ، پنهنجي خزاني مان به ڪافي دولت خرچ ڪئي، پر هن جو سڀ کان وڏو ڪارنامو ۽ تحفو اسامه بن لادن هو، جيڪو هڪ امير يمني ٺيڪيدار جي 56 ٻارن مان هڪ هو. اسامه بن لادن پنهنجي

ملڪيت ڪان علاوه ڪيترن ئي امير سعودين ڪان لکين ڊالر چندا هٿ ڪري افغان مجاهدن جي مدد ڪئي ۽ روسين سان جنگ جوٽڻ لاءِ همٿ افزائي ڪئي. جنهن وقت فيبروري 1989ع ۾ روسي، خوار خراب ٿي افغانستان ڇڏي، پنهنجي پڪن ڏي وڃي رهيا هئا ته اسامه بن لادن جو مانُ مرتبو هڪ قومي هيري برابر پهچي چڪو هو.

2 آگسٽ 1990 تي، جڏهن صدام حسين عراق ۾ ڪويت تي فتحيابي حاصل ڪئي ته اسامه بن لادن، شهزادي ترڪي بن فيصل سان، سندس آفيس ۾ ملڻ لاءِ آيو. اسامه ويهڻ سان شهزادي ترڪيءَ کي چيو، ”مون ٻڌو آهي ته سعودي شاهي خاندان، عراقين کي ڪويت مان ڀڄائڻ لاءِ آمريڪي فوج کي دعوت ڏئي رهيا آهن. اهو توهان اجايو ڪم ٿا ڪريو. منهنجا ’افغان عرب‘ ويڙهاڪ اهو ڪم خير خوبيءَ سان سرانجام ڏئي سگهن ٿا.“

اسامه جي اها ڳالهه ٻڌي، شهزادي ترڪيءَ وڏو ٿهڪ ڏنو. هن ان کي هڪ چرچو سمجهيو. ان ڪان پوءِ هن ڳالهه جيڪو پلٽو کاڌو، اهو شهزادي ترڪيءَ جي چواڻي تاريخ جو هڪ مهانگو چرچو ثابت ٿيو. اسامه بن لادن وڏيڪ ڳالهائڻ يا ٻڌڻ بدران، ڪاوڙ مان اٿي کڙو ٿيو ۽ پنيان آفيس جو دروازو زور سان بند ڪري، ٻاهر نڪري آيو. اتان ئي تاريخ جو اهو موڙ شروع ٿئي ٿو.

اسامه اهو اندازو لڳائي ورتو ته سعوديه وارا، آمريڪن کي پنهنجي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ ۽ تيل جي سهوليتن تي قبضي جو موقعو ڏئي رهيا آهن ۽ صدام کي آمريڪن ئي ٽِيڪرُون ڏئي، ڪويت تي حملو ڪرايو ۽ هاڻ صدام هنن جي ڪوڙڪين ۾ ڦاسي پيو آهي ۽ آمريڪن لاءِ سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جو بهانو پيدا ٿي ويو آهي. ان وقت کان اسامه، سعودي شهنشاهي خاندان ۽ آمريڪا جي خلاف ٿي بيٺو ۽ دنيا جو Most Wanted دهشتگرد ٿي پيو. شهزادي ترڪي بن فيصل، جيڪو سعودي عرب جي جاسوسي کاتي جو پاءُ صديءَ کان چيف هو، تنهن نائن اليون

واري حملي کان فقط چند ڏينهن اڳ، پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني. اها ڳالهه دنيا جي اهڙي وڏي Mystery سمجهي پئي وڃي، جنهن جي حقيقت جي اڃا ڄاڻ پئجي نه سگهي آهي. تي سگهي ٿو اهو اتفاق (Coincidence) هجي. ڪيترا ئي عرب، اهو ئي شڪ ڪن ٿا ته ٿي سگهي ٿو، شهزادي ترڪي بن فيصل کي ڪڙڪ پئجي وئي هجي ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڪجهه ٿيڻ وارو آهي ۽ هن ان جي الزام کان بچڻ لاءِ اڳواٽ استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. ڪجهه وقت آرام جي زندگي گذارڻ بعد، هو پنهنجي پيٽويئي شهزادي بندر بن سلطان جي جاءِ تي، آمريڪا ۾ سفير ٿي آيو آهي ۽ شهزادو بندر، سعودي عرب جي نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جو سيڪريٽري جنرل ٿيو آهي، جيڪا سعودي حڪومت ۾ تمام مٿانهين پوسٽ آهي ۽ ان پوسٽ جي ڪري هن کي گهڻو وقت سعودي عرب ۾ ئي گذارڻو پوندو. ان ڪري هو امريڪا وارو محل Hala-Ranch وڪڻي رهيو آهي.

شهزادو بندر (عربي ۾: صاحب السمو، الملڪي الامير بندر بن سلطان بن عبدالعزيز آل سعود) 2 مارچ 1949ع تي طائف شهر ۾ ڄائو. سندس والد شهزادو سلطان، سعودي عرب جو ڊپٽي پرائيم منسٽر هو. شهزادي بندر جا بش فئملي سان تعلقاتن جو احوال ڪرئگ اُنگر جي ڪتاب ’هائوس آف بش، هائوس آف سعود‘ ۾ تفصيل سان ڏنل آهن. هڪ ٻيو ڪتاب ’Plan of Attack‘ جيڪو باب وڊورڊ لکيو آهي، ان ۾ عراق جنگ ۽ تيل جي قيمتن گهٽائڻ بعد ڪيترا ئي الزام شهزادي بندر سلطان تي لڳايا ويا آهن. شهزادي بندر بن سلطان کي سندس زال حائفه بنت فيصل مان، چار پٽ ۽ چار ڌيئرون آهن.

# آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ DO's ۽ DONT's

نيو جرسيءَ ڪان نيويارڪ ڏي وڃڻ ڪان ٻه ڏينهن اڳ، ملائيشيا مان منهنجي هڪ شاگرد ۽ هاڻ دوست، ڪئپٽن نور عذري (Nur Azri) جو فون آيو. مون کيس گذريل مهيني فون ڪيو هو پر پاڻ پينانگ کان آسٽريليا روانو ٿي چڪو هو. سندس زال فاطمه فون کنيو هو. تنهن ٻڌايو هو ته سندس مڙس (ڪئپٽن عذري) جيڪو هڪ جهازران ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ ڪم ٿو ڪري، سندس ڪمپني جي ڪنهن جهاز جي ڪئپٽن جي بيمار ٿيڻ ڪري هو پاڻ ايمرجنسي جي حالت ۾ جهاز کي آسٽريليا وٺي ويو آهي جو جهاز کي بنا ڪنهن دير جي، وقت اندر اتي پهچي گلف جي ڪنهن بندرگاهه لاءِ رڍون ڍوئڻيون هيون.

مختلف مشينن ۽ بناوت (Architectural Design) ڪان علاوه هر جهاز جي سامان کڻڻ جي خيال کان مختلف ٽيڪنالاجي ۽ مسئلا ٿين ٿا. پئسينجر جهازن جا پنهنجا مسئلا آهن ته ڪنٽينر کڻندڙ جهازن جا پنهنجا. اهڙيءَ طرح تيل کڻندڙ (Oil Tanker)، ڪيميڪل کڻندڙ، گئس LPG کڻندڙ، موٽر ڪارون کڻندڙ يا جانور کڻندڙ (Cattle Ships) جا پنهنجا پنهنجا مسئلا آهن. جهاز هلائيندڙن جا گهٽ يا وڌ پگهار به ان حساب سان ٿين. جنهن ۾ جان جو گهٽ خطرو، ان جهاز هلائڻ جو گهٽ پگهار. ڪئپٽن عذري شروع وارن سالن ۾ چوپائي مال جا جهاز (Cattle Ships) هلائي چڪو آهي، سو هڙي ايمرجنسي ۾، جڏهن هنن کي ٻيو ڪو ڪئپٽن نه ملي سگهيو ته آفيس جو ڪم پنهنجي اسسٽنٽ حوالي ڪري، پاڻ جهاز کي ڪاهي ويو. مون سندس ٻارن، جيڪي هتي

نيوجرسي جي رٽگرز يونيورسٽي ۾ پڙهن ٿا. انهن جي خبر چار سندس زال کي ٻڌائي. سندن ڌيءَ کي سيمسٽر ختم ٿيڻ ڪانپوءِ جاب ڪرڻ جو ارادو هو. باقي پُٽ جا امتحان ختم ٿيڻ تي مهينو کن گهُوٽ پينانگ، ملائيشيا وڃڻو هو ۽ هاڻ مهيني کن بعد جڏهن ڪئپٽن عذري جي واپس پهچڻ جو مون کي اطلاع مليو تہ مون ڪيس پنهنجي پروگرام بابت اِي ميل ڪيو. جنهن جي جواب ۾ هن مون کي فون ڪيو. ”تنهنجي گاڏيءَ ۾ جي جاءِ ٿئي تہ منهنجي پٽ کي بہ نيويارڪ ڪٽي وڃ. هن جي ان ڏينهن تي JFK ايئرپورٽ تان ملائيشيا لاءِ اڏام آهي.“

”تون بلڪل بي فڪر رهہ. ڪيس ۽ سندس ٻن ٻڌگن کي اسان پاڻ سان نہ رڳو نيويارڪ پر ايئرپورٽ تائين ڪٽي ويندا سين.“ وراڻيومانس.

نيوجرسي ۾ جتي آئون رهان ٿو، اتان رٽگرز يونيورسٽي ائين آهي جيئن مٽيارين کان سنڌ يونيورسٽي ۽ نيويارڪ ائين آهي جيئن ڪراچي. سو نيويارڪ وڃڻ لاءِ گهران نڪري، ڪئپٽن عذري جي پٽ کي کڻڻ لاءِ رٽگرز يونيورسٽي پهتس. آئون مقرر وقت کان اڌ ڪلاڪ اڳ پهچي ويو هوس. عذريءَ جو پٽ اڃا پئڪنگ ۾ مشغول هو. هو ڪمرو خالي ڪري هلي رهيو هو سو ضروري سامان جون هن بہ ٻڌگون ٺاهيون. باقي هلڪو ڦلڪو سامان، ڪجهہ ڪپڙا، ڪتاب وغيره ۽ ٻيو اهڙو سامان جنهن جي هاڻ هن کي ضرورت نہ هئي، ان جي هڙ ٺاهي ٻاهر اڇلڻ تي چاهي. ڪتاب ۽ ڪاپين جي بنڊل ۾ مٿان ئي مٿان ڪجهہ پنا Staple ٿيل هئا. وقت پاس ڪرڻ لاءِ آئون اهي ڪٽي انهن جا صفحا اٿلائڻ لڳس. هي ملئي زبان جا ڏهہ کن ٽائيپ ٿيل صفحا هئا. ملئي زبان اسان جي سنڌي رسم الخط وانگر بہ ٿئي، يعني عربي اسٽائيل، تہ انگريزي نموني ABCD واري لکائي ۾ بہ ٿئي. گذريل اڌ صديءَ کان ملئي زبان انگريزي نموني سان لکي وڃي ٿي، جنهن کي رومن سڏجي ٿو. عربي لکٽي واري ملئي، جنهن کي ’جَوي‘ سڏجي ٿو، اها هاڻ ورلي ڪا استعمال ٿئي ٿي. ملائيشيا مان هڪ اڌ اخبار جويءَ ۾ نڪري ٿي يا وري مذهبي ڪتاب خاص ڪري

حديثن جا جويءَ ۾ هوندا آهن. جن کي فقط وڏي عمر جا، جيڪي جويءَ کان واقف آهن، پڙهي سگهن ٿا. باقي نوجوان طبقو جيڪي اسڪول ۾ توڙي ڪمپيوٽر تي فقط رومن لکٽي استعمال ڪن ٿا، انهن لاءِ جوي پڙهڻ ڏکيو ڪم آهي. بهرحال اسان پاڪستان جا جيڪي سنڌي يا اڙدو کان واقف آهيون ۽ ملئي زبان ڳالهائي سگهون ٿا، اهي ملئي جون ٻئي لکٽيون پڙهي سگهون ٿا.

هنن ٽائيپ ٿيل پنن تي رومن ملئي ۾ آمريڪا ۾ رهڻ بابت هدايتون هيون ته هڪ ڌارئين ملڪ جي ماڻهوءَ کي آمريڪا ۾ ڪهڙين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ کپي. خاص ڪري هڪ شاگرد يا شاگردياڻيءَ کي ڪلاس روم ۾ ٻين غير مسلمان آمريڪن سان ڪيئن هلڻ کپي، يا هاسٽل جي ڪمري ۾ رهڻ دوران ڪهڙين ڳالهين جو خيال ڪرڻ کپي. جيئن ٻئي کي ناگوار نه لڳي. ڇو جو ڪيتريون ڳالهيون آهن جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ ڪٿي عام هجن پر ٻئي ملڪ ۾ خراب سمجهيون وڃن ٿيون. جيئن ٿائيلنڊ ۾ پير يا بوٽ جو ترو ٻئي ڏي ڪري نه ويهجي، جيڪا ڳالهه اسان وٽ عام آهي ۽ هر ڪو ٽنگ ٽنگ تي رکي ويهي ٿو ۽ ڪو به ان ڳالهه جي پرواهه نه ٿو ڪري ته ڪنهن جي بوٽ جو ترو سامهون يا پير ۾ ويٺل ڏي آهي. ٿائلئنڊ ۾ ڪرنسي نوٽ ڪري پوي ته ان کي فضيلت سان هٿ سان کڻجي. ان کي نه پير سان ريڙهجي ۽ نه ان مٿان پير ڏجي جو ٿائيلنڊ جي نوٽن تي ان ملڪ جي بادشاهه جو فوٽو ٺهيل آهي ۽ ٿائيلنڊ ۾ بادشاهه سلامت جي فوٽوءَ جي بي عزتي يا بي حرمتي ڪرڻ تي گهٽ ۾ گهٽ ڇهه مهينا جيل آهي. اها ڳالهه ان ڪري ياد اچي وئي جو گذريل هفتي هڪ آسٽريليا جي ٽوئرسٽ کي بئنڪاڪ ۾ هڪ هفتو جيل اچي ويو جو ڏهن ڀاتن جي نوٽ کي مروڙي ان سان پنهنجو ڪن کوٽي رهيو هو.

آئون انهن ٽائيپ ٿيل پنن تي آمريڪا ۾ ايندڙ ڌارين شاگردن جي رهنمائي لاءِ هڪ قسم جا ‘Do’s & Don’t’s’ پڙهڻ لڳس. ڪي ڪي ڳالهيون پڙهي آئون مرڪي به رهيو هوس. ”انڪل! ڪيناپا“ (انڪل ڇو؟) ڪئپٽن عذري جو پٽ، مون کي مرڪندو ڏسي شڪي ٿيڻ لڳو.

”تيداڪ آپا.... آپا.“ (ڪا ڳالهه ناهي) مون وراڻيومانس. ”بلڪ سٺي ڳالهه آهي. هر ماڻهوءَ کي ٻئي ملڪ جي رسم رواج جي خبر هجڻ کپي، تنهنجي هنن پنن ۾ تمام سٺيون ڳالهيون لکيل آهن.“

ملئي ماڻهو توڙي ملائيشيا جي حڪومت، انهن ڳالهين ۾ ڏاڍي حساس آهي ته سندن ماڻهن جي معمولي غلطين ڪري، ملڪ جي بدنامي نه ٿئي. ملائيشيا ۾ هوس ته هر سال حج تي ويندڙ حاجين کي هفتو ڪن ڪنهن نه ڪنهن مسجد يا اسڪول جي ميدان تي ٽريننگ ڏني وئي ٿي ته احرام ڪيئن ٻڌجي، طواف ڪيئن ڪجي، مِنيٰ ۾ ڪيئن رهجي ۽ شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ ڪيئن ٽولي ۾ نڪرجي ۽ ٽڪر ڪرڻ يا ٻين کي ڌڪا ۽ ٺيلها ڏئي هلڻ بدران تحمل ۽ صبر کان ڪم وٺجي، وغيره وغيره. اهو ئي سبب آهي جو حج دوران نه فقط سعودي عرب جا ماڻهو ملئي ماڻهن جي عزت ڪن ٿا، پر اسان جا ماڻهو به تعريف ڪندا آهن ته ملئي، انڊونيشي ۽ برونائي جا ماڻهو ڏاڍا فضيلت وارا آهن. اسان پاڪستانين، ترڪن، ايرانين ۽ سوڊانين وانگر نه ٽڪر ڪن ٿا ۽ نه وري ٻين کي ٺيلها ڏين ٿا.

بهرحال هتي هنن پنن مان ڪجهه ڳالهيون پنهنجن پڙهندڙن لاءِ قلم بند ڪريان ٿو. انهن ۾ ڪي ته معمولي ڳالهيون آهن، ڪي ڪل جوڳيون پر انهن مان به ملئي ماڻهن جي احساسن جو قدر ٿئي ٿو ته هنن کي پنهنجي قوم ۽ ملڪ جو خيال آهي ۽ هو هر وقت ان ڪوشش ۾ لڳا رهن ٿا ته هنن کان ڌارئين ملڪ ۾ ڪا اهڙي غلطي نه ٿي وڃي، جيڪا کل يا بي عزتي جو سبب بڻجي يا سندن ڪنهن بيوقوفيءَ جي ڪري ٻين جي دل آزاري ٿئي.

هتي اهي نصيحت ڀريا نقطا يا رهنمائي طور ڏنل ڳالهيون لکڻ دوران ڪٿي ڪٿي پنهنجي ڪا Comment ڏني اٿم ته اها ڏنگين ۾ لکي اٿم.

## ٽارين ملڪن کان آمريڪا ۾ ايندڙ شاگردن لاءِ ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ جوڳيون ڳالهيون.

- ♦ ماڻهن اڳيان نڪ جي کوٽ کوٽان نہ ڪجي.
- ♦ ڪنهن سان بہ ان جي ٿولهہ جي ڳالهہ نہ ڪجي تہ You are very fat (بقول نيويارڪ جي ڊاڪٽر نذير ميمڻ جي ٿولهہ ڪيترين ئي بيمارين جي پاڙ آهي ۽ اوچن ڪاڏن ۽ گهٽ ورزش ڪري وچن آمريڪن ٿلها ٿيندا ۽ هنن کي احساس بہ آهي تہ هنن جو وزن وڌي رهيو آهي، پر ڪيترا ئي مجبور آهن جو هو پنهنجي ڪاڏي ۾ ڇٽي جي شين (ڪيڪ، پيسٽرين چاڪليٽن) يا شربتن تي ڪنٽرول نٿا ڪري سگهن ۽ نہ وري ڪين پنڌ ڪرڻ لاءِ وقت ملي ٿو).
- ♦ ڪنهن کان بہ اهو نہ پڇجي تہ تو هيءَ شئي گهڻي جي ورتي آهي يا تون ڪيترو ٿو ڪمائين؟
- ♦ ٻئي جي گهر ۾ مهمان طور وڃجي تہ نہ ٿي وي جو چئنل بدلائجي ۽ نہ ايئرڪنڊيشنر جو ڪنٽرول. جيڪڏهن توهان کي سيءُ ٿو پوي تہ سئيٽر پائي ڇڏيو.
- ♦ ٻئي جو فون استعمال ڪرڻ وقت، پنج ڇهہ منٽن کان مٿي نہ ڳالهائجي. پلي ڪٽي ڪنهن ٻئي جو فون توهان لاءِ آيو هجي تہ بہ گهڻو وقت نہ لڳائجي، ڇو جو ٿي سگهي ٿو گهر جي مالڪ جو ڪو اهم فون اچڻ وارو هجي.
- ♦ ٻئي جي دعوت ۾ پاڻ سان گڏ ڪو بہ دوست يا مائٽ نہ وٺي وڃجي، يا ان لاءِ ميزبان کان اڳواٽ موڪل وٺجي.

- باٿ روم ۾ ويهه پنجويهه منٽن کان مٿي نه لڳائجي.... ٽي سگهي ته ڪو ٻيو به انتظار ۾ هجي.
- عام پبلڪ ۾ ڇڪ، اوڳرائي يا اوٻاسي ڏيڻ کان گريز ڪجي. اوڳرائي يا ڇڪ اچي وڃي ته ’Excuse me‘ چئجي. ڪنگهڻ يا ڇڪ ڏيڻ مهل، پنهنجي منهن تي هٿ يا رومال ڏجي.
- ڪنهن به دعوت يا فنڪشن ۾ وقت تي پهچجي... وڌ ۾ وڌ پنج منٽ اڳ يا پنج منٽ دير سان... ان کان وڌيڪ نه اڳ پهچجي ۽ نه پوءِ.
- ڪٿي حاضر ٿيڻ لاءِ ها ڪجي ته ضرور پهچجي. ائين نه ته دعوت ملڻ وقت ها ڪري پاڻ کي سنو ثابت ڪجي ۽ پوءِ اچجي ئي نه.
- ڪنهن سبب ڪري جيڪڏهن دعوت ۾ شريڪ ٿي نٿو سگهجي ته ميزبان کي اڳواٽ اطلاع ڪجي.
- ڊيوڊورنٽ، عطر يا ٻي ڪا خوشبوءِ هڻڻ توهان کي پسند هجي يا نه پر ٻين خاطر ضرور هڻي وڃجي. ڏندن کي برش ڪجي يا ڪنهن ’مائوٿ واش‘سان گرڙيون ڪري پوءِ محفل ۾ وڃجي. آمريڪن جسم مان نڪرندڙ بُوءِ بابت تمام گهڻو حساس آهن.
- گاڏي هلائڻ دوران، جيتريقدر ٿي سگهي هارن جو استعمال نه ڪجي. اهو فقط ايمرجنسي جي حالت ۾ وڄائي ٻئي کي خبردار ڪرڻ لاءِ آهي.

(ڪجهه ڏينهن اڳ آئون پنهنجي پاڙيجي ضمير وسطڙو سان گڏ پرواري شهر ايڊيسن جي شاپنگ مال ۾ پهتس. ضمير، ’اولڊ نيوي‘ نالي اسٽور اڳيان ڪار پارڪ ڪئي ۽ هاڻ اسان لهڻ وارا هئاسين ته هڪ پوڙهو آمريڪن، پنهنجي ڪار، پارڪنگ لاٽ مان اهڙي ته غلط طريقي سان Reverse ڪري ڪڍڻ لڳو جو هُو سڌو اسان طرف ڌوڪيندو آيو ۽ اسان جي ڪار کي مون واري پاسي اهڙو ته ٽڪر هڻي ها جو ڪار سان

گڏ منهنجو بہ پاسو نڪري وڃي ها. ضمير وٺي هارن مٿان هارن ڏنس. پوڙهو پهرين تہ ڳالهہ سمجهي نہ، ساڳي رفتار سان ڌوڪيندو آيو، پر پوءِ گهٽا هارن ڏيڻ تي ڪٽي بريڪ هنيائين ۽ اسان جي ڪار تر تان بچي وئي. پرواري فٽ پاٿ تي هڪ ٻي آمريڪن عورت جيڪا شاپنگ بئگ هٿ ۾ ڪٽي ان وقت 'Old Navy' شاپ مان ٻاهر نڪتي هئي ۽ هي سمورو لقاءُ ڏسي رهي هئي سا اسان جي گاڏين طرف وڌي. اسان سمجهيو اسان کي اچي چوندي تہ توهان کي حادثي کان خدا بچايو آهي يا پوڙهي کي سمجهائيندي تہ گاڏي سولي طرح هلائي ۽ ٻين جي جانين جو خيال ڪري، پر هوءَ مون واري پاسي کان ڦري ضمير وٽ اچي هن کي ڪاوڙ مان چيائين:

”ڏسين نٿو تہ هو وڏي عمر جو پوڙهو گاڏي پيو هلائي ۽ تون هارن وڄائي هن کي ڪنفيوز پيو ڪرين.“

پوڙهيءَ جي همدردي بدران Unexpected دڙڪي جي ڪري، ضمير اهڙو تہ منجهي ويو جو سمجهہ ۾ نہ آيس تہ ڪهڙو جواب ڏجي ۽ پوءِ جڏهن هَئو مَئو ٽري ويو يعني پوڙهو بہ هليو ويو ۽ عورت بہ پنهنجي گاڏيءَ ۾ رواني ٿي وئي تہ ضمير ٺهڪ ڏيندي چيو، ”ماما ڏسو ٿا. ڌوهاريءَ بدران دڙڪا فرياديءَ کي پيا ملن“)

- ♦ ڪار هلائڻ مهل پنهنجيون بتيون فلئش ڪري ٻئي کي جلد هلڻ يا رستو ڏيڻ لاءِ مجبور نہ ڪريو.
- ♦ پنهنجي ڪار جي بتين کي ’High Beam‘ تي رکڻ کان پرهيز ڪريو، پر جيڪڏهن توهان بهتر ڏيک لاءِ بتين کي هاءِ بيم تي رکو ٿا تہ پوءِ جيئن ئي توهان کي سامهون کا گاڏي نظر اچي تہ بتين کي ’Low Beam‘ تي ڪري ڇڏيو.
- ♦ رات جو نائين کان پوءِ ۽ صبح جو اٺين کان اڳ، پنهنجي ٽي ويءَ يا ريڊيو جو آواز هرگز مٿانهون نہ ڪريو.

- ♦ ڪنهن وٽ مهمان ٿي رهو ٿا ته ان جو ڪمرو يا ڊارميٽري روم، ڇڏڻ وقت بهتر نه ته گهٽ ۾ گهٽ اهڙي حالت ۾ ڇڏيندا ڪريو جهڙي اها داخل ٿيڻ وقت هئي.
- ♦ پنهنجي اسڪول ٽيچر کي 'ٽيچر' چئي سڏڻ بدران، هن جو نالو کڻي سڏ ڪجي. جيئن ته پروفيسر رچرڊ، مسٽر سمٿ يا مسز جونس وغيره.
- ♦ هلندي وقت، رستي تي يا پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان، ڪنهن به قسم جو گند ڪچرو نه اڇليو. اهو ڏوهه جو ڪم آهي. هر قسم جو ڪچرو، ٿيلهيءَ ۾ بند ڪري، ٽوڪريءَ ۾ اڇلائجي. (اج ڪلهه آمريڪا ۾ عام پبلڪ يا گهرن ۾ رهندڙن لاءِ ٽن قسمن جون ٽوڪريون نظر اچن ٿيون. هڪ ۾ پنا، رسالا، اخبارون وجهڻ لاءِ، ٻيءَ ۾ شيشي جو سامان اڇلڻ لاءِ ۽ ٽِين باقي سامان لاءِ)
- ♦ جڏهن به ڪاليج، يونيورسٽي يا هاسٽل جي ٽئاليٽ مان نڪرو ته ڪموڊ کي فلئش ڪرڻ نه وساريو.
- ♦ استعمال شده ٽئاليٽ پيپر، ڪچري جي دٻي ۾ اڇلڻ بدران ڪموڊ ۾ وجهڻ کپي.
- ♦ آمريڪا ۾ عورتون، مهيني وارن ڏينهن ۾ نئپڪن استعمال ڪن ٿيون يا Tampons. استعمال شده نئپڪن ڪموڊ ۾ هرگز نه اڇليو جو ان سان ڪموڊ چوڪ ٿي سگهي ٿو. ان بدران ان کي ٽشو پيپر سان ڍڪي ڪچري جي دٻي ۾ اڇليو. آمريڪا ۾ رهندڙ عورتون ٽئمپان جو وڏيڪ استعمال ڪن ٿيون، جنهن کي ڪموڊ ۾ اڇلائي سگهجي ٿو ۽ ان سان ٽئاليٽ سسٽم خراب نٿو ٿئي. ان ۾ جي ڪڏهن نئلان يا پلاسٽڪ جي ڪا شيءِ لڳل آهي ته اها ڪچري جي دٻي ۾ اڇلائجي.
- ♦ مهيني وارن ڏينهن ۾ ڪا شاگردياڻي بهتر محسوس نٿي ڪري ۽ هوءَ ڪا دعوت يا ڪلاس اٽيند نٿي ڪرڻ چاهي ته هن جو ايترو

چوڻ ڪافي آهي ته ”Sorry, I was not feeling well“. اڳلو پاڻهي سمجهي ويندو.

♦ آمريڪا ۾ دوا درمل جو خرچ تمام وڏو آهي. ان ڪري هر شاگرد کي کپي ته هو هيلٿ انشورنس خريد ڪري. ڪيترين يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾، ڊالرن ملڪن کان آيل اسٽوڊنٽس کي ’اسٽوڊنٽ هيلٿ سينٽر‘ معرفت، سستي اگهه تي انشورنس مهيا ڪئي وڃي ٿي. ان جو فائدو هر شاگرد کي وٺڻ کپي.

♦ آمريڪا ۾ جيڪڏهن توهان ڪار هلائڻ چاهيو ٿا ته ان لاءِ پڻ انشورنس خريد ڪريو. ياد رکو ته آمريڪا ۾ ڪڏهن به انشورنس بنا ڪار نه هلائجي. روڊ جي حادثن ۾ ڪڏهن ڪڏهن لکها ڊالر ڀري ڏيڻا پون ٿا. جيڪي انشورنس جي حالت ۾ انشورنس ڪمپني ڀري ٿي. جيڪڏهن توهان پنج سال پراڻي يا ان کان گهٽ پراڻي ڪار هلايو ٿا ته ان لاءِ ڪار جو انشورنس ۽ Liability انشورنس حاصل ڪرڻ پڻ ضروري آهي.

## اسان جي غم جو داستان

آمريڪا ۾ ڪيترائي اسان جا ايشيائي پئسو ڪمائڻ ۽ خوشحال زندگي گذارڻ جي شوق ۾ ويا. ڪيترن پئسو ڪمايو. هو خيال ۽ خبرداريءَ سان هليا. پئسو بچايائون. ان جي صحيح طرح سِيڙپ ڪيائون. ٻارن کي اعليٰ تعليم ۽ اخلاق جهڙين شين سان مالا مال ڪيائون ۽ آخر تائين پنهنجي زندگيءَ جون گهڙيون سڪون ۾ گذاريائون. پر ڪيترا اسان جي ملڪن جا، آمريڪا جي رونق ۾ وهي ويا. سندن اولاد سڌرڻ بدران والدين لاءِ مسئلو بڻجي پيو. بهرحال ان قسم جي ڪيترن ئي ماڻهن جون ڪهاڻيون اڪثر پڙهڻ ۾ اچن ٿيون. پاڪستان جي مشهور ڪالم نويس ۽ TV اينڪر جاويد چوڌريءَ جو به ان بابت ’جم، جمال، جميل‘ نالي هڪ مضمون پڙهيو هوم پڙهندڙن جي معلومات ۽ دلچسپي لاءِ هِتي اهو ترجمو ڪري رهيو آهيان:

> نيويارڪ سينٽر ٽائون جو هي جم، جمال ۽ جميل نالي صاحب جيڪڏهن هڪڙو ئي مثال هجي ها ته پوءِ هن جو اصل نالي ٻڌائڻ ۾ ڪو به حرج نه ٿئي ها. پر هن وقت آمريڪا جي پنجاهه رياستن جي پنج سؤ شهرن ۾ اهڙا سوين هزارين پاڪستاني موجود آهن، جن جي هيءَ ڪهاڻي آهي... جن جي سيني تي اهي ئي داغ آهن. منهنجو هي دوست اڄ کان ٻارهن سال کن اڳ، هڪ ايجنٽ کي پنج لک رپيا ڏئي آمريڪا پهتو هو. هي جڏهن پاڪستان کان نڪتو هو ته هن جو نالو ’جميل‘ هو، رستي تي هن جي تصوير ڪنهن ٻئي صاحب جي پاسپورٽ تي چنبڙائي وئي ته هي ’جمال‘ ٿي ويو، آمريڪا پهتو ته حالتن

هن کي ’جِم‘ بنائي ڇڏيو. هاڻ هو آمريڪن جي نظر ۾ جم آهي. دوست هن کي جمال سڏين ٿا ۽ جڏهن هفتي يا ڏهه ڏينهن بعد پاڪستان مان فون ايندو آهي ته هُو جميل بڻجي ويندو آهي. منهنجي هن دوست جم، جمال، جميل جي ڪهاڻي رڙين سان لکڻ کپي. هن کي ’آهُن‘ ۽ ’دانهن‘ تي چٽڻ کپي ۽ ان کي پاڪستان جي هر پٽ تي ڳاڙهي مس سان تحرير ڪرڻ کپي. هن ۾ غم جا داستان آهن ته سُڏڪا ۽ دانهون ڪِيڪُون به!

منهنجو هي دوست ’جم، جمال، جميل‘ جڏهن پاڪستان کان نڪتو ته هن جي زال جي مٽي جا سپ وار ڪارا هئا. هن جي کِل ۾ ندين جي وهڻ جو ترنم ۽ درياهن جو طلسم هو. هن جي در جي چونڪ تي هن جون به ڌيئون بيٺيون هيون. ننڍيءَ جي هٿ ۾ ڪپڙي جي گڏي هئي ۽ وڏيءَ جي ڪلهي تي ڪِتابن جو ٿيلهو هو. هن کي به پٽ هئا... سعادتمند، فرمانبردار ۽ پاڙُهو ٽائيپ. ٻنهي هن کي سامان کڻايو. هن کي هڪ سيٺ جو دڪان به هو. جنهن کي وڪڻي هن ايجنٽ لاءِ پئسن جو بندوبست ڪيو هو ۽ هن جا پوڙها ماءُ پيءُ به هئا، جن جو هُو اڪيلو پٽ هو. منهنجي هن دوست جم، جمال، جميل جو پاڪستان ۾ گذارو نٿي ٿيو. سيٺ جي دڪان مان به معمولي بچت هيس. ڪائڻ وارا گهٽا هئا. ڌيئرون به وڏيون ٿي رهيون هيون. پٽ جوانيءَ جي چانئٺ کان به قدم پري هئا. سو ’جم، جمال، جميل‘ کي هنن جي مستقبل جو وڏو فڪر هو. منهنجي دوست گهر جي چانئٺ ٽپي، جميل مان جمال ٿي ويو ۽ پوءِ ائن مهينن جي ذلت ۽ خواريءَ بعد آمريڪا پهتو ته ’جم‘ ٿي ويو.

منهنجو هي دوست گذريل ٻارهن سالن کان آمريڪا ۾ آهي. انهن ٻارهن سالن ۾ هن زندگيءَ جا جيڪي پوائِنٽا روپَ ڏٺا، اهي هُو ڄاڻي ٿو يا هن جو رب. هن ٽئاليٽ صاف ڪيا، ڪچرو کنيو، رستن تي ٻهاريون ڏنيون، چوڪيداري ڪئي، ڪتن کي

وهنجاريو، مزوري ڪئي، پاڳل خاني ۾ چرين جا پوتڙا بدلايا، هوٽلن ۾ ٿانوَ ڌوتا ۽ هاڻ آخر ۾ هي گذريل ڇهن سالن کان ٽئڪسي هلائي رهيو آهي. انهن ٻارهن سالن ۾ هن جو پاڪستان سان ٽيليفون ۽ هنديءَ جو ئي واسطو رهيو. هي ڏينهن رات محنت ڪري پئسا ڪمائيندو رهيو. انهن مان فقط پنهنجي کائڻ پيئڻ جو خرچ ڪڍي باقي رقم پاڪستان موڪليندو رهيو. ڏهه ڏهه ماڻهن سان گڏ هڪ پٽَ تي سمهندو رهيو ۽ هڪ هڪ جينز جي پتلون ۾ ٻه ٻه سال گذاريندو رهيو.
اها هن جي زندگي هئي ۽ اهو هن جو روزانو ڪاروهنوار.

منهنجو هي دوست نيويارڪ جهڙي جنت ۾، دوزخ جهڙي زندگي گذاريندو رهيو، پر پنيان آمريڪا کان هزارين لکين ميل پري ٽوبا ٽيڪ سنگهه ۾ هن جي گهر ربين پيسن جي ريل پيل ٿي وئي، گهر نئون ٺهي ويو، ٻارن گاڏيون خريد ڪري ورتيون، زال ڊائمنڊ جا زيور پائڻ لڳي ۽ ماءُ پيءُ کي حج جي سعادت نصيب ٿي وئي. دولت جي هن گهڻائيءَ آمد ڏيکاري ته هن جي ٻنهي پٽن پڙهائي ڇڏي ڏني. وڏو، خراب صحبت جو شڪار ٿي ويو. سگريٽ ڇڪڻ سان شروعات ٿي ته هيروئن تي اختتام... ننڍو نينگر، بدمعاشن ۾ وِهڻ لڳو، جهيڙو ٿيو، هن ڪاوڙ ۾ اچي گولي هلائي، ٻه ماڻهو قتل ٿي ويا، پاڻ گرفتار ٿي ويو. ڪورٽ ۾ موت جي سزا آئي. هُو اڄ ڪلهه ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ اپيل جي منظوريءَ جو منتظر آهي. وڏي ڌيءَ ڊرائيور سان ڀڄي وئي، ماءُ واسطا وجهي واپس وٺي آئي. اڄ ڪلهه هن جي شاديءَ جون تياريون ٿي رهيون آهن. ننڍي ڌيءَ پاڻ کي ساڙڻ جي ڌمڪي ڏئي مرضي جي شادي ڪري ورتي، باقي بچيا ماءُ پيءُ ته هُو ٻئي هڪ ٻئي پٺيان انتقال ڪري ويا. ها، اسان هن جي زال بابت ته توهان کي ٻڌايو ئي ناهي. گهڻي کائڻ پيئڻ ڪري هُوءَ وقت کان اڳ گوشت جو جبل بڻجي وئي ۽ مڙس جي جدائيءَ هن کي نفسياتي مريض بڻائي ڇڏيو.

منهنجي هن دوست انهن ٻارنهن سالن ۾ لکين ڊالر ڪمايا. هو پاڻ کي خوش نصيب نه چوي ٿو پر خبر ناهي ڇو آئون هن شخص کي، يعني هن ’جم. جمال ۽ جميل‘ کي خوش نصيب سمجهڻ لاءِ تيار نه آهيان. ٿورو سوچيو اهو شخص جيڪو ٻارنهن سال پنهنجي ملڪ، پنهنجي گهر کان پري رهيو هجي ان کي خوش نصيب، خوش بخت ڪيئن چئي ٿو سگهجي؟ جيڪو شخص آخري وقت پنهنجي ماءُ جي وهاڻي پرسان بيهي نه سگهي، جيڪو پنهنجي پيءُ جي جنازي کي ڪلهو نه ڏئي سگهي، جنهن جون ڏيئون ڇڙواڳ ٿي وڃن، جنهن جو هڪ پٽ هيروئن پي ناليُن ۾ پيو هجي، جنهن جو ٻيو پٽ جيل جي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ موت جي قدمن جو آواز ٻڌي رهيو هجي اهو خوش نصيب يا خوش بخت ڪيئن ٿو چئي سگهجي ۽ اهو شخص جيڪو ٻارنهن سال پنهنجي زال کان پري رهيو هجي، ان ماڻهوءَ کي توهان ڪيئن ڀاڳن وارو يا سٺن نصيبن وارو سڏي سگهو ٿا؟

مون جم کان پڇيو. ”تون ايترا سال ملڪ کان ٻاهر ڇو رهئين؟“

جم سگريٽ جو ڪش هنيو ان بعد چيو. ”آئون آمريڪا ۾ غير قانوني رهيل هوس، پاڪستان هليو وڃان ها ته وري ڪڏهن به آمريڪا موٽي نه سگهان ها. ڪاغذ صحيح ٿيا ته پٽ تي مقدمو ٺهي ويو. وڪيلن جي گرين فين جي پئسي جي پورائي ڪرڻ لاءِ مونکي هِتي رهڻو پيو. هاڻ پئسا به اٿم ته گرين ڪارڊ به. واپس به وڃڻ چاهيان ٿو پر سوچيان ٿو ته هاڻ اوڏانهن ڪنهن جي لاءِ وڃان؟ نه پيءُ رهيو اٿم نه ماءُ پٽ جيئرا آهن پر مئلن کان به بدتر حالت ۾ آهن. ڌيئن سان هاڻ واسطو رکڻ بي غيرتي آهي. باقي بچي زال ته هن جي سامهون وڃڻ جي همت نه پئي ٿئيم. غم مٽائڻ لاءِ شراب پيان ٿو ۽ وقت گذارڻ لاءِ جوا کيڏيان ٿو ۽ موت جو انتظار ڪريان ٿو.

آئون شروع ۾ به اهو عرض ڪري چڪو آهيان ته نيويارڪ سينٽر جو هي صاحب جيڪڏهن واحد مثال هُجي ها ته هن جو اصل نالو ٻڌائڻ ۾ حرج نه هو پر هن وقت آمريڪا جي پنجاهه رياستن جي پنج سؤ شهرن ۾ اهڙا سوين هزارين پاڪستاني موجود آهن جن جي اها ئي ڪهاڻي آهي. جن جي سينن ۾ اهيئي داغ آهن هنن ماڻهن پڪن گهرن، ٺڏين گاڏين، چمڪندڙ زيورن ۽ لش پش زندگي جي تمام گهڻي قيمت ادا ڪئي. مون کي معلوم آهي ته هن وقت به ڪيترائي اهڙا هوندا جن جو آمريڪا ۾ رهڻ زندگيءَ جو سڀ کان وڏو خواب هوندو. جيڪي ان آرزو ۾ ان سَڌ جي روشنيءَ ۾ جيئرا آهن. آئون هنن کي ايترو عرض ڪرڻ چاهيندس ته توهان صاحب ضرور آمريڪا وڃو پر اهو سوچي وٺجو ته توهان کي به منهنجي دوست جم، جمال، جميل وانگر ڳري قيمت نه ادا ڪرڻي پوندي. ياد رکو رزق جي بدلي سمجهوتو ڪرڻ وارا ماڻهو دنيا ۾ ذليل ٿيو وڃن.

## ڇا وڃايو، ڇا حاصل ڪيو؟

آمريڪا ۾ رهندڙ ڪجهه اسان جا پاڪستاني اهڙا به آهن، جيڪي ڪمائڻ بدران خرچڻ ۽ عيش ڪرڻ لاءِ آيا آهن. ان ۾ گهڻي ڀاڱي اسان جي ملڪ جا سرڪاري آفيسر آهن، جيڪي خوب رشوت ۽ ٺڳين جو پئسو ميڙي، هاڻ جهلجڻ کان بچڻ لاءِ هيڏانهن آمريڪا اچي نِڪتا آهن. هنن کي هِتي نوڪري يا پورهئي ڪرڻ جي به ضرورت ناهي. هُو پنهنجي ملڪ مان ٽرانسفر ڪيل ڪروڙها رپيا خرچ ڪري رهيا آهن. انهن ۾ ڪيترائي واپڊا، پي ڊبليو ڊي، ايريگيشن، روينيو، ايڪسائيز ٽئڪسيشن ۽ ڪسٽم جهڙن کاتن جا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هُو هِتي به شراب، ڪباب ۽ شباب جي محفلن ۾ مشغول رهن ٿا. هنن کي نه پنهنجين زالن جو فڪر آهي ۽ نه ٻارن جو ۽ اهڙن جا ٺي ٻار آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ ڪرجيو وڃن، جن کي ڏسي اسان جي ملڪ جا ماڻهو سمجهن ٿا ته آمريڪا ۾ شايد سڀ ٻار ائين ٿيو وڃن. جيتوڻيڪ ائين ناهي. پنهنجي يا ڌارئين ملڪ ۾ والدين پنهنجي اولاد تي جيڪڏهن نظر رکن ۽ هنن کي ڪَچِيءَ مان ئي صحيح تربيت ڏين ۽ پاڻ انهن جي اڳيان سٺي اخلاق جو نمونو ٿي هلن ته ٻار وڏو (بالغ) ٿي به نيڪ ۽ بااخلاق رهي ٿو. جيئن شروع ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته آمريڪا ۾ رهندڙ اسان جي گهڻي ڀاڱي پاڪستاني فئملين کي پنهنجي ٻارن کي صحيح رکڻ جو ڏاڍو فڪر آهي ۽ اسان جي ديس جا آمريڪا ۾ رهندڙ ڪيترائي ٽِين ايجر (جوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون) بيحد اخلاق وارا، با ادب ۽ مذهبي آهن. پاڪستان جي مسجدن ۾ وڃبو

تہ نماز دوران گھڻي ڀاڱي پوڙها ئي نظر ايندا. پر حيرت جي اها ڳالهہ آهي تہ هتي آمريڪا جي مسجدن ۾ نوجوان بہ اوترا ئي نظر ايندا.

اسان جي دوست جو ننڍو ڀاءُ، جيڪو پاڪستان ۾ ڪنهن سرڪاري قرمار واري ڪاتي ۾ آفيسر هو، اهو بہ آمريڪا ۾ رهائش اختيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پاڪستان ۾ اها نوڪري ملڻ تي ۽ رشوت جو پئسو حاصل ٿيڻ تي هُو هر سال پاڻ جهڙن ڪائو سرڪاري ڪامورن سان ٿائلنڊ، انڊونيشيا، سري لنڪا يا عياشي جي اڏن وارين روسي رياستن ڏي وڃڻ لڳو. هن کي ولايت ۾ ئي عياشي نظر آئي ٿي. هُونءَ بہ آسانيءَ سان هن جا ٻار شهر جي سٺي اسڪول ۾ ٺيڪ ٺيڪ پڙهي رهيا هئا. ڳوٺ جي زال هئي جنهن کي خبر نٿي پيئي تہ هي مرد حضرات بئنڪاڪ جهڙن بدنام شهرن ڏي ڇو ٿا وڃن. هُوءَ غريب ان ۾ ئي خوش رهي ٿي تہ واپسي تي سندس مڙس بہ چار ڪچا پڪا وڳا هن ۽ ٻارن لاءِ آڻي ڏنا ٿي. واپڊا، اريگيشن يا بلڊنگس ۽ روڊس جهڙن سرڪاري ادارن ۾ هونءَ بہ غريب عوام يا ملڪ جا ڪهڙا ترقياتي ڪم ٿين ٿا. واسطيدار وزير، انجنيئر ۽ ٺيڪيدار ئي پئسو ورهائي ڪايو ڇڏين ۽ پوءِ اهڙو easy پئسو هٿ ڪرڻ وارن مان ڪيترائي ٻي شاديءَ جو شوق پورو ڪن يا ڪا ڳائڻي يا ڇَلتِي قرتِي Keep رکن، جوئا ڪن، شراب جو شونقڙو ڪن يا سندن ڪريل ٻار ان کي اڏائين جو ان قسم جي 'محنت بنا آيل' پئسي لاءِ مشهور آهي تہ:
Easy Come Easy Go

هو توهان کي اڪثر حيدرآباد جي بامبي بيڪريءَ ۾ نظر ايندا جِتان جون پيسٽريون ۽ ڪيڪ خريد ڪري پاڻ ڪان وڏن صاحبن جي گهرن ۾ خوشامد طور پهچائين.

اسان واري دوست جي ڀاءُ کي جيئن تہ هر سال ولايت گهمڻ لاءِ ويزا حاصل ڪرڻ ۾ تڪليف ٿي ٿِي، سو هن جي دماغ ۾ اها ئي ڳالهہ آئي تہ آمريڪا يا ڪئناڊا جهڙي ملڪ ۾ رهي پاسپورٽ حاصل ڪجي. جنهن جي ڪري هن کي ڌارين ملڪن ۾ ويندي بہ سهولت ٿي پوندي ۽ ساڳي

وقت پنهنجي وطن ۾ ٻه دوستن يارن تي هن جي لئہ ويهي سگهندي. آخرڪار ڪجهہ پنهنجي ڪوشش سان ڪجهہ ايجنٽن ۽ وڪيلن معرفت، ڪافي وڏو خرچ ڪري هن ڪي نيٺ تہ آمريڪا جو گرين ڪارڊ ملي ويو ۽ هو ٻارن سوڌو هن ڇهچٽي، رونقن ۽ رنگينن واري ملڪ ۾ پهچي ويو. اهي بهتر ڏينهن هئا ۽ آمريڪا ۾ رهائش اختيار ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم نہ هو پر پوءِ سگهو ئي نائن اليون ڪان پوءِ سختيون وڌي ويون. هن سمجهيو تہ سال ٻن ۾ پاسپورٽ ملي ويندو ۽ پوءِ ٻٽي شهريت سان پنهنجي وطن موٽي ايندو. پر سال پنيان ٻہ ۽ ٽي ٽي ويا ۽ هن ڪي پاسپورٽ ملڻ ۾ ويئي دير ٿيندي. آمريڪا ۾ اسان جي ملڪ جي ڊگري مطابق تہ ورلي ڪا نوڪري ملي ٿي پوءِ اها ڊگري ڪٽي ڊاڪٽريءَ جي هجي يا انجنيريءَ جي. پاڪستاني سوين انجنيئرن ۽ ڊاڪٽرن وانگر هي بہ آمريڪا ۾ چوڪيداري، ٽئڪسي ڊرائيوري يا بئراگيري جهڙا odd jobs ڪرڻ لڳو. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري جو پاڻ سان آندل پئسو آهستي آهستي ٽي کُٽڻ لڳو. ڪاڏي تہ کوهہ بہ کُٽيو وڃن. سندس ٻار جيڪي شروع جا مهينا سادگي سان هلڻ لڳا هاڻ هر اهو خرچ ڪرڻ لڳا جيڪو سندن پاڙي ۾ رهندڙ يا اسڪول جي مڪاني ٻارن ٽي ڪيو. سندس ٻار اسڪول ضرور ويندا رهيا پر والدين جي نہ ڌيان ڏيڻ ڪري اهي ڇڙواڳي ڏي وڌي ويا. پنهنجي ملڪ ۾ پاڻ هو سٺن نمبرن سان پاس ٿيندا هئا. پر هِتي هو پڙهائي ڪان وڌيڪَ ٽي ويءَ پنيان وقت ضايع ڪرڻ لڳا يا پاڙي جي رول دوستن سان رلڻ لڳا، نہ فقط سندس پٽ پر ڌيءَ بہ. آخر ڇئن ساڍن ڇئن سالن بعد سيني ڪي پاسپورٽ مليو ۽ هن واپس وطن ورڻ جو اعلان ڪيو تہ نہ فقط سندس زال پر ٻار بہ بگڙي پيا تہ پاڪستان هلي ڇا ڪريون. هُو پاڻ پاڪستان وڃي تہ پلي وڃي. هن جي زال هاڻ اها ڳوٺاڻي نہ رهي هئي. آمريڪا ۾ رهندڙ ٻين هم زبان هم وطن عورتن ڪان هو عورتن جي حقن جي جاڻ وٺي چڪي هئي. هوءَ ۽ ٻار صاف صاف چوڻ لڳا تہ هو آمريڪا ۾ رهڻ ڪي بهتر سمجهن ٿا. پر هن ڪي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ هن ڪين

گهڻو ئي convince ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ رکي رکي ان ڳالهه لاءِ آماده ڪيو تہ مغرب جو ماحول اسان ماڻهن لاءِ صحيح ناهي خاص ڪري جوان نياڻيءَ لاءِ. هيترا سالَ رهڻ دوران هو اهو ڏسي چڪو هو تہ آمريڪا ۾ تہ هڪ مسلمان ڇوڪرو يا ڇوڪري اهلِ ڪتاب يعني عيسائي سان تہ ڇا هندو سان بہ شادي ڪريو ڇڏي، جنهن کي هُو بدقسمتي سمجهڻ بدران فخر ۽ ڪامياب زندگي سمجهي ٿو. هڪ اهڙي شادي مون بہ اٽيند ڪئي، جتي سنڌ جي هڪ اهم مسلمان ۽ نيڪ شخصيت جي پوٽي جي شادي، هندو ڇوڪريءَ سان ٿي جنهن ۾ پهريون پنڊت شادي جون رسمون پوريون ڪيون. ان بعد هڪ لبناني مولوي کي وٺي آيا جنهن خبر ناهي نِڪاح جي دعا وغيره بہ پڙهي يا نہ پر سنڌ جي روايتي مگڻهار يا استي حجام وانگر ڪجهہ ساٿ سنوڻ ضرور ڪيا.

بهرحال اهي ڳالهيون سوچي سوچي اسانجي دوست جي پاءَ کي ننڍي عمر ۾ ئي ڪيترين بيمارين ٿي پيون آهن. ٿڌ بُخار يا گندي پاڻي پيئڻ سان واسطو رکندڙ بيماريون آمريڪا جهڙي صاف ستري ملڪ ۾ ڪٿي نٿيون لڳن. پوڙهائپ ۽ اڪيلائپ جا خوف، مستقبل جا ڏيک ڏيندڙ مونجهارا ۽ جوانيءَ جي ڏاڪي تي ٽڪڙو ٽڪڙو قدم رکندڙ اولاد جي پريشانين ۾ هڪ صحتمند انسان کي بہ بلڊپريشر، ڪولسٽرول، ڊپريشن ۽ ڊائبٽيز جهڙيون ڪيترين ئي بيماريون وڪوڙيو وجن ۽ اهي بيماريون خاموش قاتل سڏجن ٿيون.

پنهنجي دوست سان ملاقات تي مون ڪيس سندس پاءُ کي آمريڪا جو پاسپورٽ حاصل ڪرڻ جي مُبارڪ ڏني تہ هن خلا ۾ گهوريندي ٿڌو ساهُہ کنيو ۽ پوءِ چيو: ”ها آمريڪن پاسپورٽ تہ ملي ويو پر ان جي ڪيڏي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پيئي!“....

سو منهنجا پڙهندڙوا آمريڪا ڪئنادا جهڙا ملڪ سٺا ضرور چئي سگهجن ٿا پر ان جو مدار توهان تي آهي تہ توهان پنهنجو اتي رهڻ سڦلو ثابت ٿا ڪريو يا ڪڦلو ۽ ياد رکو ائين نہ ٿئي تہ توهان جي بي ڌياني ۽

غلط قدم پنيان توهان کي ڪا وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوي. ان کان ته پنهنجي وطن، پنهنجي ڳوٺ جي غربت ۽ سادگيءَ واري زندگي بهتر آهي.

اهڙي عبرتناڪ ۽ سبق آموز ڪهاڻي هڪ سک (سردار جي) جي آهي، جيڪا آئون ڪيترن ئي پڙهندڙن خاص ڪري آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ اچي رهڻ جي خواهشمندن کي، Email ڪري چڪو آهيان. سردارجيءَ پنهنجي هن ڪهاڻيءَ جو عنوان 'One Bedroom Flat & One Extra.' (هڪ ڪمري جو فليٽ ۽ هڪ وڌيڪ ڪمرو) بلڪل مناسب رکيو آهي ۽ سندس ڪهاڻي آمريڪا ۾ وڃي اتي جي رنگينين يا مشغولين ۾ گم ٿي وڃڻ وارن لاءِ سوچ ۽ ويچار جي خوراڪ مهيا ڪري ٿي.

'سردارجِي' جي ڪهاڻي سندس زباني هن ريت آهي:

> اڄ ڪلهه جي هر مائٽ جي خواب مطابق مون به سافٽ ويئر انجنيئرنگ ۾ ڊگري حاصل ڪر هڪ اهڙي ڪمپني ۾ نوڪري حاصل ڪئي جنهن جو مرڪز آمريڪا ۾ آهي.
>
> آمريڪا جيڪو بهادر ماڻهن جو ملڪ ۽ موقعا ميسر ڪرڻ واري ڌرتي، سڏيو وڃي ٿو. جڏهن آئون آمريڪا جي سرزمين تي پهتس ته منهنجي خوشيءَ جو انت نه هو. مون کي ائين لڳو ڄڻ منهنجي خوابن جي تعبير ٿي وئي هُجي. هي اهو ملڪ هو، جِتي آئون سالن کان رهڻ جو سوچي رهيو هوس. مون اهو پهه ڪيو ته آءٌ هن ملڪ ۾ پنج سال کن لڳي نوڪري ڪندس، جنهن دوران ڪافي پئسو بچائي وٺندس ۽ ان پئسي مان پنهنجي ملڪ انڊيا ۾ سڪون ۽ سک جي زندگي اچي گذاريندس.
>
> منهنجو پيءُ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو ۽ هاڻ رٽائرڊ ٿيڻ تي هو. هُو فقط هڪ چڱڙو هڪ ڪمري وارو فليٽ ٺهرائي سگهيو. مون چاهيو ٿي ته آئون جڏهن رٽائرمينٽ تي پهچان ته گهٽ ۾ گهٽ بابي کان ته ڪجهه وڌيڪ ڪري ڏيکاريان.

آمريڪا ۾ ڪجهه وقت رهڻ بعد آئون اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳس. آئون هر هفتي ’ڪالنگ ڪارڊس‘ ذريعي پنهنجا ماتا پِتا سان فون تي ڳالهائڻ لڳس. اهڙي طرح فونن تي ڳالهائيندي، مئڪڊونالڊ ۽ پيزا نموني جي ريسٽورنٽن ۾ برگر کائيندي ٻه سال گذري ويا. ان دوران آئون هر وقت فارين ايڪسچينج ريٽ تي به نظر رکندو رهيس ته ڊالر جو ڪهڙو اگهه پيو رهي ۽ جڏهن به پنهنجي ملڪ جي رپئي جو قدر ڪرندو ڏٺم تي ته خوشي ٿي ٿِي ته مون جيڪي ڊالر ڪمايا آهن، انهن جا اڃان به وڌيڪَ رپيا ملندا.

۽ پوءِ مون شاديءَ جو سوچيو. پنهنجي ماءُ پيءُ کي ٻڌايم ته مون کي فقط ڏهن ڏينهن جي موڪل آهي ۽ انهن ڏهن ڏينهن اندر توهان کي سڀ ڪجهه ڪرڻو پوندو.

مون هڪ سستي قسم جي ايئرلائين ۾ وطن وڃڻ لاءِ ٽڪيٽ بڪ ڪرائي. بس سمجهو ته آئون ڏاڍو خوش هوس. خوشيءَ وچان پنهنجي وطن ۾ دوستن ۽ مائٽن لاءِ روزانو ڪجهه نه ڪجهه خريداري ڪندو رهيس. ڪنهن هڪ کي ٻه وساريندس ته ڳوٺ ۾ گلا ٿي پوندي. ڳوٺ پهچڻ تي مونکي مون لاءِ چونڊيل ڇوڪرين جا فوٽو ڏسڻ ۽ انهن مان ڪا ڪنوار چونڊڻ ۾ هفتو لڳي ويو. ۽ جيئن ته هاڻ وڃي ڪي ٽي چار ڏينهن بچيا هئا سو هاڻ ڪنهن هڪ کي جلدي چونڊڻ لاءِ مجبور ٿي ويس. ڇوڪريءَ جي مائٽن به هاڻ اهو ئي چيو ته مونکي ٻن ٽن ڏينهن اندر شادي ڪرڻي پوندي جو مون کي وڌيڪَ موڪل نه ملي سگهندي. شاديءَ بعد منهنجي آمريڪا موٽڻ جو وقت اچي ويو. پٽيان جي خرچ پکي لاءِ ڪجهه پئسا پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڏئي، پاڙي وارن کي هنن جي خيال جو چئي، آئون پنهنجي زال سان گڏ آمريڪا ڏي موٽيس.

منهنجي زال کي هي ملڪ ڏاڍو وڻيو ۽ خوب وندري وئي پر فقط ٻن مهينن لاءِ. ان بعد هوءَ به اڪيلائي محسوس ڪرڻ

لڳي. مائٽن ۽ هم جيڏين کي ياد ڪرڻ لڳي. نتيجي ۾ ٽيليفون جو بل ٻيڻو ٽيڻ لڳو. ڪڏهن ڪڏهن ته اسان ٻئي هفتي ۾ ٻه ٻه ٽي ٽي دفعا ڳوٺ فون ڪرڻ لڳاسين. اسان جي بچت گهٽجڻ لڳي. ٻن سالن بعد اسان کي ٻار ٻه ٿيڻ لڳا. قدرت اسان کي هڪ پنيان پٺيو خوبصورت ٻار عطا ڪيو. هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري. جڏهن ٻه مون ماءُ پيءُ سان ڳالهايو ٿي ته هنن مون کي انڊيا اچڻ لاءِ چيو ٿي جيئن هو پنهنجو پوٽو ۽ پوٽي ڏسي سگهن. آئون هر سال انڊيا وڃڻ جو پروگرام ٺاهيندو رهيس پر ڪجهه ڪم جي گهٽائيءَ ڪري ۽ ڪجهه خرچ جي ڪري مون هن سال وڃڻ جو پروگرام رد ڪري ٻئي سال وڃڻ جو سوچيو ٿي. ظاهر آهي منهنجو اڪيلو سِرُ نه هو. مون سان گڏ زال جي ٽڪيٽ جو خرچ ۽ ان سان گڏ ٻارن جي ٽڪيٽ جو هو. ٻارن جي ڪٽي اڌ ٽڪيٽ ٿي ٿي پر ان تي به وڏو خرچ آيو ٿي. سال پنيان سال گذرندو ويو پر انڊيا وڃڻ جڻ هڪ ڏورانهون خواب بڻجي ويو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو مون کي اطلاع مليو ته منهنجا والدين سخت بيمار آهن. مون انڊيا وڃڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر مون کي پنهنجي جاب (نوڪري) کان موڪل نه ملي سگهي سو ظاهر آهي آئون انڊيا وڃي نه سگهيس ۽ پوءِ ڪجهه عرصي کان پوءِ مون کي پنهنجي والدين جي موت جو به اطلاع مليو. ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي اهڙي گهڙيءَ تي به آئون پهچي نه سگهيس. سندن ڪريا ڪرم جون رسمون به پاڙايوارن ادا ڪيون ۽ هنن کان جنهن نموني ۽ جنهن حد تائين ٿي سگهيو ائين ڪيائون. آئون ڊپريشن جو مريض ٿي پيس. ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي جو منهنجا ماءُ پيءُ پنهنجا پوٽا به نه ڏسي سگهيا.

۽ پوءِ ڪجهه سال گذرڻ بعد، جيتوڻيڪ منهنجي زال کي خوشي ٿي پر ٻارن جي ناپسنديدگي ۾ اسان انڊيا Settle ٿيڻ لاءِ موٽياسين. آئون رهائش لاءِ ڪو بهتر گهر ڳولڻ لڳس پر

افسوس جو مون وٽ ڪا وڏي بچت نہ هئي ۽ ان دوران پراپرٽي جا اگهہ ايڏا تہ وڌي ويا هئا جو آئون مرضي مُطابق گهر وٺي نہ سگهيس ۽ وڌيڪ پئسا ڪمائڻ لاءِ مون کي وري آمريڪا موٽڻو پيو. منهنجي زال مون سان گڏ آمريڪا هلڻ لاءِ انڪار ڪيو ۽ منهنجي ٻارن انڊيا ۾ رهڻ کان انڪار ڪيو. آخر زال کي انڊيا ڇڏي آئون پنهنجن ٻن ٻارن سان گڏ آمريڪا موٽيس. زال سان وعدو ڪيم تہ بس آئون ڏکيا سکيا ٻہ ٽيا سال آمريڪا ۾ رهي موٽي ٿو اچان.

وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو رهيو. منهنجي ڌيءَ جوان ٿي چڪي هئي ۽ هاڻ هن هڪ آمريڪن سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ منهنجو پٽ بہ آمريڪا رهڻ ۾ پنهنجي بهتري سمجهڻ لڳو. مون اهو فيصلو ڪيو تہ آمريڪا ۾ گهڻو ئي رهيس هاڻ زندگيءَ جا آخري ڏينهن پنهنجي اباڻي وطن انڊيا ۾ هلي گهاريان. سو ٽپڙ ويڙهي، آمريڪا کي هميشہ لاءِ گڊ باءِ چئي ڳوٺ جو رخ ڪيم. انڊيا پهچي پهرين گهر خريد ڪيم. مون وٽ جملي پونجي ايتري ٿي، جو ڪنهن سٺي علائقي ۾ ٻن ڪمرن وارو فليٽ خريد ڪري ورتم. هاڻ آئون سٺ سالن کي پهچي چڪو آهيان. هيڏانهن هوڏانهن نڪرڻ بدران گهر ۾ ئي ويٺو رهان ٿو. بس فقط ڪڏهن ڪڏهن پير واري مندر ۾ پرارٿنا لاءِ نڪران ٿو. منهنجي زال بہ مون کي ڇڏي ٻي جهان ڏي رواني ٿي وئي آهي. اڪيلو ڪمري ۾ وقت گذاريان ٿو. ٻارن جو بہ شروع شروع ۾ هر مهيني فون ايندو هو هاڻ تہ مهينا ٽيو وڃن جو ڪٿي فون ڪن. منهنجي شڪايت ڪرڻ تي هر وقت اهو ئي چون ٿا تہ: ”ڇا ڪريون ڊيڊي! توهان کي تہ خبر آهي تہ آمريڪا جي زندگي ڪيڏي سخت ۽ مشغول آهي. وقت ئي نٿو ملي.....“

ڪڏهن ڪڏهن آئون بستر تي ليٽي، ڇت ڏي گهوري سوچيندو رهان ٿو تہ آيا هي سڀ ڪجهہ ضروري هو جيڪو مون ڪيو. ڇا

مون جيڪي ڪجهه وڃايو هو، ان جيترو حاصل ڪري سگهيس؟
منهنجي پيءُ پنهنجي وطن ۾ رهي ڪري به گهر حاصل ڪري ورتو ۽ آئون به اهو ئي هڪ گهر حاصل ڪري سگهيس.
ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه به نه!
منهنجو ماءُ پيءُ مون کان هليو ويو. منهنجا ٻچا مون کان جدا ٿي ويا. فقط هڪڙي فالتو ڪمري خاطر!
دريءَ مان ٻاهر نِگاهه ٿو ڊوڙايان ته پارڪ جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪيترا ئي ٻار ڊانس ڪري رهيا آهن. هن نياڳي ڪيبل ٽي ويءَ اسان جي نئين ٽهيءَ جي ستيا ناس ڪري رکي آهي ۽ هي ٻار اڄ جا مختلف مغربي توڙي ملڪي چئنل ڏسي پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجا قدر وڃائي رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن منهنجا پاڙي جا ٻار مونکي فون ڪري مونکان پڇندا رهن ٿا ته منهنجي طبيعت ڪيئن آهي. شڪر آهي گهٽ ۾ گهٽ هو مونکي ياد ته ڪن ٿا. ۽ هاڻ جڏهن آئون مرندس ته گهٽ ۾ گهٽ اهي وري پاڙي جا ماڻهو منهنجي مرڻ جون ريتون رسمون پوريون ڪندا. پڳوان انهن جو ڀلو ڪري. پر سوال وري به اهو ئي ٿو پيدا ٿئي ته آيا was all this worth it? اها منهنجي سڄي زندگيءَ جي پيڇ ڊڪ ڇا ايڏو ضروري هئي؟
مهرباني ڪري منهنجي هن سوال جي جواب جي توهان به ڳولا ڪجو.....!! وڏي مهرباني....

## آمريڪا ۾ اسان پاڪستانين جي زندگي

هتي آمريڪا ۾ گس پنڌ تي ڪو پاڪستاني ملندو اٿم تہ ان کان يڪدم اهو سوال ڪندو آهيان تہ ”آمريڪا ڪيئن ٿو لڳنانوَ؟“ يا ”آمريڪا جي زندگي ڪيئن آهي؟“

هتي ’ڊيلاويئر‘ رياست جي ’هُڪيسن‘ شهر جي ’نسيم حسن‘ جي روزمره جي زندگي جو احوال لکان ٿو جنهن مان پڙهندڙن کي آمريڪا ۾ رهندڙن جي ڏهاڙي جي روٽين ۽ ٻين ڳالهين بابت ڪجهہ idea ٿي سگهندي:

> آئون صبح جو روزانو ساڍي ڇهين وڳي اٿندو آهيان. ان وقت سج جو سونو ٿالهہ اوير کان مٿي ظاهر ٿي چڪو هوندو آهي. منهنجو پير وارو پاڙيسري پنهنجي ڪم تي وڃڻ لاءِ تيار نظر ايندو آهي. جڏهن بہ اسان جو سامنو ٿيندو آهي تہ اسين هڪ ٻئي سان رسمي ڪيڪار ڪندا آهيون. آئون پنهنجي هن گهر ۾ گذريل ڏهن سالن کان ٽِڪيل آهيان. ان مختصر ڪيڪار ڪرڻ کان علاوه منهنجي ڪنهن بہ پاڙيسري سان گهاٽي ياري نہ ٿي سگهي آهي، جيڪا ايشيا جي ملڪن ۾ عام ڳالهہ آهي. منهنجا پاڙيسري اڪثر بدلبا رهن ٿا. سراسري طور ڪوبہ آمريڪن ساڳي گهر ۾ پنج سال کو مس ٿو رهي. آمريڪن پنهنجن گهرن يا پاڙيسرين سان ڪو بہ لڳ لاڳاپو برقرار نٿا رکن .هنن لاءِ سامان پيڪ ڪري هڪ گهر ڇڏي ٻئي گهر ۾ رهڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. ويندي وقت هو پنهنجي پراڻي گهر کي مڙي بہ نٿا ڏسن. هتي گهر بدلائڻ بہ هڪ وڏو بزنيس آهي.

وياج تي قرض کڻي گهر وٺندا، ۽ ٽي سال قرض جون قسطون ادا ڪندا. تيستائين پراپرٽي جا اگهه چڙهيو وڃن ۽ هو اهو گهر مهانگي اگهه تي وڪڻي قرض جا باقي پئسا loan ڏيندڙ ڪمپني کي ڏين ۽ باقي پئسن سان ڪيسو ڀري وري ٻي گهٽي، ٻئي شهر يا ٻي رياست ۾ وڃيو نئون گهر خريد ڪن، جنهن گهر لاءِ هڪ دفعو وري قرض کڻن ۽ هر مهيني قسطون ڏيڻ شروع ڪريو ڇڏين. ڪڏهن وڏو گهر ته ڪڏهن ننڍو گهر وٺن خاص ڪري نوڪريءَ مان رٽائرڊ ٿيڻ بعد.

آمريڪا ۾ رهڻ هڪ نرالو تجربو آهي. دنيا جو ڪو ٻه اهڙو ملڪ ناهي جيڪو انسان ذات جي محنت ۽ جدوجهد جو اهڙو بهتر اجورو ڏئي جهڙو هي ملڪ ڏئي ٿو .روسي رياستن جي ڇڙوڇڙ ٿيڻ بعد هاڻ آمريڪا دنيا جو واحد طاقتور ملڪ آهي. آمريڪا جا ويڪرا ۽ وڏا رستا، ڪليل ۽ ڪشادا ميدان هڪ آزاديءَ جو احساس ڏيارين ٿا. آمريڪا ۾ جتي ڪٿي وڻ نظر اچن ٿا. عام رستا هجن يا هائي وي، ٻنهي پاسي وڻن جون قطارون نظر اچن ٿيون. هتي آمريڪا ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ يعني بسون وغيره نظر نٿيون اچن. هر هڪ پنهنجي ڪار هلائي ٿو. گهٽيُن تڻيُن ۾ فقط هڪ ئي ماڻهو وينل نظر اچي ٿو.

آمريڪا جي جنهن رياست ڊيلا ويئر ۾ آئون رهان ٿو، اها هڪ ننڍڙي رياست آهي جنهن جي ڏسندي ئي ڏسندي آدمشماري وڌي ويئي آهي. هن رياست جا مسلمان پهريان هئا جن اج کان ڏهه سال اڳ هتي اسلامڪ سينٽر سان گڏ 'سندي اسلامڪ اسڪول' کوليو. ويجهڙائيءَ ۾ هندن ٻه مندر ٺهرايو آهي. هنن جو تعداد مسلمانن کان گهڻو آهي. بهرحال هندو ڪميونٽي ثقافت جي ڪمن ۾ اسان مسلمانن کان وڌيڪ Active آهي.

هن رياست ڊيلا ويئر ۾، انڊين پهريان ڌاريان آهن جن هتي ڪريانَي (گروسري) جا دڪان کوليا ۽ ريسٽورنٽون کوليون. انڊين ڪميونٽي جون هر وقت ٻاهر جي دنيا تي ٻه نظرون

رهنٽيون. اسان پاڪستانين جي سوچ اندر تائين محدود آهي. ان مان منهنجو مطلب هي آهي تہ اندين هتي جي سياست ۾ بہ حصو وٺن ٿا تہ مڪاني ماڻهن سان دوستي ياري بہ رکن ٿا ۽ هنن سان سولائيءَ سان رِليو مليو وڃن .اسان پاڪستانين وانگر ناني ڪُنڙو نٿا ٿاهين يعني هر وقت پنهنجن جو ٽولو ٺاهي نٿا هلن. بهرحال اندين بعد ٻئي نمبر تي اسان پاڪستاني آهيون. منهنجو مطلب آهي عربن، لبنانين، ملائيشين، ٿائي ماڻهن ۽ ٻين گهڻن کان اسان وري بہ بهتر آهيون. ان جو هڪ سبب اسان کي انگريزي زبان جي ڄاڻ آهي. هونءَ اها تعجب جي ڳالهہ آهي تہ هتي رهندڙ پاڪستانين ۽ اندين جو پاڻ ۾ گهڻو قرب آهي ۽ هڪ ٻئي لاءِ ويجهڙائي محسوس ڪريون ٿا. اسان جو مذهب ڪٿي جدا جدا آهي پر اسان جا ڪاڏا، اسان جا ويس وڳا، اسان جون شڪليون ۽ اسان جا ٽي وي چئنل ۽ گيت تہ ساڳيا آهن.

هن رياست ۾ پاڪستانين جا بہ ڪجهہ ننڍا بزنيس آهن- خاص ڪري ڪراچي جي ميمڻن جا ون ڊالر شاپ، گجراتين ۽ پناڻن جا سيڌي ۽ گروسري جا شاپ، وغيره. هن رياست ۾ انهن ماڻهن جو بہ چڱو تعداد آهي جيڪي افغانستان کان لڏي آيا آهن. افغانين جي ياري دوستي پنهنجن تائين ئي محدود آهي. سڀ ۾ گهڻو ماڊرن ايراني آهن. خاص ڪري آتش پرست ايراني تہ ڊريس توڙي چال چلن ۾ مڪاني آمريڪن لڳن ٿا. شڪل ۾ تہ هو سڀ گورا چِٽا ئي ٿين. پاڪستانين ۾ ڪي تہ تمام مذهبي آهن. هتي ڪيترائي سال رهڻ بعد بہ منجهن ڪا تبديلي نہ آئي آهي. نہ ڪپڙي لٽي ۾ ۽ نہ وري behaviour ۾. ساڳي وقت ٻيا ڪجهہ پاڪستاني آهن جيڪي هتي جي گورن کان بہ ٻہ رتيون اڳيان ٿيڻ چاهين ٿا. هنن جي گهرن ۾ مئخانا ٺهيل آهن. هنن وٽ ناچ گانن جون بہ دعوتون ٿين ٿيون ۽ انهن ٻن ڇيڙن جي وچ ۾ ٻيا ڪيترائي پاڪستاني

آهن جيڪي هر ڳالهه نارمل ۽ حالتن مطابق اختيار ڪن ٿا. هي ماڻهو پنهنجا مشرقي قدر ۽ ريتون رسمون به قائم رکندا اچن ته اڄ جي ماڊرن مغربي دنيا سان به نباهه ڪندا اچن.

دنيا جي مختلف ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو جيڪي آمريڪا ۾ رهن ٿا، انهن ۾ مختلف عادتون پيدا ٿينديون رهن ٿيون. وڏن شهرن ۾ رهندڙن جو پنهنجو سياءُ آهي ته ڳوٺن ۾ رهندڙن جو پنهنجو آهي. نيويارڪ جهڙن وڏن شهرن ۾ ته مڪاني مسلم ليگ ۽ پيپلزپارٽي به آهي. واشنگٽن جهڙي شهر ۾ اسان جي پاڪستانين جو گهڻو لڳ لاڳاپو سفارتخانن، ورلڊ بئنڪ، ايئر لائين آفيسن سان آهي. ننڍن ڳوٺن ۾ ڪجهه ناهي ته اتي رهندڙ پاڪستاني مڪاني ماڻهن سان به ملندا جلندا رهن ٿا. شڪاگو، هيوسٽن، نيويارڪ، لاس اينجلس جهڙن شهرن ۾ جتي تمام گهڻا پاڪستاني آهن اتي ڪين مڪاني ماڻهن سان ملڻ جي ڪا ضرورت ناهي. ڪين پنهنجن سان ئي ملڻ جو وقت نٿو ملي.

نيويارڪ جي ڪجهه حصن ۾ ته انگريزي زبان اچڻ به ضروري ناهي. هر دڪاندار اردو سمجهي ٿو. ڪي ته پنجابي، گجراتي ۽ سنڌي به ڳالهائين ٿا. پاڪستان جي هر شيءِ شلوار قميصون، ساڙهيون، ڳُهه ڳَنا، مرچ مصالحا، اڳٺ گنجيون، ڪٽڇيون، ڏويُون ۽ پي ٽي وي ڊرامن جا ڪئسٽ، مسعود انور ۽ معين اختر جا مزاحيه پروگرام، فلمون، ڪتاب، اخبارِ جَهان، هيرالڊ، نيوز لائين ۽ تڪبير رسالا ۽ اخبارون هر شئي هتي ملي ٿي.

نيويارڪ جي ڪيترن دڪانن جا نالا به اڙدوءَ ۾ لکيل آهن. ڌارئين ملڪ ۾ ان قسم جو داخلي ماحول جنهن کي ’inward looking culture‘ سڏجي ٿو ڊگهي عرصي لاءِ صحيح ناهي. ههڙي ماحول ۾ رهندڙ کي، توڙي کٽي گهر جو سک نصيب ٿئي ٿو، پر هُو خارجي دنيا کان ڪٽجيو وڃي. آمريڪا جي اهم ڌارا ۾ اچڻ لاءِ انگريزي ٻوليءَ جو سکڻ ضروري آهي. آمريڪا

جي ھھڙن ڪانچن ۾ رھندڙ پاڪستاني جتي ھنن جو انگريزي سکڻ بنا اڙدو ۽ پنجابي سان ئي ڪم ھلي سگھي ٿو اتي اھي مڪاني زبان نہ سکڻ ۽ اعليٰ تعليم حاصل نہ ڪرڻ ڪري ان سوسائٽي ۾ ھو ھميشہ لاءِ underclass رھن ٿا. آمريڪا جھڙي ماڊرن ملڪ ۾ رھي ڪري ھو اعليٰ تعليم ۽ اعليٰ نوڪرين ڪان محروم رھجيو وڃن ۽ اھو حال نہ فقط نيويارڪ جي اھڙن علائقن جو آھي پر آمريڪا توڙي انگلنڊ جي ٻين وڏن شھرن جو بہ آھي. بھرحال اھا ھڪ قدرتي ڪشش آھي.

دنيا جي وڏن شھرن ۾ اھڙي طرح اطالوين، يونانين، ھسپانين ۽ ٻين جا ڳڙڪا آھن جتي ان ملڪ جا گھٽ پڙھيل ۽ انگريزيءَ کان اڻ واقف اميگرنٽ پھرين اچي ديرو ڄمائين ٿا. اڄ بہ آمريڪا جي ھر وڏي شھر ۾ چائنا ٽائون آھن، جتي چين ڪان تازو لڏي آيل چيني اچي رھن ٿا. چائنا ٽائون ۾ چين جي ھر شئي ملي ٿي. نوان آيل اڻ پڙھيل ۽ انگريزيءَ کان اڻ واقف چيني اھڙن علائقن ۾ پورھئي ۽ مزدوريءَ جھڙا ڪم ڪن ٿا. پوءِ انھن جي ٻي ٽھي آھستي آھستي اتان نڪري بھتر ھنڌن ڏي وڃي ٿي. بھتر نوڪرين ۽ جابس طرف وڌي ٿي. جيئن ڪراچي جھڙي شھر ۾ لڏي آيل بنگالي، برمي، بھاري، ملتاني، رياستي، افغاني پورھيت پھرين ڪورنگي، اورنگي، لانڍي، مچر ڪالوني، ڪياماڙي جھڙن علائقن ۾ اچي رھن ٿا ۽ ھر قسم جو پورھيو ۽ مزدوري ڪن ٿا پر پوءِ انھن مان ڪيترا پنھنجي اولاد کي درزڪو، واڍڪو يا اليڪٽرڪ جو ڪم سيکاري ھنن لاءِ بھتر jobs فراھم ڪن ٿا. ڪي تہ ھنن کي اعليٰ تعليم ڏياري ماستري، ڊاڪٽري، فوج يا پوليس جھڙن ڪاتن ۾ ڀرتي ڪرائين ٿا ۽ رھائش لاءِ پڻ ھو بھتر علائقن جو رخ رکن ٿا. ڪي تہ اتي ئي رھن ٿا سندن ٻار بہ تعليم حاصل نٿا ڪن ۽ اھڙي ريت ھو اتي جا رھجيو وڃن.

پاڪستان جي اها جنريشن جيڪا هن وقت وڏي عمر ۾ آهي، ٻڍڙائپ ۾ آهي، اها ڪجهه ڪجهه ذهني پريشاني ضرور محسوس ڪري ٿي جو هنن جو اولاد نوڪرين ڪري ڪانئن ڏور پري پري جي شهرن ۾ رهي ٿو يا جيڪڏهن ساڳئي شهر ۾ آهي ته به سخت بزي آهي. هنن کي اهو وقت نٿو ملي جو پنهنجن پوڙهن والدين سان گذارين. پر ڏٺو وڃي ته اهي اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي اسان جي ملڪ ۾ به رونما ٿي رهيون آهن. ڪراچي، لاهور، حيدرآباد جهڙن وڏن شهرن ڏي نظر ڪندائو ته توهان کي اهڙا ڪيترائي پوڙها پيئر ۽ مائرون ملنديون جيڪي اڪيلائيءَ جي زندگي بسر ڪري رهيون آهن. سندن اولاد ٻئي شهر ۾ نوڪري ڪري ٿو. هنن کي پنهنجي پوڙهي ماءُ پيءُ جي خدمت چاڪري ڪرڻ لاءِ نه وقت آهي ۽ نه will! هتي آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ ته وري به ڪيترائي خدمت خلق ڪرڻ وارا ادارا ۽ اسپتالون آهن جيڪي هنن پوڙهن جو خيال رکن ٿا. اسان جي ملڪ ۾ ته ڪيترا پوڙها والدين دوا درمل حاصل ڪرڻ لاءِ به پريشان رهن ٿا. ان کان وڌيڪ افسوس جي ڳالهه ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

## سندن زالون واپس هلڻ نٿيون چاهين

هڪ بلغاريا جو مزدور جيڪو اسان جي دوست فلڪ شير جي گهر جي ٻاهران، هڪ عراقيءَ سان گڏ، چپر (Lawn) ۾ هلڻ لاءِ ڪُوري جي سرن جو رستو ٺاهي رهيو هو. تنهن ٻڌايو ته هُو ويهه سال اڳ هِتي نيو جرسي (آمريڪا) ۾ آيو ۽ هاڻ پنهنجي زالَ ۽ ماءُ پيءُ کي به هِتي گهرائڻ چاهي ٿو.

”هِتي جي ۽ ورنا جي زندگيءَ ۾ توهان کي ڪهڙو فرق محسوس ٿئي ٿو؟“ پڇيومانس. ’ورنا‘، بلغاريا جو وڏو شهر ۽ گاديءَ جو هنڌُ آهي.

”ورنا يا دنيا جي ٻين انيڪ شهرن ۽ آمريڪا جي شهرن ۾ اهو فرق آهي ته آمريڪا ۾ رهندڙ هڪ غريب به سک جي زندگي گذاري ٿو.“ هن ٻڌايو. ”هڪ امير ماڻهو ته دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ رهي ته هن کي آرام جي زندگي ملي سگهي ٿي پر آمريڪا اهو ملڪ آهي جتي هڪ غريب به اعليٰ معيار جي زندگي بسر ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي ٿو.“

مون ان نقطي تي غور ڪيو ته حقيقت محسوس ٿي! اهو ڪهڙو ملڪ آهي جِتي هڪ رازو، واڍو يا ڪمي ڪاسبي روزانو ڇهن ڊالرن (اڍائي سؤ رپين) جي لنچ باڪس گهرائي کائي سگهندو، جِتي گهرن ۾ ڪم ڪندڙ آيائون/ماسيون پنهنجي عاليشان ڪار ۾ سفر ڪري سگهن ٿيون. نيويارڪ ۾ رهندڙ سڪر پاسي جي ڊاڪٽر راڄپر ٻُڌايو ته سندن سائوٿ انڊين ماسيءَ (گهر جو ڪم ڪرڻ واري نوڪرياڻيءَ) نئين ٽويوٽا ڪار خريد ڪئي آهي ۽ هن کي سڄي ڏينهن جي ڪم جا هڪ سؤ ڪن ڊالر (ڇهه هزار رپيا) مليو وڃن. آمريڪا اهو ملڪ آهي جِتي پلمبر (نلڪن جو

ڪم ڪرڻ وارا)، ويلڊر، ڪاسائي، وئڪيشن گذارڻ لاءِ پنهنجي ٻارن کي يورپ وٺيو ٿا وڃن. هڪ دفعي نيويارڪ جي ’پارڪ ايونيو‘ جي هڪ سگنل وٽ اسان جي پر ۾ هڪ مرسيڊيز ڪار اچي بيٺي، جيڪا هڪ بنگالي هلائي رهيو هو. وقت پاس ڪرڻ ۽ تعليم دوران چٽگانگ (بنگلاديش) ۾ سکيل بنگاليءَ کي تيز ڪرڻ لاءِ، ساڻس خوش خير عافيت ڪيم.

”تُمي ڪيمن آڇو - آمريڪا تي تُمي ڪوتو بوسر سيڪِي آڇو؟“ (تون ڪيئن آهين؟ آمريڪا ۾ ڪيترن سالن کان رهين ٿو؟)

”آٺ برسو چي ٺيڪي، بيسي آڇو“ (آمريڪا ۾ رهندي مون کي اٺن سالن کان بہ مٿي ٿي ويا آهن) هن ٻڌايو. هن ٻڌايو تہ هو ڍاڪا جي پر سان هڪ شهر نارائڻ گنج کان هِتي آيو آهي.

”تُمي ايکني ڪِي ڪاج ڪورو؟“ (تون هِتي ڪهڙو ڪم ڪرين ٿو؟) پڇيومانس.

”امار ايڪٽا ڇوٽو آئيس ڪريم ڪئبن آسي“ (منهنجو هِتي هڪ آئيس ڪريم جو گاڏو آهي) هن ٻڌايو. آمريڪا ۾جِتي ڪٿي ريلوي اسٽيشنن، اسڪولن ۽ آفيسن ٻاهران رستي جي ڪناري تي گاڏن (ريڙهن) جي صورت ۾ ننڍڙي ڪئبن وارا دڪان ٿين جن ۾ گهٽو ڪري اسان جي ايشيا پاسي جا ماڻهو اخبارون، چپس، Nuts، بسڪٽس، سگريٽ يا آئيس ڪريم جهڙيون شيون رکي وڪڻن. هن همراهہ بروڪلن (نيويارڪ) ۾ ڪنهن اهڙي سٽائي هنڌ تي، پَڪَ ڪنهن اسڪول وٽ، آئيس ڪريم ۽ ان سان رابطو رکندڙ شيون: ڪون، ڪلفي، ڪئنڊي، ڪوڪ جهڙيون شيون وڪيون ٿي. جيئن ئي سگنل سائو ٿيو تہ هُو اڳيان نڪري ويو. اسان سندس ڪار جي پوئين شيشي تي چنبڙايل ٻالوءَ کي ڏسندا رهياسين. مون سان گڏ ويٺل منهنجي ڀاڻيجي ثمير وسطڙو چيو: ”ماما! آمريڪا اهو ملڪ آهي جِتي بنگالي مرسيڊيز ڪارون هلائين ٿا ٻيو ڪو دنيا جو اهڙو

ملڪ سجهانوَ جتي مڊل يا لوور مڊل ڪلاس جا بنگالي اهڙي ٺاٺ سان رهندا هجن.“ هن بلڪل صحيح ڳالهه ڪئي.

آمريڪا اهو ملڪ آهي، جِتي هڪ غريب لاءِ به ڪيترين ئي سهوليتون ۽ سک آهن. آمريڪا ۾ هر نئون آيل هتي جي عام شهري ماڻهن جي زندگيءَ جو بهتر معيار ڏسيو وائڙو ٿيو وڃي. ان تي هڪ دلچسپ ڳالهه ياد ٿي اچي ته 1980ع ۾ آمريڪا ۾ مهانگائيءَ جي لهر اچڻ ڪري هِتي جي هڪ ٽي وي چئنل CBS هِتي جي ماڻهن کي احتجاج ڪندي ڏيکاريو ته ڪيئن گهرن ۾ عورتون پٽاٽن، بصرن يا آئيس ڪريم جي قيمت وڌڻ تي حڪومت کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيون هيون. هُوبهو عام طرح آمريڪا جا ٽي وي پروگرام روس (USSR) ۾ نه ڏيکاريا ويا ٿي جيئن اسان وٽ انڊيا جا نٽا ڏيکاريا وڃن. پر CBS جو هي پروگرام روس وارن اهو سوچي پنهنجي ملڪ ۾ ڏيکاريو ته جيئن روس وارا اهو ڏسي پنهنجي حڪومت مان خوش ٿين ۽ آمريڪا لاءِ نفرت ڪن ته اتي جي حڪومت ڪيڏي خراب آهي جو بصر ۽ پٽاٽا مهانگا ٿيڻ ڪري ماڻهو ان کي گهٽ وڌ پيا ڳالهائين. پر ان پروپئگنڊا جو روس جي عوام تي ماڳهين ابتو اثر ٿيو جڏهن هنن آمريڪا جي غريب عوام جا گهر ڏٺا ته هن کي انهن ۾ ٽي وي، مائڪرو ويو اوون کان فرج ۽ ايئرڪنڊيشنر تائين هر سک موجود نظر آيو. ان قسم جي ڊاڪيومينٽري ڏسي روس جي چڱن چوکن ماڻهن به اهو ئي چيو ته روس جي ههڙي زندگي کان ته آمريڪا جي غريب ماڻهن جي بهتر آهي.

اها مٿين ڳالهه جڏهن مون هِتي نيويارڪ ۾ هڪ محفل ۾ ڪئي ته اسان ۾ موجود بمبئي جي هڪ سنڌي بزنيس مئن به ان قسم جي ڳالهه ڪئي ته هُنَ بمبئي ۾ سندس آفيس جي هڪ ڪلارڪ کي آمريڪا اچڻ لاءِ ناڪام ڪوششون ڪندي ڏٺو ته آخر هن کان پڇيائين ”تون آمريڪا وڃڻ لاءِ ايڏو بي چين ڇو آهين؟“

هن وراڻيو: ”آئون دراصل اهڙي ملڪ ۾ رهڻ ٿو چاهيان جنهن جا غريب به ٿُلها هجن.“

بمبئي جي متين ڪلارڪ آمريڪا جي غريب عوام کي ضرور فلمن ۾ ڏٺو هوندو. آئون به پهريون دفعو نيويارڪ يا شايد بالٽيمور جي بندرگاهه ۾ آمريڪا جي ٿلهن متارن ۽ صحتمند مزدورن کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو هوس. هن کان اڳ چٽگانگ (بنگلاديش)، ڪولمبو (سري لنڪا) ۽ رومانيا، بلغاريا جهڙن ملڪن ۾ اتي جي ڏٻرن ۽ غريب مزدورن کي ڏسي چڪو هوس جيڪي ويچارا جهاز جي بورچيخاني جي بچيل سچيل ماني ڪائي ويلو ٽاريندا وتندا هئا ۽ هيڏانهن آمريڪا ۾ مزدورن چانهه به جهاز جي پيئڻ بدران، بندرگاهه جي ريسٽورنٽ مان پنهنجي لاءِ ايڪسپريسو ڪافيءَ جو آرڊر ڏنو ٿي. لنچ تي پنجن پيسز واري ڪينٽڪي چڪن جي باڪس ۽ ٽونٽ جيڏو ملڪ شيڪ گهرايو ٿي. ٻه ٽي دفعا اچڻ بعد آخر سندن پگهار جي پڇا ڪرايم ته خبر پيئي ته هِتي جي مزدورن جو پگهار به هِتي جي چڱي خاصي آفيسر برابر آهي ۽ هتي اسان جي ملڪن وانگر هر گهر جو فقط هڪ فرد نه پر هر ڀاتي ڪمائي ٿو ۽ ڪيترا ته ٻه ٻه نوڪريون به ڪن ٿا. اڄ ڪلهه آمريڪا ۾ گهٽ پگهار واري مزدور، هيلپر، ڪلارڪ جو به اڍائي کان ٽي هزار ڊالر يعني (اٽڪل ٽي لک رپيا) پگهار آهي.

آمريڪا ۾ رهندڙ اسان جا به ڪيترائي هم وطني جيڪو ڪم ملين ٿو اهو ڪن ٿا. ڪيترا ته ٻه ٻه نوڪريون به ڪن. هڪ مزدوريءَ جهڙي ته ٻي هڪ هنڌ ويهي ڪلارڪي ٽائيپ جي. ڪيترن ئي جون زالون به نوڪريون يا پورهيو ڪن ٿيون. ڊپارٽمينٽل اسٽورن ۾، دڪانن ۾، ريسٽورنٽن ۾. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته آمريڪا ۾ مهانگائي آهي پر ايتري ناهي جيتري ڪمائي آهي. خاص ڪري کاڌي پيتي ۽ روز مره جون شيون: صابڻ، ٽُٿ پيسٽ، مختلف مشروب، بوٽ ڪپڙا وغيره ايترا مهانگا نه آهن ۽ ڪو خيال سان هلي ته هو وڏي بچت ڪري سگهي ٿو ۽

اسان جي ملڪ جهڙا ڪيترائي سمجهدار ۽ ضرورت مند ماڻهو هِتي اچي اجان بہ وڏيڪَ سادگيءَ ۾ رهي، پنهنجي وطن يا هِتي ئي گهر گهاٽ اَڏرائي پنهنجي آئندي جي زندگي سکي ستابي ۽ خوشحال بنائي رهيا آهن. هو هِتي رهڻ مان فائدو وٺي پنهنجي ٻارن کي پنهنجي نظر هيٺ سٺن تعليمي ادارن مان تعليم ڏياري رهيا آهن، جيئن اڳتي هلي هنن جي ٻارن کي سٺي پگهار واري نوڪري ملي ۽ هنن وانگر گهڻي تڪليف ۽ جدوجهد نہ ڪرڻي پوي. ساڳي وقت آمريڪا ۾ ڪيترائي اهڙا آهن جيڪي ٻارن جي مستقبل يا آئندي جي زندگي جو سوچڻ بعد هو اج جي زندگي عيش ۾ گذارڻ چاهين ٿا. هنن لاءِ آمريڪا ۾ رهڻ جو واحد مقصد عيش ڪرڻ آهي ۽ هنن لاءِ عيش شراب، جوا، گهمڻ ڦرڻ ۽ عورت آهي. ۽ پوءِ اهڙي عياشيءَ لاءِ تہ خزاني جا کوهہ بہ کٽيو وڃن. اولاد تي ڌيان نہ ڏيڻ تي اهي غلط راهہ تي هليا وڃن ۽ اڳتي هلي اهي ٻار پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي والدين لاءِ مسئلن جا انبار ٿا پيدا ڪن.

آمريڪا جِتي مسجدون آهن، مندر آهن، مذهب آهي، اخلاق آهي، اعليٰ تعليمي ادارا آهن تہ هنر سکڻ جا اسڪول آهن، اتي بداخلاقي ۽ ڇڙواڳي بہ آهي، برائي ۽ بيحيائي بہ آهي، خرچڻ ۽ وقت برباد ڪرڻ جا بہ چشڪا آهن.

هُونءَ بہ چوندا آهن تہ بدڪاري ۽ بيحيائيءَ ۾ ڪشش آهي ۽ ويترا ڪيترا ٻار پنهنجي والدين کي غلط راهہ تي هلندو ڏسي پاڻ بہ ان منزل جا مسافر ٿيو پون ۽ پوءِ جڏهن هڪ عمر اچي ٿي، جڏهن والدين وڏي عمر تي پهچي پنهنجي غلطي محسوس ڪن ٿا تہ پوءِ هو ان وقت چاهين ٿا تہ هنن تہ پنهنجي زندگي برباد ڪري ورتي گهٽ ۾ گهٽ سندن اولاد ان راهہ تي اڳتي وڌڻ بدران پٺيان موٽي. پر افسوس جو هنن کي اهو ئي نياپو ملي ٿو تہ: It is too late!

آمريڪا Land of Opportunities فقط مردن لاءِ نہ پر عورتن ۽ ٻارن لاءِ بہ آهي. ڪو بہ مرد پنهنجي زال کي گار گند يا مار موچڙو نٿو ڪري

سگهي. اهو قانون اسان جي ملڪ ۾ به آهي پر ڪيتريون زالون آهن جن کي ان قانون جي خبر آهي؟ ۽ جن عورتن کي خبر آهي انهن مان ڪيتريون آهن جيڪي مڙسن جي ڏاڍ ظلم جي دانهن پوليس يا ڪورٽن ۾ پهچائين ٿيون؟ ۽ جيڪي پهچائين ٿيون انهن مان ڪيتريون آهن جن کي انصاف ملي ٿو؟ پر هِتي آمريڪا ۾ ٻي ڪهاڻي آهي. هتي غريب ۽ ڪمزور کي به انصاف نه فقط ملي ٿو پر ترت ملي ٿو. آمريڪا ۾ رهندڙ عورت کي فقط پوليس اسٽيشن تي هڪ فون ڪرڻو پوي ٿو يا سندس رڙيون ٻڌي پاڙي واري عورت به پوليس کي اطلاع ڪري سگهي ٿي. اسان جي هڪ موري پاسي جي همراهه پنهنجي زال سان گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ صحيح طرح نه هلڻ تي سندس زال جيڪا سندس ڳوٺ جي ۽ سوٽ ٿئي پوليس کي فون ڪيو ته پوليس مڙس کي ڪنيي وئي. ٻئي ڏينهن هن کي ڪورٽ آڏو پيش ڪيو ويو ۽ ٽئين ڏينهن اسان ساڻس ملڻ لاءِ جيل ۾ وياسين. توهان سوچيندا هونداءُ ته ڪهڙي نه زال آهي! ڇو جو اسان جنهن ماحول ۾ رهون ٿا، ان ۾ اسان جي دماغ ۾ اها ئي ڳالهه وهاري وئي آهي ته مڙس صاحب کي جيڪي وڻي اهو ڪري، زال ذات کي ٻڙڪ به ٻولڻو ناهي پر هِتي (آمريڪا) جو ماحول ٻيو آهي. مرد حضرات پاڻ ۾ تبديلي نه آڻيندو ته پوءِ اسان جهڙا هن جا دوست ساڻس ڇنڇر يا آچر ڏينهن جيل ۾ ئي ملڻ ويندا. توهان شايد اهو به سوچي رهيا هجو ته زال ماڻهو تي ڊِڃِي به ناهي، سيان مڙس جيل ڪاٽي اچي بدلو وٺيس ته ڇا ڪندي؟ پر اهو اسان وٽ ٿيندو آهي جِتي انصاف ڏکيو ٿو ملي ۽ پوليس حفاظت بدران ظلم تي ڪري. "توکي ڏسي رهندس" جهڙا ڊائلاگ ڪمزورن کي ڏڪائين ٿا. هِتي جيل وڃڻ کان اڳ يا پوءِ ڪو هٿ ڪڻڻ ته ڇا ان قسم جا ڊائلاگ به هڻي نٿو سگهي ڇو جو ان تي ڌمڪي ڏيڻ جو ڪيس ٿي سگهي ٿو ۽ 'مڙس پهلوان' جو وڌيڪ سر وڃي سگهي ٿو.

پنهنجي ملڪ ۾ ته انصاف جي بالادستي نه هجڻ ڪري ۽ پوليس طرفان حفاظت نه ملڻ ڪري ڪو به ماڻهو اهو معلوم ڪرڻ جي به تڪليف

نٿو وٺي ته هڪ عورت توڙي مرد کي ڪهڙا حق مليل آهن ۽ بنيادي حق کسجڻ تي هوءَ حڪومت خلاف به دانهين سگهي ٿي پر هِتي آمريڪا ۾، سنڌ ۽ پنجاب جي ڏورانهين ڳوٺن کان آيل عورتن کي به ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندن هم زبان، هم وطن ۽ هم مذهب عورتون حقن بابت ٻڌايو ڇڏين ۽ هو اهڙو هوشيار ٿيو وڃن جو سندن مڙس حضرات پريشان ٿيو وڃن ته هي ته ڳوٺن جون رڍون هيون ۽ جن ٿنڊي نوڙهي يا راڻيپور گمبٽ ۾ ته پنهنجي شرابي مڙس جا موچڙا کائي به صبر تي ڪيو ۽ ان مڙس جي مار موچڙي ۽ گار گند کي به پنهنجو نصيب ٿي سمجهيو سي هاڻ هِتي اچي دڙڪا ڏيڻ لڳيون آهن ته ”خبردار جو عورت ذات تي هٿ کنيو اٿئي“. ۽ ”هي گهر آهي يا بار يا پب ناهي جو تون نشي ۾ ڌت ٿي اچين ٿو.“

اهو ئي سبب آهي جو ڪيترا ڏنگا مڙس اهو ئي چاهين ٿا ته سندن زالون هِتي آمريڪا ۾ رهڻ بدران ڳوٺ هلي رهن ۽ آمريڪا ۾ عورتن جي حقن جي پوئواري ۽ انصاف ملڻ ڪري ورلي ڪا عورت پنهنجي وطن ورڻ جو نالو وٺي ٿي. ڪن حالتن ۾ ته مرد حضرات نيڪ نيتي سان وطن واپسي هلڻ چاهين ٿا ته به سندن زالون چون ٿيون ته، ”اسين هِتي ئي رهنديونسين.“

هڪ ٻه نه پر ڪيترن ئي هم وطني مرد صاحبن کان اهو ٻڌم ته هاڻ هنن کي آمريڪن پاسپورٽ ملي ويو آهي، هنن آمريڪا ۾ ڏهه يا ويهه سال گذاري خوب ڪمايو آهي ۽ هاڻ هُو پنهنجي وطن هلي سڪون جي زندگي گذارڻ چاهين ٿا. اتي هلي ڪاروبار ڪرڻ چاهيون ٿا، اولاد به وڏو ٿي ويو اٿن خاص ڪري نياڻي ٻارن جي پريشاني اٿن جو آمريڪا جو ماحول ڇوڪرين لاءِ سٺو ناهي وغيره وغيره ۽ پوءِ منهنجي پڇڻ تي ته، ”هو وڃن ڇو نٿا؟“، ته تقريباً سيني ساڳيو جواب ڏنو ٿي ته سندن زالون ۽ ٻار وطن واپس نٿا هلڻ چاهين. هو آمريڪا ۾ ئي رهڻ پسند ڪن ٿا ۽ اسان سندن مٿان زور زبردستي به نٿا ڪري سگهون جو هو به اسان وانگر آمريڪا جو پاسپورٽ رکندڙ آهن ۽ هو به هن ملڪ جا شهري آهن ۽ ساڳيا حق رکن ٿا ۽ اسان خلاف رپورٽ ڪرڻ تي حڪومت هنن جي ٻڌندي ۽ ويتر اسان جي هٿن مان نڪري ويندا.

## هُوءَ اڄ رات دير سان موٽندي

عورتن وانگر آمريڪا ۾ ٻارن جا به حق آهن. سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڪوبه پنهنجي ٻار کي مار يا دڙڪو نٿو ڏئي سگهي. ان لاءِ نه فقط ٻار يا پاڙي واري پوليس کا اطلاع ڪري سگهي ٿو پر اسڪول جي ٽيچر به ان ظلم خلاف ٻار جي مدد ڪري سگهي ٿي. بلڪ هر ٽيچر کي پڙهائڻ کان علاوه اها به ڊيوٽي ڏنل آهي ته هُوءَ ٻارن کان پڇندي رهي ته هنن جا والدين يا گارجين هنن کي تڪليف ته نٿا ڏين. 18 سالن بعد ته هر ٻار خود مختيار آهي. جيڪڏهن هو سڄي رات ڪنهن پب ۾ ويهي شراب پيئي يا گرل فرينڊ سان ڪنهن هوٽل ۾ رات گذاري ته هن جا والدين هن کي ڪجهه به چئي نٿا سگهن. ذرا انهن پيئرن جو سوچيو جن پاڻ اهي ڏنڏا ڪيا اهي ته پنهنجي اولاد کي نصيحت طور به سمجهايو نٿا سگهن جو هنن کي اولاد طرفان ـ پٽ هجي يا ڌيءَ، اها ئي ورندي ملي ٿي ته:

"Papa this is my life. You enjoyed your life. Now let me enjoy my life."

ان جو مطلب اهو به ناهي ته آمريڪا ۾ جيڪي ماڻهو رهن ٿا انهن جا ٻار اهڙا آهن. ڪيترائي اهڙا آهن جيڪي آمريڪا جهڙي مغربي سوسائٽيءَ ۾ رهي به پنهنجو مذهب پنهنجو ڪلچر ۽ پنهنجا قدر قائم رکندا اچن. هو پاڻ به صاف ستري زندگي گذاري رهيا آهن ته پنهنجن ٻارن کي به پنهنجي نظرن هيٺ رکي هنن کي ننڍي هوندي کان سٺائيءَ ۽ برائيءَ جو فرق سمجهائي رهيا آهن. هو پنهنجو وقت ۽ ڌيان ٻارن ڏي ڏرين ٿا ۽ هنن کي مغربي ماحول ۾ رکي جِتي مغرب جي سٺائين مان

فائدو وٺڻ جي تلقين ڪن ٿا اتي پنهنجي وطن جي اعليٰ قدرن کان بہ آگاهہ ڪندا رهن ٿا، پوءِ اهي چاهي اسان جي ملڪ جا مسلمان هجن يا هندو، عيسائي هجن يا پارسي.

آمريڪا ۾ چنچر ۽ آچر ڏينهن موڪل ٿئي ٿو. اهو ڏسي مون کي تعجب لڳو تہ اسان جي ملڪ جا ڪيترائي ماڻهو اهي ٻہ ڏينهن آرام ڪرڻ بدران پنهنجي ٻارن کي پر واري مسجد يا اسلامڪ سينٽر ۾ وٺي وڃن ٿا، جِتي هو ديني تعليم حاصل ڪن ٿا. هُو ٻارن کي ڇڙواڳ ڇڏڻ بدران موڪل وارن ڏينهن تي هنن کي پاڻ سان گڏ پڪنڪ يا ٻي ٽرپ تي وٺي وڃن ٿا. ڪيتريون ئي هِتي وڏيون ٿيل ننڍيون ڇوڪريون حجاب اوڍين ٿيون ۽ هو اهڙن سان شادي ڪرڻ چاهين ٿيون، جيڪي مذهبي خيالن جا آهن، جيڪي اخلاقي قدرن جي پيروي ڪن ٿا، پر ڪي ٻار تہ وري هيڪاندو ڇڙواڳ ٿي ويا آهن. ڪجهہ ڏينهن اڳ اسان جي هڪ دوست جي پٽ جو ڪنهن هم وطني جي ڌيءَ سان رشتو طئہ ٿيڻ وارو هو. ڇوڪريءَ جي والدين پنهنجي ڌيءَ کان ان بابت راءِ ورتي. هن فون ڪٽي سنئون سڌو اميدوار گهوٽ کي چيو: ”ٻالهہ ٻڌ! نماز وغيره مون کان نہ پڙهي ٿيندي، متان شاديءَ بعد مون لاءِ مولوي بنجڻ جي ڪوشش ڪرين. ۽ نمبر ٽُو... آئون هينئر بہ ٽائيٽ جينز پايان ٿي شادي بعد بہ اهي ڪپڙا پائيندس متان اهو سمجهين تہ آئون شلوار پائيندس.“

بهرحال ان قسم جي ٻالهہ کي توهان ڪٽو سمجهي باقي ان قسم جي آمريڪا ۾ رهندڙ ڇوڪرين جي ديڳ جو اندازو لڳائي سگهو ٿا. ڪيتريون اسان جون ديسي ڇوڪريون، ويندي عرب ملڪن ۽ ايران جون، ڊرنڪ بہ ڪن ٿيون، جنهن کي هو عيب نٿيون سمجهن. ڪجهہ اهڙين ڇوڪرين جي والدين مون سان دل جو حال وندينديءَ بيحد ڏک جو اظهار ڪيو تہ هنن جو اندر ڪتجيو وڃي جڏهن هو پنهنجين نياڻين کي بئاءِ فرينڊس سان گڏ اڪيلو ويندو ڏسن ٿا. مائٽن جي سمجهائڻ تي هو ويتر ناراض ٿيو وڃن. اهڙي طرح اسان جي ڪجهہ ديسي همراهن جا پٽ بہ

هتن مان نڪري ويا آهن. آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ جتي هڪ ڪان هڪ اعليٰ تعليمي ادارا آهن، ان ملڪ ۾ رهي ڪري به هو ڪا تعليم حاصل ڪري سٺي نوڪري نه وٺي سگهيا آهن. ماءُ پيءُ جي بي ڌيانيءَ ڪري هنن ۾ خراب عادتون پئجي ويون آهن ۽ هاڻ هُو پنهنجي ماءُ پيءُ لاءِ به آزاد بڻجي چُڪا آهن ۽ ڪن مائٽن هاڻ انهن پنهنجن ڪريل ٻارن کي سڌارڻ لاءِ اهو طريقو ڪڍيو آهي، بلڪ انوکو طريقو ڪڍيو آهي ته انهن جي شادي پاڪستان مان ڪنهن امير گهر مان ڪرائي اهو نڪمو ڇوڪرو انهن جي مٿي ۾ هٿي چڙهي. پاڪستان ۾ رهندڙ همراهه ته اهو ئي سوچيندو ته آمريڪن سٽيزن ڇوڪرو الائي ڇا هوندو؟! پر پوءِ شادي بعد ڄاڻ پوي ٿي ته اهو نه پڙهيل آهي نه ڪمائي ٿو، نه پنهنجو گهر اٿس نه ڪو ڌنڌو ڌاڙي ۽ ڪين ئي پنهنجي ڇوڪريءَ کي هر مهيني خرچ لاءِ پئسو موڪلڻو پوي ٿو. پر هاڻ ان قسم جا ڪيترائي ڪيس ٿيڻ بعد وطن جا ماڻهو به هوشيار ٿي ويا آهن ۽ هو سمجهڻ لڳا آهن ته آمريڪا ۾ رهندڙ هر ماڻهو پڙهيل ڳڙهيل، وڏي نوڪري وارو ۽ امير نه آهي.

اهڙي طرح هڪ ٻيو فراڊ به عام آهي. آمريڪا ۾ ڪيترائي اهڙا ديسي همراهه آهن جن کي اٺ ڏهه سال رهڻ جي باوجود پاسپورٽ ته ڇا پر گرين ڪارڊ به نه ملي سگهيو آهي. هو غير قانوني طرح هِتي لڪ چپ ۾ رهيا پيا آهن. پر هاڻ نائن اليون ڪانپوءِ هنن لاءِ هِتي وڌيڪ رهڻ ڏکيو ٿيندو وڃي. اهي ڪي پڙهيل يا سٺي نوڪري ۾ به نه آهن ۽ پنهنجي وطن موٽڻ تي هنن کي ٽن چئن هزار روپين واري ڪا ڪلارڪي به نه ملي سگهندي. سو پنهنجو مستقبل روشن ڪرڻ لاءِ ۽ ٻين تي بار ٿيڻ لاءِ، هو پنهنجي وطن مان شادي ڪن ٿا جن جي بندوبست لاءِ ڪراچي، حيدرآباد کان سکر ملتان تائين ڪيتريون ئي شادي ڪرائڻ جون ايجنسيون ٺهي پيون آهن ۽ ڪيتريون ئي عورتون آمريڪا جي ڇوڪرن جي واڪاڻ ڪري امير گهرن مان شادي ڪرائين ٿيون ۽ پوءِ شاديءَ بعد ڇوڪرو ڇوڪريءَ کي آمريڪا وٺي وڃڻ بدران پاڻ ڇوڪريءَ جي گهر اچيو ٽڪاءُ ڪري.

پر سپ کان ڏکوئيندڙ ڳالھ انھن والدين جي آھي جيڪي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جو پاسپورٽ حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ پنھنجي گھر جو سک چين وڃايو ڇڏين. اسان جا ڪيترائي ماڻھو آمريڪا يا ڪئناڊا ۾ رھڻ جي ڪوشش ڪندا رھن ٿا. ھو ھر طرح سان پنھنجي قسمت آزمائين ٿا جيئن ھنن کي Immigrant ويزا ملي وڃي. ھونءَ تہ آمريڪا لاءِ ويزا حاصل ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم نہ ھو پر ھاڻ تہ لاٽري سسٽم بہ بند ٿي ويو آھي. بھرحال ست اٺ سالن تائين ڪئناڊا ۾ رھڻ تي ويزا سولائيءَ سان ملي وئي ٿي ۽ ڪيترائي پاڪستاني آمريڪا جي ويزا نہ ملڻ تي ڪئناڊا جي ئي وٺندا رھيا، جيئن ڪجھ سال اتي رھڻ بعد سولائي سان آمريڪا ۾ رھائش جي ويزا ملي وئي ٿي. پر پوءِ پاڪستانين کي پاڪستان مان apply ڪرڻ تي نٽي ملي يا ڪنھن ڪنھن کي ٿي ملي تنھن تي ھو ٻين ملڪن مان، خاص ڪري سريلنڪا مان apply ڪرڻ لڳا. ھاڻ تہ اھڙي حالت ٿي وئي آھي جو ڪئناڊا جي ويزا ملڻ تي ڪئناڊا ۾ چار چار پنج پنج سال رھڻ بعد مس مس ڪئناڊا جو پاسپورٽ (citizenship) ٿو ملي جيڪو ھونءَ پھرين سال اندر ملي ويو ٿَي ۽ جن کي ڪئناڊا جو پاسپورٽ ملي ٿو انھن لاءِ آمريڪا ۾ ھاڻ اچڻ يا رھائش اختيار ڪرڻ آسان نہ رھيو آھي. بھرحال ھو ان کي بہ خوش قسمتي سمجھن ٿا تہ ھنن وٽ ڪئناڊا جو تہ پاسپورٽ آھي ۽ ھو ٻاھر جي دنيا ۾ پاڪستاني سڏجرائڻ بدران ڪئناڊين سڏرائين ٿا.

”ان جا ڪيترائي فائدا آھن“. آمريڪن يا ڪئناڊين پاسپورٽ رکندڙ پاڪستاني ٻڌائين ٿا. انھن فائدن مان ڪجھ ھِتي لکندو ھلان:

- ھو ڪنھن بہ ٻئي ملڪ ۾ آساني سان وڃي سگھن ٿا. جنھن وقت ھنن کي وڻي تہ ھو سنگاپور، انڊيا ۽ جپان ويندي ڪويت، سعودي عرب، دبئي ۽ ٻين عرب ۽ يورپي ملڪن ۾ وڃي سگھن ٿا. ھڪ پاڪستاني جي صورت ۾ ھن کي انڊيا ۽ بنگلاديش جھڙي ملڪ ۾ وڃڻ لاءِ بہ ويزا لاءِ جدوجھد ڪرڻي پوي ٿي.

- ڊگري ڪٽي پاڪستاني هجي پر ڪئناڊا يا آمريڪا جي پاسپورٽ تي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ نہ فقط سٺيون نوڪريون پر وڏيڪ پگهار سان مليو وڃن.
- ڌارئين ملڪ ۾ ڪنهن بہ قسم جي تڪليف درپيش اچي ٿي تہ نہ فقط آمريڪا يا ڪئناڊا جي ان ملڪ ۾ موجود ايمبسي مدد ڪري ٿي پر مقامي حڪومت بہ واهر ڪري ٿي. هڪ پاڪستاني پاسپورٽ واري کي نہ پنهنجا مدد ڪن ٿا نہ پراوا ـ بلڪہ هن کي هرڪو شڪ جي نِگاهہ سان ڏسي ٿو.
- ڪئناڊا يا آمريڪا جهڙي ملڪ جو پاسپورٽ حاصل ڪري پنهنجي ملڪ پاڪستان ۾ رهڻ ۾ وڏو رعب آهي. ان جو وڏو خيال ڪيو وڃي ٿو جو پاڪستان جهڙن ملڪن جون حڪومتون ۽ انهن جا ادارا آمريڪا جهڙن ملڪن کان ڊڄن ٿا ۽ کين هر وقت خوش ڪرڻ جي چڪر ۾ رهن ٿا ۽ هو نٿا چاهين تہ ان پاڪستانيءَ کي هروپرو تنگ ڪجي جنهن وٽ ڪئناڊا يا آمريڪا جهڙي ملڪ جو پاسپورٽ آهي..... وغيره وغيره

آمريڪا يا ڪئناڊا ۾ جيڪي اسان جي ملڪ جا رهن ٿا انهن ۾ گهڻائي انهن جي آهي جيڪي روزگار جي ڪري آيا آهن. هنن کي پنهنجي تعليم ۽ هنر مطابق پنهنجي ملڪ ۾ سٺي نوڪري يا پورهيو نہ ملي سگهيو جنهن مان هو پنهنجن ٻچن جو پيٽ پالي سگهن. هو هِتي محنت ڪري ڪمايل پئسو بچائين ٿا. ڪيترا تہ ٻہ ٻہ نوڪريون يا اوور ٽائيم بہ ڪن ٿا جيئن گهڻي کان گهڻو پئسو بچائي پنهنجي وطن سک جي زندگي گذاري سگهن. انهن مان ڪي اڪيلا هِتي رهن ٿا ۽ ٻارن کي پاڪستان ۾ ئي رکيو اٿن جيئن خرچ بچي سگهي. ڪي ٻارن ٻچن سان گڏ رهن ٿا ۽ سندن زالون بہ ڪم ڪن ٿيون. هنن کي پنهنجي گهر ٻار ۽ مستقبل جو فڪر رهي ٿو. هو اجايو سجايو پئسو وڃائڻ ۽ دعوتن پنيان خرچ ڪرڻ بدران، خيال سان خرچ ڪن ٿا ۽ ٻارن تي بہ نظر رکن ٿا جيئن

هنن کي پنهنجي مذهب ۽ ڪلچر سان لڳاءُ رهي ۽ سياڻي وطن موٽي هلجي ته به هنن جا ٻار adjust ٿي سگهن.

آمريڪا ۾ باقي رهندڙ پاڪستانين ۾ ڪجهه اهڙا آهن جيڪي ڪمائين به چڱو ٿا پر سڀ خرچ ڪريو ڇڏين. هو مستقبل جي باري ۾ گهڻو غور ويچار نٿا ڪن ۽ نه پنهنجن ٻارن تي ڌيان ڌرين ٿا. هو سمجهن ٿا ته هو آمريڪا اچي ويا آهن اهو ئي ڪافي آهي. ٻار پاڻ ئي پيا پڙهندا. جيئن پاڪستان ۾ به ڪيترا والدين پنهنجي ٻارن جي پڙهائيءَ جو خيال نٿا ڪن. سندن پيءُ ته ڪٽي نوڪرين پٺيان مشغول ٿيا پر مائرون هائوس وائيف هوندي به ڪانئن ايترو نٿو پڄي ته هُو روز جو روز پنهنجي ٻارن کان پڇن ته اسڪول ۾ ڇا ڪيانوَ. ڪهڙو هوم ورڪ مليو. ٻارن سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪيانوَ... وغيره وغيره. تيئن هِتي آمريڪا ۾ به ڪجهه مائرن جو ڪم فقط فون تي ڪچهري ڪرڻ، ٽي وي ڏسڻ، شاپنگ ڪرڻ ۽ دعوتون ڪرڻ آهي باقي پنهنجن ٻارن تي ڌيان ڏيڻ لاءِ هڪ منٽ به فرصت ناهي.

هنن کي اها توفيق ناهي جو هو ڪٽي پنهنجي ٻارن کي سنائي ۽ خرابي بابت آگاهه ڪن. هو پاڻ به آمريڪا اچي پنهنجو پراڻو ڪلچر ۽ خانداني قدر وساري چڪا آهن. وقت گذرندي ويرم نٿي لڳي. هڪ ڏينهن هنن جا ٻار جوان ٿيو وڃن ۽ پوءِ هنن جون وايون بتال ٿيو وڃن جڏهن هڪ سهاني ۽ ٿڌڪار واري شامَ جو سندن ڪو ٻارُ، خاص ڪري جوان ڌيءَ، هنن کي اطلاع طور اهو ٻڌائي گهر کان ٻاهر نڪري ٿي ته هُوءَ اڄ رات دير سان موٽندي جو هن جو بُئاءِ فرينڊ هن کي پير وارو شهر گهمائڻ پيو وڃي.

## آمريڪا ۾ رستي پڇڻ جي ضرورت ڪونهي

آمريڪا ۾ هن دفعي جيڪا اهم ۽ نئين ڳالهه ڏسي رهيو آهيان، اُها هِتي جي شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ جا ڪمپيوٽرائيزڊ نقشا آهن. اڳ ۾ هڪ شهر کان ٻئي ڏي نڪربو هو ته دڪان تان نقشو خريد ڪري، ان مطابق هلبو هو. ڪيترن شهرن يا رستن جا ته نقشا ئي موجود نه هئا. وري ان شهر ۾ پهچي جنهن هنڌ وڃڻو هوندو هو ان روڊ جو واٽهڙو کان پڇبو وتبو هو ته فلاڻو روڊ ڪٿي آهي ۽ اتي ڪيئن پهچجي ۽ ڪهڙو رستو ون وي آهي ڪهڙو ٽُو وي ۽ مثال طور ڪو ٻڌائي ٻه ٽو ته ڳولا واري هنڌ تي پهچڻ لاءِ هنن هنن رستن ۽ گهٽين مان ٿي وڃو ته اها ڪهڙي خبر ته شاهراهِ فيصل تان ڪيترا ميل هلجي ۽ پوءِ زيب النساءِ اسٽريٽ تي ڪيترو اڳيان وڃجي، جو ان بعد ايم اي جناح روڊ ايندو ۽ پوءِ ايم اي جناح روڊ تي ڪيترا ميل اڳتي وڃجي، جو بولٽن مارڪيٽ ۾ اهو دڪان اچي ويندو جِتي وڃڻو آهي.

هاڻ آمريڪا جي هڪ هڪ رياست، هڪ هڪ شهر ۽ ڳوٺ ۽ انهن کي ڳنڍيندڙ ايڪسپريس وي، هاءِ وي، روڊ ۽ گهٽين جا نقشا مختلف ويب سائيٽن تي ٺهيا پيا آهن. توهان ڪا به پنهنجي پسند جي ويب سائيٽ کولي ان شهر، ڳوٺ، ڳوٺ جي مارڪيٽ ۽ مارڪيٽ جي ان دڪان يا آفيس کي نقشي ۾ ڏسي سگهو ٿا. نه فقط ايترو پر توهان آمريڪا ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچڻ لاءِ واٽ (Direction) معلوم ڪري سگهو ٿا. پوءِ پلي توهان جي سفر جي شروعات (Starting Point) ۽ منزل (End) هڪ ئي علائقي ۾ هجي، هڪ ئي شهر ۾ هجي،

هڪ ئي رياست ۾ هجي يا مختلف رياستن ۾. توهان ان ويب سائيٽ ذريعي سڄو نقشو ڏسي به سگهو ٿا ته ڇاپي به سگهو ٿا. نيويارڪ کان لاس اينجلس ائين آهي جيئن ڪراچي کان ڪوالالمپور پر توهان چاهيو ته انهن Websites ذريعي نيويارڪ کان وٺي لاس اينجلس تائين راهه معلوم ڪري سگهو ٿا ته توهان کي نيويارڪ مان نڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا رستا وٺڻا پوندا ۽ پوءِ هڪ رياست کان ٻي تائين ۽ ٻيءَ کان ٽين تائين ۽ آخرڪار ڪئليفورنيا تائين ڪهڙا ڪهڙا رستا ۽ انٽر اسٽيٽ هاءِ وي وٺڻا پوندا پوءِ ڪئليفورنيا پهچي ان جي شهر لاس اينجلس ۾ ڪيئن پهچبو. ويب سائيٽ توهان کي اهو به ٻڌائي سگهي ٿي ته فلاڻي رستي تي ڪيترا ميل هلڻو آهي ۽ فلاڻي تي ڪيترا ۽ رستي تي ڪٿي ڪٿي پيٽرول پمپ، آرام جون جايون، پارڪ، ريسٽورنٽون ۽ ٻيون شيون آهن.

جيئن ڪمپيوٽر تي سڀ کان مشهور سرچ مشين Google (گوگل) آهي تيئن نقشن جي ويب سائيٽن ۾ سڀ کان مشهور 'مئپ ڪُئيسٽ' (MAP QUEST) آهي جيڪا هن ريت آهي: http://www.mapquest.com

ان ڏينهن واشنگٽن ۾ آئون پنهنجي پيٽارو جي هڪ ساٿي ڪرنل سهيل قريشيءَ سان گڏ هِتي جي هڪ مشهور چؤواٽي 'اسڪاٽ سرڪل' وٽ بيٺو هوس ته سنڌ جي ڳوٺ قاضي احمد جي سميع جادران جو فون آيو. سميع مون سان گڏ پنج سال پيٽارو ۾ ڪلاس ميٽ رهيو. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم اي ڪرڻ بعد ڪجهه سال حبيب بئنڪ ۾ نوڪري ڪيائين. ان بعد واشنگٽن جي پر واري رياست يعني پوٽو مئڪ نديءَ جي ٻي پار ورجينيا رياست ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائين. سندس ٻار ٻچا به هِتان ئي پڙهيا، هِتي ئي نوڪريون ڪن ٿا ۽ هِتان ئي شادي ڪئي اٿن. سميع جو اڄ پروگرام واشنگٽن اچي، مون کي پاڻ سان بالٽيمور وٺي وڃڻ جو هو. پر ڪنهن ضروري ڪم ڪري هن کي مئريلئنڊ رياست جي شهر سلور اسپرنگ وڃڻو پئجي ويو ۽ صبح جو ئي مون کي فون تي، گڏ هلڻ جي پروگرام ڪئنسل ڪرڻ جو اطلاع ڪيو ۽ آئون ڪرنل سهيل سان گڏ شهر (واشنگٽن) جو چڪر هڻڻ نڪري پيس.

”منهنجو ڪم پورو ٿي ويو آهي ۽ هاڻ آئون واندو آهيان.“ سميع هاڻ ٻڌايو. ”تون ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ انتظار ڪر ته اچي ٿو ڪٺاڻ“.

مون ڪرنل سهيل سان ڳالهه ڪئي، تنهن سميع کي واشنگٽن اچڻ کان جهليو. ”سلور اسپرنگ شهر ۾ تون ڪهڙي هنڌ آهين؟“ ڪرنل سهيل سميع کان پڇيو.

”آئون الطاف کي ٿو وٺ وڃي ٿو اچان جيئن تنهنجو پنڌ ۽ وقت بچي ۽ توسان منهنجي به ملاقات ٿي وڃي.“

منهنجي خيال ۾ اهو بهتر هو. سميع سلور اسپرنگ شهر کان واشنگٽن اچي وري پويان پير ڪري سلور اسپرنگ مان ٿيندو بالٽيمور مون کي وٺي هلي ان کان اهو سٺو هو جو ڪرنل سهيل مون کي سلور اسپرنگ تائين وٺي ٿي هليو.

ڪرنل سهيل ۽ آئون ان وقت واشنگٽن جي هڪ چوراهي اسڪاٽ سرڪل وٽ هئاسين جتي واشنگٽن جا ٻه اهم روڊ: مئساچوسيٽس ايوينيو ۽ روڊي (Rhode) آئلنڊ ايونيو، ۽ ٻه رستا N اسٽريٽ ۽ 16 اسٽريٽ آرپار گذري ڪُل اٺ رستا ٺاهين ٿا. اسان سورهين گهٽيءَ مان واڪ ڪري O (او) اسٽريٽ تي آياسين، جتان ساڄي پاسي سترهين گهٽيءَ ۾ آياسين جتي سوشي تارو (Sushi Taro) نالي هڪ جپاني ريسٽورنٽ وٽ سهيل پنهنجي گاڏي پارڪ ڪئي هئي. ڪار ڪٽڻ کان اڳ ۾ سهيل سوشي تارو ريسٽورنٽ کان اڳيان سائبر ٽاپ ڪيفي ۾ گهڙي ويو جتان ڪمپيوٽر تي ان هنڌ يعني Sushi Taro — 1503, 17 Street NW کان وٺي سلور اسپرنگ شهر جي ان هنڌ تائين جتي اسان کي وڃڻو هو يعني Silver Spring MD 20905 15000 Good Hope Rd; تائين، رستي جو پرنٽ آئوٽ ڪڍي آيو. جيئن رستي تي ڪنهن کان پڇڻ بدران سڌو گڊ هوپ روڊ تائين هلي پهچجي جتي مسجد بيت الرحمان وٽ سميع اسان جو انتظار ڪري رهيو هو.

ڪرنل سهيل جو ڪديل هي پرنٽ آئوٽ، مون پاڻ وٽ رکي ڇڏيو ۽ هينئر جيئن ئي منهنجي نظر ان تي پئي آهي ته پڙهندڙن لاءِ هي لکڻ

ويٺو آهيان تہ سڄي جهان جو تڏي جيڏو نقشو ڪڍي هلڻ بدران فقط اهو ڪڍجي جنهن ۾ سفر جي شروعات واري جاءِ کان اختتام (End) واري هنڌ جو نقشو ۽ Directions هجن. نموني خاطر هِتي اهي رهنمائي جا ڊئريڪشن لکي رهيو آهيان:

1. Start out going south on 17 street NW towards Church street NW (0.1 mile).
2. Turn left on to P street NW. (0.1 mile)
3. Turn left on to 16 street NW (crossing Maryland) (5.7 miles).
4. Turn slight right on Colesville road/MD 384. continue to follow Colesville Rd. (3.2 miles).
5. Colesville Rd becomes Columbia Pike/US-29N (1.2 miles).
6. Merge onto MD-650N/ New Hampshire Ave.
7. Turn right on to Cape May Road. (0.3 mile)
8. Turn right onto Good Hope Road (0.9) miles.
9. End at 15000 Good Hope Road Silver spring, MD 20905, USA.

## اسان نندي ڪنڊ جا ماڻهو...

1960ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن اسان پهريون دفعو پاڻيءَ جي جهاز ۾ نيويارڪ آيا هئاسين ته انهن ڏينهن ۾ سڄي نيويارڪ ۾ ڪي ٻه مسجدون مس هيون. هينئر ته ٻه سؤ کان مٿي آهن جن مان هڪ ’بيڊ فورڊ ايوينيو‘ تي ’مسجد التقويٰ‘ (Masjid Al’Taqwa) آهي. بروڪلن ڊائون ٽائون مان مسجد فاروق وٽان ائٽلانٽڪ ايوينيو وٺبو ته اچي ’بيڊ فورڊ ايونيو‘ کان نڪربو. جتان ڪاٻي طرف ويندڙ ’فلٽن اسٽريٽ‘ وٽ هيءَ مسجد آهي. هيءَ مسجد ان ڪري به اهم آهي جو هفتي جا ست ئي ڏينهن ڪليل رهي ٿي. جماعت سان پنج وقت نماز ٿئي ٿي. جمعي نماز تي پوري ڏيڍ بعد خطبو ٿئي ٿو. رمضان ۾ تراويح نماز ٿئي ٿي جنهن کي پڙهائڻ لاءِ مراڪش کان عالمِ دين شيخ حسن اچي ٿو ۽ هن مسجد جو امام به اهم ۽ مشهور شخصيت ’مولانا سراج وهاج‘ آهي، جيڪو پنج وقت نماز پڙهائڻ کان علاوه نڪاح پڙهائي ٿو. نون مسلمانن کي ڪلمو پڙهائي ٿو، جنازي نماز پڙهائي ٿو وغيره وغيره.

مقامي ۽ مختلف ملڪن جي مسلمانن سان ملڻو هجي ته آمريڪا جي ڪنهن مسجد ۾ ضرور وڃجي. عرب، ايراني، مصري، ملئي، بنگالي، پاڪستاني، ترڪ، آفريڪي، يورپي ۽ مڪاني آمريڪي شيدي سڀ ملندا. سراج وهاج به هتي جو يعني بروڪلن جو ئي آهي. پاڻ عيسائين جي گهر ۾ ’جيفري‘ (Jeffrey Kearse) جي نالي سان 1950ع ۾ ڄائو. سندس پيءُ اسپتال جو ڊائيٽيشن ۽ ماءُ نرس هئي. ميري لئنڊ رياست جي شهر ’سلور اسپرنگ‘ جو مشهور ليڪڪ ۽ ايڊيٽر ’گريگري ايس ڪيئرسي‘ هن سراج وهاج جو ڀاءُ آهي.

سراج وهاج يعني جيفري نندي هوندي باقاعدگيءَ سان گرجا گهر (Church) ويندو رهيو ۽ اڳتي هلي هو Baptist Church ۾ ’سنڌي اسڪول ٽيچر‘ بہ ٿيو. بعد ۾ اسڪالرشپ ملڻ تي هن نيويارڪ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي. هن اتي باسڪيٽ بال بہ کيڏي ٿي، جتي هن جي ٽيم جي شيدي رانديگرن هن جي ’نئشن آف اسلام‘ تحريڪ سان دلچسپي پيدا ڪئي. هن تحريڪ ۾ گهڻا تڻا آفريڪي نسل جا آمريڪي هئا، جن جي دوستيءَ ۾ ’جيفري‘ اسلام قبول ڪري، ’سراج وهاج‘ ٿيو. اڳتي هلي اسڪالرشپ ملڻ تي سراج وهاج مڪي جي ’ام القريٰ يونيورسٽي‘ ۾ پڻ تعليم حاصل ڪئي. سراج وهاج نيويارڪ (بروڪلن) جي مسجد تقويٰ ۾ ٻين ڪمن سان گڏ عربي پڻ پڙهائي ٿو. پاڻ ڪجهہ عرصو هارورڊ يونيورسٽي ۾ ’اسلامڪ اسٽڊيز‘ سبجيڪٽ پڻ پڙهايائين.

نيويارڪ جي هن مسجد جي حوالي سان دراصل مون ڳالهہ ٻي ٿي ڪرڻ چاهي. اڄ ڪلهہ سڄي آمريڪا ۾ خاص ڪري نيويارڪ ۾ نہ فقط مسجدن جو تعداد وڌي ويو آهي پر مسلمانن جو پڻ. اڄ آمريڪا ۾ رهندڙ ڪيترائي ’آمريڪن شهريت‘ رکندڙ نہ فقط اسان جي ايشيا ۽ عرب ملڪن جا مسلمان آهن پر ’آفريڪي آمريڪن‘ ۽ ’يورپي گورا آمريڪن‘ پڻ آهن، جيڪي هاڻ مسلمان ٿيا آهن. نائن اليون کان پوءِ جتي ڪجهہ آمريڪن ماڻهو مسلمانن، خاص ڪري عرب مسلمانن کي سٺو نٿا سمجهن، اتي ان واقعي کان پوءِ آمريڪن ڪارن ۽ گورن جو وڏو انگ اسلام ڏي رجوع پڻ ٿيو آهي. اڄ ڪلهہ آمريڪا ۾ ڪيترائي انڊين ۽ عربن جا حلال ڪاڌي جا دڪان ۽ ريسٽورنٽ آهن. انڊين معنيٰ رڳو ’هندوستان‘ نہ پر نندي کنڊ انڊيا، پاڪستان، سري لنڪا، بنگلاديش، نيپال وغيره جي ماڻهن جون هوٽلون آهن. هتي نارٿ آمريڪن پيٺارين، سنڌين، عربن، ايرانين جون ڪيترين ئي انجمنون، ائسوسيئيشنون آهن جن جون ساليانيون گڏجاڻيون ۽ روزانو انٽرنيٽ ذريعي نياپا، پيغام، پروگرام، خبرون هڪ ٻئي سان مٽاسٽا ٿينديون رهن ٿيون. ان کان علاوه

ڪيترين ئي اڙدو، انگريزي ۽ هندي اخبارون روزانو ۽ هفتيوار ڇپجن ٿيون ۽ اهي وڏن اسٽورن تي مفت ورهايون وڃن ٿيون، جيئن آمريڪا ۾ رهندڙ نندي ڪنڊ جي ماڻهن کي، جن کي هتي ’ديسي‘ بہ سڏين ٿا، مختلف ڳالهين جي خبر پوندي رهي. اخبار وارا اخبار جا پئسا ان ۾ ڏنل ديسي دڪانن، هوٽلن ۽ شين جي اشتهارن مان ڪڍن ٿا.

هينئر ويجهڙائيءَ ۾ گهمڻ خاطر باءِ ايئر جيڪو نيويارڪ ويو هوس، انهن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن اوچتو انهن مفت جي اڙدو اخبارن مان هڪ ۾ اها خبر آئي تہ ڪنهن ’شر پسند‘ متين مسجد ۾ پاڪ ڪتاب کي ساڙيو آهي. ان بعد نيويارڪ ۽ آمريڪا جي ٻين شهرن ۾ رهندڙ ڪيترن واقفڪارن جا ان بابت غم ۽ غصي جا SMS ايندا رهيا، جن مان ڪن ۾ آمريڪي حڪومت کي تہ ڪن ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ عيسائي ۽ يهودين کي گاريون هيون، تہ اها شرارت انهن جي آهي ۽ ان حرڪت جو جوابدار موت جو حقدار آهي.

دراصل نيويارڪ ۾ ٽيل نائن اليون واري واقعي بعد سڄي آمريڪا ۾ ٿورو گهڻو ڇڪتاڻ وارو ماحول پيدا ضرور ٿيو هو، پر پوءِ ان جذباتي رنگ نہ ورتو ۽ نہ وري حڪومت ۽ آمريڪا جي پڙهيل ڳڙهيل ۽ هوش مند شهرين چاهيو تہ ان جو ذميوار آمريڪا ۾ رهندڙ هر عرب يا مسلمان شهريءَ کي بڻايو وڃي ۽ ڏوهہ جي بدلي ۾ ڏوهہ ڪيو وڃي. ها البت قاعدو قانون سخت ڪيو ويو. هُونءَ جو آمريڪا ۾ رهندڙ ڪيترا ڌاريا بنا پاسپورٽ جي پئي گهميا ڦريا، انهن جي رکي رکي چڪاس ٿيڻ لڳي. ڪٿي ڪٿي ڪنهن شيدي يا گوري آمريڪن نشي جي حالت ۾ يا جذبات ۾ اچي ڪنهن مسلمان کي (ڪٿي تہ ڪنهن سک کي بہ سندس ڏاڙهيءَ ڪري مسلمان سمجهي) موچڙو مار ڪيو پر ان کي مقامي پوليس يڪدم جهلي ٿي ورتو ۽ ان کي سندس ڏوهہ جي سزا ڏني وئي ٿي. هر پاڪستاني يا عرب مسلمان اهو ٻڌايو ٿي تہ هُو آمريڪا ۾ جتي بہ رهي ٿو Safe محسوس ڪري ٿو ۽ پاڙي ۾ رهندڙ عيسائي توڙي يهودي هن

جو ۽ هن جي فئمليءَ جو خيال رکن ٿا. هي مارڪُٽ جون وارداتون سب وي اسٽيشنن، پارڪن وغيره ۾ تيون ٿي ۽ ڏوهاري گهٽو ڪري نشي ۾ ڌت نڪتا ٿي.

ساڳئي وقت آمريڪا ۾ رهندڙ مسلمان پاڻ بہ خيال سان هلڻ لڳا. بقول مسز نديم جوڻيجو جي، ”هُونءَ نماز جي ٽائيم تي ڪنهن پارڪ جي بينچ تي ئي نماز پڙهي ڇڏيندي هيس پر نائن اليون واري واقعي بعد آمريڪا ۾ ڪو بہ اهڙو ڪم ڪلئي عام نٿو ڪري سگهجي جنهن سان مسلمان  هجڻ جي شناخت ٿي سگهي. ڇو جو ڪا خبر نٿي پوي تہ ڪنهن وقت ڪو اهڙو دماغ ڦريل آمريڪن موجود هجي جنهن جي دل ۾ اسان لاءِ نفرت هجي ۽ هو جذبات ۾ اچي يا نشي ۾ ڌت، هوش وڃائي اڳلي کي نقصان رسائي.“

مسجد ۾ اسلامي ورق ساڙڻ واري واقعي بعد آئون بہ دعا گهرندو رهيس تہ سڀ خير ٿي وڃي، ڇو جو مون ڏٺو پئي تہ اسان جي ننڍي کنڊ جا مسلمان بيحد جذباتي ٿي رهيا هئا ۽ جي ڪو هڪڙو يا ڪجهہ هوش وڃائي قانون هٿ ۾ کڻي بي ڏوهي عيسائي يا يهودين کي نقصان رسائي وينا تہ الٽو اسان جي ماڻهن کي ئي تڪليف رسندي. ڇو جو بي حرمتيءَ جو اهو ڪم خبر ناهي ڪنهن ڪيو آهي ۽ هُو ڇا چوندا آهن تہ ”بن ديڪا چور باپ برابر.“ سزا تہ ان کي ملڻ کپي جيڪو ڏوهاري هجي. هندوستان جي ورهاڱي وقت مسلمانن ۽ هندن کي ويڙهائڻ خاطر انگريزن جي پگهاردارن ڳئون ڪٽي مندر ۾ ٽَي ڦٽي ڪئي ۽ هندن بنا سوچي سمجهي پاڙي جي مسلمانن کي قتل ٿي ڪيو، جنهن جو بدلو وري ڪنهن ٻئي شهر ۾ مسلمانن هندن کان ٿي ورتو يا اڄ بہ سني ۽ شيعن کي ويڙهايو وڃي ٿو. بهرحال هتي اهو معلوم ڪرڻ تہ ڏوهاري ڪير آهي، مشڪل ڪم هو جو ان هنڌ تي ڪا ڪئميرا بہ نہ هئي، جنهن ۾ فلم اچي وئي هجي. ڏوهاري نہ ملڻ تي شڪ جي بنياد تي هي معاملو ٺَپي بہ سگهيو ٿَي. پر پوءِ سيني کي حيرت ٿي، جڏهن ٽئي ڏينهن ئي اهو همراهہ ملي ويو،

جنهن اهو ڪم ڪيو هو. هن پاڻ مسجد ۾ اچي ٻڌايو ته اهو ڪم هن ڪيو آهي ۽ اهو شخص نه عيسائي هو ۽ نه يهودي، پر پنج وقت نمازي مسلمان هو. هُو ملائيشيا جو ملئي همراهه هو. جيڪو نيويارڪ جي هڪ اتاهين ماڙ واري عمارت ۾ رهيو ٿي. هن کي سمجهه ۾ نه آيو ته شهيد ٿيل قرآن جا ورق ۽ اخبارن جا مذهبي صفحا ڪٿي ڇڏجن، جو هتي سامونڊي ڪنارن تي ڪاغذ پٽ يا ڪا شئي سمنڊ ۾ اڇلڻ جي منع آهي. سو هن انهن کي ساڙي پوءِ رَکَ پاٽيءَ ۾ ٿي وڌي، پر ڪجهه دير بعد هن کي خيال آيو ته مسجد ۾ ڇڏي اچان. سو هن اهي اڌ سڙيل ڪاغذن جو ٿيلهو مسجد ۾ اچي ڇڏيو.

مون کي اها خبر بالٽيمور ۾ رهندڙ شڪارپور جي اديب ۽ ’ملير ڊائجسٽ‘ جي اڳوڻي ايڊيٽر سائين ’اعجاز ابڙو‘ صاحب فون تي ٻڌائي. مون کيس ٻڌايو ته آئون ملائيشيا ۾ وڏو عرصو رهي چڪو آهيان، جتي ڪي ڪي ماڻهو اخبار جي اهڙن ورقن کي بي ادبي کان بچائڻ لاءِ انهن کي ٻاهه ڏئي پوءِ ڦلهيار درياهه يا سمنڊ ۾ ڦٽو ڪندا هئا. پر اهو ڪم گهوٽن جا ماڻهو ڪندا هئا جن کي ڪو علم نه هو.

اسان وٽ اخبارن رسالن يا ديني ڪتابن جا ورق ماڻهو وڻ جي ڪنهن ڏار ۾ وجهن يا ڪنيي ۾ ٻڌل دٻي ۾ وجهن ٿا يا هُو پاڻ درياهه يا سمنڊ ۾ وجهن ٿا. مون جن مولوين کان ان بابت پڇيو آهي، انهن مان گهڻن جو اهو چوڻ آهي ته اهڙن شهيد ڪاغذن کي جن تي ديني ڳالهيون يا قرآني آيتون آهن انهن کي ڪنهن اهڙي هنڌ جتان ماڻهن جو لنگهه نه ٿئي، زمين ۾ کڏ کوٽي ان ۾ وجهي ڇڏجن، جيئن هي ڪاغذ مٽيءَ سان ملي مٽي ٿي وڃن. منهنجي خيال ۾ به مون کي اهو بهتر طريقو لڳي ٿو. پر ملائيشيا ۾ مون ڏٺو ته به مسئلا هئا. هڪ درياهه ۽ سمنڊ جو ۽ ٻيو زمين ۾ کڏ کوٽڻ جو. ملائيشيا ۾ ڇوڏاري سمنڊ ئي سمنڊ آهي. اسان جي گهر اڳيان به سمنڊ هو پر اهو سمنڊ ائين ناهي جيئن منهوڙي جي ڇوڏاري اونهو سمنڊ آهي. ملائيشيا جو سمنڊ تانگهن ڪنارن وارو آهي يعني جتي ڪٿي بيچز

(Beaches) آهن. توهان ڪا به پَنَي جهڙي شئي سمنڊ ۾ وجهو، ٿوري دير بعد سمنڊ ۾ هاءِ ٽائيڊ ٿيڻ تي ڇوليون ان شئي کي واپس ڪناري تي آڻيو ڇڏين. پوءِ لَو ٽائيڊ ٿيڻ تي سمنڊ جو پاڻي لهيو وڃي پر ڪاغذ پٽ ڪناري تي اڏامندا رهن ٿا. اهڙي طرح ملائيشيا جا درياهه به اسان وانگر نه آهن جيڪي جبلن تي برف ڳرڻ تي لڳاتار وهندا رهن ٿا. ملائيشيا جون نديون، نَئيُون آهن، جيڪي آبادين ۽ ٻنين ٻارن مان هر وقت وسندڙ مينهن جو پاڻي ڪٽي سمنڊ ۾ نيڪال (Drain) ڪن ٿيون. مينهن به ٻه ڏينهن نٿو پوي ته اهي نديون خالي نظر اچڻ ٿيون ۽ ٻار پيا سائيڪلون هلائين يا فٽبال کيڏن. سو ڪيترا ماڻهو پاڪ ڪاغذن کي اهڙن درياهن يا سامونڊي ڪناري تي ڇڏڻ کي صحيح نٿا سمجهن.

ملائيشيا ۾ معمولي کڏ کوٽڻ به مسئلو آهي جو سڄو ملائيشيا جابلو علائقو آهي ۽ هر وقت مينهن پوڻ تي نرم Soil لڙهيو وڃي. جتي ڪٿي سخت مٽي آهي ان تي به گهاٽو گاهه آهي. ان کي پاڙ ٽائين کوٽڻ سؤلو ڪم ناهي. ايتريقدر جو ملائيشيا ۾ ڪنهن ڪونديءَ ۾ ڪو ٻوٽو هڻڻ جو شوق ٿيندو آهي ته سپر اسٽور تان ڪونديءَ سان گڏ مٽيءَ جو ٿيلهو به پئسن سان وٺڻو پوندو آهي. ٻيو پلا ڪٿان مٽي آڻجي؟

ملائيشيا ۾ به اسان وانگر ڪيترن ئي مسجدن ۽ مدرسن ۾ ديني ورقن لاءِ دٻا رکيا وڃن ٿا جيئن انهن ڪاغذن کي بهتر جاءِ تي رکي سگهجي. بهرحال نيويارڪ ۾ ٻيا ٽيندڙ ٽينشن کي ٻنجو اچي ويو نه ته اسان جي ڪيترن ماڻهن، خاص ڪري نندي ڪندَس جي، ان کي آمريڪن جي شرارت سمجهي بنا ڪنهن تفتيش جي انهن کان پنهنجي حساب سان بدلو تي وٺڻ چاهيو.

جيئن اسان وٽ اڄ ڪلهه خواه مخواهه افسوسناڪ سانحو ٿي پيو آهي. ڪنهن مولويءَ جي چُرچ تي اهو مشهور ڪيو ويو ته ڪنهن عيسائيءَ قرآن جي بي حرمتي ڪئي آهي. هن ماڻهن کي اهڙو جوش ڏياريو جو هنن بنا پڪ ڪرڻ جي، جذبات ۾ اچي نه فقط ان جي گهر کي پر سڄي محلي

ڪي ساڙي چڏيو جنهن ۾ ڪيترين ئي معصوم جانيون زندگي ڏئي وڃنيون. جيتوڻيڪ اسلام هر ماڻهوءَ کي قانون هٿ ۾ کڻي ڪنهن به انسان ذات کي قتل ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي. ملڪ جي خليفي يا حڪومت کي به کپي ته هر ڳالهه جي چاڻ وٺي ان موجب انصاف ڪري. جيئن ڪنهن سان ظلم نه ٿئي. پر اسان نندي ڪنڊ جا ماڻهو چڙ جا تکا ۽ هيڪاندا جذباتي ثابت ٿيا آهيون. اسان جي مذهب خلاف ڪو ڊئنمارڪ يا سئيڊن ۾ بڪواس ڪندو. اسان جوش ۾ اچي پنهنجي شهر ۾ جلوس ڪيدي، هنگاما ڪري سرڪاري جاين ۽ پنهنجن ماڻهن کي ساڙي ۽ ماري رکنداسين. سعودي عرب، ڪويت، دبئي، ملائيشيا، انڊونيشيا به ته مسلمان ملڪ آهن اهي به اهڙن واقعن تي غم ۽ غصي جو اظهار ڪن ٿا پر هنگاما ڪري، پنهنجا پائر پيرون ته نٿا مارين.

ان سلسلي ۾ ڪٿي سئيڊن جي يونيورسٽي وارن ڏينهن جو به مثال ڏئي چڪو آهيان ته ڪيئن هڪ ڏينهن يونيورسٽيءَ ۾ هئاسين ته صبح ساڻ اها خبر پڌيسين ته ياسر عرفات جو جهاز لنڊن ويندي رستي تي گم ٿي ويو آهي. مون ڏٺو ته ان يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪندڙ بنگلاديش جا ڪئپٽن بيحد جذباتي ٿي ويا. چانهه جي رسيس ۾ هنن اسان پاڪستاني درويشن کي به ڪنڊ پاسي ۾ وٺي وڏي جوش ۽ ڪاوڙ مان آمريڪن تي چوهه چنديا ته اهو ڪم انهن جو آهي ۽ هڪ بنگلاديشيءَ ته ان حد تائين Serious ٿي چيو ته "اسان کي ان جي بدلي ۾ پنهنجي ٻن آمريڪن پروفيسرن کي مارڻ کپي." چا ته سوچ هئي! جيتوڻيڪ اسان سان گڏ عرب ۽ مسلمان ملڪن سعودي عرب، ملائيشيا، نائيجيريا، ترڪي، ايران، ڪويت وغيره جا به پنجاهه ڪن شاگرد، جهازن جا ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر هئا، جيڪي سپ سڪون سان چانهه پيئندا ۽ سگريٽن جا سُوٽا هڻندا رهيا. ٻي رسيس ۾ ليڪچر روم مان نڪتاسين ته خبر پئي ته ياسر صاحب خيريت سان لنڊن پهچي ويو. تيل جي کوٽ جي ڪري هن جو جهاز رستي تي مالٽا ٻيٽ تي لهي پيو هو ۽ لنڊن دير سان پهتو.

مون جڏهن اها ڳالهه هاسٽل ۾ اچي پنهنجي سعودي عرب جي دوست ۽ ڪلاس ميٽ ڪمانڊر خالد الجهلميءَ سان ڪئي ته هن به ان سوچ کي غلط قرار ڏيندي چيو: ”ڪمال تا ڪريو. ڪنهن معصوم جي جان وٺڻ لاءِ قرآن ۾ ڪيڏي منع ٿيل آهي. چاهي اهو غير مسلم هجي.“

بهرحال باتم لائين اها ٿي آهي ته اسان کي مذهب جي نالي تي نفرت نه پکيڙڻ کپي ۽ اها حقيقت آهي ته اسان ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن کي يڪدم چڙ وٺيو وڃي ۽ اسان ڪنهن به ڳالهه جي تحقيقات ڪري حقيقت معلوم ڪرڻ بدران يڪدم مار مارا تي لهيو اچون.

ان ڳالهه جو تازو مثال هيٺئين واقعي مان به ملي ٿو:

ڪجهه ڏينهن اڳ سوشل ميڊيا تي صوماليا جو هڪ ويڊيو ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ اتي جا ڪجهه ماڻهو نقلي ڪعبو ٺاهي ان جي چوڌاري طواف ڪري رهيا آهن يعني حج ڪري رهيا آهن ۽ ٻه چار مولوي جيڪي عالم ۽ پير مرشد ٽائيپ ٿي لڳا، اهي پنهنجي ٻوليءَ ۾ سمجهائي رهيا هئا ته هيئن طواف ڪريو. هيءَ دعا گهرو وغيره. ان ويڊيو سان گڏ اسان جو ڪو مولوي ڪاوڙ ۾ انهن تي لعنتون ڪندي اڙدو ۾ ٻڌائي رهيو آهي ته هي ڪيڏا ذليل آهن جيڪي مڪي وڃڻ بدران آفريڪا ۾ ڪعبو ٺاهي حج ڪري رهيا آهن وغيره.

ان قسم جي ڪمينٽري ٻڌي هر مسلمان خاص ڪري اسان جي ملڪ جي ماڻهن توبهه استغفار ڪئي هوندي ۽ انهن شيدي باشندن ۽ ملڪ کي گهٽ وڌ ڳالهايو هوندو. اسان جي ملڪ جي ماڻهن لاءِ ان ڪري ٿو چوان جو اسان وٽ ان قسم جا ڪوڙا حج ماضيءَ ۾ ٿيندا رهيا آهن. سنڌ ۾ به هڪ ٻن هنڌن جو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ۽ پنجاب ۾ به حج نه ته بهشتي دروازا ته ضرور آهن، جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته توهان پلي نماز يا حج نه ڪريو پر هن دروازي مان لنگهڻ تي توهان جا سڀ گناهه ختم ٿي ويندا ۽ توهان سڌو جنت ۾ هليا ويندائو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسان وٽ ان قسم جي شرڪ جون ڳالهيون گهڻيون آهن. ايتري قدر جو سعودي عرب

۽ ملائيشيا جا ماڻهو به انهن ڳالهين تان اسان کي چوندا آهن ته. ”توهان ڪهڙا مسلمان آهيو؟“

بهرحال واٽس ايپ تي هي ويڊيو ڏسي مون کي به پهرين اهو ئي لڳو ته هي صوماليا جا ماڻهو ڪيڏو نه جاهل آهن ۽ ڪيڏو وڏو گناهه ڪري رهيا آهن. پر پوءِ ٻيو دفعو مولوي صاحب جي چڙ ڏيارڻ واري تقرير جو آواز بند ڪري ويڊيو کي غور سان ڏٺم ته مون کي يڪدم ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ۽ ويٺل دوستن کي چيم ته هي حج نه ڪري رهيا آهن. پر مڪي وڃي حج ڪرڻ جي پريڪٽس ۽ آداب سکي رهيا آهن.

ملائيشيا ۾ ته حاجين لاءِ حج تي نڪرڻ کان اڳ اها ڳالهه عام هوندي هئي بلڪ ضروري سمجهي وئي ٿي. وڏن شهرن ۾ ته وڏي پئماني تي ڪاٺ جي تختن يا ٽين جي پليٽن مان ڪعبو ٺاهيو ويو ٿي ۽ حج تي وڃڻ جا ويجها ڏينهن ٿيڻ تي ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ به ڪعبي لاءِ ڪرسيون يا گتي جا ڪارٽن رکيا ويا ٿي ۽ اهي پوڙها جيڪي حج ڪري آيا آهن انهن ٻين ڳوٺاڻن کي سمجهايو ٿي ته طواف ڪيئن ڪجي، ڪهڙيون دعائون پڙهجن. ان کان علاوه ’صفيٰ مروه‘ جا به نشان ٺاهي انهن جي وچ ۾ ’سعي‘ ڪرڻ پڻ سيکاريو ويو ٿي. اهو ئي ڪم ملاڪا نار واري سامونڊي درياهه جي ٻي پار انڊونيشيا جي جاوا ۽ سماترا ٻيٽن تي ٿئي ٿو.

هر سال سڀ کان گهڻا ماڻهو انڊونيشيا جا حج لاءِ پهچن ٿا. گذريل سال به انهن جو تعداد ٻه لک کان مٿي هو. حج تي پهتل تقريبن 20 لک حاجين ۾ ڏهه سيڪڙو انڊونيشيا جا ٽين تا ۽ ملائيشيا جا ملايا وڃن ته پندرهن سيڪڙو ٿيو وڃن. ملائيشيا توڙي انڊونيشيا جا گهڻا ماڻهو ڳوٺن کان وڃن ٿا. هُونءَ به ملئي مسلمان گهڻو ڪري ڳوٺن ۾ رهن ٿا. حج جي اها ٽريننگ ڏيندڙ هڪ انڊونيشي مولويءَ ٻڌايو هو ته. ”اسان جي ملڪ جا گهڻا ماڻهو نه فقط ڳوٺن جا آهن پر هنن ۾ وڏو تعداد غريب هارين ۽ مهاڻن جو ٿئي ٿو. جن کي حج جي گهڻي معلومات يا Idea ناهي. حج زندگيءَ ۾ هڪ ئي دفعو ڪيو وڃي ٿو ۽ هي غريب ماڻهو حج جي

ادائگيءَ جي چڱي طرح ڄاڻ نہ هجڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن اهم رڪن پورا ڪرڻ بنا موٽن ٿا. انهيءَ ڪري نماز جي سڪيا وانگر هنن کي حج جي سڪيا ڏيڻ بہ ضروري سمجهون ٿا.“

هنن ٻڌايو تہ ڪيترا ماڻهو ان کي بدعت سمجهن ٿا يا گناهہ جو ڪم سمجهن ٿا پر هنن وٽ ان لاءِ فتويٰ موجود آهي. ”ڪيترا ماڻهو ان غلط فهميءَ ۾ آهن تہ اسان جا ماڻهو شايد ان ٽين جي دٻي کي ئي ڪعبو سمجهي هتي ئي حج ڪن ٿا، پر ائين ناهي.“

جتي آئون نوڪري ڪندو هوس ان جي پير واري گرائونڊ ۾ هڪ دفعي اوسي پاسي جي ڳوٺن جون عورتون جيڪي مهيني ڪن ڪان پوءِ حج تي وڃي رهيون هيون، ٽريننگ وٺڻ لاءِ آيون هيون. طواف ڪرڻ جو طريقو سيکارڻ دوران اسانجي پاڙي ۾ رهندڙ ست سالن جي حاجياڻي شريفان کين چرچي چرچي ۾ ٻڌايو تہ، ”بابا مڪي جي گهٽين ۾ يا طواف دوران ٻين کي ڌڪا يا ٺيلها هرگز نہ ڏجو نہ تہ توهان کي عرب، شيدي ۽ افغانستان، پاڪستان پاسي جا ماڻهو ڇِپي رکندا جو هو توهان کان وڏي سائيز جا آهن.“

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ دنيا جو هر حاجي ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ برونائي جي حاجين (جن جو واسطو ملئي قوم سان آهي) جي تعريف ڪري ٿو تہ هو حج جو هر رڪن فضيلت ۽ ڌيرج سان ڪري ٿو. منهنجي خيال ۾ تہ اهو ان ڪري جو هنن کي سيکاريو وڃي ٿو ۽ هو ان نصيحت ۽ ٽريننگ تي عمل ڪن ٿا ۽ فطرتن هو ڇئيوان ۽ صلح پسند آهن. اسان وانگر يا آفريڪن وانگر جهيڙالو نہ آهن. اسان وٽ حاجين کان ڪٿي پُڇ تہ ”بابا حجرِ اَسوَد کي چُمي ڏنانوَ؟“ تہ اسان  جو اڪثر حاجي وڏي فخر سان ٻڌائيندو آهي تہ وڏي رش هئي پر هن مڙيئي ٻين کي ٺيلها ۽ ڌڪا ڏئي ڪاميابي حاصل ڪئي.

حج تي وڃڻ کان اڳ آئون بہ سوچي رهيو هوس تہ ان قسم جو معرڪو خبر ناهي ڪيئن آئون سرانجام ڏئي سگهندس ۽ سرخرو ٿي اچي

ڳوٺ جي دوستن ۽ مائٽن کي پڏائيندس، پر جنهن گروپ (عالمگير مسجد وارن) سان  مون کي حج ڪرڻو هو تن حج تي وڃڻ کان اڳ اسانکي پنج ڏينهن عالمگير مسجد ۾ گهرائي حج بابت ليڪچر ڏنا هئا ۽ ان ۾ هنن اهو ئي اسان کي ذهن نشين ڪرايائون ته طواف دوران ٻين کي ڌِڪا ۽ تڪليف ڏئي حجر اسود يا ڪعبي کي هٿ لائڻ کان بهتر آهي ته طواف ڪندڙن جو خيال ڪجي، جيئن هنن کي تڪيلف نه رسي.

اهڙي طرح عالمگير مسجد ۾ اسان کي ٻين ڪيترن ڳالهين جي آگاهي ڏني وئي ته شيطان کي پٿريون هڻڻ  مهل ڪيئن آرام آرام سان پنهنجي ٽولي سان گڏ هلجي جيئن گُم نه ٿجي ۽ نه پيهه پيهان ۾ لتاڙ ۾ اچجي. ان کان علاوه مختلف هنڌن تي پڙهيون ويندڙ دعائون پڻ سيکاريون ويون. هتي ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ۾ پڻ حج وڃڻ کان اڳ حاجين کي ان قسم جي Theoretical سکيا ڏني وڃي ٿي ان سان گڏ هڪ ڪعبي نما بلاڪ ٺاهي پريڪٽيڪل  ٽريننگ پڻ ڏني وڃي ٿي ـ جنهن تي ڪجهه ماڻهن کي اڄ به اعتراض آهي ته ڪوڙ جو ڪعبو ڇو ٺو ٺاهيو وڃي.

هاڻ ڦهريون دفعو صوماليا وارن جڏهن اهو ڪم موغاديشو شهر ۾ پنهنجي ماڻهن کي حج جي سکيا طور ڪيو ۽ جنهن جي پبلسٽي سوشل ميڊيا تي ٿي ته ڪيترن ماڻهن ان ڳالهه جي پنيان صوماليا وارن جي نيت جو اندازو نه لڳائي ان تي گوڙ ڪيو. جنهن جي جواب ۾ موغاديشو جي وڏي عالم ’قاسم شيخ محمد نور‘ جو دنيا جي اخبارن ۾ بيان آيو ته هيءَ ٽريننگ اسان جي نه برابر ڄاڻ رکندڙ ماڻهن لاءِ ان ڪري ضروري آهي جو هو هڪ ته حج جا سمورا ارڪان پورا ڪرڻ بنا موٽيو اچن ۽ ٻيو ته هنن بابت سعودي حڪومت کان به شڪايت آئي آهي ته اسان جي پاسي جا سوڊاني، ڪِينِيَن وغيره منظم ۽ ٿڌي طبيعت جا نه هجڻ ڪري طواف، سعي توڙي مِنيٰ ۽ عرفات تي ڏيرج سان هلڻ بدران جلدي ۾ رهن ٿا ۽ ٻين لاءِ تڪليف جو سبب بنجن ٿا. صوماليا ۾ اها سرڪاري طرح

حج جي ٽريننگ اتي جي عالم دين ۽ مشهور مولوي ’شيخ محمد سُلي‘ جي سامهون ڪرائي وئي، جنهن ان جي تعريف ڪندي چيو ته حج وڃڻ کان اڳ اسان جي ملڪ جي هر حاجيءَ کي کپي ته هُو اها ٽريننگ ضرور وٺي.

بهرحال هنن سيني ڳالهين جو تت اهو آهي ته اسان جي ملڪ جا شاگرد يا نوڪري ڪندڙ ماڻهو جيڪي ٻاهرين ملڪن ۾ رهن ٿا. آمريڪا، جپان يا آفريڪا جي ڪنهن ملڪ يا ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جهڙن مسلمان ملڪن ۾، هنن کي کپي ته هُو هر ڳالهه جو ٿڌي دماغ سان جائزو وٺن. ٻين جي پڙڪائڻ تي يڪدم ڪاوڙ ۾ اچي ڏوهه جو ڪم نه ڪن. هُونءَ به مذهبي معاملن بابت ته صحيح راءِ اتي جا عالم ۽ مفتي مولوي ڏئي سگهن ٿا. ڪنهن کي ڏوهاري ٺهرائي ان کي موت جي سزا ڏيڻ ته فقط ملڪ جي قاضي ڪورٽن ۽ حڪومت جو ئي ڪم آهي. يڪدم جوش ۾ اچي، قانون هٿ ۾ کڻي ڪنهن جا عبادت گهر ۽ گهر ٻار ساڙڻ هڪ وڏو گناهه آهي.

## آمريڪا هڪ ڏورانهون ڏيهہ...

جپان، هانگ ڪانگ، مصر، ترڪيءَ جهڙا ايشيائي ملڪ يا جرمني ۽ ڪينيا جهڙا يورپي ۽ آفريڪي ملڪ، اسان ڪان تمام گهڻو پري آهن. اهي وڏي فاصلي تي ضرور آهن، پر آمريڪا صحيح معنيٰ ۾ هڪ ڏورانهون ڏيهہ آهي. سامونڊي نوڪريءَ دوران آئون پنهنجي هر جهاز جي ساٿين ڪي چوندو هوس تہ رڳو نقشي تي ڪراچيءَ ڪان نيويارڪ (آمريڪا) تائين آڱر تي ڦيرائجي تہ ان ۾ بہ محسوس ٿئي ٿو تہ نيويارڪ ٻين بندرگاهن: ٽوڪيو، استنبول، منيلا، ممباسا، هئمبرگ جي مقابلي ۾ گهڻو ڏور آهي! هيلنسڪي يا آفريڪي ڪنڊ جا ڏورانهان ڏکڻ وارا بندرگاهہ ڪيپ ٽائون، موپوتو، لئانڊا ۽ ڊڪار بہ ايترا پري نٿا لڳن. وڏي ڳالهہ تہ انهن تي پهچڻ دوران هر وقت ڌرتي ويجهي رهي ٿي ۽ رستي تان ڪيترائي بندرگاهہ گذرندا رهن ٿا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهن ۾ اسان جو ڪم نہ هجڻ ڪري، انهن ۾ جهاز کي لنگرانداز نٿا ڪريون، پر دل کي اهو تہ ڏڍ آهي تہ پنهنجي بيماري يا جهاز جي خرابيءَ جي صورت ۾ اسان پنهنجي جهاز کي انهن بندرگاهن ڏي مدد لاءِ يڪدم موڙي سگهون ٿا. ٻئي پاسي ڏٺو وڃي تہ آمريڪا کنڊ نہ فقط ڏورانهون آهي پر ان تائين پهچڻ لاءِ ٻنهي پاسن ڪان تمام وڏا سمنڊ، ائٽلانٽڪ ۽ پئسفڪ آهن.

يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ تہ هڪ ٻئي جي نہ فقط ويجها آهن پر ڪٿي ڪٿي هڪ ٻئي سان مليا بہ پيا آهن. اسان ڪراچيءَ ڪان ٽوڪيو، سنگاپور، لنڊن وغيره پنهنجي موٽرڪار ذريعي بہ پهچي سگهون ٿا، جيئن ڪراچيءَ ڪان ميرپورخاص، ملتان، تربت يا ڪوئيٽا پهچيو وڃون.

ايشيا کنڊ کان يورپ اچڻ لاءِ باسفورس ساموندي درياهه اڪرڻ لاءِ ان جي مٿان پل ٺهيل آهي. باسفورس ڀڄي سمنڊ ترڪي جي شهر استنبول مان گذري ٿو. ڀڄي سمنڊ (Strait) ان سوڙهي سمنڊ کي سڏجي ٿو جيڪو ٻن وڏن سمنڊن کي ملائي ٿو. ميڊيٽيرينن سمنڊ مان 'بحرِ اسوَد' ڪاري سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اسان کي جهاز باسفورس سمنڊ مان گذارڻو پوي ٿو. جنهن جي مٿان اتاهيون پليون آهن. جيئن خشڪيءَ جي ٽرئفڪ: ڪارون، لاريون، ٽرڪون استنبول جي هڪ حصي کان ٻئي حصي ڏي اينديون ويندیون رهن.

استنبول جو هڪ حصو ايشيا کنڊ ۾ اچي ٿو ته ٻيو حصو يورپ کنڊ ۾. جيئن مصر جو وڏو حصو ته ايشيا ۾ آهي، پر هڪ ننڍو حصو آفريڪا کنڊ ۾ به آهي. آفريڪا کنڊ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مصر ذريعي پهچي ڪيپ ٽائون تائين وڃي سگهجي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪن ملڪن جا رستا اهڙا خراب آهن يا امن امان جي حالت يا پاڙي وارن ملڪن جا تعلقات اهڙا خراب آهن جو ماڻهو اتان لنگهڻ پسند نٿا ڪن. جيئن اسان ڪراچيءَ کان لاهور ۽ امرتسر کان ڪلڪتي ۽ اڳيان ڍاڪا، چٽگانگ تائين ته آسانيءَ سان پهچي سگهون ٿا، پر اڳتي ٿائلنڊ ۽ ملائيشيا پهچڻ لاءِ برما جو ملڪ رنڊڪ ٿو پيدا ڪري، جو اڄ ڪلهه اتي جون حالتون صحيح نه آهن. ٻي صورت ۾ ملائيشيا جي چيڙي واري شهر 'جوهور بارو' پهچي سنگاپور ٻيٽ تائين ڪار ۾ وڃي سگهجي ٿو، جو جوهور بارو ۽ سنگاپور جي وچ ۾ جيڪو سمنڊ آهي، ان مٿان به ميل کن ڊگهي پل آهي، جيڪا 'ڪازوي' سڏجي ٿي. ڪن هنڌن تي ان قسم جون پليون نه آهن ته سمنڊ لتاڙڻ لاءِ سمنڊ هيٺان سرنگهون (Tunnels) آهن، يا وري انهن هنڌن تي 'فيريون' پئسنجر جهاز هلن ٿا، جن ۾ مسافرن سان گڏ موٽر ڪارون ۽ لاريون ته ڇا ٽرينون به چڙهيو وڃن ۽ هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين پهچيو وڃن. جيئن هيلنسڪي (فنلينڊ) ۽ ٽالن (ايسٽونيا) جي وچ ۾ يا جپان جي بندرگاهه فڪوڪا کان ڪوريا جي بندرگاه 'بوسان' هلندڙ فيري

(Ferry) جهازن ذريعي، جيڪا ڏينهن ۾ ٻه دفعا هلي ٿي ۽ وچ وارو سمنڊ ٽپڻ ۾ ٽي ڪلاڪ وٺي ٿي.

لنڊن کان باءِ روڊ ڪراچي ايندڙ ٻه ٽنل يا پلين ذريعي يا فئريءَ ذريعي انگلش چئنل وارو سمنڊ جو حصو ٽپي فرانس اچن ٿا. ان بعد ترڪي جي شهر استنبول ۾ پهچي، پل ذريعي باسفورس سمنڊ اُڪري، ايشيا کنڊ واري استنبول ۾ پهچن ٿا. جتان پوءِ ترڪي جو ملڪ لتاڙي بارڊر واري شهر گوربلاغ (Gurbuloak) ۾ پهچجي ٿو، جيڪو ترڪيءَ جي ضلعي دوغوبايزيد (Doguboyazet) ۾ آهي. بارڊر جي ٻئي پاسي ايران جي صوبي مغربي آذربائيجان جو شهر بازرگان آهي. ترڪي جي شهر 'گوربلاغ' ۽ ايران جي بازرگان جي وچ ۾ لاهور ۽ امرتسر کان ٻه گهٽ فاصلو، اٽڪل 6 ڪلوميٽر آهي، جيڪو بس يا ڪار 14 منٽن ۾ طئه ڪري ٿي. ياد رهي ته اسلام کان اڳ ايران 'پرشيا' سڏيو ويو ٿي، جيڪا هڪ تمام وڏي سلطنت هئي، جنهن جو خراسان وانگر آذربائيجان تمام وڏو صوبو هو. اڄ ڪلهه خراسان جو هڪ حصو افغانستان ۾ آهي ٻيو جيڪو ايران ۾ آهي تنهن جا ٻه ٽي حصا ڪيا ويا آهن.، اتر خراسان، ڏکڻ خراسان ۽ رضوي خراسان جنهن ۾ مشهد آهي. اهڙي طرح آذربائيجان جو هڪ حصو الڳ ملڪ آذربائيجان آهي، جنهن جي گاديءَ جو شهر باڪُو آهي. آذربائيجان جو ٻيو حصو جيڪو ايران ۾ آهي، ان جا ٻه صوبا مشرقي آذربائيجان ۽ مغربي آذربائيجان آهن.

ترڪي کان باءِ روڊ ايران جي صوبي مغربي آذربائيجان ۾ اچڻو پوي ٿو، جتان پوءِ ايران جا ٻيا صوبا: زنجان، حمدان، مرڪزي، اصفهان، يزد ۽ ڪرمان لتاڙي آخري صوبي سيستان بلوچستان ۾ اچجي ٿو، جنهن جو بارڊر پاڪستان واري بلوچستان صوبي سان مليل آهي. اهو ٽپي ڪوئيٽا اچجي ٿو، جتان پوءِ لاهور، ڪراچي يا پشاور ڏي وڃي سگهجي ٿو.

مٿي ايران جو ترڪيءَ جي پرسان واري شهر بازرگان لکندي ياد آيو ته بازرگان نه فقط شهر جو نالو آهي، پر ايرانين جي ذات ٻه آهي، جيئن

اسان وٽ ’ڏگاڻو بوزدار‘ شهر جو نالو آهي ته ذات به... جيئن سنڌي ’پنهنجي اخبار‘ جو نيوز ايڊيٽر جاويد بوزدار يا پنجاب صوبي جو وزيراعليٰ عثمان بوزدار. ايران ۾ بازرگان ذات جا ڪيترائي ماڻهو مشهور ٿي گذريا آهن، جيئن مهدي بازرگان، جيڪو 1979ع ۾ امام خمينيءَ جي اسلامي انقلاب بعد ايران جو وزيراعظم ٿيو. ان کان اڳ مهدي ڊپٽي وزيراعظم هو. پاڻ انجنيرنگ ۾ (شايد ٿرمو ڊائنامڪس ۾) ڊاڪٽوريٽ آهي ۽ سياست ۾ اچڻ کان اڳ تهران يونيورسٽيءَ ۾ انجنيرنگ ڊپارٽمينٽ جو سربراهه (Head) هو.

بهرحال ڳالهه اها آهي ته پراڻي دنيا: يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ جي ڪنهن به شهر ۾ اسان ڪراچيءَ کان باءِ روڊ پهچي سگهون ٿا. ڪٿي سمنڊ ذرو آهي ته پلين ۾ سرنگهن ذريعي يا ’فيري مسافر جهازن‘ ذريعي ٽپي سگهون ٿا، پر توهان ڪڏهن به ڪنهن کي ڪراچيءَ کان باءِ روڊ آمريڪا جي ڪنهن شهر نيويارڪ يا لاس اينجلس ويندي نه ٻڌو هوندو. هوائي جهاز ذريعي ته اوپر يا اولهه ڏي لڳاتار رخ ڪرڻ تي پهچي سگهجي ٿو پر ڪار رستي نه. اهو ان ڪري جو اپرندي طرف يا الهندي پاسي آمريڪا کنڊ تي پهچڻ کان اڳ، دنيا جي ٻن وڏن سمنڊن، ’ائٽلانٽڪ‘ ۽ ’پئسفڪ‘ مان هڪ کي لتاڙڻو پوي ٿو.

اسان ڪراچيءَ کان آمريڪا ويندا هئاسين ته اوپر جو يا اولهه جو رخ رکندا هئاسين يعني عربي سمنڊ مان نڪري هندي وڏي سمنڊ جي ڇيڙي تي ايندا هئاسين، جيڪو آفريڪا کنڊ کي ڇهي ٿو. اتان آفريڪا جو ڪنارو ڏئي، ڪيپ ٽائون وٽ ڪيپ آف گڊ هوپ واري خوفناڪ سمنڊ وٽ ڦيرو ڪري، ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ داخل ٿي وري اولهه جو رخ ڪندا هئاسين ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ ڪراس ڪري آمريڪا کنڊ جي ڪناري تي پهچڻ ۾ 20 ڏينهن لڳي ويندا هئا. پوءِ جي موسم سٺي هوندي هئي ۽ هوا ۽ لهرن جو رخ پٺيان کان هوندو هو ته ٻه ٽي ڏينهن اڳ به پهچندا هئاسين نه ته خراب حالتن ۾ وڌيڪ ڏينهن به لڳا ٿي، جو ڪيپ ٽائون

ڪان نيويارڪ 13000 ڪلوميٽر فاصلو آهي ۽ انهن ڏينهن جا جهاز جيڪي مون هلايا، انهن 24 ڪلاڪن ۾ 500 ڪان 700 ڪلوميٽر سفر طي ڪيو ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن ته هانگ ڪانگ يا جپان جو سامان هجڻ ڪري يا اتان کڻڻ ڪري اسان کي اوپر طرف جو رخ ڪرڻو پوندو هو. عربي سمنڊ ۽ هندي سمنڊ لتاڙي، ملائيشيا ۽ سنگاپور بعد ڏکڻ چيني سمنڊ لتاڙي، هانگ ڪانگ يا جپان پهچي، اوپر جو رخ ڪرڻو پوندو هو. جتان ڪان پئسفڪ سمنڊ شروع ٿئي ٿو ته وچيو آمريڪا ۽ ڪئنيڊا دنگ ڪري. پئسفڪ سمنڊ ڪٽي ڪجهه ماٺو آهي پر اسان کي ٽوڪيو ڪان لاس اينجلس (ڪئليفورنيا) يا وئنڪوئر (ڪئنيڊا) پهچڻ ۾ ٻارهن تيرهن ڏينهن لڳي ويا ٿَي، جو ٽوڪيو ڪان لاس اينجلس 9000 ڪن ڪلوميٽر فاصلو ٿيندو.

هُونءَ ته ڪنهن به بندرگاهه تي بيٺل فائيو اسٽار هوٽل جهڙي اسان جي خوبصورت پاٽيءَ جي جهاز کي اسان جا ڪناري جا آيل مهمان ڏسي ڏاڍي حسرت ڪن ٿا ته چا ته جهاز جون خوبصورت ڪئبنون (ڪمرا)، ڊائننگ هال ۽ انهن جا فرنيچر آهن! جهاز هلائڻ وارن جي خذمت چاڪريءَ لاءِ نوڪر چاڪر (بئرا، اسٽيووروڊ)، ڪائڻ پيئڻ لاءِ ست رڇيون ۽ موسم جي لحاظ ڪان جهاز هر وقت ايئر ڪنڊيشنڊ يا سينٽرلي هيٽيڊ. ڪمري جي فرج ولايتي چاڪليٽن، ڪيڪ پيسٽرين ۽ مختلف شربتن سان ڀريل.. ان ڪان سواءِ وڏن پگهارن ۽ وڏين سهولتن جو ڀڏي جهاز تي ايندڙ هر مهمان، جهاز تي نوڪري ڪرڻ وارن کي خوش نصيب سمجهي ٿو ۽ هُو پاڻ به جهاز جو مئرين انجنير يا نيويگيشن آفيسر ٿيڻ جو شوق ڪري ٿو. اسان به اسڪول / ڪاليج جي ڏينهن ۾ ڪياماڙي ۽ منهوڙي جي ٽوئرن دوران مختلف ملڪن ڪان ڪراچيءَ ۾ لنگر انداز مرچنٽ نيويءَ جا جهاز گهمي ۽ انهن تي سفيد يونيفارم ۾ سمارٽ آفيسرن کي ڏسي اهڙو ته متاثر ٿياسين جو اکيون پوري هن فيلڊ ۾ هليا آياسين. پر پوءِ تعليم مڪمل ڪري جيئن ئي ساموندي نوڪريءَ جي شروعات ڪئيسين ته يڪدم

احساس ٿيو ته اهو ضروري ناهي ته All that glitters is gold يعني هر چمڪندڙ شئي سون ناهي.

ماڊرن ٽيڪنالاجي ۽ سائنس جي ڪري جهاز، انجڻيون ويندي بندرگاهه آرامده، خوبصورت ۽ State of Art ته بڻجي ويا آهن، پر سمنڊ ۽ قدرتي آفتون ته ساڳيون آهن! سمنڊ جڏهن سانت آهي ته ان جي خوبصورتي ۽ سونهن کي پَسڻ مان ڪو ٿڪجي ئي نٿو، پر اڄ به سمنڊ بگڙي ٿو، جوش ڪائي ٿو ته هيڏو وڏو طاقتور لوهي جهاز هڪ چوڏو لڳي ٿو، آنڊي جي مريضن وانگر ڌڪڪندو رهي ٿو، اُپاميل چوليون ڪيس مٿي ڪٽي ائين سَٽين ٿيون جو جهاز جي Hull (ٻاهرين جسم) ۾ ڊينٽ (گِهبَ) پئجيو وڃن. جهاز جي هيٺان وچ تي ڪا چولي اچڻ تي جهاز چيڪاٽ ڪري ٿو ۽ بيد جي لڪڻ وانگر چبو ٿي، ڪڏهن ڪڏهن ته واقعي ٽڙڪيو به پوي. خراب موسم ۾ چڱي صحت وارا به 'سِي سڪنيس' بيماريءَ جو شڪار ٿيو پون، جنهن لاءِ اڄ به خبر نه پئجي سگهي آهي ته اها بيماري ذهني آهي يا جسماني. هڪ طرف ته ابڙاڪ ۽ الٽيون جهاز ۾ سوار کي بيحال ڪريو وجهن ته ٻئي طرف ڪجهه ڪائڻ تي دل نٿي چوي. مايوسي اهڙي جو دل چوندي آهي ته جهاز ٻڏي ته جان ڇُٽي. ڪا شئي نه وڻندي آهي. اهڙي صورت ۾ هڪ مسافر ته غشيءَ جي حالت محسوس ڪري سمهي رهي ٿو، پر جهاز هلائڻ واري کي ته نه رڳو رات ۽ ڏينهن واري واچ (ڊيوٽي) ۾ جهاز هلائڻو پوي ٿو پر جهاز جي خرابين کي به منهن ڏيڻ لاءِ وڌيڪ ڊيوٽي به ڪرڻي پوي ٿي، جيئن اهو جلد صحيح ٿي هلڻ لائق ٿي وڃي، ڇو جو جهاز جي حالت ويتر ان وقت وڌيڪ بگڙيو وڃي جڏهن ان جي انجڻ بند ٿيو وڃي ۽ اهو لهرن جي رحم ۽ ڪرم ۾ هليو وڃي ۽ گڏهه وانگر ڪُڏڻ شروع ڪري ٿو.

## سمنڊ تي جهاز هلائڻ واري جي حالت

خراب موسم يا سمنڊ جي خرابيءَ ۾ ته جهاز هلائڻ وارو پريشان رهي ٿو پر عام طرح بهتر حالتن ۾ به ان سان ويڙهه رهي ٿي. ان جو سبب اهو آهي ته سمنڊ تي جهاز هلائڻ واري ڊيوٽي، ڪناري جي نوڪرين وانگر ناهي، جن ۾ سڄو ڏينهن ڊيوٽي ڪرڻ بعد ننڊ لاءِ سڄي رات مليو وڃي ۽ هر ڪو دل وٽان ننڊ ڪري صبح جو تازو ٿي اٿي ٿو. سمنڊ تي اسان جي چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ چار ڪلاڪ رات جو ڊيوٽي بعد اٺ اٺ ڪلاڪ موڪل ٿئي ٿي، پر اٺ ڪلاڪ موڪل جي باوجود ننڊ پوري نٿي ٿئي. ڪنارو ڇڏڻ بعد به يا ٽي ڏينهن ته ننڊ يڪدم اچيو وڃي، پر ان بعد ڪلاڪن جا ڪلاڪ جاڳڻ بعد مس مس ننڊ اچي ٿي ۽ اجا ڳهاٽي ننڊ شروع ٿئي ٿي ته سُڪاني يا انجڻ روم جو تيل وارو اچيو در کڙڪائي ته، ”صاحب ’ڪوارٽر‘ يعني ڊيوٽيءَ ۾ باقي ’چوٿو ڪلاڪ‘ (15 منٽ) بچيا آهن، اٿي ڪڙو ٿي.“

ياد رهي ته جهاز هلائڻ جي ڊيوٽي ڪناري جي ڊيوٽيءَ وانگر نه آهي، جنهن ۾ ڪو صاحب پندرهن ويهه منٽ ڇا ڪلاڪ دير سان پهچي ٿو ته به ڪو فرق نٿو پوي. جهاز هلائڻ واري ڊيوٽي هڪ قسم جي ’چوڪيداري نمونو‘ آهي يعني جيڪو چوڪيدار ڊيوٽي ڪري رهيو آهي، اهو تيستائين موڪل نٿو ڪري سگهي، جيسين ان ڪي ڇڏڻ لاءِ ان جي جاءِ تي ٻيو اچي. ۽ جيڪو ڊيوٽي ڪري رهيو آهي يعني جهاز هلائي رهيو آهي، اهو ان ڇئن ڪلاڪن جي ڊيوٽيءَ ۾ ذهني ۽ جسماني طرح اهڙو ٿڪجيو پوي، جو آخري اڌ ڪلاڪ ۾ هن جون اکيون داخل ٿيڻ واري در ۾ هونديون

آهن تہ مون بعد جهاز هلائڻ وارو اچي تہ منهنجي جان ڇٽي. اهڙي حالت ۾ ڪو پنج منٽ بہ ڊيوٽيءَ تي دير سان پهچي ٿو تہ هن جي اها ڳالهہ خراب ۽ اعتراض جوڳي سمجهي وڃي ٿي. ان ڪري ’ڪوارٽر‘ جو اطلاع ملڻ تي ڊيوٽيءَ چڙهڻ وارو يڪدم اٿيو ڪڙو ٿئي، پلي ڪٽي ڪچي ننڊ ۾ هجي يا پڪي ننڊ ۾. ننڊ پوري نہ ٿيڻ ڪري ڪڏهن تہ دماغ پيو چڪرائيندو آهي، تہ ڪٿي آهيون! خوابن ۾ ڪناري تي هجبو آهي تہ اٿارڻ تي 25 هزار هارس پاور جي انجڻ جي طاقتور آوازن ۽ طوفاني هوائن جي سيسراٽ ٻڌڻ تي احساس ٿيندو آهي تہ اڃا ساموندي سفر کُٽو نہ آهي. ننڊ جو مزو اڌ ۾ ڇڏي جهاز هلائڻ لاءِ اٿي ڪڙو ٿبو آهي تہ ’چڙهہ جا سُولِي پر، رام ڀلِي ڪريگا!‘ ننڊ پوري نہ ٿيڻ ڪري ۽ جهاز دنيا جي خط استواءِ پٽي وٽان لنگهڻ دوران گرميءَ سبب اکيون، جهڙوڪر پوسرائينديون آهن. نرم ۽ ٿڌو بسترو ڇڏي منهن تي ڇنڊا هڻڻ لاءِ واش روم ۾ گهڙبو آهي. پنهنجي ٽُٿ پيسٽ جي ٽيوب کي ڏسي آئون اندازو لڳائيندو آهيان تہ جهاز ڪيترو سفر ڪيو آهي ۽ اڃا ڪيترا ڏينهن هلائڻ بعد ڪنارو ايندو.

دراصل هڪ دفعي ايئن ٿيو جو ڪراچيءَ مان لنگر کڻڻ وقت مون کي ياد آيو تہ مون وٽ ٽُٿ پيسٽ تہ آهي ڪانہ. سمنڊ تي ڇا ڪندس! سمنڊ تي جهاز هلائڻ جا هر هڪ آفيسر جا پنهنجا ڊيوٽي ٽائيم ٿين ٿا، ان ڪري هُو ان مطابق سمهن ۽ اٿن ٿا. ڪناري جي ڪنهن هاسٽل ۾ تہ رهيل نہ هوس، جتي سڀ اٿي هڪ ئي وقت برش ڪن ۽ توهان ڪنهن کان بہ ٽُٿ پيسٽ پنين سگهو ٿا. مون جهاز جي ڊاڪڻ هيٺ بيٺل پنهنجي ڪناري واري آفيس جي ڪلارڪ کي پئسا ڏنا، جيڪو ڪياماڙيءَ جي ڪنهن دڪان تان ٽُٿ پيسٽ وٺي مون کي ڏئي ويو. ٿوري دير کان پوءِ جهاز ڪراچي ڇڏيو ۽ کُلئي سمنڊ ۾ پهچڻ تي خبر پئي تہ جهاز جي روٽ ’ڏور اوير‘ بدران هاڻ ’يو ايس اي - ڪئناڊا‘ تي وئي آهي ۽ هي جهاز هاڻ آفريڪا کنڊ کي ڦيرو ڪري آمريڪا ويندو. دل

۾ چيم تہ چڱو جو ٽُٽ پيسٽ ورتم، ڇو جو فار ايسٽ روٽ تي تہ هر ٻئي ٽئي ڏينهن بندرگاهہ اچيو وڃي، جيئن تہ ممبئي، ڪولمبو، پينانگ، سنگاپور، منيلا، هانگ ڪانگ، ٽوڪيو وغيره. جن بندرگاهن مان ڪنهن هڪ تي تيل پاڻي لاءِ جهاز جي ترسڻ تي ان بندرگاهہ مان ٽُٽ پيسٽ جهڙيون شيون وٺي سگهجن ٿيون. باقي اولهہ ڏي تہ ڪراچي ڇڏڻ بعد جهاز پيو هندي وڏو سمنڊ لتاڙي، جيسين آفريڪا جو ڪنارو نظر اچي ۽ ممباسا، دارالسلام يا مايُوتو جهڙي بندرگاهہ ۾ ڏينهن اڌ لاءِ تيل خريد ڪرڻ لاءِ ترسي. تن ڏينهن ۾ يعني 1960ع واري ڏهاڪي تائين اڄان جهازن جون تيل ۽ پاڻي کڻڻ واريون ٽانڪيون وڏيون نٿيون هيون ۽ ڏهہ ٻارنهن ڏينهن بعد رستي تان ڪنهن بندرگاهہ مان تيل خريد ڪرڻو پيو ٿي. ڪراچيءَ مان نڪرڻ مهل آفريڪا جي ڪناري واري بندرگاهہ ممباسا پهچڻ ۾ ست اٺ ڏينهن لڳي ويندا هئا، جو ممباسا ڪراچيءَ کان 4400 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي يا ممباسا بدران موزمبق ملڪ جي بندرگاهہ مايُوتو (Maputo) مان تيل وٺندا هئاسين، جيڪو ڪراچيءَ کان 6800 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي، جتي پهچڻ ۾ ڏهہ ٻارنهن ڏينهن لڳي ويا ٿي. ان بعد ڪيپ آف گڊ هوپ وارو سمنڊ لنگهي، آفريڪا جي اولهہ ڪناري واري ڪنهن بندرگاهہ مان خاص ڪري سينيگال ملڪ جي ڊڪار بندرگاهہ مان جهاز جون تيل ۽ پاڻيءَ جون ٽانڪيون فل ڪرائي پوءِ يورپ جو رخ ڪندا هئاسين يا آمريڪا ڪنڊ ڏي روانا ٿيندا هئاسين.

ڏور اوڀر جي بندرگاهہ ڏي تہ هر شئي ملي وئي ٿي، پر آفريڪا پاسي جا بندرگاهہ اڄ بہ ويران نظر اچن ٿا ۽ شاپنگ يا ٻين سهولتن کان خالي رهن ٿا. آمريڪا جي ان پهرين سفر ۾، ڪراچيءَ مان نڪرڻ بعد اسان اڌ ڏينهن کن ممباسا ترسي، جهاز جي انجڻ لاءِ تيل ورتوسين ۽ جهاز تي موجود ماڻهن لاءِ راشن پاڻي... ان بعد اڳتي جي سفر لاءِ نڪتاسين.

’ڪيپ آف گڊ هوپ‘ ٽپي آفريڪا جي اولهہ ڪناري واري هڪ بندرگاهہ تان آمريڪا لاءِ ڪجهہ مال کڻڻ لاءِ بہ ڏينهن کن ترسي آمريڪا

ڪنڌ جو رخ رکيوسين. سڌو اچي ڪيُوبا کان نڪتاسين، جتان پوءِ نيويارڪ بندرگاهه لاءِ اتر ڏي رخ ڪيوسين. آمريڪا جون اوڀر ڪناري واريون رياستون: فلوريڊا، جارجيا، سائوٿ ۽ نارٿ ڪئرولينا، ورجينيا، ميري لئنڊ ۽ نيو جرسي وغيره لتاڙي اچي نيويارڪ جي مٿن هتن علائقي ۾ لنگر ڪيرايوسين. مون ڏٺو ته هاڻ ٽُٽ برش ڪرڻ لاءِ ڪا ٽن چئن ڏينهن جي ٽُٽ پيسٽ مس بچي هئي. ڪراچيءَ کان نيويارڪ پهچڻ ۾ اسان کي ڪي 24 ڏينهن لڳي ويا هئا. انهن ۾ ٻه ڏينهن ڪن پينسلوانيا جي بندرگاهه فلاڊلفيا ۾ پڻ ترسيا هئاسين، جتي آفريڪا مان ڪنيل سامان لاٿو هئوسين. آمريڪا جي ان پهرئين ٽرپ ۾ ئي مون کي آئيڊيا ٿي وئي ته ٽُٽ پيسٽ جو اهو ٽيوب 50 ڏينهن ڪن هلي ٿو. پنجاهه ڏينهن ان ڪري ٿو چوان ته ڪناري تي رهڻ وارن لاءِ ته ايترن ڏينهن ۾ اوترا ئي صبوح ٿيا ۽ جيترا ڏينهن هُو ڇوويهه پنجويهه دفعا ٽت برش ڪن ٿا، پر جهاز هلائڻ وارن لاءِ ڊبل صبوح ٿيا. اهو ان ڪري جو جهاز هلائڻ وارن کي چار ڪلاڪ ڊيوٽي ڪري باقي اٺ ڪلاڪن جي ساهيءَ ۾ وهنجي سهنجي، ماني کائي سمهڻو پوي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته ان ۾ گهاٽي ننڊ ڪا ٽي چار ڪلاڪ مس اچي ٿي ته چئن ڪلاڪن جي ڊيوٽيءَ لاءِ وري اٿجي ٿو. هٿ منهن ڌوئي، ڏندن کي برش ڪري، چانهه جو ڪوپ پي ڊيوٽيءَ لاءِ ڊوڙجي ٿو. ڪڏهن ته اها چانهه ۽ سئنڊوچ ڊيوٽي دوران گهرائڻي پوي ٿي. سو ڏينهن ۾ ٻه دفعا برش ڪرڻو پيو.

دنيا جي هر جهاز تي جهاز هلائڻ وارا ڊيڪ آفيسر (Navigators) توڙي مئرين انجنير ٽن حصن ۾ ورهايل هوندا آهن. هُو چار ڪلاڪ جيڪا ڏينهن جي ڊيوٽي ڪندا آهن، اها ئي هنن کي رات جي ڪرڻي پوندي آهي، جيڪي صبح جو اٺين وڳي کان منجهند جو ٻارهين وڳي تائين ڊيوٽي ڪندا آهن، انهن کي شام جو به اٺين کان آڌيءَ رات ٻارهين تائين ڊيوٽي ڪرڻي پوندي آهي. اهڙي طرح ٻئي گروپ کي ٻارهين کان چار تائين ڏينهن جو ۽ رات جو ڊيوٽي ڪرڻي پوي ٿي ۽ ٽئين ٽولي کي چار

ڪان اَٽ تائين. هُونءَ ته ظاهري طرح چئن ڪلاڪن بعد اٺ اٺ ڪلاڪ مليو وڃن پر ٻن ٽن ڏينهن بعد سيني جي ننڊ ڊسٽرب رهي ٿي ۽ اڪثر ٻه ٽي ڪلاڪ پاسا ورائيندي يا ڪتاب پڙهندي پڙهندي مس مس ننڊ اچي ٿي ۽ پوءِ جيئن ئي گهاٽي ننڊ اچي ٿي ته ڊيوٽيءَ جو سڏ ٿيو وڃي. دل چوندي آهي ته ڪناري جي نوڪري هجي ها يا جهاز بندرگاهه ۾ پهچي وڃي ته نارمل ماڻهن وانگر دل وٽان ننڊ ڪري تازا توانا ٿيون. جيئن مٿي لکيو اٿم ته ڪڏهن ڪڇيءَ ننڊ مان اٿندي دماغ پيو چڪرائيندو آهي ته مون کي چو اٿاريو ويو ۽ پوءِ سمنڊ جي لهرن کي جهاز جي جسم سان ٽڪرائيندو ۽ طوفاني هوائن جو درين جي سِيرن مان سيسڙاٽ جو آواز ٻڌي احساس ٿيندو آهي ته اڃان منزل ڏور آهي... هلي جهاز هلاءِ. اکيون پيون پوسارائينديون آهن. منهن تي ڇنڊا هڻي ڏندن کي برش ڪرڻ لاءِ ٽُٿ پيسٽ کي ڏسڻ سان چَڪرايل دماغ کي ڌڪ ملندو آهي ته اها هاڻ اچي ختم ٿيڻ تي ٿي آهي. منزل تي پهچڻ ۾ ڪو هفتو مس لڳي، پر جي پريل نظر ايندي آهي ته دل ٻُڏي ويندي آهي. ”ابوه! اڃا ته هاڻ سفر شروع ٿيو آهي... منزل آهي ڏور.“

اٽلانٽڪ يا پئسفڪ ڪراس ڪرڻ وقت اڪثر رب سان شڪايت ڪندو آهيان ته منهنجا مولا هيڏا وڏا سمنڊ نه ٺاهين ها يا آفريڪا ۽ آمريڪا کنڊن جي وچ ۾ ٻيو ٻه ڪو کنڊ ٺاهين ها، جتي اسان ساهي پٽيندا وڃون ها. يا سمنڊ ننڍا هجن ها ۽ زمين هڪ ٻئي جي ويجهو هجڻ ڪري اسان جو جهاز ٻن يا ٽن ڏينهن ۾ پهچي وڃي ها، پر پوءِ سوچيندو آهيان ته اهڙي صورت ۾ اسان مئرين انجنيئرس ۽ نيويگيٽرس جي کهڙي ضرورت هجي ها. جيڪي سمنڊ تي ڪريل انجڻ کي ٽيڪ کن ٿا ۽ سمنڊ تي رستا ٺاهين ٿا.

بهرحال ڪچي ننڊ مان اٿڻ توڙي اٿارڻ واري همراهه جو آواز ڪنهن کي پسند آهي، جيڪو در کي ڌڪ هڻندو رهي ٿو. جيسين صاحب بيڊ تان نه اٿي. آئون ته ٿرڊ انجنيئر هوس ته جهاز جو سيڪنڊ آفيسر جيڪو

مون وانگر ’ٻارهين کان چار‘ واري ڊيوٽي ڪندو هو. اهو ان ننڍ ڦٽڻ مان ڏاڍو بيزار هو. هڪ ڏينهن مون کي چوي ٿو ته. ”يار مون کي حسرت آهي ته هڪ ڏينهن اهو سڪاٽي (ڪوارٽر ماسٽر) در کڙڪائي ”اُٺو صاحب! ڪوارٽر هو گيا“ چوڻ بدران چوي ته ”اُٺو صاحب! آج ڪپتان مر گيا!“

”ان مان ڪهڙو فائدو؟ تنهنجي ڪپتان يا منهنجي چيف انجنيئر مري وڃڻ تي جهاز کي بيهاري ته نه ڇڏبو. ماڳهين انهن جي ڊيوٽي به پاڻ کي ڪرڻي پوندي!“ آئون کيس چوندو هوس.

## آمريڪا جي ٻولي ۽ ندين نالا

بهرحال هي سڀ ڳالهيون ان تان نڪتيون ته ڏور ولايت جا ٻيا ملڪ به آهن: سعودي، ڪويت، ويٽنام، ترڪي، برما وغيره پر يارو آمريڪا واقعي ڏور آهي ۽ ان ڏي سفر ٿڪائي ٿو. پاڻيءَ جو جهاز هلائڻ مهل ائٽلانٽڪ سمنڊ مٿان ڪنهن هوائي جهاز کي اڏامندو ڏسندو هوس ته چوندو هوس ته هوائي جهاز هلائڻ وارا توڙي ان ۾ سوار مسافر خوش نصيب آهن جو جلد ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي آمريڪا پهچيو وڃن. پر پوءِ نوڪري ڇڏڻ بعد هوائي جهاز ۾ آمريڪا يا ويندي جپان وڃڻ ٿيو ته احساس ٿيو ته هوائي سفر به ڪائي ٿو. پاڻي واري جهاز ۾ ته وري به گهر وانگر هلجي چلجي ٿو، ۽ وقت پاس ٿيو وڃي، پر هوائي جهاز ۾ جيڪو ٻارهن ڪلاڪ ڪلفيءَ وانگر ان جي سيٽ جي سانچي ۾ سُڪ ٿي وهڻو پوي ٿو، سو توبنهن ڪرايو ڇڏي!

آمريڪا مان هتي منهنجو مطلب فقط USA يا ڪئنادا نه آهي پر سڄو اتر ۽ ڏکڻ کنڊ آهي، جنهن ۾ برازيل، ڪولمبيا، چلي، وئنزوئلا، اِڪئيڊار جهڙا ڏکڻ آمريڪا جا ملڪ به اچن ٿا، ته گئاٽمالا، پاناما، ميڪسيڪو، نڪراگئا، جهڙا وچ آمريڪا جا ملڪ به اچي وڃن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته هتي اسان اتر آمريڪا کنڊ جي فقط هڪ ملڪ USA (يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا) جي ئي ڳالهه ڪري رهيا آهيون ۽ هتي آمريڪا لکڻ مان منهنجو مطلب فقط USA (متحده رياستهاءِ آمريڪا) آهي، جنهن جون 50 رياستون آهن، جيئن ته :فلوريڊا، ٽيڪساز، نيو ميڪسيڪو، جارجيا، مِشيگان، ڪولوراڊو، ڪئليفورنيا وغيره. سچ ته اهو

آهي ته اهي رياستون خيرپور ميرس جيڏيون نه آهن. پر هرهڪ سنڌ صوبي کان به وڏي آهي. هوائي (Hawaii)، ٽيڪساز ۽ ڪئليفورنيا جهڙيون رياستون ته تقريبن اسان جي ملڪ پاڪستان جيڏيون آهن.

روس ۽ ڪئناڊا بعد آمريڪا (USA) دنيا ۾ ٽيون نمبر وڏو ملڪ آهي. سندس پکيڙ 37,94,080 چورس ميل يعني 98,26,630 چورس ڪلوميٽر آهي. اسان جو ملڪ پاڪستان ته ڇا پر ان جو ننڍو صوبو سنڌ به هُونءَ ته دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن: جارڊن، آسٽريا، ڊينمارڪ، اسرائيل، بيلجم، لبنان، البانيا ۽ سئٽزرلئنڊ وغيره کان گهڻو وڏو آهي، پر آمريڪا سان ڀيٽ ته پيٽتجي ته پاڪستان جي ايراضي 8،82،000 چورس ڪلوميٽر هجڻ جي باوجود اهو يارهن ملڪن برابر آهي ۽ سنڌ جي پکيڙ 1،41،000 چورس ڪلوميٽر هجڻ ڪري آمريڪا (USA) مان سنڌ صوبي جيڏا 70 صوبا ٺهي سگهن. سو ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته USA ڪيڏو وڏو ملڪ آهي. نه رڳو وڏو آهي پر پاڪستان وانگر منجهس جبل، ماٿريون، سڌا پٽ، ريگستان، نديون، ڍنڍون، سامونڊي ڪنارا ۽ مختلف موسمون هجڻ ڪري هتي هر قسم جو اناج ۽ ميوا پاڇيون ٿيون ٿيون. سندس زمين معدني ذاتن سان مالامال آهي. سندس بهترين سياسي ۽ انتظاميا گورننس، تعليمي نظام، صحت جون سهولتون ۽ عدل انصاف ۽ مذهب جي آزادي هجڻ ڪري دنيا جي هر ملڪ جو ماڻهو هتي رهڻ چاهي ٿو. ويندي اسان جي ملڪ جا مُلان ۽ ڪٽر ايراني جيڪي ڏينهن رات آمريڪا کي گاريون ڏين ٿا، اهي به پنهنجي اولاد جي تعليم، روزگار، پاسپورٽ حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي علاج لاءِ لاٽري سسٽم ذريعي يا ٻين طريقن سان آمريڪا ۾ اچن ٿا.

آمريڪا، ايراضيءَ ۾ اسان جي ملڪ کان يارهن دفعا وڏو آهي، پر آدمشماري اسان جي ملڪ جي لڳ ڀڳ اٽس. پاڪستان جي آدمشماري 227 ملين آهي ۽ آمريڪا جي 330 ملين آهي.

آمريڪا (يو ايس اي) جي سرڪاري طرح قومي ٻولي انگريزي ۽ ٻئي نمبر تي اسپيني آهي. اسڪولن ۾ انگريزيءَ سان گڏ هسپانوي (Spanish)

ٻه پڙهائي وڃي ٿي، جيئن ڪئناڊا ۾ انگريزيءَ سان گڏ فرينچ آهي. باقي آمريڪا، وچ ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن ۾، سرڪاري زبان هسپانوي آهي سواءِ برازيل جي، جتي پورچوگالي آهي ۽ سرينام ۾ انگريزي ۽ ڊَچ آهي.

هر ملڪ ۾ ندين کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. آمريڪا ندين سان ڀريو پيو آهي. ڪي ته ايڏيون ڊگهيون ۽ تار وهن ٿيون جو انهن مان اڄ جا وڏا جهاز لنگهيو وڃن، جيئن 'نِيُواورلِيَنس' جهڙن بندرگاهن ۾ پهچڻ لاءِ اسان کي هڪ سؤ کن ڪلوميٽر 'مسِيسپِي نديءَ' ۾ اندر داخل ٿيڻو پوي ٿو، سمجهو ته جيئن اسان جي سنڌو نديءَ ۾ جڏهن پاڻي هو ۽ ٻيڙاجون ۽ پليون نه ٺهيون هيون ته ولايت کان ايندڙ ٻيڙا عربي سمنڊ لتاڙي ڪوٽڙي ۽ سکر جهڙن بندرگاهن ۾ پهچڻ لاءِ هنن کي سنڌو نديءَ ۾ داخل ٿيڻو پيو ٿي.

سنڌو ندي 3180 ڪلوميٽر يعني 1980 ميل ڊگهي آهي، جيڪا تبت مان شروع ٿي، ڪشمير جي لداخ ۽ گلگت، بلتستان صوبن مان ٿيندي، ننگا پربت (ديامير) جيڪو دنيا ۾ نائين نمبر تي وڏو جبل آهي، ان وٽان ڦيرو کائيندي پاڪستان ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ سڄو ملڪ لتاڙي ڪراچيءَ جي ويجهو عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي.

آمريڪا جي ننڍين ندين کي ڇڏي ڏجي ته ٻه چاليهه کن وڏيون نديون آهن، جن مان ست نديون بين الاقوامي بارڊر ٽپن ٿيون، جيئن ته 'يوڪان' ۽ 'ڪولمبيا' نديون ڪئناڊا مان شروع ٿي، آمريڪا ۾ داخل ٿين ٿيون. يوڪان ندي ڊيگهه ۾ 3190 ڪلوميٽر ٿيندي يعني اسان جي سنڌو نديءَ جيڏي ٿئي، جيڪا ڪئناڊا کان آمريڪا جي الاسڪا رياست ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ برنگ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. ڪولمبيا ندي 2000 ڪلوميٽر (1243 ميل) ڊگهي ٿيندي، جيڪا ڪئناڊا جي راڪي جبلن جي سلسلي مان نڪري آمريڪا جي واشنگٽن رياست ۾ داخل ٿئي ٿي، جتان پوءِ اوريگان رياست مان لنگهي پئسفڪ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي.

اهڙي طرح ٿي اهڙيون نديون آهن، جيڪي USA مان شروع ٿي ڪئناڊا ۾ داخل ٿين ٿيون، جيئن ته 'مِلڪ ندي' (آمريڪا جي مونٽانا

رياست مان شروع ٿي ڪئنادا جي صوبي البرٽا ۾ اچي ٿي)، ’سينٽ لارينس ندي‘ ۽ ’ڳاڙهي (Red) ندي‘.

ٻه اهڙيون نديون آهن جيڪي آمريڪا مان شروع ٿين ٿيون ۽ ميڪسيڪو وٽ چوڙ ڪن ٿيون ۽ باردر ٻه ٺاهين ٿيون. انهن مان هڪ 2330 ڪلوميٽر (1450 ميل) ڊگهي ’ڪولوراڊو ندي‘ آهي، جيڪا ڪولوراڊو رياست جي راڪي جبلن مان شروع ٿي، آمريڪا جي ستن رياستن مان گذري، وچ آمريڪا جي ميڪسيڪو وٽ پهچي ٿي. ٻي ’رِيَوگرانده‘ (Rio Grandee) آهي، جيڪا 3051 ڪلوميٽر (1896 ميل) ٿيندي. هيءَ ندي ڪولوراڊو رياست مان شروع ٿي ’ميڪسيڪو نار‘ ۾ چوڙ ڪري ٿي. اهڙي طرح ’مسِيسِپي‘ ۽ ’مسوري‘ نديون آهن، جن جي ڊيلٽا جو ڪجهه حصو ڪئنادا ۾ پڻ آهي ۽ ’گيلا‘ (Gila) ندي جيڪا پڻ آمريڪا ۾ وهي ٿي پر هن جي ڊيلٽا جو ڪجهه حصو وري ميڪسيڪو ۾ اچي ٿو.

مسِيسِپي ندي 3770 ڪلوميٽر (2340 ميل) ڊگهي ندي آهي، جيڪا آمريڪا جي اتراهين رياست منيسوٽا مان شروع ٿي، ڪيترين ئي رياستن مان لنگهي ڏکڻ ۾ گلف آف ميڪسيڪو (ميڪسيو نار) سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. نيو اورلينس، بئٽن روگ، وڪسبرگ، گرين وائيل جهڙن شهرن لاءِ اسان کي جهاز هن نديءَ اندر وٺي اچڻو پوي ٿو.

آمريڪا جي مسوري ندي اتر آمريڪا کنڊ ۾ ڊگهي ۾ ڊگهي ندي آهي ۽ 3767 ڪلوميٽر (2341 ميل) ٿيندي، هيءَ ندي مسوري رياست جي شهر سينٽ لوئيس وٽ مسي سپي نديءَ سان ملي ٿي، جيئن الهه آباد وٽ جمنا ندي گنگا سان ملي ٿي.

اهڙي طرح آمريڪا جي ’هڊسن ندي‘ آهي، خاص ڪري اسان جهاز هلائڻ وارن جي دلپسند ندي. نيويارڪ يا نيوجرسي رياست جي ڪنهن بندرگاهه ۾ وڃڻو هوندو آهي ته ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي هن نديءَ جي منهن وٽ يعني جتي اها ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ اچي چوڙ ڪري ٿي، اسان

پنهنجي جهاز جو لنگر اچي اتي ڪيرائيندا آهيون، جنهن جي هڪ پاسي نيويارڪ آهي ته ٻئي پاسي نيوجرسيءَ جو بندرگاهه نيوارڪ. هڊسن نديءَ ۾ داخل ٿيڻ سان نيويارڪ رياست جا ٻيا بندرگاهه اچن ٿا. هڊسن ندي 510 ڪن ڪلوميٽر يعني 315 ميل ڊگهي آهي.

1609ع ۾ ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ هينري هڊسن نالي هڪ انگريز ناڪئي (Navigator) کي آمريڪا جي نون علائقن جي ڪوجنائن ۽ قبضي ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. هو هن نديءَ اندر جهاز کي وٺي ويو، جنهن تي بعد ۾ هن جو نالو هڊسن پيو. هڊسن نديءَ جي ڇوڙ وٽ جيڪي ٻيٽ هئا، ان جو هن ڊَچن جي يورپ واري شهر ائمبسٽرڊام تان 'نيو ائمسٽرڊام' نالو رکيو، جيڪو پوءِ نيو يارڪ سڏجڻ لڳو. مٿين وڏين ندين کان علاوه آمريڪا ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي ننديون ننديون نديون آهن، جن جو تعداد 25 هزارن جي لڳ ڀڳ آهي، جيئن اسان وٽ سنڌو نديءَ کان علاوه ٻيون به ڪيتريون نديون آهن، جيئن ته پنجند، ستلج، جهلم، پونڇ، ڪنهڙ، نيلم، تاوي، گومل، ذهوب، قنڌار، ڪرم، ٽوچي، سون، سوات، پنجڪورا، بارا، ڪنار، هنزه وغيره وغيره. ڪي ته بارش جي موسم ۾ وهن ٿيون. جيئن ته دشت، ڪيچ، هنگول، حب، اورنگي جو نالو، لياري وغيره.

## جبلن جي سُونهن ۾ آمريڪا گهٽ ڪونهي

جبلن ۽ جبلن جي سونهن ۾ به، آمريڪا گهٽ ناهي. آمريڪا جون ٻه جبلن جون اهم قطارون آهن: راڪي ۽ اپالا چيان. ان ڪان علاوه سيريا نيوادا جبلن جي قطار پڻ اهم سمجهي وڃي ٿي.

’اپلاچيان‘ جبلن جون قطارون آمريڪا جي اوڀر واري ڪناري ڏي، ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ويجهو آهن. هي جبلن جون قطارون جيڪي 1500 ميل ٽينديون، الاباما رياست جي اتراهين حصي ڪان شروع ٿي مائين (Maine) رياست تائين پهچن ٿيون. وچ ۾ ٽينينسي، ڪينٽڪي، نارٿ ڪئرولينيا، ورجينيا، اوهيو، پينسلوانيا جهڙيون رياستون به اچيو وڃن. هنن جبلن (اپلاچيان) جي وڏي ۾ وڏي چوٽي 6684 فوٽ نارٿ ڪئرولينيا ۾ آهي. اپلاچيان جبلن جي آسپاس جبلن جون ڪجهه ننڍيون قطارون به آهن، جيئن ته گرين، سموڪي، بِلورِج، وائيٽ، لانگ فيلو جبل وغيره.

’راڪي‘ جبلن جي قطار اتر آمريڪا ۾ ڏگهي ڪان ڏگهي ۽ دنيا ۾ ٻيو نمبر تي آهي، جيڪا اتر ڪان ڏکڻ 3000 ميل ٽيندي. اها نيو ميڪسيڪو رياست ڪان اتر ۾ مونٽانا تائين پهچي ڪئنادا جي به ڪجهه حصي ۾ آهي. راڪي جبلن جي قطار ۾ سڀ ڪان اتاهين چوٽي البرٽ جبل آهي، جيڪو ڪولوراڊو رياست ۾ اچي ٿو ۽ هيءَ چوٽي سطح سمنڊ ڪان 14440 فٽ اتاهين آهي.

ياد رهي ته سنڌ جي ڪيرٿر جبلن جي قطار (Kirthar Mountains) جيڪا بلوچستان ۽ سنڌ جي وچ ۾ بائونڊري ٺاهي ٿي، انهن جبلن جي اتاهين چوٽي زرداڪ آهي، جيڪا 7430 فٽ آهي. جبلن جي هيءَ قطار

310 ڪلوميٽر (150 ميل) ڊگهي ٽيندي. هنن جبلن تي وسندڙ بارش گاج ۽ حب نديءَ ۾ داخل ٿئي ٿي. هنن جبلن جي هڪ چوٽي 8135 فوٽ بارغ (Barugh) سڏجي ٿي، جيڪا گورک هل جي ويجهو آهي. هڪ ٻي جبلن جي چوٽي جيڪا 6880 فوٽ آهي ’ڪتي جي قبر‘ سڏجي ٿي ۽ بروهڪي ٻوليءَ ۾ ’ڪوچاڪ نا قبر‘ چون ٿا. هن جابلو علائقن ۾ بروهي رهن ٿا. اصل لفظ براهوئي (Brahui يا Brahvi) آهي، جنهن جي معنيٰ آهي با ۽ روهي يعني ’جبلن جا رهاڪو.‘

چون ٿا ته هتي جي هڪ بروهي رهاڪوءَ ڪنهن هندو واپاريءَ وٽ اوڌر جي حساب ۾ پنهنجو ڪتو گرويءَ طور رکيو. ڪجهه ڏينهن بعد واپاريءَ جي گهر ۾ چور ڪاهي آيا، جن کي هن ڪتي ڀڄائي ڪڍيو ۽ مالڪ نقصان کان بچي ويو. ڪتي جي اهڙي عمل ڪري واپاريءَ خوش ٿي ڪتي کي آزادي ڏئي ڇڏي ته ڀلي پنهنجي مالڪ ڏي هليو وڃي.

ڪتو مالڪ وٽ پهتو ته بروهيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ته هن جي زبان مطابق ڪتو ان وٽ ڇو نه رهيو. يعني هندو واپاريءَ سان دوکو ٿيو. ان ڪري بروهيءَ پنهنجي ڪتي کي گهر اچڻ نه ڏنو. جو هو ان ڳالهه کان اڻ واقف هو ته هندو واپاريءَ هن جي ڪتي کي ان جي دليري ۽ چورن کان بچائڻ ڪري انعام طور آزاد ڪيو آهي. ڪتو ٻنهي گهرن مان ترڄڻ ڪري ڏاڍو مايوس ٿيو ۽ ڪجهه ڏينهن اندر مري ويو. ان دوران بروهي مالڪ کي به حقيقت جي خبر پئي ۽ ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ پنهنجي مري ويل ڪتي کي ان جبل جي چوٽي تي ڪٽي وڃي دفن ڪيو. ان کان پوءِ جبل جي هن چوٽيءَ جو نالو ’ڪتي جي قبر‘ پئجي ويو.

مٿين ڪهاڻي مون هڪ انگريزي ڪتاب ”Folk Tales of Sind & Gujrat“ ۾ پڙهي هئي. 112 صفحن جو هي ڪتاب 1925ع ۾ ڇپيو هو، جنهن جو ليکڪ ’سي. اي. ڪينڪيڊ‘ آهي. ڪين ڪيڊ_سڄو نالو ’چارلس آگسٽس ڪينڪيڊ‘ 1870ع ۾ ڄائو. هن ڪتاب کان علاوه سندس هڪ ٻيو تواريخي ڪتاب: ’History of Maratha People in

British Raj‘ تن جلدن تي مشتمل آهي، جيڪو هُن هڪ ٻئي ليکڪ سان گڏجي لکيو هو. مسٽر ڪينڪيڊ برٽش راڄ ۾ هاءِ ڪورٽ جو جج هو. سندس پٽ ڊينس به برٽش راڄ ۾ سرڪاري ڪامورو ٿي رهيو. هو پڻ مشهور ليکڪ آهي، جنهن جا به ناول ۽ هڪ تواريخي تحقيق جو ڪتاب ’British Social Life in India 1608-1937‘ آهي.

آمريڪا ۾ جيڪي ٿي وڏي ۾ وڏيون ۽ اهم جبلن جون قطارون آهن، انهن مان ٻن ’اپلاچيان‘ ۽ ’راڪي‘ جبلن بابت مٿي ذڪر ڪيوسين. ٽي جبلن جي قطار ’سيرا نيوادا‘ (Sierra Nevada) آهي، جيڪا USA جي اولهه واري حصي ۾ آهي، جنهن جو گهڻو ڀاڱو ڪئليفورنيا ۽ نيوادا رياستن ۾ آهي. هيءَ اٽڪل 640 ڪلوميٽر ڊگهي ۽ 130 ڪلوميٽر ويڪري ٿيندي. اتاهين چوٽي مائونٽ وٽني 14500 فوٽ آهي. جبلن جي هن قطار مان پڻ ڪيترين ئي ندين وهن ٿيون، جيئن ته سوسن ندي، ٽروڪي ندي، ڪارسن ندي، واڪر ندي، اوونس ندي وغيره.

## يورپي ماڻهو، مذهبي ظلمن کان بچي بہ آمريڪا آيا

آمريڪا (USA) جي گادي جو شهر ’واشنگٽن‘ آهي. آمريڪا جي 50 رياستن ۾ هڪ واشنگٽن نالي رياست پڻ آهي، پر هي گادي وارو شهر ’واشنگٽن D.C‘ سڏجي ٿو، يعني ’ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا‘. هي شهر ’پوٽو مئڪ نديءَ‘ جي ڪناري تي ورجينيا ۽ مئري لئنڊ رياستن پرسان آهي. آمريڪا جي پهرين صدر جارج واشنگٽن نالي هي شهر آهي ۽ فيڊرل ضلعو ڪولمبيا نالي آهي.

آمريڪا جي سڄي تواريخ ۾ هي ملڪ ٻاهران آيل ماڻهن جو گهر سمجهيو وڃي ٿو جتي دنيا جي مختلف ملڪن جا ماڻهو سٺي روزگار ۽ خوشحال زندگيءَ جي آسري ۾ اچن ٿا.

آمريڪا_يعني يو ايس اي ڇهن حصن (Regions) ۾ ورهايل آهي: ’نيو انگلينڊ‘، ’مڊ ائٽلانٽڪ‘، ’سائوٿ‘، ’مڊويسٽ‘، ’سائوٿ ويسٽ‘ ۽ ’ويسٽ.‘

يورپي ماڻهو مذهبي آزاديءَ خاطر نيو انگلنڊ وارين رياستن: ڪنيڪٽيڪٽ، مائين، ماساچوسيٽس، نيو همپشائر، رهوڊي آئلنڊ ۽ ورمانٽ ۾ اچي رهيا. پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ لکندو هلان تہ آمريڪا کنڊ جي ڳولا بعد يورپ جي ماڻهن آمريڪا جو رخ ڪيو هو پوءِ کن نئين دنيا جي معلومات (Exploration) تہ ڪن زمينن تي قبضو ڪري ڳني (ڪمانڊ)، ڪيهہ ۽ تماڪ جهڙين پوکن خاطر تہ ڪن معدني شيون خاص ڪري سونَ ۽ چاندي حاصل ڪرڻ لاءِ. آمريڪا لڏي اچڻ وارن ۾ ڪي اهڙا بہ هئا خاص ڪري انگلنڊ پاسي جا جيڪي پنهنجي مذهب جي بچاءَ

خاطر پنهنجو وطن ڇڏي آمريڪا آيا، جيئن هُو آزاديءَ سان پنهنجي مذهب جي پيروي ڪري سگهن. انهن ۾ توهان پيوريٽن جو نالو اڪثر ٻڌندا. هُو آمريڪا جي نيو انگلنڊ وارين رياستن ۾ اچي رهائش پذير ٿيا.

دراصل عيسائي مذهب جي ٻن وڏن فرقن ’پروٽيسٽنٽ‘ ۽ ’رومن ڪئٿولڪ‘ کان علاوه ٻيون به انهن جون ڪيترين ئي شاخون آهن، جيئن ته ’سيونٿ ڊي ايڊوينٽسٽ‘، ’ائنگليڪن‘، ’پريسبائيٽيريا‘، ’ڪُئيڪرس‘ (جيڪي فلاڊلفيا ۾ رهن ٿا)، ’سيڪرس‘، ’ڪئلونسٽ‘، ’رئنٽرس‘، ’ليولرس‘ وغيره. اهڙي طرح هڪڙا ’پوريٽنس‘ به آهن. 1500ع ۾ انگلنڊ وارن رومن ڪئٿولڪ چرچ (ڪليسا گهر) کان علحدگي اختيار ڪئي ۽ پنهنجو گرجا گهر ”چرچ آف انگلنڊ“ قائم ڪيو. ان وقت جي بادشاهه جي حڪم موجب انگلنڊ جي هر رهاڪو کي هن چرچ جو ميمبر ٿيڻ ضروري قرار ڏنو ويو. انهن ۾ اهڙو ٽولو به هو جن چرچ آف انگلنڊ کان علحدگي اختيار ڪئي. اهي ’عليحدگي پسند‘ (Separatists) سڏجڻ لڳا. هنن انگلينڊ ڇڏي آمريڪا لڏڻ ٿي چاهيو، جنهن لاءِ ورجينيا ڪمپنيءَ هنن کي 1620ع ۾ مي فلور (May Flower) جهاز تي موڪلڻ جو بندوبست ڪيو.

1630ع ۾ پيوريٽن (Puritans) جو ٻيو ٽولو ان وقت جي بادشاهه چارلس اول جي ظلم کان ڀڄي آمريڪا آيو. پيوريٽنس دراصل پروٽيسٽنٽ هئا. هنن چرچ آف انگلنڊ کي رومن ڪئٿولڪ رسمن رواجن کان آجو ڏسڻ ٿي چاهيو. پر انهن ڏينهن ۾ ان قسم جي مذهبي ڳالهه کي به ملڪي بغاوت يعني بادشاهه خلاف بغاوت سمجهي وئي ٿي، ڇو جو ملڪ ۽ ڪليسا جو هيڊ بادشاهه کي تسليم ڪيو ويو ٿي. يعني چرچ (مذهب) ۽ رياست (انگلنڊ) کي هڪ سمجهيو ويو ٿي. بهرحال مذهب جي آزاديءَ ڪارڻ ۽ انگلنڊ جي حاڪمن جي ظلمن کان بچڻ خاطر هي پيوريٽن آمريڪا جي ان حصي ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي، جنهن لاءِ مٿي لکي آيو آهيان ته اهو ’نيو انگلئنڊ‘ سڏيو ويو ٿي. آمريڪا ۾ ايندڙ ٻين ماڻهن وانگر هي اڻ پڙهيل ۽ بي هنر نه هئا. يورپ کان ٻيا جيڪي آيا ٿي اهي غريب هوندا هئا ۽ ڇڙا ڇڙ، پر هي پئسي وارا ۽ فئملين سان هئا.

پنهنجي پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ، خاص ڪري اهي جيڪي آمريڪا ۾ رهن ٿا يا آمريڪا وڃڻ جو ارادو رکن ٿا، هتي به ڳالهيون لکڻ ضروري سمجهان ٿو. هڪ سترهين صديءَ جي شروعات واري انگلنڊ جي بادشاهه ’چارلس اول‘ بابت، جنهن جي ڏينهن ۾ انگلنڊ جهڙي ملڪ جا ماڻهو مذهب جي معاملي ۾ رياستي ڏاڍ ۽ ظلم کان بچڻ لاءِ پنهنجو وطن ڇڏي هڪ ڏورانهين ۽ ڌارئين ملڪ جو رخ رکيائون. جيئن هُو آزاديءَ سان پنهنجي مذهب ۽ عقيدي موجب عبادت ڪري سگهن. ساڳي وقت اسان لاءِ عبرت جو مقام آهي ته انگلنڊ جهڙي ملڪ جو طاقتور بادشاهه، جيڪو نه فقط رياست جو سربراهه هو پر انهن ڏينهن ۾ بادشاهه سلامت مذهب جو به سرپرست سمجهيو ويو ٿَي يعني بادشاهه چارلس اول کو جهڙو تهڙو بادشاهه نه پر هڪ طاقتور بادشاهه هو، جنهن کان هر هڪ ڊنو ٿَي پر پوءِ جڏهن عوام بگڙي ۽ هن جي ظلمن جي حد پوري ٿي ته اهڙي بادشاهه کي به ٽنگيو ويو، نيست نابود ڪيو ويو. ان قسم جي طاقتور هستين جا توهان کي تاريخ ۾ ڪيترائي مثال نظر ايندا. فرانس جي حاڪم کان عباسي گهراڻي جي آخري حاڪم تائين. مطلب ته وڏائي ۽ گهمنڊ ڪنهن بادشاهه ۽ حاڪم کي به نٿو جڳائي ۽ اسان جي اڄ جي حاڪمن کي تواريخ مان سبق حاصل ڪرڻ کپي.

مَي فلاور (May Flower)، جيڪو هڪ مشهور ۽ تواريخي جهاز جو نالو آهي ۽ جنهن انگلنڊ کان آمريڪا مسافر ڍوئيا ٿي ۽ هن جهاز جي نالي تان آمريڪا ۾ ٿيندڙ معاهدن تي پڻ نالا رکيا ويا ۽ توهان کي آمريڪا ۾ جتي ڪٿي مي فلارو، مي فلاور لفظ ٻڌڻ ۾ ايندو. سمنڊن ۽ جهازن سان واسطو هجڻ ڪري هتي May Flower جهاز جو احوال پڻ لکان ٿو.

## انگلنڊ جو بادشاهہ، جنهن جو سِرُ قلم ڪيو ويو

’چارلس اول‘ 1625ع کان 1649ع تائين (يعني سندس سر قلم ٿيڻ تائين)، انگلنڊ، اسڪاٽلنڊ ۽ آئرلينڊ جو بادشاهہ ٿي رهيو. پاڻ، ڪانئس اڳ انگلنڊ جي بادشاهہ ’جيمس اول‘ (جيڪو 1566ع کان 1625ع تائين 60 سال ڪن تخت تي ويٺو) جو پٽ ۽ ’ايلزبيٿ اول‘ جو پوٽو هو. اها ’ايلزبيٿ اول‘ اڄ واري راڻي ’ايلزبيٿ‘ جي نہ ڇا پر مهاراڻي وڪٽوريا جي بہ ڏاڏي پڙڏاڏي ٿي، جو هيءَ 1533ع ۾ ڄائي هئي. مهاراڻي وڪٽوريا ايلزبيٿ اول کان ٽي صديون پوءِ 1819ع ۾ ڄائي، جڏهن ننڍي کنڊ تي انگريزن جو راڄ هو. هينئر واري راڻي ايلزبيٿ اڃا بہ هڪ صدي پوءِ 1926ع ۾ ڄائي ۽ سندس سڄو نالو ’ايلزبيٿ اليگزنڊرا مئري‘ آهي. ائين تہ اڄ واري هن راڻي ايلزبيٿ جي ماءُ جو نالو بہ ايلزبيٿ هو، پر ان جو سڄو نالو ’ايلزبيٿ انجيلا مارگريٽ باوزلين‘ هو، جيڪا 102 ورهن جي ڄمار ۾ 20 سال کن اڳ 2002ع ۾ فوت ٿي وئي. بهرحال انگلنڊ جو هي بادشاهہ چارلس اول ان ايلزبيٿ جو پوٽو هو، جيڪا اڄ کان 5 صديون اڳ 1533ع ۾ ڄائي هئي يعني مغل بادشاهہ ظهيرالدين بابر جي 1526ع ۾ هندستان تي فتح حاصل ڪرڻ کان 7 سال پوءِ.. هاڻ ڙي هاڻ ان وقت جي طاقتور مغل بادشاهہ بابر کي ڪهڙي خبر تہ سوا ٽي کن صدين بعد هن انگريز مائيءَ جي ٽڙ پوٽي مهاراڻي وڪٽوريا سندس ٽڙپوٽي ڪڙ پوٽي بهادر شاهہ ظفر کان هندوستان جو تاج و تخت کسرائي کيس ڏيهہ نيڪالي ڏيندي ۽ هندوستان جهڙي هيڏي وڏي ملڪ تي مغل سلطنت جو خاتمو ٿي ويندو. جنهن جو مٿيون آخري بادشاهہ ’بهادر شاهہ ظفر‘ قبر جي ڪجهہ گز زمين لاءِ بہ ليلڙائيندو وتندو تہ:

ڪتنا هي بدنصيب ’ظفر‘، دفن ڪي لئي،
دو گز زمين ڀي نہ ملي ڪُوءِ يار ۾.

گهٽ بدنصيب ته هن مائي ايلزبيٿ جو پوٽو ’چارلس اول‘ به نه هو، جنهن جي بدڪارين ڪري ملڪ جي فوج سندس سر قلم ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هتي اهو به لکندو هلان ته هن ايلزبيٿ شادي نه ڪئي. ان ڪري تواريخ ۾ هيءَ ڪنواري پوتَر راڻي (The Virgin Queen) سڏي وڃي ٿي. هتي اهو به لکندو هلان ته سندس وفات بعد جيمس جيڪو بادشاهه ٿيو، اهو هن راڻيءَ جو ڀائٽيو هو. اهڙي طرح چارلس اول سندس ڀائٽي جو پٽ ٿيو، جنهن پنهنجو پاڻ کي ’مطلق العنان‘ خودمختيار يعني (Absolute Monarch) بادشاهه ٿي سمجهيو. هن کي دماغ ۾ اهو ئي اُٺ هو ته قدرت طرفان هن کي هر عيش جي اجازت مليل آهي. هن جي عوام تي لڳايل ٽئڪسن ۽ ظالماڻن حڪمن ڪري عوام منجهائس بيزار ٿي پئي. سڀ کان وڏي ڳالهه جيڪا هن جي خلاف ٿي، اهو مذهب هو. انهن ڏينهن ۾ ملڪ جو بادشاهه نه فقط رياست جو مالڪ هو، پر مذهب جو به وڏو پادري هو. انگلنڊ جي عوام مسيحي فرقي پروٽيسٽنٽ کي قبول ڪيو ٿي. هُو رومن ڪئٿولڪ فرقي جي بلڪل خلاف هئا، پر چارلس جو لاڙو سندس زال جي ڪري رومن ڪئٿولڪ فرقي ڏي هو. انگلنڊ جا ڪيترائي ماڻهو هن دور ۾ هن بادشاهه جي ظلمن ڪري ۽ مذهب جي آزاديءَ خاطر آمريڪا ڀڄي آيا. اهي Puritans سڏجن ٿا.

بهرحال انگلنڊ ۾ سندس ظلمن ۽ مذهبي وڳوڙن بعد ڪيس تخت تان لاهي مٿس ڪيس هلايو ويو. ڀهريان تي ڏينهن بادشاهه چارلس کي جڏهن سندس ڏوهه قبول ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته ’Plead Guilty‘ ته هن انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهو ئي چوندو رهيو ته: “I would know by what power I am called hither, by what lawful authority?”

هن دعوا ڪئي ته ڪنهن به ڪورٽ جي اختيار ۾ ناهي ته اها انگلنڊ جي بادشاهه تي ڪو ڏوهه مڙهي. هن چيو ته ملڪ تي

حڪومت ڪرڻ لاءِ هن کي خدا ۽ ملڪ جي روايتي قانونن طرفان اتارتي ڏني وئي آهي ۽ ملڪ ۾ ڪوبہ هن کان مٿاهون ناهي جو هن کان سوال ڪري. پراڻي توڙي نئين لکيل بائيبل (Testament) ۾ ملڪ جي حاڪم کي اها گئرنٽي مليل آهي تہ عوام کي هن جي هر ڳالهہ مڃڻ کپي ۽ اها چوڻي ڏنل آهي تہ، "King can do no wrong"

ڪورٽ چارلس بادشاهہ جي ڪا ڳالهہ نہ مڃي ۽ ٽئين ڏينهن ڪيس ڪورٽ مان هٽائي، هن جي غير حاضريءَ ۾ 30 کن شاهدن جا ٻہ ڏينهن بيان رڪارڊ ڪندي رهي. ان بعد بادشاهہ کي سزا يافتہ قيدي قرار ڏنو ويو ۽ سندس موت جي وارنٽ تي 59 ڪمشنرن صحيحون ڪيون.

چارلس بادشاهہ جو سر ڌڙ کان ڪپي ڌار ڪرڻ واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ سندس ٻن ٻارن کي پيءُ سان ملڻ جي اجازت ڏني وئي، جن روئي پيءَ کان موڪلايو. ٻئي ڏينهن صبح جو هن ٻن قميصن جي گهُر ڪئي، جو موسم ٿڌي هجڻ ڪري هن کي ڏڪڻي تي رهي هئي ۽ هن نٿي چاهيو تہ سر قلم ٿيڻ مهل ڏسڻ وارا ماڻهو ان غلط فهميءَ ۾ متبلا ٿين تہ هو ٿڌڪار ڪري نہ پر سر ڪپجڻ جي خوف کان ڏڪي رهيو آهي.

سپاهين جي نظرداريءَ ۾ چارلس بادشاهہ کي ڦاهيءَ واري جاءِ تي وٺي آيا، جتي ڪاٺ واري هيءَ ڳِهرڪڻ (Gallows) لڳل هئي. پنهنجي هن سزا جي ڏوهہ لاءِ هن ان ڳالهہ جو اظهار ڪيو تہ هن هڪ دفعي پنهنجي وفادار آفيسر کي ڦاهيءَ کان نہ بچائڻ جي ڪري قدرت طرفان اڄ ڪيس موت نصيب ٿي رهيو آهي.

ٻي بجي صبح جو چارلس بادشاهہ مختصر عبادت بعد، پنهنجو سر اڏيءَ تي رکيو ۽ هٿ سڌا ڪرڻ سان ڪورٽ طرفان سگنل ملڻ تي جلاد ڪاٺ جا رسا ڍرا ڪيا ۽ هڪ ئي جهٽڪي سان سندس سر ڌڙ کان ڌار ٿي اڇلجي وڃي پري ڦهڪو ڪيو.

انهن ڏينهن ۾ اهو رواج عام هو ته سر قلم ٿيڻ بعد غدار جي سر کي ڏِگهي ڏنڊي سان ٻڌي ماڻهن جي ميڙ ۾ گهمائي اعلان ڪيو ويندو هو ته غدار جو سر ڏسو!

"Behold the head of a traitor"

ٻئي ڏينهن بادشاهه جو سر واپس ڌڙ سان سبيو ويو ۽ جسم کي مسالا بام هڻي دفن لاءِ لوهي ڪفن ۾ بند ڪيو ويو.

هن واقعي کان پورن ڏهن ڏينهن بعد چارلس بادشاهه جي لکيل آتم ڪٿا The Royal Portrait ڇپجي آئي. هي ڪتاب هڪ ڊائري نموني جو لکيل آهي. ڪن کي شڪ ضرور آهي ته ٿي سگهي ٿو هي ڪتاب بادشاهه پاڻ نه لکيو هجي. پر جيڪڏهن ڪنهن ٻئي لکيو آهي ته به اهو ضرور آهي ته هو بادشاهه جي تمام ويجهو رهيو آهي ۽ هو بادشاهه جي هر راز کان واقف رهيو آهي.

# ’مَي فلاور‘ هڪ تاريخي جهاز

پاڻي واري جهاز May Flower (مَي فلاور) بابت: سال 1620ع جي مهيني سيپٽمبر ۾ ’مي فلاور‘ نالي جهاز انگلنڊ جي بندرگاهه مان لنگر کڻي نئين دنيا آمريڪا پهچڻ لاءِ ائٽلانٽڪ سمنڊ ٽپڻ شروع ڪيو. هونءَ مرچنٽ نيويءَ جو هي جهاز May Flower مال بردار هجڻ ڪري فقط ڪارگو کنيو ٿي، خاص ڪري شراب ۽ خشڪ مال پر هن ٽرپ ۾ هن تي 102 ڪن مسافر سوار ٿيا، جيڪي سندن وطن انگلنڊ ۾ مذهب جي آزادي نه هجڻ ڪري، هو ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ٻي پار فقط نئين زندگي گذارڻ جي اميد ۾ وڃي رهيا هئا. آمريڪا جي ورجينيا ڪمپنيءَ هنن مسافرن کي آمريڪا جي اوپر ڪناري تي ’ خليج چيز پيڪ‘ ۽ ’هڊسن نديءَ‘ جي وچ واري علائقي ۾ رهائش جو اختيار وٺرائي ڏنو هو، جتي هو ٻني ٻارو ۽ ٻيو روزگار ڪري سگهيا ٿي.

66 ڏينهن جي ڏکئي ساموںڊي سفر بعد مَي فلاور جهاز آمريڪا جي ڪناري تي پهتو. ياد رهي ته انهن ڏينهن ۾ نه لوهي جهاز هئا ۽ نه انهن کي هلائڻ واريون انجڻيون. ڪاٺ جا ٻيڙا هئا، جيڪي سڙهن تي هليا ٿي. هي جهاز May Flower پڻ ڪاٺ جي تختن مان ٺهيل، ان وقت جي حساب سان جيتوڻيڪ هڪ وڏو جهاز هو، پر وڏو وڏو به فقط 80 فوٽ ڊگهو ۽ 24 فوٽ ويڪرو هو، جنهن 180 ٽن وزن سامان کنيو ٿي يعني اڄ جي لوهي جهازن سان ڀيٽ ڪجي ته اهي ننڍا ننڍا به 30 هزار لک ٽن کڻن ٿا، نه ته وڏا ته هڪ لک ٽن کان به مٿي ٿين ٿا. هي جهاز ’ڪئپٽن ڪرسٽافر جونس‘ جي ڪمانڊ ۾، سمنڊ تي طوفاني هوائن ۽ ڇتين ڇولين

جو مقابلو ڪندي، جڏهن ڪناري تي پهتو ته جهاز وارن کي احساس ٿيو ته هُو هڪ غلط ۽ ڏکئي هنڌ تي لٿا آهن، جتي ويراني آهي.

آمريڪا جي پهرين سخت ٿڌي سياري جي سَٽَ نه جهلي، هنن مسافرن مان اڌ ته خوراڪ جي کوٽ ۽ بيمارين ڪري مري ويا. باقي بچيل پوءِ آهستي آهستي وڃي سيٽ ٿيا. هنن ان علائقي جو نالو پنهنجي ملڪ انگلنڊ جي شهر Plymouth تان ’پلاءِ مائوٿ‘ ئي رکيو. ان وقت جي رهائش اختيار ڪندڙ مي فلاور جهاز جي هنن مسافرن جو اولاد جيڪو آمريڪا ۾ رهي ٿو، ان جو اڄ ڪلهه تعداد هڪ ڪروڙ ڪان مٿي آهي.

هن جهاز ’مَي فلاور‘ جي مسافرن ۾ هڪ وليم براڊ فورڊ نالي همراهه به هو، جنهن May Flower جهاز ذريعي آمريڪا پهچڻ جو سفرنامو ۽ پلاءِ مائوٿ جاگير جو احوال پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل سان لکيو آهي. ان ڪتاب جو نالو آهي: ’Of Plymouth Plantation‘.

آمريڪا پهچڻ جي ٻئي سال جهاز جو ڪئپٽن ’ڪرسٽافر جونس‘، جيڪو ان جهاز جو مالڪ به هو، گذاري ويو. ورثي ۾ هي جهاز سندس بيوه زال ’جَوسيان‘ (Josian) کي مليو. ڏيڍ سال بعد هُن جهاز جو ملهه ڪٿرايو ته ٿياڪڙن ڪيس ٻڌايو ته هي ته بلڪل ختم آهي. نتيجي ۾ هن مائيءَ هن جهاز کي پيجرائي ان جو مختلف سامان ڪباڙين (رديءَ جو سامان وٺڻ وارن) کي پُگِڻن مُٺ وڪڻي ڇڏيو.

## اسان جهاز وارن لاءِ
## ’يُو ايس اَي‘ معنيٰ اِيسٽ يا ويسٽ ڪوسٽ

پاڻ اها ڳالهه پئي ڪئي ته جاگرافيائي سهوليت خاطر آمريڪا کي ڇهن علائقن ۾ ورهايو ويو آهي. اهو ائين آهي جيئن اسان چئون ته سنڌ صوبي جا ٽي حصا آهن: اتر، وچولو ۽ لاڙ. ان سان اها سهوليت ٿي ٿئي ته مثال طور ڪو معلوم ڪري ته، ’ڪَڙيو گنهور‘ شهر ڪٿي آهي ته هن کي لاڙ ٻڌائڻ سان هُو سمجهي ويندو ته اهو ڪو ڪشمور يا جيڪب آباد پاسي ناهي. سچي ڳالهه اها آهي ته اسان جهاز هلائڻ وارن لاءِ هيڏو وڏو آمريڪا (USA) فقط ٻن حصن ۾ آهي: هڪ ’ايسٽ ڪوسٽ‘ (مشرقي ڪنارو) جنهن کي ائٽلانٽڪ سمنڊ ڇهي ٿو يعني نيويارڪ، بالٽيمور، سوانا، چارلسٽن، فلاڊلفيا، ڪئمبڊن، ميامي، هيوسٽن ۽ نيو اورلينس جهڙا بندرگاهه. ٻيو ’ويسٽ ڪوسٽ‘ (مغربي ڪنارو) جنهن کي پئسفڪ سمنڊ ڇهي ٿو يعني سيئٽل، ٽاڪوما، اوڪلنڊ، لاس اينجلس، سئن فرانسسڪو، لانگ بيچ ۽ سئن ڊياگو جهڙا بندرگاهه.

آفريڪا يا يورپ جو ڪنڊ ڇڏڻ مهل ڪراچي هيڊ آفيس مان جيڪڏهن اسان کي چيو وڃي ته جهاز کي لاس اينجلس بندرگاهه وٺي هلو جتي ڪارگو انتظار ڪري رهيو آهي ته، معنيٰ اسان کي آمريڪا جي اولهه واري ڪناري ڏي وڃڻو آهي، جنهن کي پئسفڪ سمنڊ ڇُهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن جيپان جي ڪنهن بندرگاهه ۾ هجبو آهي ته ان ساڳي بندرگاهه لاس اينجلس يا ڪئناڊا جي بندرگاهه وئنڪوئر ڏي وڃڻ لاءِ چيو ويندو آهي. جيپان کان آمريڪا جي اولهه واري ڪناري جي ڪنهن به بندرگاهه ۾

پهچڻ سولو آهي، جو جپان کي ۽ آمريڪا جي ويسٽ ڪوسٽ کي پئسفڪ سمنڊ ڇُهي ٿو، پر يورپ جي ڪنهن بندرگاهه بارسلونا، لسبن يا لنڊن کان لاس اينجلس پهچڻ لاءِ ڇيو وجي ته پهرين سڄو ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي نيويارڪ ۽ ميامي ڏي اچڻو پوي ٿو ۽ پوءِ وڏيڪ هيٺ ڏکڻ ڏي پاناما وڃڻو پوي ٿو، جتي پاناما ڪئنال آهي. اهو ائٽلانٽڪ ۽ پئسفڪ سمنڊن کي ڳنڍي ٿو.

پاناما ڪئنال جي ڳري في ڏئي جهاز کي ائٽلانٽڪ سمنڊ کان پئسفڪ وٺي اچڻو پوي ٿو پوءِ پئسفڪ سمنڊ ۾ پهچي مٿي اتر طرف جو رخ رکڻو پوي ٿو، جو لاس اينجلس ۽ وئنڪوئر جهڙا بندرگاهه بلڪل مٿي اتر ۾ آهن. سو اسان جهاز وارن لاءِ آمريڪا (USA) معنيٰ رڳو اوڀر ۽ اولهه ڪناري وارا بندرگاهه. اسان کي آمريڪا جي وچ واري حصي جي ڪا خبر نه هوندي آهي. اهو به ٿوري گهڻي مون کي ڄاڻ ان ڪري آهي جو منهنجو باءِ ايئر وڃڻ ٿيو آهي ۽ ٽرين ۽ بسين ذريعي رليو آهيان. هاڻ ته دنيا جا بندرگاهه جهاز تان سامان لاهڻ ۽ چاڙهڻ ۾ ايڏو ماڊرن ۽ تيز ٿي ويا آهن، جو ڪنهن به بندرگاهه ۾ جهاز ٻن ٽن ڏينهن کان مٿي نٿو ترسي. ان جو هڪ سبب ڪنٽينر سروس ۽ اناج کي Bulk ۾ کڻڻ به آهي. اڳ ۾ ڪنهن به قسم جو اناج: ڪڻڪ، چانور، تيلي ٻج ڳوڻين ۾ کنيا ويا ٿي. پوءِ ٽرڪون اهي ڳوڻيون کڻي جهاز پرسان آيون ٿَي ۽ پوءِ رسن جي ڄار ذريعي ٿوريون ٿوريون ڪري جهاز تي چڙهايون ويون ٿَي. ڪڏهن ڪڏهن شهر ۾ ٽرئفڪ ڪري ٽرڪون دير سان پهتيون ٿي. سمجهو ته جهاز کي پرڻ ۾ هفتي ڏيڍ کان ٻه هفتا لڳي ويا ٿي، پر هاڻ اهو ڪم (وينديءَ اسان جي پورٽ قاسم جهڙن بندر گاهن ۾) ٻن ڏينهن ۾ مڪمل ٿيو وڃي. جهاز جي پهچڻ کان اڳ ڪڻڪ يا چانور جيٽيءَ تي ڍير ڪيا وڃن ٿا. جهاز جيئن ئي جيٽيءَ سان ٻڌجي ٿو ته طاقتور پمپ ان اناج کي ڦوهاري ذريعي جيٽيءَ تان ڇڪي جهازن جي گدامن (Hatches) ۾ داخل ڪريو ڇڏين.

ان اناج کي لاهڻ ۾ به کي ٻه ڏينهن مس ٿا لڳن. جهاز مقرر بندرگاهه ۾ پهچي پمپن ذريعي سڀ اناج جيٽيءَ تي ڦٽو ڪري روانو ٿيو

وڃي. پنيان بندرگاهه وارن جي مرضي آهي ته پلي به يا ٽي هفتا ويٺا ان اناج کي ڦوهاري ذريعي ڳوٽين ۾ پرين يا ٽرڪن ۾ چاڙهين. بهرحال اهو هاڻ جو طريقو آهي، جنهن ۾ جهاز هلائڻ وارن کي بندرگاهن ۾ ساهي پٽڻ جو نه برابر وقت ٿو ملي. اسان جي ڏينهن ۾ يعني 1960ع ۽ 70ع وارن ڏهاڪن تائين اجا ڪنٽينر به عام نه ٿيا هئا ۽ اسان جو جهاز جنهن به بندرگاهه ۾ ويندو هو ته بيٺو رهيو ٿي. مهينو مهينو ته ڇا ٻه ٻه مهينا به ترسيو ٿي پوءِ اهڙي حالت ۾ اسان جهاز وارن جو هڪڙو گروپ بس يا ٽرين ذريعي اوسي پاسي جا شهر گهمڻ لاءِ هليو ويو ٿي. ان ملڪ جا ٻيا شهر ته ڇا پر وارن ملڪن ڏي هليا وياسين ٿي.

انگلنڊ جي ڪنهن بندرگاهه ۾ جهاز بيٺل هوندو هو ته فيريءَ ذريعي انگلش چئنل ٽپي فرانس ۽ جرمني هليا ويندا هئاسين. انهن ڏينهن ۾ ويزا ۽ پاسپورٽ جي ڪا نالي ماتر چڪاس ٿيندي هئي. اسان جهاز وارا ته جهاز جي ڪاغذن (CDC) تي سفر ڪندا هئاسين. اسان جي ملڪ ۾ جيتوڻيڪ ڊڪٽيٽرشپ هئي، ايوب خان جي حڪومت هئي، پر دنيا ۾ اسان جي ملڪ ۽ ماڻهوءَ جو قدر هو. هاڻ ته يورپ ۽ آمريڪا ڇا سريلنڪا، برما ۽ ويٽنام جهڙن ملڪن ۾ ويزا سان گهمڻ وڃ ته به اتي جي پوليس اسان تي شڪ ٿي ڪري ته هي ماڻهو صحيح نه آهن. هاڻ اسان جي ماڻهوءَ ۽ ناڻي جو قدر صفا ڪِري پيو آهي. پر 1960ع کان 1980ع تائين واري دور ۾، جڏهن مون جهاز هلايا، گهمڻ ڦرڻ ۽ شي شڪل ونڻ جا خوب مزا هئا. پر اهو آهي ته انهن ڏينهن ۾ وري جهاز اهڙا ماڊرن نه هئا. سمنڊ توڙي ڪناري تي جهاز ۽ ان جي انجڻ کي صحيح رکڻ لاءِ سخت پورهيو ڪرڻو پيو ٿي.

## آمريڪا جا ڇهه ريجن...

پاڻ اڇون آمريڪا (USA) جي ڇهن حصن تي، جن مان هڪ ’نيو انگلنڊ‘ سڏيو وڃي ٿو، جنهن جو احوال مٿي لکيو اٿم ته ان ۾ آمريڪا جون ڪنيڪٽيڪٽ، مائين، مئساچوسيٽس، ورمانٽ، رهوڊي جهڙيون رياستون اچيو وڃن. نيو انگلنڊ واري ريجن ۾ انگلنڊ جي بادشاهه چارلس ۽ ان وقت جي مشهور تواريخي ۽ مشهور بحري جهاز ’مَي فلاور‘ جو احوال پڻ لکي چڪو آهيان. يورپ جا رهاڪو، جيڪي هن ريجن ۾ رهيل آهن، انهن مان گهڻا پئسو ڏوڪڙ حاصل ڪرڻ لاءِ نه پر مذهبي آزاديءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا آيا.

مٿئين ريجن کان علاوه آمريڪا جا باقي پنج ريجن آهن: ’مڊ ائٽلانٽڪ‘، ’سائوٿ‘، ’مڊويسٽ‘، ’سائوٿ ويسٽ‘ ۽ ’ويسٽ‘.

آمريڪا جو ’مڊ ائٽلانٽڪ‘ وارو ريجن فئڪٽرين ۽ ڪارخانن کان مشهور ٿيو ۽ يورپ کان آيل لکين اميگرنٽن نيويارڪ، بالٽيمور ۽ فلڊلفيا جهڙن اوپر ڪناري وارن شهرن کي وڌايو ويجهايو. هن ريجن ۾ USA جون ’ڊيل ويئر‘، ’ميري لئنڊ‘، ’نيوجرسي‘، ’نيويارڪ‘ ۽ ’پينسلوانيا‘ جهڙيون رياستون اچيو وڃن.

آمريڪا جي سائوٿ ريجن ۾ ’الاباما‘، ’ارڪنساس‘، ’ٽيڪساس‘، ’فلوريڊا‘، ’جارجيا‘، ’ڪينٽڪي‘، ’لوئيزيانا‘، ’مسيسپي‘، ’اتر ڪئرولينا‘ ’ڏکڻ ڪئرولينا‘، ’ٽينيسي‘ ۽ ’ورجينيا‘ جهڙيون رياستون اچن ٿيون. هنن سيني رياستن آمريڪا جي خانه جنگي (Civil War) ۾ حصو ورتو هو، جيڪا 1860ع کان 1865ع تائين هلي.

آمريڪا کنڊ جي مختلف ملڪن ۽ مختلف رياستن گڏجي هڪ USA ملڪ ٺاهڻ بدران، آمريڪا ۾ رهندڙ توڙي ڪجهه عرصي لاءِ آمريڪا ويندڙن لاءِ هيٺين مختصر ڄاڻ ڪارآمد رهندي.

آمريڪا کنڊ جا اصلي رهاڪو جن کي اسان ’ريڊ اِنڊين‘ سڏيون ٿا، اهي آمريڪا ۾ صدين کان رهيا ٿي. سورهين صديءَ ۾ يورپين ۽ ٻين پاسن جي ماڻهن جو آمريڪا ۾ تڏهن پهچڻ ٿيو، جڏهن 1492ع ۾ ’ڪرسٽافر ڪولمبس‘ ائٽلانٽڪ سمنڊ ٽپي آمريڪا پهتو. ان بعد يورپين آمريڪا جي ڌرتيءَ تي قبضو (Colonization) شروع ڪري ڏنو. بعد ۾ پوک ۽ ڪاٽين جي ڪم لاءِ هنن آفريڪا کنڊ مان شيدي غلام به گهرايا. يورپين جون آمريڪا ۾ ڪيتريون ئي ڪالونيون 1600ع کان پوءِ ٺهيون. 1760ع ڌاري آمريڪا ۾ 13 برطانوي ڪالونيون ٺهي ويون، جن ۾ 25 لک ماڻهو، گهڻو ڪري انگريز آباد هئا. انهن تي ڪنٽرول ۽ قاعدو قانون برطانيا سلطنت انگلنڊ کان هلايو ٿي. ڪجهه سالن بعد 1776ع ۾ هنن تيرهن رياستن برطانيه جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ کي خود مختيار رياستون سڏائڻ جو اعلان ڪيو يعني هاڻ هنن انگلنڊ سان ڪنهن به واسطي رکڻ کان لاتعلقيءَ جو اظهار ڪيو ۽ هنن رياستن هڪ ٿي هڪ نئون ملڪ USA (آمريڪا جون گڏيل رياستون) نالي ٺاهيو.

هنن رياستن (USA) کي آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ ڏسي، وچ آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جا ملڪ جيڪي مختلف يورپي ملڪن جون ڪالونيون هئا، انهن ۾ اتساهه پيدا ٿيو ۽ انهن به هڪ ٻئي پٺيان خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو، جيئن ته 1804ع ۾ انقلاب دوران ’هائٽيءَ‘ خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو، ’ڪاسٽاريڪا‘ 1821ع ۾، ’هونڊراس‘، ’ميڪسيڪو‘ ۽ ’بولِيويا‘ پڻ 1821ع ۾، ’اڪئيڊار‘ 1830ع ۾، ’ڪولمبيا‘ 1831ع ۾ وغيره.

آمريڪا کنڊ جي مختلف پٽن کي يورپي ملڪن پنهنجي قبضي ۾ آڻي، انهن کي ڪيترائي سال پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکيو، پر پوءِ آخرڪار

اتي جي رهاڪو يورپين جي اولاد پنهنجي پنهنجي مادري ملڪ سان تعلقات ختم ڪري، نوَن ملڪن کي خودمختيار بڻايو. مثال طور ڪرسٽافر ڪولمبس کان پوءِ ’پورچوگال‘ جي بادشاهه ’مئنيوئل اول‘ طرفان 1500ع ۾ اتي جو مليٽري ڪمانڊر، نيويگيٽر ۽ Explorer پيڊرو ايلواريس ڪيبرل هن نئين دنيا ڏي موڪليو ويو. سندس جهاز اچ واري برازيل ملڪ جي ڪناري سان اچي لڳو. ان وقت جي دستور موجب جنهن يورپي جهازران آمريڪا کنڊَ جي ڌرتيءَ جي جنهن حصي تي پير ٽي رکيو، اهو سڄو علائقو / رياست / ملڪ ان جي ملڪيت ٿي ويو ٿي. ’ڪئپٽن ڪيبرل‘ هن ڌرتيءَ تي پهچي ان جو نالو ’برازيل‘ رکيو ۽ پورچوگالي سلطنت جي ملڪيت ٿيڻ جو اعلان ڪيو. اڳتي هلي برازيل 1822ع ۾ پنهنجا تعلق پورچوگال سان ختم ڪري، پنهنجي خودمختيار حڪومت ٺاهي.

## آمريڪا جي خانہ جنگي (Civil War)

آمريڪا ۾ رهندڙ اڪثر آمريڪي خانہ جنگيءَ (American Civil War) جي ڳالهہ ڪندا رهن ٿا. هيءَ لڙائي ڪڏهن لڳي، ڇو لڳي ۽ ڪنهن جي وچ ۾ لڳي، ان جي تفصيل ڪي ڇڏي هتي فقط خلاصو لکڻ ضروري سمجهان ٿو.

1776ع ۾ جڏهن ’رياستهاءِ متحده آمريڪا‘ يعني آمريڪا جي گڏيل رياستن جو ملڪ (USA) اتر آمريڪا کنڊ ۾ ٺهيو تہ ان وقت ڪيترين ئي رياستن ۾ غلامي (Slavery) عام هئي يعني آفريڪا کنڊ جي مختلف ملڪن مان شيدين کي سوگهو ڪري، جهازن ۾ ڀڏي وهاري آمريڪا کنڊ جي مختلف بندرگاهن ڏي موڪليو ويو ٿي، جتي انهن جو نيلام ٿيو ٿَي ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ يورپين، پورچوگالين، انگريزن، فرانسسين، اسپانين اهي شيدي غلام پنهنجي جاگيرن تي پوک لاءِ، ڪاٽين مان قيمتي ڌاتو ڪوٺڻ لاءِ ۽ ٻين ڏکين ڪمن لاءِ خريد ڪيا ٿي. ان جو تفصيلي احوال آئون پنهنجي ڪتاب ’زنجبار جهنگبار‘ ۾ ڪري چڪو آهيان تہ ڪيئن آفريڪا جي شيدي غلامن جو ڪاروبار اتي جي شيدي سردارن، عربن ۽ يورپ جي قومن ڪيو ٿَي. يورپ جي سيٺين کي نئين دنيا (آمريڪا) ۾ پليون زمينون، ڌاتن سان ڀريل جبل ۽ ڪاٽيون مليون، جن لاءِ هنن ڀهرين تہ يورپ کان ئي پنهنجا غريب پورهيت گهرايا پر گهٽي ڪاروبار ڪري هنن کي هر روز وڌيڪ ماڻهن جي ضرورت پوڻ لڳي، جنهن جو حل، آفريڪا کنڊ مان سگهارن شيدين کي غلام ٺاهي آڻڻ ۾ هو. اهو سلسلو آمريڪا جي ڪجهہ رياستن ۾ USA ملڪ جي

جنم وٺڻ تي بہ قائم هو، پر پوءِ 84 ورهين دوران USA جي اتراهن رياستن اهو فيصلو ڪيو تہ غلامي هڪ خراب شيءِ آهي، جنهن تي بندش هجڻ کپي. ڏکڻ وارين رياستن ۾ رهندڙ جاگيردارن ۽ سيٺين جي سوچ ان جي ابتڙ هئي. هنن غلاميءَ کي قانونيءَ طرح قائم رکڻ تي چاهيو.

اتر وارين رياستن ۾ تہ ڪارخانا ۽ فيڪٽريون جام کلي ويون هيون، پر ڏکڻ وارين رياستن جي ڪمائيءَ جو سڄو دارومدار پوک تي هو. ان ڪم لاءِ خاص ڪري ڪپهہ، ڳنَي ۽ اناج جي پوک لاءِ شيدي غلامن جي سخت ضرورت هئي. سو USA جون رياستون ٻن حصن ۾ ورهائجي ويون. هڪڙيون اهي جن غلامي قائم رکڻ چاهي ٿي ۽ ٻيون غلاميءَ جي سخت خلاف ٿي بيٺيون.

غلاميءَ بابت بحث مباحثا ۽ زباني جهيڙا وڌندا ويا. 1850ع واري ڏهاڪي ۾ ڪنساس رياست جي ماڻهن ۾ غلاميءَ جي ڳالهہ تان ماڳهين مار موچڙو شروع ٿي ويو. هڪڙا چوَن تہ غلامن جي خريد و فروخت جاري رکڻ کپي تہ ٻيا چوَن تہ اها بند ڪئي وڃي.

انهن ڏينهن ۾ يعني 1860ع ۾ آمريڪا جي صدارتي چونڊ ٿي، جنهن ۾ ريپبلڪن پارٽيءَ جو ’ابراهام لنڪن‘ ملڪ جو سورهون صدر چونڊيو ويو. لنڪن غلاميءَ تي اجان بندش نٿي هڻڻ چاهي. هن سمجهيو ٿي تہ ايئن ڪرڻ سان آمريڪا جي ڏاکڻين رياستن کي نقصان رسندو. پر اها ڳالهہ آهي تہ لنڪن ۽ هن جي ريپبلڪن پارٽيءَ ’غلاميءَ‘ کي سٺي ڳالهہ نٿي سمجهيو. مارچ 1861ع ۾ لنڪن هن ملڪ جي صدارت جي چارج ورتي. لنڪن يعني ريپبليڪن پارٽيءَ جي ڪٽڻ جو ٻڌي، ڏاکڻين رياستن جا ماڻهو سمجهي ويا تہ لنڪن جي حڪومت پڪ غلاميءَ تي بندش هڻي اسان جي پوک ۽ ٻئي ڪاروبار کي ڇيهو رسائي. سو ان چڪر ۾ ڏاکڻين رياستن پنهنجو پاڻ کي هن گڏيل رياستن جي ملڪ USA کان پاڻ کي الڳ ۽ خودمختيار رکڻ جو اعلان ڪيو. لنڪن ۽ ان جي پارٽيءَ ڏاکڻين رياستن جي هن عمل کي بغاوت قرار ڏنو. ڏکڻ وارين

هنن رياستن الڳ ملڪ جو اعلان ڪيو پر دنيا جي ڪنهن به ملڪ ڪين تسليم نہ ڪيو. يورپ جا بہ سمورا ملڪ غلاميءَ جي خلاف هئا. ڏکڻ وارين رياستن ۾ جملي يارهن رياستون شامل هيون، جيئن تہ :سائوٿ ڪئرولينيا، مسي سپي، فلوريڊا، الاباما، جارجيا، لوئيزيانا، ٽيڪساز، ورجينيا، ارڪنساس، نارٿ ڪئرولينا ۽ ٽينيسي. اهي رياستون پاڻ کي ’ڪانفيڊريسي‘ (Confederacy) سڏائڻ لڳيون ۽ اتر واريون 25 رياستون ’يونين‘ (Union) سڏائڻ لڳيون، جنهن نالي سان هنن جو مطلب اهو هو تہ هنن پنهنجو ملڪ USA ئي سمجهيو ٿي.

بهرحال لنڪن جي صدر ٿيڻ تي هنن ٻن حصن ۾ لڙائي شروع ٿي وئي، جيڪا پورا چار سال 1865ع تائين هلي. آمريڪا جي تاريخ ۾ هيءَ هڪ خونخوار لڙائي چئي سگهجي ٿي، جيڪا سمجهو تہ هڪ قسم جي گهرو اڻ بڻت تان شروع ٿي. هڪڙن چاهيو ٿي تہ غلامي قائم رکي وڃي تہ ٻيا ان جي سخت خلاف ٿي بيٺا. هن لڙائيءَ بعد يونين يعني اتر وارين رياستن جي سوڀ ٿي. سڄي آمريڪا ۾ غلاميءَ (Slavery) کي غيرقانوني قرار ڏنو ويو. سو جيئن تہ پاڻ آمريڪا (USA) کي ڇهن ريجن ۾ ورهائڻ جي ڳالهہ پئي ڪئي تہ ’سائوٿ‘ ريجن اهو آهي، جنهن ۾ مٿيون رياستون آهن جن ۾ غلاميءَ کي قائم رکڻ لاءِ USA کان ڌار ٿي پنهنجو ملڪ Confederacy الڳ ٿي ٺاهيو، جنهن تان خانہ جنگي شروع ٿي ۽ هارايائون.

## آمريڪا جو مڊوَيسٽ ريجن

آمريڪا جو چوٿون ريجن ’مڊ ويسٽ‘ سڏجي ٿو، جنهن ۾ ’اليناءِ‘، ’انڊيانا‘، ’آيووا‘، ’ڪنساس‘، ’مِشيگان‘، ’منيسوٽا‘، ’مسوري‘، ’نيبراسڪا‘، ’نارٿ ڊڪوٽا‘، ’اوهائيو‘، ’سائوٿ ڊڪوٽا‘ ۽ ’وسڪنسن‘ رياستون اچن ٿيون. هي ريجن ائگريڪلچر ۽ انڊسٽريءَ ڪري بيحد خوش حال آهي ۽ جيئن انڊيا ۾ پنجاب صوبي کي ’Bread Basket‘ سڏجي ٿو، تيئن آمريڪا ۾ هن ريجن کي ’Nation’s Breadbasket‘ ۽ ’America’s Heart land‘ چيو وڃي ٿو. هي ريجن ڪاٽين ۽ معدنيات خاص ڪري لوهه ڪان تمام گهڻو امير آهي.

آمريڪا جون مشهور جابلو قطارون ’راڪي جبل‘ ۽ ’اپالاچين جبل‘ هن ريجن جي ڪيترين ئي رياستن مان لنگهن ٿا. آمريڪا جون مشهور ۽ ڏگهيون نديون ’مسيسپي‘ ۽ ’مسوري‘ بہ هن ريجن مان شروع ٿين ٿيون. ياد رهي تہ اهي ٻئي نالا مِسوري ۽ مِسيسِپي ندين جا آهن تہ هتي جي رياستن جا بہ. جيئن سمجهو تہ اسان وٽ ’جهلم‘ نديءَ جو نالو آهي تہ شهر جو بہ. اهڙي طرح ملائيشيا ۾ ’ملاڪا‘ نديءَ جو نالو آهي تہ اتي جي رياست ۽ ان رياست جي گادي واري شهر جو نالو پڻ ملاڪا آهي. هن ريجن (Midwest) ۾ سڀ کان وڏو شهر ’شڪاگو‘ آهي، جيڪو آمريڪا (USA) جو ’نيويارڪ‘ ۽ ’لاس اينجلس‘ بعد ٽيون نمبر وڏو شهر آهي. جيڪڏهن کو ان بعد وڏو شهر معلوم ڪرڻ چاهي تہ چوٿين نمبر تي ٽيڪساس رياست جو شهر ’هِيُوسٽن‘ آهي ۽ پنجين نمبر تي اريزونا رياست جو ’فونيڪس‘ ۽ ڇهين نمبر تي پين سلوانيا رياست جو ’فلاڊيلفيا‘ آهي.

مِسيسپِي ندي هن ’مڊويسٽ‘ ريجن جي رياست ’منيسوٽا‘ مان شروع ٿي ڏکڻ ۾ ’ميڪسيڪونار‘ سمنڊ ۾ وڃيو چوڙ ڪري. اهو پهرين ٻہ لکي چڪو آهيان تہ هيءَ ندي 3900 ڪن ڪلوميٽر ڊگهي آهي ۽ آمريڪا جي ڏهن رياستن مان گذري ٿي. مسوري ندي ان کان بہ وڏي 3770 ڪلوميٽر آهي، جيڪا راڪي جبلن جي قطار مان نڪري ٿي ۽ مونٽانا، نارٿ ڊڪوٽا، سائوٿ ڊڪوٽا، نيبراسڪا، آئووا، ڪنساس ۽ مسوري رياستن مان لنگهي ٿي.

دنيا جي گولي تي پنج وڏيون مٺي پاڻيءَ جون ڍنڍون بہ هِن مڊويسٽ ريجن ۾ آهن. اهي پنج ئي ڍنڍون ڪئنالن ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن ۽ منجهن جهازراني ٿئي ٿي. هي ڪافي وڏيون ڍنڍون آهن، جن ۾ سمنڊ واريون وڏيون ڇوليون ۽ طوفان لڳندا رهن ٿا ۽ هڪ اندازي مطابق هنن ڍنڍن ۾ هيستائين 6000 کان مٿي جهاز ٻڏي چڪا آهن يا ٽڪرائڻ ڪري حادثي جو شڪار ٿيا آهن. ڪيترائي ٻڏل جهاز ٻاهر نہ نڪري سگهيا آهن، جو هي ڍنڍون ڪافي اونهيون آهن. 500 فٽ تہ عام طرح اونهائي اٿن، پر ڪن هنڌن تي اهي 1300 فٽن کان بہ وڌيڪ اونهيون آهن.

ستر هزار کان وڌيڪ مئنو فئڪچرنگ ڪمپنيون هن ريجن ۾ آهن، جن ۾ ’فورڊ موٽر ڪمپني‘ ۽ ’جنرل موٽر ڪمپني‘ ڊٽرائٽ شهر ۾ آهن، پروڪٽرائينڊ ائنڊ گئمبل، ڪئٽرپلر وغيره پڻ انهن مان آهن.

رشمَور جبل وارو قومي يادگار بہ هن ريجن ۾ آهي، جتي ماضي جي صدرن ’جارج واشنگٽن‘، ’ابراهام لنڪن‘، ’ٿامس جيفرسن‘ ۽ ’ٿودور روز ويلٽ‘ جا چهرا جبل جي چوٽيءَ تي ٺُڪيل آهن، جنهن کي ڏسڻ لاءِ ملڪي توڙي غير ملڪي سياح اچن ٿا. دنيا جو اتاهون ترين دروازو / محراب (Arch) بہ هن ريجن جي رياست مسوري ۾ آهي. مسوري جي شهر سينٽ لوئيس ۾ هي محراب (وَنگ) جيڪو ’گيٽ وي آرچ‘ سڏجي ٿو، دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪمان (محراب) آهي جيڪا 190 ميٽر اتاهين ٿيندي، جنهن کي پڻ ڏسڻ لاءِ دنيا جا ٽوئرسٽ اچن ٿا.

بلومنگٽن (منيسوٽا) جو ’دي مال آف آمريڪا‘ هڪ وڏو ڊپارٽمينٽل اسٽور آهي، جنهن اندر 500 کان مٿي مختلف شين جا دڪان آهن. دنيا جي وڏي مڇيءَ جو فائبر گلاس جو مجسمو پڻ هن ريجن جي رياست وسڪنسن ۾ آهي. هيءَ مڇي بوئنگ 757 هوائي جهاز جيڏي چار ماڙ عمارت کان به اتاهين آهي.

آمريڪا جو پنجون ريجن ’سائوٿ ويسٽ‘ سڏجي ٿو، جنهن ۾ اريزونيا، نيوميڪسيڪو، اوڪلاهوما ۽ ٽيڪساز جهڙيون رياستون اچن ٿيون. هي ريجن گرانڊ ڪئنان ۽ ڪارلسباد ڪئورن جهڙن قدرتي نظارن کان مشهور آهي. هنن غارن (Carlsbad Caverns) بابت پنهنجن شروع جي ٻن آمريڪي سفرنامن ’نيو هالا کان نيويارڪ‘ ۽ ’ڳوٺ بخشو لغاريءَ کان بالٽيمور‘ ۾ تفصيل سان لکي چڪو آهيان.

آمريڪا (USA) جو ڇهون ۽ آخري ريجن ’آمريڪن ويسٽ‘ آهي، جيڪو مارڌاڙ جي فلمن، گهوڙن ۽ Cowboys کان مشهور آهي. هن ريجن ۾ هي رياستون اچن ٿيون: ’الاسڪا‘، ’ڪولورادو‘، ’هوائي‘، ’اداهو‘، ’مونٽانا‘، ’نيوادا‘، ’اوريگان‘، ’واشنگٽن‘ ۽ ’وائومنگ‘.

## آمريڪا جون ڪجهه وڌيڪ ڳالهيون...

- ♦ آمريڪا جو ٿوڙهو عقاب (Bald Eagle) يو ايس اي جو قومي پکي آهي. اٽات ۾ هجڻ ڪري هن پکيءَ جي جنس کي سرڪار طرفان حفاظت مليل آهي يعني 'Protected Species' مان آهي ۽ هن کي مارڻ ڏوهه جو ڪم آهي.
- ♦ مَينهِن جهڙو هڪ جانور جيڪو آمريڪا ۾ ئي نظر اچي ٿو. جهنگلن ۽ ميدانن ۾ نه ته توهان کي ويسٽرن فلمن، ٻارن جي ڪهاڻين ۽ ڪارٽُونن جي ڪتابن ۾ ضرور نظر ايندو. اهو آهي 'بائسن' (Bison). يورپي، جڏهن هن کنڊ ۾ آيا ته پاڏي جهڙو هي جانور ڌڻن جي صورت ۾ گهمندو نظر آيو ٿَي. هتي جي اصلي رهاڪن ريڊ اِنڊين جو هن جانور تي گذارو رهيو ٿَي، پوءِ يورپ کان آيل ماڻهن هن جي خوب مار مارا ڪئي، ويندي ان خيال کان به ته جيئن ان جو انگ گهٽجي وڃي ۽ ريڊ اِنڊين بکيا مرن. آخرڪار بائسن جو تعداد ختم ٿيڻ واري حد تي وڃي پهتو. ان ڪري هاڻ هن کي پالڻ شروع ڪيو آهي. هاڻ هي جانور سرڪار پاران مقرر زمين يا خانگي وٿاڻن ۾ ئي نظر اچي ٿو.
- ♦ 18 سالن کان وڏي عمر جا آمريڪي شهري، ووٽ ذريعي سنئون سڌو ملڪ جو چئن سالن لاءِ صدر ۽ نائب صدر چونڊين ٿا. ملڪ جو صدر آمريڪا جي گاديءَ واري شهر واشنگٽن ڊي سي ۾ ٺهيل 'وائيٽ هائوس' نالي گهر ۾ رهي ٿو.

- آمريڪا جي صدر جي رهائش ۽ آفيس ’وائيٽ هائوس‘ نالي جنهن عمارت ۾ آهي، اها واشنگٽن ڊي سي جي پين سلوانيا روڊ تي آهي. هن ۾ جان آدم کان وٺي يعني 1800ع کان ملڪ جا صدر رهندا اچن. جان آدم 1797ع کان 1801ع تائين آمريڪا جو ٻيو صدر هو. ان کان اڳ آمريڪا جي پهرئين صدر جارج واشنگٽن جي رهائش ۽ آفيس فلاڊيليفيا ۾ رهي. ان کان اڳ آمريڪا جي گاديءَ جو شهر ۽ صدر جي رهائش نيويارڪ ۾ ٻه ڪجهه عرصو رهي.
- آمريڪا (USA) جي وفاقي پارليمان کي ’ڪانگريس‘ سڏجي ٿو، جنهن جا ٻه قانون ساز ايوان آهن: ’ايوانِ نمائندگان‘ (House of Representatives) جيئن اسان وٽ قومي اسيمبلي آهي ۽ ٻيو ’ايوانِ بالا‘ جيڪو Senate سڏجي ٿو. نمائندا ۽ سينيٽر اليڪشن ذريعي چوندبا وجن ٿا. هر رياست مان ٻه سينيٽر يعني 50 رياستن مان جملي 100 سينيٽر چوندبا وجن ٿا، جيڪي 6 سالن جو ٽرم پورو ڪن ٿا ۽ سڄي ملڪ مان 435 نمائندا چوندبا وجن ٿا.
- سپريم ڪورٽ کي هلائڻ لاءِ 9 جج ٿين ٿا، جن کي ملڪ جو صدر چونڊي ٿو ۽ جنهن جي اجازت هن کي ڪانگريس کان وٺڻي پوي ٿي.
- آمريڪا جي تاريخ ۾ پهريون دفعو هڪ آفريڪن آمريڪن يعني ڪارو ماڻهو ’باراڪ اوباما‘ 2008ع ۾ صدر چونڊيو ويو. 2012ع ۾ هُو ٻيو دفعو پڻ ملڪ جو صدر ٿيو.

## آمريڪا جي ماضيءَ ۽ حال تي هڪ نظر

مٿي لکي آيو آهيان ته آمريڪا يعني آمريڪا کنڊ جو ملڪ USA جنهن جو هتي ذڪر ڪري رهيا آهيون، اتي صدين کان ماڻهو رهيا ٿي، جيئن اسان پاسي چين، هند، سنڌ، مصر ۽ يورپ پاسي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اسان جي پاسي جا ماڻهو دماغ کان ڪم وٺي تيز ٿي ويا هئا. هو اڄ جهڙا مادرن ۽ ٽيڪنالاجي جا ماهر ڪٿي نه ٿيا هئا، اجان هوائي جهاز ۽ ريل گاڏيون ته ڪٿي ايجاد نه ڪيون هئائون ۽ نه راڪيٽ ميزائل... لوهي جهاز ۽ انجڻيون ئي اجان ايجاد نه ٿيون هيون، پر هنن کي ايترو دماغ هو جو بندوقون، بارود ۽ سڙهن تي هلندڙ ڪاٺ جا ٻيڙا ناهي، جڏهن نئين دنيا يعني آمريڪا پهتا ته اتي جا رهاڪو ايڏا سڌريل نه هئا ۽ هي يورپي ڪين سندن انهن معمولي هٿيارن جي زور تي ڊيڄاري، ڌمڪائي هنن جي ڌرتيءَ تي قبضو ڪري ويا.

جيتوڻيڪ گهٽ پهلوان ته آمريڪا جا اصلي باشندا به نه هئا، پر هٿيارن ۽ اٽڪل بازين ۾ هي يورپي پنهنجي گهر ۾ به مقابلو ڪري نه سگهيا. ٿورو سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن آمريڪا جا اصلي باشندا، جيڪي ريڊ انڊين سڏجن ٿا، هُونءَ ته زمين ۽ معدنيات ۾ ته امير هئا پر جي آرگنائيزڊ هجن ها، مادرن هجن ها، هنن جا وڏيڪ خوفناڪ هٿيار ۽ ڪَلَ جا جهاز ايجاد ڪيل هجن ها ته پوءِ ڪرسٽافر ڪولمبس ائنڊ ڪمپنيءَ کي ته ڇا پر اسپين جي بادشاهه 'مئنيوئل اول' ۽ سندس راڻي 'آئيسابيلا' کي به اتي جي اڳهه جي خبر پئجي وڃي ها. هو پنهنجيون زمينون ۽ وهٽ هنن ٺڳ يورپين کي ڏيڻ بدران انهن کي هٿ ڪڙيون هڻي ڇوَن ها ته جتان آيا آهيو اوڏانهن موٽو ۽ ان سان گڏ اسان کي به وٺي هلو ته

اهو يورپ کنڊ ڪٿي آهي. پوءِ اهي ساڳيا ريڊ انڊين پنهنجي فوج وٺي يورپ تي ائين اچي قبضو ڪن ها جيئن واسڪوڊاگاما ۽ انگريزن پنهنجن بهتر جهازن، هٿيارن ۽ دماغ ذريعي گوا ۽ سڄي انڊيا تي قبضو ڪيو، ملايا، انڊونيشيا ويٽنام ۽ آفريڪا کنڊ جي ملڪن تي قبضو ڪيو!

عرب مسلمانن ۾ نه جڏهن عقل هو، هو آرگنائيزڊ هئا، هنن جهاز ۽ هٿيار اڳواٽ يجاد ڪري ورتا ته ڏسو هڪ ڏورانهين ڏيهه آئيبيريا اپيٽ (اسپين، پورچوگال ۽ فرانس جي حصي) تي قبضو ڪري ورتو ۽ ست صديون ڪن حڪومت ڪئي، پر پوءِ اهي ماڻهو، اسپين ۽ پورچوگال جا ماڻهو جيڪي عربن جي قبضي ۾ هئا، انهن نه فقط هنن عرب حاڪمن کي تڙي ڪڍيو، پر آمريڪا جي نئين دنيا تي به قبضو ڪري ورتو. جيتوڻيڪ اهو ڪم عربن کي ڪرڻ گهرجي ها، پر عرب حاڪم عياشيءَ ۾ ٿي تباهه ٿي ويا. جيئن اڄ ڪلهه نظر اچي رهيو آهي ته اسان جي ڪيترن پئسي وارن جا اولاد سؤ سکن هوندي به ڪو ٻوٽو نه پيا پارين، بلڪ غريب هارين، اسڪول ماسترن، ڪلارڪن ۽ پورهيتن جا ٻار اعليٰ تعليم حاصل ڪري وڏا ڊاڪٽر، سرجن، انجنير، فوجي آفيسر، جج، سائنسدان ٿي رهيا آهن. بهرحال آمريڪا کنڊ جي ڳولا بعد سورهين صديءَ کان يورپي قومن، ان تي قبضو ڪرڻ لاءِ پهچڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجيون پنهنجيون ڪالونيون ٺاهڻ لڳا. قبضي ڪرڻ ۾ هنن لاءِ مقامي ريڊ انڊين وڏي رنڊڪ هئا جن کي هٽائڻ لاءِ يورپي هنن کي مارڻ لڳا يا هنن سان ڪوڙا سچا معاهدا ڪري ڪين جهنگلن ۽ ويران هنڌن ڏي ڀڄائڻ لڳا.

نئين دنيا تي قبضو ڪرڻ لاءِ اسپين کان 1565ع ڌاري قبضيگير اچ واري فلوريڊا رياست جي ’سينٽ آگسٽن‘ واري علائقي ۾ آيا ۽ انگريز (برٽش) وارن 1587ع ۾ هن کنڊ تي پهچي ’ورجينيا‘ واري رياست تي قبضو ڪيو. 1606ع ۾ برطانيا وارن جي هڪ ٻي ٽولي آمريڪا اچي ورجينيا جي هڪ ٻئي علائقي ’جيمس ٽائون‘ ۾ هڪ ٻي ڪالوني ٺاهي. 1608ع ۾ ’فرينچن ڪيوبيڪ‘ نالي ڪالوني ٺاهي ۽ ڊچن 1609ع ۾ اڄ واري علائقي ’نيويارڪ‘ کي ڪالوني ٺاهيو. بهرحال يورپي ايندڙ چند صديون نئين دنيا (آمريڪا) ۾ ايندا رهيا ۽ قبضا ڪندا ويا.

آمريڪا جا اصلي باشندا يورپين جي هن قبضي خلاف احتجاج ۽ جستجو ڪندا رهيا، پر هُو ايترو نه منظم هئا ۽ نه سندن تعداد گهڻو هو. وڏي ڳالهه ته هنن وٽ اهي آٽوميٽڪ هٿيار نه هئا، جن سان يورپين جو مقابلو ڪري سگهن. يورپ جا ماڻهو جيڪي قبضي لاءِ آمريڪا اچي رهيا هئا، انهن پاڻ سان هٿيارن سان گڏ بيماريون به آنديون، جيڪي آمريڪا ۾ نه هيون ۽ اتي جي اصلي ماڻهن کي اهي بيماريون لڳڻ سان هنن جو موت ٿي رهيو هو، ڇو جو هنن جو جسم انهن بيمارين جو مقابلو نٿي ڪري سگهيو. 1616ع ۾ آمريڪا ۾ جيڪا وبا شروع ٿي، ان ۾ آمريڪا جي اصلي باشندن جو 75 سيڪڙو ختم ٿي ويو.

ان دوران آيل يورپي ماڻهن ۽ آمريڪا جي اصلي ماڻهن وچ ۾ جهڙپون ٿينديون رهيون. آمريڪا جي حڪومت ارڙهين ۽ اوڻهينءَ صديءَ جي وچ ۾ مڪاني ريڊ انڊين سان 400 کن امن معاهدا ڪيا ۽ هو اصلوڪي رهاڪن کي اهو ئي دوکو ڏيندا رهيا ته هو امن چاهين ٿا. پر حڪومت گهڻي ڀاڱي هنن معاهدن تي عمل ئي نه ڪيو، بلڪ فوجي جٿا موڪلي هنن اصلي رهاڪن جي مار مارا شروع ڪئي ٿي ۽ کين سندن علائقن مان ڀڄائي ڪڍيو ٿي. اوڻهين صديءَ جي اڌ تائين يعني 1850ع تائين، گهڻي ڀاڱي آمريڪا ۾ رهندڙ اصلي باشندا مري کپي ويا يا يورپين جي ڪالونين کان گهڻو پري ڪُندن پاسن ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي.

1776ع ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ يورپين، جيڪي آمريڪا جي 'نيو انگلينڊ' واري ريجن ۾ رهيا ٿي ۽ جن تي برطانيا جي سلطنت لنڊن کان حڪومت ڪئي ٿي، انهن پنهنجي خودمختيار هجڻ جو اعلان ڪيو. سندن سوب ٿي ۽ هُنن رياستن جو گڏيل ملڪ 'Union of States' ٺاهيو ۽ پنهنجو نئون آئين تيار ڪيو.

نئين آئين ۾ جيتوڻيڪ اهو لکيو ويو ته، 'سڀ ماڻهو برابر خلقيا ويا آهن' پر حقيقت اها ئي هئي ته نئين جنم وٺندڙ ملڪ ۾، لکها غلام رهيا ٿي، جن غلاميءَ جي زندگي بسر ڪئي ٿي.

## آمريڪا ۾ هلندڙ غلاميءَ جي زندگي...

غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي جيڪي آفريڪا جا شيدي، وهٽن وانگر اتان پاٽيءَ جي جهازن ۾ چاڙهي، وڪري لاءِ آمريڪا ڪنڌ ڏي موڪليا ويا تي، ان جو سلسلو 1619ع ڪان شروع تي ويو هو. آفريڪا ڪان ائٽلانٽڪ سمنڊ ٽپي، ڊور ڊگهن جيان وڪري لاءِ آمريڪا ڪنڌ جي ڌرتي تي جيڪي پهتا، انهن ۾ ڏيڊ ڪروڙ اهي انسان هئا جن کي مڪاني سردارن ذريعي اغوا ڪري هتي پهچايو ويو هو. اهو سلسلو ٻه اڍائي صديون هلندو رهيو. ان جو تفصيلي احوال پنهنجي آفريڪي سفرنامي ’زنجبار جهنگبار‘ ۾ ڏئي چڪو آهيان.

1860ع تائين آمريڪا ۾ شيدي غلامن جو تعداد چاليهه لکن جي لڳ ڀڳ هو، جن مان گهڻا تڻا آمريڪا جي ڏاکڻين رياستن ۾ هئا، جن ڪان يورپي جاگيردارن ۽ ڪارخانيدارن ڳنَي، ڪپهه ۽ تماڪ جي پوک جو ڪم مفت ۾ ورتو تي. انهن شيدي غلامن ئي آمريڪا جي گاديءَ وارو شهر واشنگٽن ۽ وائيٽ هائوس ٺاهيو.

جڏهن ابراهام لنڪن 1861ع ۾ آمريڪا جو صدر ٿيو ته قوم کي اهو بحث ڪندي وڏو عرصو ٿي چڪو هو ته آيا آمريڪا ۾ غلامي قائم رکجي يا ان تي بندش لڳائڻ کپي. لنڪن غلاميءَ کي ٻنجو ڏيڻ چاهيو تي. اتراهن رياستن ۾ رهندڙ ماڻهن جي وڏي انگ لنڪن جي راءِ کي مڃيو تي ته غلامي بند ٿيڻ کپي. پر ڏاکڻين رياستن جي ڪيترن ماڻهن ان جي مخالفت ڪئي، جو هنن جي پوک ۽ ان سان وابسته ڪارخانن جو دارومدار انهن مفت جو پورهيو ڪندڙ غلامن تي هو. آخرڪار جيئن مٿي

لکي چڪو آهيان تہ يارهن ڏاکڻين رياستن جن ’ڪنفيڊريشن اسٽيٽس آف آمريڪا‘ نالي الڳ ملڪ ٺاهيو. انهن اتراهن 23 رياستن جي مخالفت ڪئي، جن Union ۾ قائم رهڻ چاهيو ٿي. نتيجي ۾ 12 اپريل 1861ع تي خانہ جنگي ’آمريڪن سول وار‘ شروع ٿي. هن لڙائيءَ ۾ اتر وارين رياستن جي سوڀ ٿي ۽ 250 سالن کان قائم ٿيل غلاميءَ جو خاتمو ٿيو.

غلاميءَ جو خاتمو تہ ضرور ٿيو، پر اڄ تائين نسل پرستيءَ (Racism) جو خاتمو ٿي نہ سگهيو آهي. اڄ بہ ڪارو ماڻهو احساس ڪمتريءَ ۾ رهي ٿو ۽ هن کي اهي سهولتون نٿيون ملن، جيڪي گورَن کي ملن ٿيون. ڪاري جي غلامن جو اولاد اڄ بہ برابريءَ جا حق حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهي ٿو.

آمريڪا جي خانہ جنگيءَ بعد، يو ايس اي اولهہ وارين رياستن ڏي وڌڻ شروع ڪيو ۽ 1890ع تائين مغربي حصي جون سڀئي رياستون USA ۾ اچي ويون. آمريڪا جي هن وڌڻ واري دور ۾ آمريڪا (USA) جي آدمشماري 1800ع ۾ پنج ملين (يعني اڌ ڪروڙ) مان وڌي 1900ع ۾ 80 ملين يعني 8 ڪروڙ ٿي وئي. 1900ع وارا شروع جا سال آمريڪا جي ترقي جا ساريا وڃن ٿا. 1900ع ۽ 1915ع جي وچ ۾ اٽلي، روس ۽ پولينڊ کان اٽڪل 15 ملين اميگرنٽ مختلف پورهين ۽ ڌنڌن ذريعي روزگار ڪمائڻ لاءِ آمريڪا ڪنڊ جي هن ملڪ USA ۾ رهائش لاءِ آيا. هي جيڪي نوان شهري ٿيا انهن گهڻو ٽڙو سون جي کاڻين ۽ گارمينٽ (ڪپڙن ٺاهڻ جي فئڪٽرين) ۾ ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏني ٿي. ان کان علاوه يورپ کان آيل ڪيترن اميگرنٽن هن نئين ملڪ جي ريلوي ۽ ڪئنالن تي پڻ ڪم ڪيو ٿي. ان کان علاوه يورپ جي مختلف ملڪن کان آيل نوجوان اميگرنٽ هن نئين ملڪ ۾ نيون Ideas ۽ ثقافت آندي.

ويهين صدي انڊسٽريءَ جي واڌاري جي بہ ضامن آهي. موٽرڪارن ۽ هوائي جهازن جي ٺهڻ تي ماڻهن کي انهن جي ڪارخانن ۾ نوڪريون مليون. انهن کي ڏسي يورپ کان پيا بہ اچڻ لڳا ۽ ڪيترا اڳ جا آيل

جيڪي پوک جي ڪم پنيان ٻهراڙيءَ ۾ رهيل هئا. انهن شهرن ڏي رخ رکيو، جتي فئڪٽريون ۽ ڪارخانا هئا.

ترقيءَ سان گڏ گڏ آمريڪا ۾ ڏکيا ڏينهن به آيا. يو ايس اي برطانيا، فرانس، روس، اٽلي، رومانيا ۽ جپان سان گڏجي جرمني، آسٽريا، هنگاري، بلغاريا ۽ سلطنتِ عثمانيا (ترڪي) وارن سان جنگِ عظيم اول ۾ مقابلو ڪيو. ان بعد آمريڪا کي گريٽ ڊپريشن جي شڪل ۾ ڇيهو رسيو ۽ 1930ع ۾ سندس ايڪانامي وڃي تري سان لڳي.

1940ع ۾، ان وقت جي صدر ’فرئنڪلن روزويلٽ‘ ملڪ کي معاشي مشڪل مان ڪڍي مٿيرو ڪيو، ته ٻي جنگ عظيم شروع ٿي وئي. آمريڪا پاڻ کي هن جنگ کان پري رکڻ ٿي چاهيو، پر جپانين جي ’پرل هاربر‘ تي حملي ڪرڻ تي، آمريڪا به هن لڙائيءَ ۾ ٽپي پيو. ناگاساڪي ۽ هيروشيما تي بم ڪيرائڻ تي نه رڳو جنگ ختم ٿي وئي پر دنيا آمريڪا جي طاقت ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي حيرت ڪائڻ لڳي!

## پرل نديءَ جي ڪناري تي ڪئنٽين

### ڪامارو شريف کان ڪئليفورنيا ۽ مشيگن...

هُو چا چوندا آهن انگريزيءَ ۾ ته، ’This world is very small‘ يعني هيءَ دنيا جيڪا هُونءَ ته ڪٽي تمام وڏي آهي، جنهن ۾ انيڪ ملڪ آهن ۽ هر ملڪ تمام وڏو آهي پر ان مٿل ميلي ۾ ڪڏهن وڏو عرصو گم ٿي ويل ماڻهن سان ملاقات ٿيو وڃي يا ڪي اهڙيون ڳالهيون رونما ٿيو پون جو حيرت ٿئي ٿي.

مون کي 1960ع واري ڍاڪي جا آخري سال ياد ٿا اچن، جڏهن مون تعليم ختم ڪري سامونڊي نوڪريءَ جي شروعات ڪئي. جنهن پهرين جهاز تي مون کي رکيو ويو اهو ڏور اوڀر جي ملڪن جي ڪجهه بندرگاهن مان ٿي وري هوم پورٽ يعني ڪراچيءَ موٽي آيو. انهن ڏينهن ۾ اڄ وارو بنگلاديش پاڪستان جو اوڀر وارو حصو هو ۽ اتي جو بندرگاهه چٽاگانگ ۽ مغربي پاڪستان جو بندرگاهه ڪراچي اسان جي جهاز لاءِ هوم پورٽ هئا. ڪنهن به پاسي ويندا هئاسين ته اسان جي جهازران ڪمپنيءَ جي اها ڪوشش هوندي هئي ته واپسيءَ تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ هوم پورٽ لاءِ ڪارگو (سامان) ملي، جيئن هوم پورٽ ۾ پهچڻ يا موڪلن تي وڃڻ وارا گهر وڃي سگهن. پهرين جهاز جي ننڍڙي ۽ ويجهن بندرگاهن واري ساموندي سفرن بعد منهنجي جنهن جهاز تي بدلي ٿي، اهو يورپ روٽ تي هليو ٿي يا آمريڪا ۽ ڪئناڊا واري روٽ تي.

گهر کان پري ٻاهرن ملڪن ۾ پنهنجي هم وطنين سان ملڻ تي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. ويتر جي ڪو سنڌي ڳالهائڻ وارو ملي ويندو هو ته مون کي اجا به وڌيڪ خوشي ٿيندي هئي، جو سڄي جهاز تي سنڌي ڳالهائڻ وارو آئون اڪيلو هوندو هوس. انگلنڊ جا ئي بندرگاهه هوندا هئا، جتي اردو ۽ پنجابي ڳالهائڻ وارن سان گڏ ڪو ڪو سنڌي ڳالهائڻ وارو به ملي ويندو هو. هي اهو زمانو هو جو عام طور اسان جي ملڪ جا سنڌي ته بنهه نظر نه ايندا هئا. البت پنجاب جا ماڻهو ۽ ڪجهه پٺاڻ پڻ، انگلنڊ کان علاوه يورپ جي ملڪن ۾ نظر ايندا هئا سي به ڏکڻ يورپ جي ملڪن فرانس، جرمني، اٽلي، بيلجم ۽ اسپين جهڙن ملڪن ۾. اتراهن ملڪن سئيڊن، فنلينڊ، ناروي جهڙن ٿڌن ملڪن ۾ ته جڻ 'ڪُڪڙون ڪُون' لڳي پئي هوندي هئي. اتي هجن به ڇو؟ جڏهن انگلنڊ ۽ ٻين ڏاکڻن ملڪن ۾ آسانيءَ سان نوڪريون ۽ شهريت (پاسپورٽ) ملي ويو ٿي ته ناروي ۽ سئيڊن جهڙن برفاني ٿڌن ملڪن ڏي ڪهڙو چريو ويندو؟

اهڙي طرح آمريڪا جي بندرگاهن، نِيُواورليَنس، بالٽِيمور، فلاڊلفيا، هيُوسٽن، پورٽ آرٿر ۾ ڳولڻ سان ڪو سنڌي ته نه، پر پاڪستان جي ڪنهن ٻئي صوبي جو به ورلي ڪو نظر آيو ٿَي. مون ڪي ٿي چار سال انهن جهازن تي رهڻو پيو جيڪي ڪئناڊا جي ’سينٽ جان‘ کان هيٺ ڪيوبا، ٽباگو، ٽرنيڊاڊ ۽ ويسٽ انڊيز جي ٻين ٻيٽن ڏي ويا ٿي. ڪڏهن ڪڏهن ڏکڻ آمريڪا جي برازيل، ڪولمبيا، وينزوئلا جهڙن ملڪن جي بندر گاهن ڏي پڻ ويا ٿي.

آمريڪا کنڊ جي اوڀر واري سڄي ڪناري تي هڪ نيويارڪ اهڙو بندرگاهه هو جتي اسان جا پاڪستاني مليا ٿي ۽ ڪجهه سنڌي پڻ جن ۾ منهنجو پيٽارو جو دوست، ٽنڊو قيصر جو نُور احمد نظاماڻي پڻ هو، جنهن جي معرفت ٻين سان به ڄاڻ سڃاڻ ٿي. نظاماڻي وارا هڪ فليٽ ۾ رهندا هئا. ساڻس گڏ جُهڏي جو مير مبارڪ ٽالپر، سنڌ يونيورسٽيءَ جي وي سي نذير مغل جو ڀاءُ بشير مغل پڻ رهيا ٿي. ڪڏهن ڪڏهن ٽنڊو جان محمد جو يوسف ڏاهري ۽ بابو ڏاهري به اتي ايندا هئا. اڄ ڪلهه ٽنڊو جان محمد جي ڏاهرين جو اولاد ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌي ٽيڪساس رياست جي شهر هيُوسٽن ۾ رهن ٿا، پر انهن ڏينهن ۾ يعني 1960ع ۽ 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ايڏانهن ٽيڪساس، فلوريڊا، ليوزيانا پاسي ڪو نظر نٿي آيو. مون کي نيويارڪ گهمڻ کان وڌيڪ پنهنجي هم زبان وارن سان ڪچهري ڪرڻ ۽ حال احوال وٺڻ ۾ مزو ايندو هو.

انهن ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ اڄ وانگر پاڪستاني کاڌن جون هوٽلون نه هيون. ان ڪري جيترا ڏينهن اسان جو جهاز نيويارڪ يا ڀرواري بندرگاهه ’نيوارڪ‘ (نيوجرسي) ۾ لنگر انداز هوندو هو ته سيني يارن جي مانيءَ جو بندوبست اسان جي جهاز تي هوندو هو. اسان جي جهاز تي پاڪستاني بورچي هجڻ ڪري، هر وقت پنهنجي ملڪ جا کاڌا ويندي چپاتيون ۽ نانَ به ٺهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن آئون، نُور احمد نظاماڻيءَ وارن جي فليٽ ۾ رهي پوندو هوس ته نُور احمد پاڻ يا اسان وارو مائٽ (منهنجي نانيءَ جو

پائٽيو بشير مغل) ڪنهن يهوديءَ جي دڪان تان گوشت وٺي ٻوڙ يا قيمون ٺاهيندو هو. انهن ڏينهن ۾ عرب، ايراني، اسان ۽ ٻيا مسلمان يهودين جي ذبح ڪيل ڍڳي، ٻڪري جي گوشت کي حلال سمجهندا هئاسين. جيڪو ’ڪوشر‘ سڏجي ٿو. ان وقت جي مقامي مُلن توڙي مصر جي مولوين کان مليل فتوائن موجب يهودين جي دڪانن تي ملندڙ ڪوشر گوشت حلال سمجهيو ويو ٿي، پر پوءِ اختلافِ راءِ ٿي پئي ۽ هاڻ ته مسلمانن جا دنيا جي هر شهر ۾ ايترا حلال گوشت جا دڪان ٿي پيا آهن جو ’ڪوشر‘ جي ڪو ڳالهه نٿو ڪري.

اتي ٺي نيويارڪ ۾ حيدرآباد جي ’عبدالرزاق شيخ‘ جو ’شالامار‘ نالي دڪان هو. ’مير مبارڪ ٽالپر‘ ۽ بعد ۾ حيدرآباد کان آيل ’سهڻي‘ رسالي جي ايڊيٽر ’طارق اشرف‘ جي هڪ مائٽ ’سليم شاهه‘ ۽ ان جي گهرواري پروين شاهه، ان دڪان تي ڪم ڪيو ٿي. شالامار دڪان پرسان ڪولمبيا يونيورسٽي هئي ۽ هن دڪان تان گهڻو ڪري يونيورسٽيءَ جي شاگردياڻين خريداري ڪئي ٿي خاص ڪري سنڌي ۽ بلوچي ڊريسون. وچ ۾ پاڪستاني فلم ائڪٽر ڪمال جون موڪليل جٺڪيتون به رکيون ويون هيون ۽ پاڻ به چڪر تي ايندو هو. ان کان علاوه 1970ع واري ڍاڪي ۾ هالا جو وڪيل عبداللطيف انصاري به نيويارڪ ۾ اچي رهيو ۽ شالامار دڪان تي مچيل ڪچهريءَ ۾ شامل هوندو هو. هُو نوڪري ڪنهن عطر جي ڪمپنيءَ ۾ ڪندو هو.

نور احمد نظاماڻيءَ وارن جو فلئٽ نه فقط سهڻو هو پر نيويارڪ جي اُوچي علائقي ۾ هو، جتي گهمڻ لاءِ ايندڙ ڪيترين ئي سنڌ جون وڏيون شخصيتون مهمان طور اچي رهيون ٿي. پير جهنڊي جي پير فضل الحق راشدي، مخدوم امين فهيم ۽ ٻين ڪيترن سان منهنجيون اتي ملاقاتون ٿيون. مهمان نوازيءَ جا فرض گهڻو ڪري شالامار دڪان جو مالڪ عبدالرزاق شيخ ادا ڪندو هو. هڪ شخص جنهن جي مون سيني واتان تعريف ٻڌي پر ان وقت ملاقات نه ٿي سگهي، اهو ڪامارو شريف جو پير

عبدالحميد قريشي هو. بس اتفاق اهڙو ٿيو جو هن جي نيويارڪ ۾ هجڻ وارن ڏينهن ۾ منهنجو جهاز ڪئناڊا پاسي يا ويسٽ انڊيز هليو ويندو هو يا ته وري يورپ کان وڃي نڪرندو هو. نه فقط نُور احمد نظاماڻي ۽ مير مبارڪ ٽالپر پر انهن کان به وڏيڪ عبدالرزاق شيخ، پير عبدالحميد قرشي ۽ پير فضل الحق راشدي جي تعريف ڪندو هو. مون کي پير عبدالحميد صاحب سندن ڳوٺ ’ڪامارو شريف‘ جي ڪري اڄ به ياد رهندو اچي.

جيسين ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جي عمارت ٺهي راس ٿئي، تيسين اسان شروع جي ٻن ٻئچن ميرپورخاص جي هڪ ڪاليج جي عمارت جي هڪ حصي ۾ تعليم حاصل ڪئي. حيدرآباد کان ميرپورخاص ويندي ٽنڊوالهيار بعد ڪامارو شريف ريلوي اسٽيشن اڄ به ياد آهي. ٽنڊوالهيار ۾ رهندڙ منهنجي ڪئڊٽ ڪاليج جي دوستن محمد عالم هاليپوٽي ۽ عبداللطيف دائودپوٽي وارن سان ڪامارو شريف ۾ هنن پيرن جي درگاهه تي به گهمڻ لاءِ آيا هئاسين. هتي اهو به لکندو هلان ته سنڌ جي پيرن ۾ ڪجهه اهڙا به آهن جن پنهنجي اولاد پٽن توڙي ڌيئرن کي تعليم ڏياري، جيئن مٽيارن جا ڄاموٽ آهن جن مان ڪيترا ته ڪئڊٽ ڪاليج مان به پڙهيا. بلڪ ’ڪئڊٽ ڪاليج‘ پيٽارو ۽ حسن ابدال نه ٺهيو هو ته ان کان اڳ هُو لاهور جي ’ايچيسن ڪاليج‘ مان پڙهيا. اهڙي طرح هي ڪامارو شريف جا پير آهن، جن اڄ جي دستور موجب اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ جهڙي تهڙي بي اي سا به ٻين جي معرفت ڊگري حاصل نه ڪئي، پر علم خاطر صحيح طرح تعليم حاصل ڪئي. ڪامارو شريف جي پيرن ۾ توهان کي ڪيترائي ڊاڪٽر، انجنيئر، پروفيسر، پوليس آفيسر ۽ اعليٰ تعليم يافته ملندا. اها اهڙي شئي آهي، جيڪا اسان جي ٻين پيرن، ميرن، وڏيرن، سردارن کي فالو ڪرڻ کپي... بلڪ ڪوشش ڪري هنن کي فوج ۾ وڃڻ لاءِ به ترغيب ڏيڻ کپي، جيئن هُو سخت جان ۽ ڊسيپلينڊ ٿين. جيئن پنجاب ۽ سرحد ۾ آهي، جيئن انگلنڊ ۽ فرانس ۾ شاهي خاندان پنهنجي ٻارن تي ان معاملي ۾ ڌيان ڏين ٿا.

ڪامارو شريف جي پيرن مان پڙهيل ڳڙهيل نوجوانن مان ڪجهه جا نالا جيڪي هن وقت ذيان ۾ اڻم، سي آهن: ڊاڪٽر پير محمد علي قريشي، ڊاڪٽر محمد غوث قريشي، ڊاڪٽر پير عبدالحفيظ قريشي، ڊاڪٽر پير عبداللطيف قريشي جيڪو اسريٰ يونيورسٽي ۾ هڏن جو ماهر ڊاڪٽر آهي، سندن والد مرحوم ڊاڪٽر پير عبدالجليل قريشي صاحب وڏو نالو ڇڏي ويو. جڏهن ته سندن هڪ ڀيڻ ڊاڪٽر مصباح بِيبي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي ۽ ’وومين اسٽڊيز ڊولپمينٽ سينٽر‘ جي ڊائريڪٽر پڻ آهي. ڊاڪٽر پير عبدالحي قريشي، ڊاڪٽر پير اويس ۽ ڊاڪٽر پير معروف قريشي... ايڊيوڪيشن ۾ ڪم ڪندڙ پير محمد بشير، پوليس کاتي ۾ پير عبدالوحيد قريشي ۽ سندس ننڍو ڀاءُ پير عبدالمجيد قريشي، ويندي عبدالرزاق شيخ جو دوست ۽ 1960ع جي ڍاڪي ۾ هن وٽ نيويارڪ ايندڙ پير عبدالحميد قريشي، جنهن بعد ۾ پوليس مان ائڊيشنل آءِ جي ٿي رٽائرڊ ڪيو. هُو اڄ ڪلهه 87 ڪن ورهين جو ٿيندو ۽ حيدرآباد جي حسين آباد واري علائقي ۾ رهي ٿو. بهرحال جتي اسان جي ڪيترن ئي پيرن جا ٻار تعليم ۾ دلچسپي نٿا وٺن، اتي ڪامارو شريف جا پير انهن چند گادين مان آهن، جن وٽ تعليم کي اهميت ڏني وڃي ٿِي ۽ نه فقط مرد پر عورتون به تعليم يافته ۽ وڏين نوڪرين ۾ آهن. اسان جي ڳوٺ جو اديب و شاعر، سوشل ورڪر ’نظام ڪاڪا‘ جي، جنهن جو مرحوم ڀاءُ لکمير ڪاڪا صاحب ٽنڊو الهيار ۾ 22 سال ٽيچر ٿي رهيو ۽ نظام ڪاڪا جو به تقريبن هر هفتي ٽنڊو الهيار وڃڻ ٿئي ٿو، ڪامارو شريف جي پيرن بابت ڳالهائيندي چيو ته. ”هي اهي پير آهن جيڪي سياست کان پري آهن. ڪامارو شريف جا پير شرافت جا مڪمل مجسما آهن. هنن کي هر وقت پنهنجي اوڙي پاڙي جي ماڻهن جو خيال رهي ٿو.. هُو نيڪ ۽ پرهيزگار آهن.“

اهي ئي ڳالهيون مون 50 سال اڳ نيويارڪ ۾ سائين عبدالرزاق شيخ، جهڏي جي مير مبارڪ ٽالپر، ٽنڊو جان محمد جي ڏاهري پائرن ۽ ٽنڊو

قيصر جي نُور احمد نظاماڻي، جيڪي آمريڪا ۾ رهيل هئا. انهن کان ٻُڌيون ۽ منهنجي هميشه اها حسرت رهي ٿي ته پڙهندڙن جي اتساهه ۽ ڄاڻ لاءِ ’ڪامارو شريف‘ جي پيرن بابت ڪجهه سِٽُون لکان. مٿي لکي آيو آهيان ته هيءَ دنيا مختصر آهي، جتي ميلي ۾ گم ٿيل وري مليو وڃن.. جتي هڪ عرصي بعد ڏيان ۾ آيل ڳالهيون وري اچيو وڃن. ٿورو سوچيو ته مٿين ڳالهه مون اڌ صدي اڳ نيويارڪ ۾ ان جي اوسي پاسي ۾ جهاز هلائيندي سوچي هئي. وقت جي ڪتراڳن ۽ مشغولين ۾ ان قسم جي ڳالهه وسري به وئي. ڪامارو شريف جي پير عبدالحميد قريشيءَ جي دوست پير جهنڊي واري پير فضل الحق شاهه راشديءَ تي ته ڪنهن ڪتاب ۾ لکي ڇڏيم، پر ڪامارو شريف جو پير عبدالحميد قريشي ڏيان تان لهي ويو.

مون کي حيرت ٿي ٿئي ته اج اڌ صديءَ بعد مون کي هڪ سفرنامو ’پيش لفظ‘ لکڻ لاءِ ٿو ملي، جنهن جو مصنف ٻيو ڪو نه پر ’پير عبدالحميد قريشي‘ صاحب جو پاڻيٽيو ۽ ناٺي ’پير تاج محمد قريشي‘ آهي. ڪتاب پڙهان ٿو ته ان جي پهرين ئي چئپٽر ۾ هن پنهنجي چاچي پير عبدالحميد قريشيءَ جو آمريڪا ۾ رهڻ ۽ 1963ع ۾ واپسيءَ تي اتان ڪار وٺي موٽڻ جو ذڪر لکيو آهي. سائينءَ جو نالو پڙهي مون کي حيرت ٿي ان سان گڏ خوشي پڻ. مون يڪدم هن سفرنامي جي ليکڪ پير تاج محمد قريشيءَ کي فون ڪري سائين جو نيويارڪ ۾ رهڻ جي حوالي کان پڇيو. مون کي سائينءَ بابت ائين ٻڌائڻ لڳو ڄڻ هُو منهنجي سائينءَ سان پهريون پيرو واقفيت ڪرائي رهيو هجي. پير تاج محمد قريشي (ليکڪ) جو ڄم جو سال 1966ع آهي. مون کيس ڪِلندي چيو ته. ”توهان ٻن سالن جا هئا ته مون توهان جي چاچي بابت ٻڌو ۽ دوستن کان ايڏي تعريف ٻڌي، جو هن تي مون write up لکڻ چاهيو ٿي. ان وقت نيويارڪ جي دوستن جي ٽولي جا نالا ورتم ته هُو وائڙو ٿي ويو.“ افسوس جو عبدالرزاق شيخ به سال اڳ، نُور احمد نظاماڻي ٽي سال اڳ ۽ انهن کان اڳ مير مبارڪ ٽالپر، يوسف ڏاهري ۽ بابو ڏاهري، پير فضل الحق، ويندي مخدوم

امين فهيم هي جهان ڇڏي ويا آهن. نيويارڪ واري ٽولي مان هڪ پير صاحب حيدرآباد ۾ ۽ ٻيو آئون ڪراچيءَ ۾ زندگيءَ جا آخري ڏينهن گذاري رهيا آهيون. مون ۾ هاڻ لکڻ جي ٻہ اها همت نہ رهي آهي، پر خبر ناهي ڪيئن سائين تاج محمد جي پهرئين فون جي پهرئين جملي تي هائوڪار ڪري وينس ۽ سفرنامو پڙهي پراڻا ڏينهن ياد ڪرڻ ۾ لڳي ويو آهيان.

شروع جي ڏينهن ۾ ائين هوندو هو يعني گذريل صديءَ ۾ اسان ٻاهرين ملڪن مان ٿي، پوءِ اتي جو حال احوال سفرنامي جي صورت ۾ لکندا هئاسين. ڪنهن ڏورانهين ملڪ ۾ ڪو هم وطني ڏسندا هئاسين تہ حيرت مان هن بابت لکندا هئاسين. اسان جا هم زبان سنڌي تہ بلڪل نہ برابر ملندا هئا، جيڪي هئا سي سنڌي هندو واپاري نظر ايندا هئا، جن لاءِ آئون هميشہ چوندو آهيان تہ وڏا مهم جُو (adventurous) هئا، جيڪي نِنڍي کنڊَ جي ورهاڱي کان ٻہ گهڻو گهڻو اڳ نہ فقط خشڪي رستي بَصري، بَلخ ۽ بُخارا کان وٺي نڪتا پر ڏورانهن ٻيٽن ۽ ملڪن برمودا، بهاما، برازيل ان وقت جي ڪمزور ٻيڙين ۾ پهچي ويا. ڪئناڊا، آئسليند، ناروي ۽ چلي جهڙن قُطبي ۽ ٿڌن ملڪن ۾ تہ ڪو سنڌي ڇا پاڪستان جي ڪنهن ٻئي صوبي جو ٻہ نظر نٿي آيو. جيتوڻيڪ پنجابي مسلمان، سک ۽ هندو ۽ پٺاڻ انگريزن جي فوج ۽ پوليس ۾ هجڻ ڪري ملايا، هانگ ڪانگ، سري لنڪا، برما، ڪينيا، يوگنڊا جهڙن ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪن ۾ جام نظر آيا ٿي.

1970ع واري ڏهاڪي کان پوءِ آهستي آهستي پنجابي ۽ پٺاڻن کان علاوه عرب، ايراني، عراقي، سومالي، چيني، ويٽنامي، اٿوپين، ٿائي ۽ فلپينو دنيا جي مختلف بندرگاهن ۾ نظر اچڻ لڳا ۽ گذريل صديءَ جي آخري ڏهاڪي 1990ع کان اسان جا سنڌي مسلمان نہ فقط ويجهن ملڪن ملائيشيا، سعودي عرب، ٿائلنڊ، مالديپ، سري لنڪا ۽ انگلنڊ ۽ فرانس تائين پر آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ ٻہ جام نظر اچڻ لڳا. 1970ع واري ڏهاڪي

۾ بہ ڪئناڊا اسان جي ماڻھن کان خالي خالي ھوندو ھو. اسان چوندا ھئاسين تہ ھھڙن ويران، سنسان، ٿڌن ۽ ٺر جھڙن خاموش ملڪن ۾ ڪير رھندو؟ اسان پنھنجي ملڪ ۾ خوش ھئاسين، جتي ھر قسم جي ڀاڄي ۽ ميوو ٿي مليو. اناج ۽ ڪپڙو لٽو سستو ھو. امن امان ھو.. رات جو ٻارھين بجي جھاز ڪراچيءَ ۾ لنگر ڪيرائيندو ھو تہ بہ نہ فقط اسين پر ڌارين ملڪن جا جھازران بہ صدر، ڪارادر ۽ ڪياماڙي ڏي نڪري پوندا ھئا. رات جو ٽين بجي تائين ھوٽلون کُليل ھونديون ھيون، امن امان ھوندو ھو ۽ جڏھن امن امان ھجي، صفائي سترائي ھجي، دوا درمل ۽ اسپتالون ھجن، تعليمي درسگاھ اھڙا سٺا ھجن جو ڌارين ملڪن جا شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ جي NED ۽ DOW ڪاليجن ۾ ڇا سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اچن. ڪاڏي پيتي جون شيون بنا ملاوٽ جي ۽ سستيون ھجن.

1960ع واري ڏھاڪي ۾ جڏھن مون ساموندي نوڪري شروع ڪئي تہ ڊالر جي قيمت 4 روپيہ يعني اسان جو روپيو مضبوط ھو. اسان جي روپئي سان گڏ اسان جي ماڻھوءَ جو مانُ بہ مٿاھون ھو. پر پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اسان جي ملڪ جي ترقيءَ جو گراف ويو ھيٺ ڪرندو.. تعليم توڙي روزگار لاءِ ماڻھن کي مجبورن پنھنجو ملڪ ڇڏڻو پيو. ھُونءَ اسان سنڌي خاص ڪري مسلمان، ٻاھر نڪرڻ جي معاملي ۾ سست ثابت ٿيا آھيون پر اسان بہ اھو ئي ڏٺو تہ 'قول وہ سر چڙھا، جو چمن سي نڪل گيا'، يا ڪٿي چئجي تہ اھو محسوس ڪيو تہ حرڪت ۾ برڪت آھي. اڄ ڪئناڊا جھڙن ڏکين ملڪن ۾ بہ اسان جا ماڻھو نظر اچن ٿا ۽ فقط اھو چوڻ تہ سنڌي رھن ٿا ڪافي نہ ٿيندو.. ڪير آھي جيڪي نٿا رھن؟ توھان کي ڏيپلي جي ميمڻن ۽ پاٽ ۽ بوبڪن جي قريشين، جوڻيجن، انصارين ۽ قاضين کان وٺي ڏاھري، نظاماڻي، ٽالپر، جتوئي، خاصخيلي، ڳاھوٽي، عباسي ۽ چنا ملندا. ھاڻ اسان وٽان ٻاھر وڃي اتي جو سفرنامو لکڻ بدران اتي رھندڙ اسان جا سنڌي، اتي رھي اتي جو سفرنامو لکي رھيا آھن. جيڪي سنڌي اتي رھيل آھن تن جي لکيل سفرنامن ۽ ھتان جي چند

ڏينهن لاءِ ويندڙن جي سفرنامن ۾ اهو فرق ٿئي ٿو، جو اتي جا رهاڪو وڌيڪ چاڻ رکن ٿا. هُو وڌيڪ تفصيل سان لکن ٿا. بهرحال هتي پاڻ ڪامارو شريف جي پير تاج محمد قريشي جي سفرنامي بابت ڳالهائينداسين، هُو اٽڪل ستاويهه سالن کان ٻارن سان آمريڪا ۾ رهي ٿو.

پير تاج محمد 1966ع ۾ حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر پير عبدالجليل قريشيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. ڊاڪٽر پير عبدالجليل قريشي صاحب 1961ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان MBBS ڪري ميرپورخاص ۾ پرئڪٽس ڪئي. ڊاڪٽر صاحب جي وڏي پٽ پير غلام محمد قريشي زولاجيءَ ۾ ماسٽرس ڪرڻ کان علاوه وڪالت به پڙهي ۽ هاڻ مائٽاڻيُون زمينون سنڀالي ٿو. ڊاڪٽر پيرعبدالجليل جا ٽي ٻيا پٽ ڊاڪٽر آهن، جن مان هڪ ڊاڪٽر پير عبدالحفيظ قريشي، آمريڪا جي رياست 'وِسڪِنسن' ۾ نوڪري ڪري ٿو، ڊاڪٽر پير عبداللطيف قريشي، اسريٰ يونيورسٽي ۾ هڏين جو اسپيشلسٽ آهي. پير عبدالجليل جو ننڍو پٽ 'ڊاڪٽر پير عبدالحي قريشي' ميرپورخاص جي 'محمدي ميڊيڪل ڪاليج' ۾ آهي. مٿي لکي آيو آهيان ته ڪامارو شريف جي پيرن ۾ تعليم عام آهي ۽ نه فقط مرد پر عورتون به اعليٰ تعليم يافته آهن. پير عبدالجليل جي نه فقط فرزندن يعني اسان جي ليکڪ پير تاج محمد جا نه فقط ڀائر پر ڀينرون به پڙهيل ڳڙهيل آهن، جن مان به ماشاءَالله ڊاڪٽر آهن. هڪ گائناڪالاجسٽ آهي ۽ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ پروفيسر جي عهدي تي ريٽائر ٿي آهي ۽ ٻي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وومين ڊيولمپينٽ سينٽر جي ڊائريڪٽر آهي.

هن سفرنامي جو ليکڪ پير تاج محمد قريشي، پرائمري تائين پنهنجي ڳوٺ ڪاماروشريف ۾ پڙهيو. هن 'ماڊل اسڪول اولڊ ڪئمپس' مان 1983ع ۾ مئٽرڪ ۽ 1985ع ۾ انٽر ڪئي. ان بعد 'سنڌ ڪامرس ڪاليج حيدرآباد' مان 1987 ۾ بي ڪام ڪرڻ کان پوءِ 'سنڌ يونيورسٽيءَ' مان M.A (ماسٽرس آف آرٽس ان ايڪنامڪس) ۽ MPA (ماسٽرس ان پبلڪ ايڊمنسٽريشن) ڪئي.

پبلڪ ائڊمنسٽريشن ۾ ماسٽرس ڪرڻ بعد پير تاج محمد قريشي هڪ ٻه سال سنڌ يونيورسٽيءَ جي ’پبلڪ ائڊمنسٽريشن ڊپارٽمينٽ‘ ۾ ريسرچ فيلو طور پڙهائڻ کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ 1994ع ۾ پنهنجي خرچ تي بنا ڪنهن سرڪاري يا غيرسرڪاري اسڪالرشپ وغيره جي آسري آمريڪا هليو آيو ۽ ڪئليفورنيا رياست جي شهر برڪلي جي يونيورسٽيءَ مان MBA فائننس ۾ ڪئي. جنهن کان پوءِ بزنس ائڊمنسٽريشن جي فيلڊ مارڪيٽينگ ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما ڪيو. ڪجهه سال مختليف ادارن ۾ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ 2004ع کان بزنس ٽئڪس ۽ اڪائونٽنگ جي ڪنسلٽينگ جو پنهنجو ڪاروبار ’مشيگن‘ ۾ ڪيو ۽ اڄ تائين هُو ٻارن سان هن رياست (Michigan) جي هڪ شهر ’وارن‘ (Warren) ۾ رهي ٿو. ’وارن‘ ڪو وڏو شهر ناهي. ان جي آدمشماري ٻه لک مس آهي، پر بيحد خوبصورت آهي. هُونءَ به مِشيگن، وِسڪنسن، الينوئس وچ مغربي آمريڪن رياستن جي سونهن پنهنجي نموني جي آهي. هي رياستون اتر ۾ ڪئناڊا جي بارڊر وٽ آهن، جنهن ڪري هتي ڪافي ٿڌ رهي ٿي. ٿڌ کان پچڻ وارا گهڻو ڪري ٽيڪساس جهڙين ڏاکڻين رياستن ۾ رهن ٿا، جتي جي موسم ملتان ۽ بهاولپور جهڙي آهي يا وري اسان جي ملڪ جا گهڻا ماڻهو توهان کي نيويارڪ ۽ ان جي ڀر وارين رياستن ۾ ملندا. ڇو جو شروع جي ڏينهن ۾ ڪراچيءَ کان هوائي جهاز جون اڏامون نيويارڪ ئي آيون ٿي يا ڪئليفورنيا. ان ڪري توهان کي ڪيترائي پاڪستاني، انهن ڏينهن ۾ ڪئليفورنيا رياست جي وڏي شهر لاس اينجلس ۽ گادي واري شهر ’ساڪرامينٽو‘ (Sacramento) ۾ ملندا. ڪيترا ته نيويارڪ پاسي جا رهندڙ بشير مغل جهڙا بعد ۾ ساڪرامينٽو (ڪئليفورنيا) لڏي ويا، جو هنن کي روزگار لاءِ اتي بهتر حالتون لڳيون. هاڻ ته اسان جي ملڪ جا آمريڪا جي هر رياست ۾ نظر اچن ٿا، پر شروع ۾ نيويارڪ ۽ لاس اينجلس جو PIA جو ساڳيو پاڙو ۽ پاڪستان سان ملندڙ موسم هجڻ ڪري، اسان جي ماڻهن جو رخ

ان طرف وڌيڪ رهيو ٿي. هُونءَ ڪو نيويارڪ ۽ لاس اينجلس، شهدادپور ۽ ٽنڊو آدم وانگر ويجها شهر يا ريلوي اسٽيشنون نه آهن. نيويارڪ کان لاس اينجلس 2800 ميل يعني 4000 ڪلوميٽر آهي ۽ باءِ ڪار 50 ڪلاڪ لڳن ٿا. نيويارڪ آمريڪا (USA) جو اوڀر وارو شهر ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي ته لاس اينجلس بلڪل اولهه طرف پئسفڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي.

اسان پاڻيءَ واري جهاز ذريعي آفريڪا يا يورپ کان آمريڪا ايندا هئاسين ته اسان کي نيويارڪ، بالٽيمور، فلاڊلفيا، نِيُواورلينس، ميامي جهڙا شهر ويجها لڳا ٿي، جيڪي ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهن. باقي جپان جيڪو پئسفڪ سمنڊ ۾ آهي، اتان آمريڪا لاءِ سامان کڻندا هئاسين ته پوءِ لاس اينجلس، وئنڪوئر، ٽاڪوما، سيئٽل، اوڪ لئنڊ، سان ڊياگو، سان فرانسسڪو ۽ پرنس روپرٽ جهڙا آمريڪي ۽ ڪئناڊين بندرگاهه ويجها پيا ٿي، جو اسان کي پيا سمنڊ لتاڙڻ بدران هڪ ئي سمنڊ پئسفڪ اُڪرڻو پيو ٿي، جنهن جي هڪ چيڙي تي جپان جا بندرگاهه آهن ته ٻئي تي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جا مٿيان بندرگاهه.

جپان کان آمريڪا جي مٿئين ڪنهن بندرگاهه تي پهچڻ جو ٻيو به رستو آهي. اهو آهي جپان کان پاڪستان ڏي اچي ’ڪيپ آف گُڊ هوپ‘ وٽ پهچي، هندي وڏي سمنڊ مان ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ. آمريڪا کنڊ جي پاناما ملڪ وٽ پهچي ان ملڪ ۾ کوٽايل پاناما ڪئنال مان آمريڪا جي ٻئي پاسي يعني پئسفڪ وڏي سمنڊ ۾ پهچي، اسان لاس اينجلس يا وَئنڪُوئر وغيره پهچي سگهون ٿا. پر ظاهر آهي اهو وڏو رستو ٿيندو ۽ رستي تي ڏکڻ چيني سمنڊ، هندي سمنڊ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ پنهنجي بگڙيل فطرت ڪري جهازن ۽ انهن کي هلائڻ وارن جي ٻَيخَ ڪڍيو ڇڏين.

اسان جي ليکڪ پير تاج محمد قريشيءَ جو هي آمريڪا (USA) ۽ ڪئناڊا بابت احوال وڌيڪ Enjoy ڪرڻ لاءِ پڙهندڙن لاءِ آمريڪا کنڊَ جي

ٿوري گهڻي ڄاڻ رکڻ ضروري سمجهان ٿو، جيڪي ماڻهو آمريڪا ۾ رهن ٿا اهي ته پلي پيٽ واقف آهن پر آمريڪا کان اڻ واقف ان بابت مونجهاري جو شڪار رهن ٿا. ان ڪري هتي آئون مختصر طور آمريڪا بابت ڪجهه لکڻ چاهيان ٿو.

دراصل اسان جي ملڪ ۾ جڏهن اسان آمريڪا جي ڳالهه ڪريون ٿا ته هڪ عام ماڻهو ان جو مطلب USA سمجهي ٿو، پر ائين ناهي! آمريڪا يڪي ڪنڊ جو نالو آهي، جنهن ۾ اتر آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا ڪنڊَ اچي وڃن ٿا، جيڪي وچ تي ڌرتيءَ جي هڪ سنهي پٽيءَ ذريعي ملن ٿا. اها زمين جي پٽي وچ آمريڪا سڏجي ٿي. ان پٽيءَ ۾ به ڪيترائي ملڪ اچيو وڃن، جيئن ته ميڪسيڪو، گئاٽمالا، هونڊرس، نڪراگئا، ايلسَلواڊور، ڪاسٽاريڪا، بيليز ۽ پاناما. انهن سڀني ملڪن جي پکيڙ 5,22,000 چورس ڪلوميٽر آهي.

آمريڪا ڪنڊ جو هيٺيون حصو يعني ڏکڻ آمريڪا 18 ڪن ملين چورس ڪلوميٽر آهي جنهن ۾ برازيل، ڪولمبيا، ارجنٽائنا، پيرو، وينزوئلا، چلي، ايڪئڊار، بوليويا وغيره ملڪ اچي وڃن ٿا. اسان وٽ جڏهن آمريڪا جي ڳالهه نڪري ٿي ته اسان جو مطلب هميشه اتر آمريڪا سان رهي ٿو جنهن ۾ يو ايس اي ۽ ڪئناڊا ملڪ آهن. جيئن سنڌين جي ائسوسيئيشن SANA جي ڳالهه ڪريون ٿا ته ان ۾ نه فقط USA پر ڪئناڊا جا سنڌي به اچي وڃن ٿا يا پانا پيٽارين ائسوسئيشن آهي. هُونءَ ڪئناڊا ۽ USA اهڙا ملڪ آهن جن ۾ ڪافي هڪجهڙايون آهن ۽ انهن ملڪن جي رهاڪن جو هڪ ٻئي ڏي اچڻ وڃڻ گهڻو آهي. ڏکڻ ۽ وچ آمريڪا جي ملڪن ۾ گهڻي ڀاڱي اسپيني ۽ پورچوگالي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيو ۽ نارٿ آمريڪا (يو ايس اي ۽ ڪئناڊا) ۾ انگريزيءَ کان علاوه ڪجهه هنڌن تي اسپيني ۽ فرينچ به هلي ٿي.

پڙهندڙن کي اها ڳالهه سمجهڻ کپي ته يو ايس اي جنهن ۾ 50 رياستون آهن ڪو ننڍو ملڪ ناهي. ڪڏهن آمريڪا جي ڪنهن شهر ۾

ٻوڏ يا باھ لڳندي آھي يا قتل جي واردات ٿيندي آھي تہ اسان جون پوڙھيون اڪثر چونديون آھن تہ، ”نہ فقط اسان جي ملڪ ۾ پر آمريڪا ۾ بہ اھي مصيبتون لڳيون پيون آھن.“ پر نہ اھا سوچ غلط آھي. آمريڪا ان ھوندي بہ بھتر ملڪ سمجھيو وڃي ٿو. آمريڪا کي ان جي ڪا پرواھ ناھي. ڇو؟ اھو ان ڪري جو اسان جي ملڪ ۾ ان قسم جون مصيبتون عام لڳيون رھن ٿين ۽ ملڪ جي ايڪانامي اھڙي خراب آھي جو ٻوڏ يا زلزلو اچڻ تي آمريڪا جھڙن ملڪن کان پنڻو پوي ٿو ۽ جيڪا ڪجھ مدد ملي ٿي، اھا غريبن کي ملڻ بدران اسان جا ڪرپٽ حاڪم ۽ بيوروڪرئيٽ ڪايو وڃن. ھوڏانھن آمريڪا جي ڪنھن رياست ۾ ڪا مصيبت اچي ٿي تہ حڪومت ماڻھن کي ٿيل سندن نقصان يڪدم پربو ڏئي. ٻي ڳالھہ تہ اسان وٽ مثال جي ڳالھہ سال ۾ ھڪ دفعو ٻوڏ آئي آھي تہ اھو نقصان ان وقت آمريڪا USA جي برابر سمجھڻ کپي، جڏھن اتي اھا ٻوڏ يو ايس اي (USA) ۾ پنجاھ دفعا اچي. ڇو جو USA جي ھر رياست سمجھو تہ ھڪ ملڪ آھي. بلڪ ڪي ڪي رياستون تہ پاڪستان کان بہ وڏيون آھن. مثال طور پاڪستان جي ايراضي (پکيڙ) 8,82,000 چورس ڪلوميٽر آھي، پر يو ايس اي جون ڪئليفورنيا، مونٽانا، نيوميڪسيڪو جھڙيون رياستون اڌ پاڪستان جيڏيون آھن ۽ ٽيڪساس تہ ذري گھٽ پاڪستان جيڏي آھي ۽ الاسڪا، پاڪستان کان بہ ٻيڻ جيڏي رياست آھي. سڄي USA جي ايراضي 98 لک چورس ڪلوميٽر آھي ۽ ڪئناڊا جي ايراضي تہ ان کان بہ وڌيڪ 99 لک چورس ڪلوميٽر آھي، پر ڪئناڊا جي آدمشماري گھٽ آھي، جو سندس اتراھون وڏو حصو اونھاري ۾ بہ برف ٿيو پيو آھي. بھرحال USA ۽ ڪئناڊا کي ملائجي تہ اسان جھڙا 22 ملڪ ٿين.

پڙھندڙن کي ھڪ ٻي ڳالھہ سمجھڻ کپي تہ آمريڪا کنڊَ جا ٻئي حصا اتر آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا يعني ڪئناڊا کان وٺي چليءَ تائين ڌرتيءَ جو ھڪ ئي يڪو ٽڪرو آھي ۽ اھو ايڏو وڏو آھي جو اتر ۾ تہ

تقريبن اتر قطب سان وچيو لڳي. پر ڏکڻ ۾ به ڏکڻ قطب جي ويجهو آهي. آفريڪا کنڊ وڏو آهي پر ايڏو وڏو ناهي سندس پاسن کان ته هندي وڏو سمنڊ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ آهي. پر مٿان ۽ هيٺان ميڊيٽرينين ۽ ڪيپ آف گڊ هوپ وارو سمنڊ آهي. جنهن مان پاڻيءَ جا جهاز اونهاري توڙي سياري ۾ پيا هلن.

آمريڪا کنڊ جو مٿيون حصو يعني ڪئناڊا کان مٿي جيتوڻيڪ سمنڊ آهي پر اتر قطب جي ويجهو هجڻ ڪري اونهاري ۾ به اهو برف ٿيو پيو آهي ۽ مٿانئس برفاني ٻُورا رڇ پيا هلن. بهرحال پاڻيءَ جو جهاز نيويارڪ (ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري) کان ٻئي پاسي لاس اينجلس يا وئنڪوئر ڪيئن پهچي؟ مٿان اتر کان ته برف جمي پئي آهي. ان لاءِ هن کي ڏکڻ آمريڪا جي آخري ملڪ چليءَ جي پوڇڙ تي پهچي، ٻئي پاسي پئسفڪ سمنڊ ۾ داخل ٿي، لاس اينجلس لاءِ وري اتر طرف ساڳيو فاصلو ڪري پهچڻو پوي ٿو. پر اهو سفر به فقط اونهاري جي ٻن اڍائي مهينن لاءِ ممڪن رهي ٿو. جو پوءِ ڏکڻ طرف به برف جمڻ شروع ٿئي ٿي. اهي ٻه مهينا ڪن جنهن ۾ ڏکڻ آمريڪا هيٺان جهاز هلي سگهي ٿو. سمنڊ هڪ طرف بگڙيل رهي ٿو ته طوفان ۽ سائڪلون ٻئي طرف لڳا رهن ٿا ۽ هر وقت جهاز جي ٻڏڻ جو خطرو رهي ٿو. چڱو جو انجنيئرن کي اها ڳالهه دماغ ۾ اچي وئي ته وچ آمريڪا جي ملڪ پاناما جي ويڪر گهٽ آهي. جتي کوٽائي ڪري پاناما ڪئنال ناهيو ويو. جيڪو هاڻ آمريڪا جي ٻنهي پاسن وارن سمنڊن ’ائٽلانٽڪ‘ ۽ ’پئسفڪ‘ کي ملائي ٿو يعني نيويارڪ کان لاس اينجلس پهچڻ آسان ڪم ٿي پيو آهي. هاڻ سائوٿ آمريڪا جي چيڙي تائين ڏکيو سفر ڪري خطرناڪ سمنڊ جي حصي مان ڦيرو ڪرڻ بدران پاناما ڪئنال ذريعي ٻئي پاسي پهچي سگهجي ٿو. ڪارگو (سامان) کان علاوه سياح به مسافر جهازن ذريعي پاناما ڪئنال جو لطف هڪ طرف وٺن ٿا ته آمريڪا جي مغربي ڪناري جي شهرن ڪئليفورنيا جهڙين رياستن جي سونهن الڳ پسن ٿا.

آمريڪا جي پئسفڪ سمنڊ واري پاسي بنا شڪ جي ڪئليفورنيا رياست بيحد خوبصورت آهي، جنهن جا لاس اينجلس، سَئِن ڊِياگو، سئن جوز، سئن فرانسسڪو، لانگ بيچ، اوڪ لئنڊ، ساڪرامينٽو جهڙا شهر ڏسڻ وٽان آهن. انهن انيڪ شهرن مان هڪ ننڍڙو ڳوٺ نما ’برڪلي‘ شهر به آهي، جتي يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا آهي، جنهن مان تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جو ليکڪ پير تاج محمد قريشي 1994ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ڪامارو شريف کان پهتو ۽ پوءِ نوڪري روزگار خاطر آمريڪا ۾ ئي ٽِڪي پيو... سٺو ڪيائين.

اڄ ڪلهه سڄي دنيا هڪ ڳوٺ آهي. ٻاهر جي ملڪن ۾ نوڪري ملڻ ڪو آسان ڪم ناهي. ان کان ڏکيو ڪم نوڪري ڪرڻ آهي. پير تاج محمد يا ان جو ڊاڪٽر ڀاءُ پير حفيظ وسڪنسن رياست ۾ نوڪري ڪري رهيا آهن... خوشيءَ جي ڳالهه آهي. اسان جي سرندي وارن وڏن ماڻهن پيرن، ميرن، سردارن کي کپي ته هُو پنهنجي ٻارن کي سٺي تعليم لاءِ ٻاهر موڪلين ۽ کين ٻاهر نوڪري ڪري انهن ملڪن جي شهريت حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏين. هنن کي پير تاج محمد يا ميرپور خاص جي ڊاڪٽر مير عطا ٽالپر جي نقش قدم تي هلڻ کپي جيڪي پنهنجي ڳوٺ ۾ رهي آرام جي زندگي گذارڻ بدران ٻاهر ولايت ۾ پورهيو ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا. دراصل Quality of Life ان ۾ آهي. اهو ئي سبب آهي جو آئون پنهنجي وطن جي پئسي وارن کي اها نصيحت ڪندو رهان ٿو ته ٻين ڳالهين ۽ اجاين شوبازين تي پئسو وڃائڻ بدران پنهنجن ٻارن کي پنهنجي خرچ تي ئي ولايت موڪليو. جيئن هُو به سڌري وڃن ته توهان جو به نالو ٿئي.

هتي پير تاج محمد جي تعليمي اداري ’يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا‘ جي ڳالهه نڪتي آهي ته ان بابت به ٿي سِٽُون لکندو هلان.

هيءَ يونيورسٽي 1868ع ۾ پهرين ڪئليفورنيا رياست جي بندرگاهه ’اوڪ لئنڊ‘ ۾ کولي وئي. هي اهي ڏينهن هئا، 1850ع واري ڏهاڪي جي شروعات وارا جڏهن ڪئليفورنيا ۾ سونُ لڌو ويو هو. هن علائقي ۾ سونُ

ملڻ ڪري زمين جا اگهہ چڙهي ويا هئا ۽ خوشحالي صاف نظر اچي رهي هئي. هوڏانهن چين ۾ پهرين ۽ ٻي آفيمي لڙائي ڪري ماڻهن جي معاشي حالت خراب ٿي وئي هئي. اهو ئي سبب آهي جو روزگار خاطر چينين، اوڪ لئنڊ جو رخ رکيو ۽ هتي ريل جي ڪم ۾ لڳي ويا. سو هن پاسي جيڪي چائنا ٽائون ڏسو ٿا، انهن جا رهواسي چيني يعني انهن جا وڏا ان وقت جا آيل آهن.

اوڪلئنڊ ۾ يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا کلڻ بعد پنج سال رکي، 1873ع ۾ اها برڪلي شفٽ ڪئي وئي. اڄ ڪلهہ هن يونيورسٽيءَ جا ڏهہ ڪئمپس آهن، جن ۾ ٽوٽل ٽي لک کن شاگرد پڙهن ٿا ۽ پنجويهہ هزار فئڪلٽي ميمبر ۽ ڏيڍ لک کن اسٽاف ميمبر آهن. توهان کي حيرت ٿيندي تہ هن يونيورسٽيءَ جي مختلف ڪئمپسن جي فئڪلٽي ۽ ريسرچرن مان ايڪهتر ڄڻن کي 'نوبل پرائيز' ملي چڪا آهن. پير تاج محمد جي هن يونيورسٽي ۽ برڪلي شهر سان واسطو رکندڙن ۾ هڪ پاڪستاني اهم شخصيت 'محمد وصي الله خان' بہ آهي، جنهن کي 'الينوئس' رياست جي شهر شڪاگو ۾ 1980ع ۾ 'ايسٽ ويسٽ يونيورسٽي' نالي هڪ پرائيويٽ يونيورسٽي کُلي تہ هن کي ان جو پهريون چانسلر مقرر ڪيو ويو هو. هي صاحب 1950ع واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ 'گورنمينٽ ڪاليج سکر' ۾ تعليمدان هو. هن M.A ۽ M.Ed. 'پنجاب يونيورسٽيءَ' مان ڪئي. 1970ع ۾ پاڪستان ڇڏڻ بعد، هُو هتي برڪلي ۾ رهي پيو.

دنيا جي مشهور Chef (بورچياڻي) ۽ ڪاڪن تي ڪتاب لکندڙ 'ثمين نصرت' بہ برڪلي جي رهاڪو آهي. هن جا والدين جن جو واسطو 'بَهائي مذهب' سان هو، اهي 1976ع ۾ ايران کان لڏي، هتي برڪلي ۾ اچي رهيا هئا. هُونءَ بہ سڄي آمريڪا ۾ توهان کي جتي ڪٿي ايراني جام نظر ايندا، جن جون عورتون سهڻيون ٿين ٿيون ۽ توهان کي اهي بنا پڙدي جي ميڪ اپ ۽ مغربي ڪپڙن ۾ ڏسي حيرت ٿيندي. اهي شهنشاهہ ايران جي ڏينهن جون

آهن يا بَهائي ۽ زرتشت (آتش پرست) مذهب جون، جن کي پاڻ پارسي سڏيون ٿا. بَهائي مذهب جا اهي ايراني آهن، جن جون ڪراچي توڙي ممبئيءَ ۾ ڪنڊ واريون چانهه جون هوٽلون آهن. صدر ۾ بَهائين جي 'پرشين بيڪري' اڄ به ان حالت ۾ آهي، جنهن ۾ ست سال اڳ ڏٺوسين. حڪيم سعيد جي ڪلينڪ واري گهٽي جيڪا ڊائو ميڊيڪل (سول اسپتال) ڏي وڃي ٿي ۽ لائٽ هائوس سئنيما جي سامهون واري ڪنڊ واري چانهه، بسڪيٽ ۽ مَسڪا بَن واريون ريسٽورنٽون 'بَهائي' ايرانين جون آهن.

منهنجي خيال ۾ برڪلي ۽ اوڪ لئنڊ جي خاص ماڻهن جو ذڪر ڪرڻ دوران هڪ وڏيڪ عورت بابت به ٿي سِٽُون پڻ لکندو هلان، جنهن کان نه فقط توهان، پر سڄي دنيا واقف آهي. اها آهي آمريڪا جي اڄ ڪلهه نائب صدر 'ڪاملا ديوي هيرس'. هُوءَ آمريڪا جي تاريخ ۾ پهرين عورت نائب صدر آهي. ان کان اڳ هُوءَ رياست ڪئليفورنيا جي ڇهه سال اٽارني جنرل رهي هئي. ڪاملا ديوي 1964ع ۾ اوڪ لئنڊ ۾ ڄائي. هتي جي يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا مان قانون جي ڊگري حاصل ڪري وڪيل ٿي. هن جي ماءُ 'شياملا گوپلان' هندستان جي تامل (سائوٿ انڊين) هئي، جيڪا 19 سالن جي ڄمار ۾ 1958ع ۾ آئي ۽ برڪلي جي يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا مان 'Endocrinology' ۾ گرئجوئيشن ڪئي ۽ بعد ۾ 1964ع ۾ Ph.D ڪئي. ڪاملا ديوي جو پيءُ 'ڊونالڊ هيرس' 1961ع ۾ 'جئميڪا' کان آمريڪا آيو ۽ ساڳي يونيورسٽي مان 'ايڪنامڪس' ۾ Ph.D ڪري پروفيسر ٿيو. ڪاملا جي ڀيڻ 'مايا لڪشمي' به هتان ئي پڙهي ۽ وڪالت ڪري ٿي. ڪاملا ديوي، ليکڪ به آهي. سندس ڇپيل ٽن ڪتابن مان به گهڻا مشهور آهن:

- Superheroes Are Everywhere.
- The Truths we Hold: An American Journey.

هُونءَ پير تاج محمد قريشيءَ جو يا ڪنهن ٻئي جو آمريڪا يعني USA ۽ ڪئناڊا جو سفرنامو يا انهن ملڪن جو احوال پڙهڻو هجي ته هنن

ملڪن بابت هي ٻه چار جاگرافيءَ جون ڳالهيون ضرور ڌيان ۾ رکڻ کپن. ان بعد پڙهندڙ کي وڏيڪ مزو ايندو ۽ سندس دماغ ۾ ڳالهه وهندي ته مسافر يو ايس اي ۽ ڪئنادا جي ڪهڙن هنڌن تي گهمي ڦري پيو. ڪي ملڪ آهن مثال طور مالديپ، مالٽا، باربادوس، سنگاپور، برونائي، لبنان، ڪويت، اسرائيل، جبوتي وغيره جيڪي تمام ننڍا آهن. ٻئي طرف انهن جي مقابلي ۾ اسان جو ملڪ پاڪستان يا ايران، افغانستان، ٿائلنڊ، برما، فلپين وغيره وڏا ملڪ سمجهيا وڃن ٿا. ايتري قدر جو اسان جي ملڪ جو ننڍو صوبو سنڌ به مٿين ملڪن کان وڏو آهي، پر اسان جي ماڻهن کي اهو ڌيان ۾ رکڻ کپي ته اسان جڏهن USA ۽ ڪئنادا جي ڳالهه ٿا ڪريون ته اهي اسان جي وڏن ملڪن کان به گهڻو وڏا آهن. ڪو ماڻهو ڪراچي جي علائقي ملير ۾ ايندو هجي ان کي ڪو دوست سامان ڏئي ته يار هي منهنجي مائٽ کي ڏجانءِ جيڪو پڻ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو، جنهن علائقي جو نالو ’سچل ڳوٺ‘ يا ’ماڙيپور‘ آهي ته هن لاءِ اهو ڪم ڪو اهڙو ڏکيو ناهي، ويندي ٺٽي يا حيدرآباد تائين به هُو پهچائي اچي سگهي ٿو، جو اهي هنڌ وڌ ۾ وڌ ڪٽي ٻه سئو ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هوندا، پر USA هڪ وڏو ملڪ آهي. تمام گهڻو وڏو ملڪ. مثال طور ڪو نيويارڪ پيو وڃي ۽ ان جو دوست هن جي آمريڪا وڃڻ جو ٻڌي چوي ته يار ان ملڪ ۾ منهنجو هڪ دوست لاس اينجلس شهر ۾ رهي ٿو.. هي آچار جون ٻه شيشيون ته هن کي پهچائجانءِ ته اهو ٻڌي هن جو ته سِرُ هليو ويندو، جو نيويارڪ کان لاس اينجلس يا هيوسٽن يا لاس ويگاس ڪو سئو يا ٻه سئو ڪلوميٽرن جي نه پر هزارين ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهن. نيويارڪ کان لاس اينجلس کان ته ڪوالالمپور کان ٽوڪيو ويجهو آهي. ان ڪري ته آئون چوندو آهيان ته آمريڪا يعني USA جون 50 رياستون اسان جي بهاولپور، خيرپور، ڪڇ، گجرات يا بهار، بنگال، يُو پِي نه پر سچا سچا ملڪ سمجهڻ کپن.

آمريڪا کنڊ جي ساڄي پاسي کان يعني اوڀر ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ آهي ۽ کاٻي پاسي کان پئسفڪ آهي. هوائي جهاز ۽ ٽرين رستي هڪ ٽوئرسٽ جي حيثيت ۾ منهنجو آمريڪا جي اندرين رياستن ۾ به وڃڻ ٿيو آهي، پر سامونڊي نوڪري دوران جنهن به جهاز تي بدلي ٿِي ٿَي ۽ اهو آمريڪا آيو ٿَي ته ان آمريڪا جي ڪناري وارين رياستن جي بندرگاهن ۾ لنگر ڪيرايو ٿَي. آمريڪا ويندڙ جهازران کان جڏهن پڇندائو ته هُو توهان کي اهو ئي چوندو ته ايسٽ ڪوسٽ پيو وڃان يا ويسٽ ڪوسٽ. ايسٽ ڪوسٽ معنيٰ آمريڪا جو اوڀر وارو ڪنارو جنهن کي ائٽلانٽڪ سمنڊ ڇهي ٿو ۽ ان جا مشهور بندرگاهه آهن: بوسٽن (ميساچوسيٽس)، نيويارڪ، نيوارڪ (نيوجرسي)، فلاڊلفيا (پينسلوانيا)، بالٽيمور (ميري لئنڊ)، نورفوڪ (ورجينيا)، رچمنڊ، چارلسٽن (سائوٿ ڪئرولينا)، سواناهه (جارجيا)، جئڪسن وائيل (فلوريڊا) ۽ هيوسٽن (ٽيڪساز) وغيره ۽ هوڏانهن ڇپان کان پئسفڪ سمنڊ لتاڙي آمريڪا جي ڪناري کي ڇهبو هو ته جن بندرگاهن ۾ اسان جو گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو يعني اسان جو جهاز سامان لاهيندو هو يا کڻندو هو ته انهي پاسي جا بندرگاهه هوندا هئا: لاس اينجلس، سان ڊياگو، سان هوزي، سئن فرانسسڪو، پورٽ لئنڊ (اوريگان)، ٽاڪوما، اوڪلئنڊ ۽ سيئٽل وغيره. ڪئناڊا جا بندرگاهه هوندا هئا: وئنڪوئر ۽ پرنس رُوپرٽ. اهي سڀ بندرگاهه پئسفڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهن. ڪئناڊا جا بندرگاهه جيڪي اوڀر ڪناري تي آهن، جن کي ائٽلانٽڪ سمنڊ ڇهي ٿو اهي هئا: هئليفيڪس، سينٽ جان، مانٽريل وغيره.

جيئن ڪراچي وڏو هجڻ ڪري ستن ضلعن ۾ ورهايل آهي، جهڙوڪ سينٽرل، ايسٽ، ويسٽ، سائوٿ، ڪياماڙي، ڪورنگي ۽ ملير وغيره يا سنڌ صوبو اتر، لاڙ ۽ وچولي حصي ۾ ورهايل آهي، تيئن آمريڪا (USA) کي به سهوليت موجب مختلف حصن ۾ ورهايو ويو آهي. بلڪ هيٺين حصي جا به ڀاڱا ڪيا ويا آهن. جيڪي سائوٿ ايسٽ ۽ سائوٿ ويسٽ سڏجن ٿا جو اهي ڏکڻ ۾ آهن ۽ هڪ اوڀر طرف آهي ته ٻيو اولهه طرف

جيئن ٽيڪساس، نيوميڪسيڪو ۽ اريزونا رياستون ’سائوٿ ويسٽ‘ ريجن جون رياستون سڏجن ٿيون. هتي اها ڳالهه به لکندو هلان جيڪا پڙهندڙن لاءِ يا هن پاسي ايندڙ نَوَن ماڻهن لاءِ اڪثر مونجهاري جو سبب ٿئي ٿي، اها هي ته نيوميڪسيڪو، آمريڪا جي ڏاکڻي رياست جو نالو آهي جنهن جي مٿان ڪولوراڊو رياست آهي. نيوميڪسيڪو رياست جي هيٺان ئي وچ آمريڪا جا ملڪ شروع ٿين ٿا ۽ پهرئين ملڪ جو نالو ڪو ٻيو هجڻ بدران ان جو نالو به ميڪسيڪو آهي. آمريڪي رياست نيوميڪسيڪو، افغانستان وانگر لئنڊ لاڪڊ رياست آهي يعني هن کي سمنڊ نٿو ڇهي. باقي هن جي ٻئي پر واريون رياستون ٽيڪساس، لوزيانا، مسيسپي، الباما ۽ فلوريڊا جن جي بندرگاهن ۾ منهنجو اڪثر وڃڻ ٿيو ٿَي، انهن جي چوڌاري جيڪو سمنڊ آهي اهو خليج ميڪسيڪو (Gulf of Mexico) سڏجي ٿو. فلوريڊا رياست جتي ڏکڻ ۾ ختم ٿئي ٿي، اتي ڪيوبا ٻيٽ آهي. ڪيوبا ۽ فلوريڊا جي وچ ۾ جيڪا سمنڊ جي پٽي آهي، اها ’اسٽرئٽ آف فلوريڊا‘ (فلوريڊا ڳچي سمنڊ) سڏجي ٿو. ڳچي سمنڊ اهو مختصر سامونڊي درياهه ٿئي ٿو، جيڪو ٻن وڏن سمنڊن کي ملائي، جيئن ملاڪا ڳچي سمنڊ ’هندي وڏي سمنڊ‘ ۽ ’ڏکڻ چيني سمنڊ‘ کي ملائي ٿو، جبرالٽر ڳچي سمنڊ ’ائٽلانٽڪ‘ ۽ ’ميڊيٽرينين‘ سمنڊ کي ملائي ٿو، تيئن فلوريڊا ڳچي سمنڊ ’خليج ميڪسيڪو‘ ۽ ’ائٽلانٽڪ سمنڊ‘ کي ملائي ٿو. اسان جڏهن آفريڪا يا يورپ کنڊ کي ڪنهن بندرگاهه کان هيوسٽن يا نيواورلينس جهڙي آمريڪي بندرگاهه ڏي روانا ٿيندا آهيون ته سڄو ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي، بهاما ٻيٽن جو رخ ڪندا آهيون، جتان فلوريڊا ڳچي سمنڊ شروع ٿئي ٿو، جنهن مان لنگهي خليج ميڪسيڪو سمنڊ ۾ داخل ٿيندا آهيون، جنهن ۾ تمپا، هيوسٽن ۽ نيو اورلينس جهڙا بندر گاهه آهن.

هُونءَ هي ڳچي سمنڊَ سوڙهيون سامونڊي گهٽيون آهن، پر سوڙهيون هجڻ جي باوجود به ڪافي ويڪريون ٿين ٿيون. هي فلوريڊا ڳچي سمنڊ،

جيڪو عربيءَ ۾ ’مضيق فلوريڊا‘ ۽ فارسيءَ ۾ ’تنگ فلوريڊا‘ سڏجي ٿو. سوڙهائيءَ واري هنڌ تي ٻه 150 ڪلوميٽر ويڪرو آهي ۽ 1800 ميٽر يعني تقريبن پوڻا ٻه ڪلوميٽر اونهو آهي.

بهرحال پاڻ ڳالهه پئي ڪئي ته USA جنهن کي پاڻ آمريڪا ٿا سڏيون، جيتوڻيڪ آمريڪا سڄي کنڊ جو نالو آهي، جنهن ۾ ڪئناڊا کان وٺي ڏکڻ آمريڪا جا ملڪ برازيل، چلي ۽ ارجنٽائن اچي وڃن ٿا، پر هتي پاڻ USA لاءِ ئي آمريڪا ٿا استعمال ڪريون. اهو USA ايڏو وڏو آهي جو ضروري ناهي ته آمريڪا جي هر باشندي کي اتي جي هر رياست جي لوڪيشن جي ڄاڻ هجي. ان ڪري آمريڪا کي ڇهن ستن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، جيئن ڪو نئون ماڻهو پنهنجي رهائش واري رياست ٻڌائي ۽ توهان کي سمجهه ۾ نه اچي ته هُو توهان کي اهو ريجن ٻڌائي سگهي ۽ توهان سمجهي سگهو. مثال طور اسلام آباد ۾ توهان کي ڪو همراهه ملي ۽ ٻڌائي ته هُو ٽنڊو مستي کان يا پيارو لنڊ کان آيو آهي ۽ توهان کي ان شهر جي خبر نه هوندي ته هُو اهو ئي چوندو ته اهو شهر سنڌ ۾ آهي ته توهان يڪدم سمجهي ويندائو ته هي پاڪستان جي ڏاکڻي حصي کان آيو آهي.

اسان جي جهاز جي آمريڪا وڃڻ جو ٻڌي، جهاز وارا دوست اهو ئي پڇندا هئا ته ايسٽ ڪوسٽ يا ويسٽ ڪوسٽ؟ ايسٽ ڪوسٽ ٻڌائڻ تي هُو سمجهي ويندا هئا ته اسان جو جهاز نيويارڪ، بالٽيمور يا هيوسٽن، نيو اورلينس پيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن اسان جي جهازران ڪمپنيءَ جو ٻيو جهاز به آمريڪا ڏي روانو ٿي رهيو هوندو. پڇڻ تي جي هُو ٻڌائيندو ته هُو ويسٽ ڪوسٽ (آمريڪا جي مغربي ڪناري) ڏي پيو وڃي، معنيٰ اهو پاناما تائين اسان سان گڏ ائٽلانٽڪ سمنڊ ڪراس ڪندو. ان بعد اسان ته مٿي اتر طرف نيويارڪ يا فلاڊلفيا هليا ويندا سين، پر اهو ٻيو جهاز پاناما ملڪ جي پاناما ڪئنال مان لنگهي، آمريڪا کنڊ جي ٻئي پاسي پئسفڪ سمنڊ ڏي هليو ويندو، جتان وڃي ٿيس ته لاس اينجلس، اوڪلينڊ يا ٽاڪوما

وڃي يا اجا مٿي ڪئناڊا اچي بندرگاهه وئنڪوئر يا پرنس روپرٽ بندرگاهه ڏي وڃي. سو جهازين لاءِ ته آمريڪا جا اهي ٻه حصا آهن: ايسٽ ڪوسٽ ۽ ويسٽ ڪوسٽ، جتي هنن جو وڃڻ اچڻ ٿئي ٿو. پر آمريڪا جي رهاڪن لاءِ آمريڪا (USA) ڪجهه وڌيڪ حصن ۾ ٿي ورهايو ويو آهي. جيئن ڏکڻ وارا ٻه حصا 'سائوٿ ايسٽ' ۽ 'سائوٿ ويسٽ' جنهن جو مٿي ذڪر ڪيوسين. ان کان علاوه USA جا مٿاهان (اتراهان) حصا نارٿ ايسٽ، جنهن ۾ مائين، ڪنيڪٽيڪٽ، ورجينيا ۽ نيويارڪ جهڙيون رياستون اچن ٿيون ۽ ڪاٻي پاسي يعني اولهه ۾ اتراهون حصو 'نارٿ ويسٽ' ريجن سڏيو وڃي ٿو، جنهن ۾ واشنگٽن، اوريگان، اداهو ۽ مونٽانا جهڙيون رياستون اچن ٿيون.

هتي اهو ٻه لکندو هلان ته هي واشنگٽن 'رياست' جو نالو آهي، جنهن جي گاديءَ جو شهر 'اولمپيا' آهي. سڄي آمريڪا (USA) جي گاديءَ جي شهر جو نالو ٻه 'واشنگٽن' آهي، جيڪو شهر 'واشنگٽن ڊي سي' سڏجي ٿو ۽ ورجينيا ۽ مئري لئنڊ رياستن جي وچ ۾ آهي. جارج واشنگٽن 1789ع ۾ جڏهن آمريڪا جو صدر ٿيو ته ان وقت آمريڪا جي گاديءَ جو شهر نيويارڪ هو. پر پوءِ ٻئي سال واشنگٽن مقرر ڪيو ويو جيئن ملڪ جي وچ ۾ هجي. انهن ڏينهن ۾ آمريڪا (USA) فقط اوڀر ڪناري وارين رياستن تي مشتمل هو. هن شهر جو نالو صدر جارج واشنگٽن پويان آهي ۽ DC معنيٰ 'ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا' جيڪو هن کنڊ کي ڳولڻ واري ڪرسٽافر ڪولمبس پٺيان آهي. هڪ ٻي ڳالهه ڌيان ۾ پئي اچي، هت پورن هڪ سئو سالن بعد 1888ع ۾ هن شهر ۾، نئشنل جاگرافڪ سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو ويو، جنهن جي آفيس اڄ تائين اتي آهي. بهرحال مٿين اتراهين رياستن: نارٿ ايسٽ ۽ نارٿ ويسٽ ريجن جي وچ وارو حصو 'مڊويسٽ ريجن' سڏجي ٿو، جنهن ۾ نارٿ ڊڪوٽا، سائوٿ ڊڪوٽا، منيسوٽا، ڪنساس ۽ ميسوري جهڙين رياستن کان علاوه اهي رياستون جن ۾ هن سفرنامي جو مصنف 'پير تاج محمد قريشي' رهي ٿو يعني مِشيگن رياست

۽ وسڪنسن رياست پڻ اچي وجي ٿي، جنهن ۾ پير تاج محمد جو ڊاڪٽر پاءُ پير عبدالحفيظ قريشي رهي ٿو. جنهن ميڊيڪل جي فيلڊ ’Intensive Care‘ ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي آهي.

مٿين علائقن (Regions) کان علاوه هڪ علائقو مِڊ ائٽلانٽڪ سڏجي ٿو. جيڪو ’نارٿ ايسٽ‘ ۽ ’سائوٿ ايسٽ‘ جي وچ وارو آهي. مِڊ ائٽلانٽڪ ريجن ۾ پينسلوانيا، ويسٽ ورجينيا ۽ ورجينيا جهڙيون رياستون اچيو وڃن. اهڙي طرح ستون علائقو بلڪل اوپر ۾ آمريڪا (USA) جون هيٺيون حصو آهي، جيڪو فقط ’ويسٽ‘ سڏجي ٿو. هن ريجن ۾ فقط ٻه رياستون: ڪئليفورنيا ۽ نيواڊا اچن ٿيون. جيڪي ايراضيءَ ۾ ڪافي وڏيون آهن. ڪئليفورنيا آمريڪا جي رياستن ۾ ٽيون نمبر وڏي آهي. پهرين نمبر تي الاسڪا آهي ۽ ٻئي نمبر تي ٽيڪساس آهي. آمريڪا جي اوپر واري ڪناري تي جيئن نيويارڪ رياست وڏيڪ پسند ڪئي وڃي ٿي، تيئن اولهه واري ڪناري تي ڪئليفورنيا رياست آمريڪن توڙي ڌارين لاءِ دلپسند رياست سمجهي وڃي ٿي. ڪئليفورنيا، خاص ڪري ان جي شهر لاس اينجلس کي فلمي دنيا ڪري به مشهوري ملي آهي. اسان جي زندگيءَ ۾ آمريڪن فلمون ئي وڏي وندر هونديون هيون ۽ اسان کي خبر هئي ته انهن جي نهڻ جو گهر لاس اينجلس (ڪئليفورنيا) آهي. ان ڪري ان شهر کان اسان ننڍي هوندي کان واقف هئاسين.

هالي ووڊ وارو علائقو ۽ باقي لاس اينجلس دنيا لاءِ ميوزڪ ۽ وندر جي علامت سمجهيو وڃي ٿو. آمريڪا جا پنج وڏا فلم اسٽوڊيو هن شهر ۾ آهن جهڙوڪ ’ڪولمبيا‘، ’ڊزني‘، ’پيرامائونٽ‘، ’يونيورسل‘ ۽ ’وارنر برادرس‘. چئن وڏن ٽي وي چينلن: ABC، CBS، فاڪس ۽ NBC جا براڊ ڪاسٽنگ نيٽ ورڪ ۽ انهن جون آفيسون هن رياست (ڪئليفورنيا) ۾ آهن. ان کان علاوه هسپانوي ٻوليءَ جا ٻه وڏا نيٽ ورڪ Telemundo ۽ Univision پڻ هتي آهن.

دنيا جون ڪيتريون ئي انٽرنيٽ ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا هن رياست جي ’خليج سان فرانسسڪو‘ واري علائقي ۾ آهن. جهڙوڪ ’ائپل‘، ’فيسبڪ‘، ’گوگل‘، ’نيٽفلسڪ‘، ’پئنڊورا ريڊيو‘، ’Twitter‘، ’Yahoo‘ ۽ ’يوٽيوب‘ وغيره. ڊزني لئنڊ ۽ هالي ووڊ کان علاوه ڪئليفورنيا رياست ’گولڊن گيٽ برج‘ ڪان به مشهور آهي، جنهن ڪي پڻ ڏسڻ لاءِ دنيا جا سياح اچن ٿا. ڪئليفورنيا رياست کي لاڏ مان ’گولڊن اسٽيٽ‘ به سڏيو وڃي ٿو، جنهن جو سبب مٿي لکي آيو آهيان ته اوڻهين صديءَ ۾ هتي سونَ جي هلندڙ ڳولا ۾ ڪاميابي حاصل ٿي هئي ۽ هن رياست جي خوشحالي اچڻ تي ڏورانهن ڏيهن کان ماڻهن جي روزگار ڪمائڻ ڪارڻ لڏ پلاڻ ٿي هئي، خاص ڪري چين ۽ جپان کان به. اها ٻي ڳالهه آهي ته ٻي جنگِ عظيم ۾ هتي درپيش آيل هنگامن ۽ فسادن ڪري گهڻا تڻا جپاني موٽي ويا هئا.

اسان جي ننڍي کنڊ جا ماڻهو، سکن کان علاوه، گهٽ گهٽ پوءِ آيا. منهنجو جڏهن 1960ع واري ڏهاڪي کان هن پاسي اچڻ ٿيو ته سنڌي مسلمان ته ڇا پر پنجابي ۽ پٺاڻ مان به ڪو ورلي ٿَي نظر آيو. اسان جي ماڻهن جو گهڻو زور انگلنڊ طرف هو يا ملايا، سنگاپور، هانگ ڪانگ ڏي. جيڪي ٿورا گهڻا سنڌ جا ماڻهو مون کي نظر آيا اهي نيويارڪ ۾. پوءِ 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ ڪئليفورنيا رياست ڏي اچڻ لڳا. خاص ڪري لاس اينجلس ۾ جيڪو هن رياست جو وڏو شهر آهي ۽ ساڪرامينٽو ۾، جيڪو ڪئليفورنيا جي گاديءَ جو شهر آهي. هاڻ ته ان کي پنجاهه سال ٿي ويا آهن ۽ اسان جا ماڻهو جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. ٻه چار جيڪي هن وقت ذهن تي اچي رهيا آهن انهن ۾ اسان جي ناناڻي خاندان جو بشير مغل ۽ سندس زال روبينا آهي، جيڪي نيويارڪ کان لڏي آيا. منهنجي ناني جون ياڻيجيون آپا تاج صديقي ۽ آپا افروز چانديو ۽ انهن جو اولاد ڊاڪٽر فهيما قلباڻي ۽ شفيق صديقي وارا. SANA جا سينئر ميمبر مالڪ ڏنو ۽ سَني پنوهر... ان کان علاوه نثار مهر، عليم بروهي ۽ مهراڻ يونيورسٽي جو

گرئجوئيٽ نثار شاهه آهي. شڪارپور جو سليم سومرو جيڪو انفارميشن ٽيڪنالوجيءَ ۾ اڄ ڪلهه ٽيڪساس ۾ رهي ٿو، اهو به ڪئليفورنيا جي شهر ’اوڪ لئنڊ‘ ۾ اٺ سال ڪن رهي ويو آهي. نديم جوڻيجو صاحب جيڪو گذريل دفعي USA ويو هوس ته نيوجرسيءَ ۾ هو، هاڻ ڏهن سالن کان ڪئليفورنيا رياست ۾ آهي. ان ڪان علاوه نذير پرگڙي، عبدالرحمان لغاري ۽ اعجاز ميمڻ جن به ڪئليفورنيا رياست جي مختلف شهرن ۾ آهن. ’مهراڻ يونيورسٽيءَ‘ جو پروفيسر شوڪت انصاري به منهنجي خيال ۾ ڪئليفورنيا ۾ آهي. ٻيا به انيڪ هوندا، جن ڪان آئون اڃا واقف هجان، جو مون کي ان پاسي وئي هاڻ وڏو عرصو ٿي ويو آهي.

هن وقت ڪامارو شريف جي پير تاج محمد قريشيءَ جي هن رياست مان تعليم حاصل ڪرڻ جي ڳالهه نڪتي ته مٿيان پراڻا ماڻهو به ياد اچي ويا. پير تاج محمد قريشي صاحب ٻڌايو ته ڪليفورنيا جي رهائش دوران اعجاز ميمڻ ۽ شوڪت انصاري سان سندس ملاقت سندس مامي جي پٽ شاهه فاروق قريشي جي گهر ٿيندي رهي هئي. پير تاج محمد قريشيءَ مطابق سندس ماروٽ شاهه فاروق قريشي ڪليفورنيا جي شهر سينٽا ڪالارا شهر ۾ رهي ٿو، جيڪو پڻ 1971 يا 1972 ڌاري پاڪستان ڪان آمريڪا ’ايروناٽيڪل انجنيئرنگ‘ جي شعبي ۾ پڙهڻ لاءِ آيو هو. شاهه فاروق قريشي صاحب ايروناٽيڪل جي شعبي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ آمريڪا جي هڪ مشهور ايئرلائين ’يونائيٽيڊ ايئر‘ ۾ ڪم ڪري ريٽائر ٿيو آهي.

جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ڪئليفورنيا رياست مون کي ڏاڍو Fascinate ڪندي هئي. جهاز قِري گهِري نيويارڪ ايندو هو ته اتي رهندڙ سنڌين، نُور احمد نظاماڻي، مبارڪ ٽالپر، عبدالرزاق شيخ، ڏاهري ٻائرن... ويندي بعد ۾ آيل سليم شاهه ۽ هالا جي وڪيل عبداللطيف انصاريءَ جن کي چوندو هوس ته لاس اينجلس، سان ڊياگو، اوڪ لئنڊ. ساڪر يعني ڪئليفورنيا رياست ڏي ڇو نٿا شفٽ ٿيو، ته سڀ اهو ئي چوندا هئا ته هتي نيويارڪ ۾ پنهنجي سنڌين جي ميلي ۾ بهتر آهيون يعني ان وقت 1970ع ۾

نيويارڪ ۾ رهندڙ ڏهن ڪان به گهٽ سنڌي هڪ ميلو هو.. واقعي ڪئليفورنيا يا ڪئناڊا جي بندرگاهن ۾ ته ڪو هڪڙو سنڌي به نه ملندو هو. اڄ اڏ صديءَ بعد ٿر جهڙي سنسان ۽ ويران ڪئناڊا ۾ به جتي ڪٿي ڏيپلائين، شڪارپورين، ميمڻن، ڏاهرين، سومرن، شيخن، ناريجن، هاليپوٽن ۽ ٻاهوٽين جا هڪ ٻن ڪان وڌيڪ گهر ملن ٿا. اڌ صدي گذرڻ بعد توهان ڪي ڏيپلائين يا شڪارپورين جو جيڪو مخصوص ٽون آهي، اهو ٿي تبديل ٿيندي ٻڌڻ ۾ ايندو. هوسٽن (ڏکڻ) ۾ رهندڙ شڪارپورين جو ٽون ٽورنٽو ۾ رهندڙ اترادي شڪارپورين يا ڏيپلائين جو لهجو مختلف لڳندو.

پيش لفظ لکڻ لاءِ ڪامارو شريف جي پير تاج محمد قريشيءَ جڏهن سندس لکيل سفرنامي جي ڊمي ڪاپي ڏني ته چيومانس، "پير صاحب! برڪلي مان تعليم حاصل ڪرڻ بعد نوڪري ۽ رهائش ڪئليفورنيا ۾ اختيار ڪئي هوندانوَ؟"

"نه سائين" پير تاج محمد وراڻيو.

"سائين ڪمال ٿا ڪريو. ڪهڙي سهڻي رياست ڇڏي ڪيڏانهن ويائو؟"

جواب ڏنائين ته، "سائين هن سفرنامي ۾ لکيو اٿم."

"پر تڏهن به جيسين پڙهان، تيسين تصور ڪري سگهان ته توهان ڪهڙي تر ۾ رهو ٿا؟" دل ۾ مون سوچيو ته ڪئليفورنيا کان اڳتي ٻئي ڪنهن علائقي ۾ رهڻ اُوٺنيهين جي اونداهي آهي.

"سائين آئون وارن (Warren) شهر ۾ رهان ٿو."

"وارن؟ يعني ڪهڙي رياست ۾؟" مون پڇيو.

"مِشيگن رياست ۾ ڊيٽرائٽ شهر پرسان." پير تاج محمد جواب ڏنو.

مِشيگن رياست جو ٻڌي پاڻيءَ سان پيار ڪندڙ هڪ جهازيءَ وانگر مون به واهه واهه ڪئي. "پير صاحب واهه جو هنڌ چونڊيو اٿانوَ. اسان جا جهازران چوندا آهن ته مِشيگن هن ڌرتيءَ تي جنت جو ٽڪرو آهي ۽ جَي توهان وارو شهر وارن (Warren)، ڊيٽرائٽ (Detroit) پرسان آهي ته معنيٰ

هڪ ئي وقت تي توهان آمريڪا ۾ به آهيو، ته ڪئناڊا ۾ به. ناگرا آبشار ۽ دنيا جي خوبصورت ڍنڍن جا پاڙيسري آهيو.“

دل ۾ چيم ته، پير صاحب رهڻ لاءِ سٺو هنڌ چونڊيو. اسان وارن ڏينهن ۾ يعني اڄ کان اڌ صدي اڳ اسان جي نيويارڪ وارن سنڌين کي ڪئليفورنيا جهڙي ڏورانهين رياست ته ڇا پر هن پاڙيسري رياست مشيگن ۾ به رهڻ جو نه خيال ٿي آيو نه همت!

”ڀلا توهان ئي اڪيلا سنڌي مشيگن ۾ آهيو يا ٻيا به ڪي؟“ مون پير صاحب کان پڇيو.

”نه سائين. آئون اڪيلو ته نه آهيان. ٻيا به ڪيترائي سنڌي مشيگن جي مختلف شهرن ۾ نظر اچن ٿا جيئن ته سرفراز ڳاهوٽي، اعجاز ترڪ، پير مڪرم، جيڪو پي پي واري منسٽر پير مظهر جو ڀاءُ آهي، نثار صديقي، ڊاڪٽر ستار شيخ وغيره به مشيگن ۾ رهن ٿا.“

پير صاحب جي نالن ڳڻڻ تي سرفراز ڳاهوٽي ۽ مشيگن جي شهر ڪالامازو ۾ رهندڙ اعجاز ترڪ ياد آيا، جيڪي آمريڪا جا پراڻا رهاڪو آهن. پير تاج صاحب ٻڌايو ته ڪجهه سنڌي جن ۾ نصرپور وارو سبحان دائودپوٽو پڻ آهي، جيڪي جيتوڻيڪ رهن ڪئناڊا جي شهر وندسر ۾ ٿا پر نوڪريءَ لاءِ هُو روزانو مشيگن اچن ٿا. جيئن راولپنڊيءَ جا رهاڪو اسلام آباد ويندا آهن يا روهڙيءَ ۽ سکر جا خيرپور ايندا ويندا رهن ٿا.

هُونءَ ته پير صاحب پنهنجي سفرنامي ۾ پنهنجي رياست، ناگرافالز، ڍنڍن ۽ تعليمي ادارن جو دلچسپ نموني بيان ڪيو آهي. هتي آئون انهن بابت فقط مختصر تاريخي ۽ جاگرافيائي ڄاڻ لکان ٿو، جيڪا پڻ پڙهندڙن لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيندي.

آمريڪا (USA) لاءِ لکي چڪو آهيان ته هڪ تمام وڏو ملڪ آهي، جنهن جون پنجاهه رياستون سمجهو ته پنجاهه ملڪ آهن. جنهن جي هڪ شهر اولمپيا (واشنگٽن) کان ميامي (فلوريڊا) يا بئٽن روگ (لوزيانا) وڃڻ ائين آهي، جيئن ڪراچيءَ کان ڪوالالمپور وڃڻ... ٻنهي جي وچ ۾ فاصلو

5400 ڪلوميٽر آهي ۽ هوائي جهاز ڇهه ڪلاڪ ٿو وٺي. سنگاپور کان ٽوڪيو پهچڻ ۾ به جهاز ڇهه ڪلاڪ ٿو وٺي ۽ فاصلو تقريبن اوترو ئي 5300 ڪلوميٽر آهي. ڪراچيءَ کان جدو 2900 ڪلوميٽر آهي ۽ ڪراچيءَ کان ڍاڪا 2400 ڪلوميٽر آهي. ان مان اندازو لڳايو ته USA ڪيڏو وڏو ملڪ آهي، جنهن جي هڪ ڪنڊ واري شهر کان ٻي ڪنڊ تي پهچڻ ائين آهي، ڄڻ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾ پيو وڃجي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته آمريڪا جا پڪا رستا لاجواب آهن. اهڙا هاڻ ايران، سعودي عرب ۽ ملائيشيا ۾ به نظر اچن ٿا. بارش هجي يا برفباري، ماڻهو فل رفتار سان پيو وڃي. آمريڪا ۾ ماڻهن وٽ گاڏيون به وڏيون ۽ طاقتور آهن، پر فاصلا به وڏا آهن. مٿيون فاصلو، اولمپيا کان ميامي وارو ڪار ذريعي 51 ڪلاڪ وٺي ٿو.

آمريڪا (USA) پنجاهه رياستن ۾ ورهايل هجڻ کان علاوه ست ريجنن ۾ ورهايل آهي، جيئن مٿي لکي چڪو آهيان. ان حساب سان اسان وارو ليڪڪ ڪاماري وارو پير تاج محمد قريشي تعليم دوران west ريجن ۾ رهيو. پير صاحب هاڻ نوڪري ۽ رهائش لاءِ مشيگن رياست ۾ رهي ٿو، جيڪو مڊويسٽ (Mid west) ريجن سڏجي ٿو. هُونءَ مشيگن رياست نيويارڪ رياست کان پري ناهي. نيويارڪ، مشيگن، منيسوٽا، نارٿ ڊڪوٽا، مونٽانا، اڊاهو ۽ واشنگٽن اهي رياستون آهن، جيڪي قطار ۾ اتر ۾ آهن ۽ ڪئناڊا سان باربر ٿاهين ٿيون. انهن رياستن ۾ رهندڙن لاءِ ڪئناڊا اچڻ وڃڻ ڪو پري ناهي. ان معاملي ۾ ته مشيگن رياست ته اڃا به سٺائي آهي، جنهن ۾ موجود وڏين ڍنڍن جو ڪجهه حصو مشيگن (USA) ۾ اچي ٿو ته ڪجهه حصو ڪئناڊا جي صوبي اونٽاريو ۾ آهي. ان معاملي ۾ هن پاسي جا ماڻهو خوش نصيب آهن، جو هنن وٽ پاڻيءَ جي کوٽ جو تصور ئي ناهي، جو اهي ڍنڍون مٺي پاڻيءَ جون آهن ۽ اهي ڍنڍون ايڏيون وڏيون آهن، جو انهن ۾ جهاز هلن ٿا. اهي ڍنڍون، درياهن رستي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن ته ڪُلئي سمنڊ سان به.

هن پاسي جي پنجن وڏين ڍنڍن مان فقط هڪڙي ’اونٽاريو ڍنڍ‘ باردر جي ٻئي پاسي ڪئناڊا ۾ آهي، باقي چار ’مشيگن ڍنڍ‘، ’ايري ڍنڍ‘، ’سپيريئر ڍنڍ‘ ۽ ’هوران (Huron) ڍنڍ‘، ’مشيگن رياست‘ اندر اچن ٿيون. ان ريت مشيگن رياست جو ڪنارو 5210 ڪلوميٽر ٿئي ٿو ۽ ٻئي نمبر تي آهي، پر جي مٺي پاڻيءَ جو ڪنارو ڏٺو وڃي ته مشيگن دنيا ۾ پهرئين نمبر تي آهي. مٿين وڏين ڍنڍن کان علاوه مشيگن رياست ۾ ننڍيون ننڍيون ته هزارين (11000) ڍنڍون آهن. اهي درياهه ۽ شاخون جيڪي هنن ڍنڍن تائين پاڻي پهچائين ٿيون يا ٻين ڍنڍن کي ڳنڍين ٿيون، انهن جي جملي ڊيگهه ڇهه هزار ڪلوميٽر ٿئي ٿي. دنيا جي مٿان جيڪو مٺو پاڻي موجود آهي، ان جو پنجون حصو 20 سيڪڙو، هنن پنج ڍنڍن ۾ آهي، جيڪي ’The Great Lakes‘ سڏجن ٿيو. مشيگن ۾ اهو مشهور آهي ته ڪنهن جو به گهر، دڪان، آفيس وڏين ڍنڍن کان 85 ميل (141 ڪلوميٽر) پري ناهي ۽ هزارين ڍنڍون ته سڄي رياست ۾ ائين پکڙيل آهن، جو مشيگن ۾ ڪا به جاءِ ڪنهن ننڍي ڍنڍ کان 6 ميل يعني 10 ڪلوميٽر پري ناهي. مشيگن رياست جي ڍنڍن ۾ هلندڙ جهازن ۽ ٻيڙين جي سلامتي ۽ سهولت لاءِ 116 لائيٽ هائوس ۽ نيويگيشن جون بتيون لڳل آهن. هن رياست جو نالو هتي جي اصلوڪي رهاڪن جي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معني ٿي آهي ’گهڻو پاڻي‘ يا ’وڏي ڍنڍ‘.

هُونءَ به مشيگن رياست ۾ پهريون دفعو اچڻ وارن کي هوائي جهاز مان يا هن رياست جي نقشي مان ٻين رياستن وانگر هيءَ رياست ڌرتي بدران چوڌاري پاڻي نظر ايندو ۽ توهان کي هتي جا رهاڪو اهو ٿي چوندا ته مشيگن رياست ٻن Peninsulas تي مشتمل آهي يعني ٻن ٻيٽ نما زمين جي ٽڪرن تي آهي. جنهن لاءِ اردو، عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪو به الڳ لفظ ناهي. ان کي ’جزيره نما‘ يعني ٻيٽ جهڙي ڌرتي چون ٿا. پر مون کي حيرت آهي ته اسان وٽ ان لاءِ الڳ لفظ ’اپ ٻيٽ‘ آهي، جيئن ميڊيٽرينين سمنڊ لاءِ ’پونچ سمنڊ‘ يعني پونءَ (ڌرتي) جي وچ تي سمنڊ.

مون بہ هالا جي اسڪول ۾ محمد صديق ’مسافر‘ زنجبار واري جي جاگرافيءَ جي ڪتاب ۾ پڙهيو. محمد صديق جو والد بلال (گلاب) ڇهن سالن جو هو تہ هن کي زنجبار (Zanzibar) ٻيٽ تان اغوا ڪري ٺٽي ۾ وڪرو ڪيو ويو هو. بعد ۾ هُو ٺٽي باگي ۾ وڪرو ٿيو هو.

ٻيٽ، زمين جو اهو ٽڪرو آهي، جنهن جي چوڌاري پاڻي هجي، جيئن اسان وٽ ڪراچي ۽ ٺورو پرڀهرو ’بابا ٻٽ‘، ’شمس پير‘، ’چرنا‘، ’بندل‘ ۽ ’ٻڍو ٻيٽ‘ آهن يا سنگاپور، هانگ ڪانگ، مالديپ وغيره ٻيٽ آهن. اُپَ ٻيٽ، زمين جو اهو ٽڪرو آهي جنهن جي ٽن پاسن کان پاڻي هجي ۽ هڪ پاسي کان زمين. يعني هن جي چوڌاري پاڻي هجي، پر هڪ پاسي کان ڪنهن سنهي يا ويڪري پٽيءَ ذريعي مرڪزي ڌرتيءَ سان ڳنڍيل هجي. ’منهوڙي‘ کي اسان ٻيٽ چئون ٿا، پر اهو ٻيٽ ناهي. اهو هڪ پاسي کان ڪراچي شهر سان ڳنڍيل آهي ۽ توهان منهوڙي تي نہ رڳو ڪياماڙي ۽ ٻين هنڌن تان لانچ ذريعي پهچي سگهو ٿا، پر باءِ روڊ گل ٻائي واري چوواٽي وٽان ماڙيپور ۽ سئنڊس پٽ وارو رستو ڏٺي منهوڙي پهچي سگهو ٿا. ان ڪري حقيقت ۾ منهوڙو اُپ ٻيٽ (Peninsula) آهي جيئن اسپين ۽ پورچوگال ’آئبيريا پيننشولا‘ سڏجي ٿو، جنهن جي چوڌاري ائٽلانٽڪ ۽ ميڊيٽرينين سمنڊن جو پاڻي آهي. فقط هڪ طرف کان اهو يورپ کنڊ جي ملڪ فرانس سان ڳنڍيل آهي. پورچوگال ۽ اسپين هڪ ئي ملڪ (Iberia) سمجهڻ کپي، جو اتي جو ڪلچر توڙي ٻولي، تقريبن ساڳي آهي ۽ پرواري ملڪ فرانس کان گهڻي ڀاڱي مختلف. پورچوگالي ۽ هسپانوي ٻوليون ائين آهن جيئن پنجابي ۽ سرائڪي.

ٻيٽ ۽ اُپ ٻيٽ سان ملندڙ هڪ ٻيو لفظ، جيڪو اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ عام آهي، اهو آهي ٿُٻيٽ. ڪنهن چيو تہ ٿُٻيٽ ڌرتيءَ جو اهو ٽڪرو آهي، جنهن جي ٻن پاسن کان سمنڊ هجي. ٿُٻيٽ دراصل تبت جو آڳاٽو نالو آهي جيئن ٿائليند جو سيام آهي. اسان جي سنڌو ندي، ٿُٻيٽ ملڪ جي ’سِنگي ڪباب‘ وٽان نڪري ٿي، جنهن نالي جي معنيٰ آهي

’شينهن جو منهن‘. ان ڪري ٿبيٽ (تبت) جا ماڻهو سنڌو درياه کي ’سنگي درياهہ‘ يعني ’شينهن درياهہ‘ سڏين ٿا. جيئن سنگاپور شينهن جو شهر سڏيو وڃي ٿو ۽ سنگاپور جي نشاني ’Merlion‘ (مڇيءَ جي ڌڙ وارو شينهن) آهي. هي جانور بہ ائين خيالي آهي، جيئن ’Mermaid‘ مڇيءَ جي ڌڙ واري ڇوڪري يعني ’جل پري‘.

بهرحال آمريڪا (USA) جي 50 رياستن ۾ مِشيگن جنهن ۾ اسان جو ڪامارو شريف جو ليڪ، پير تاج محمد رهي ٿو. هڪ نرالي رياست آهي، جنهن جي نقشي ۾ توهان کي گهٽي ياڳي پاڻي ئي نظر ايندو، جنهن ۾ زمين جا بہ ٽڪرا اپ بيٽ (Peninsula) هڪ اتر ۾ تہ ٻيو ڏکڻ ۾ آهن. اپبيٽ لاءِ لکي چڪو آهيان تہ زمين جي باقي حصي کان تہ پاڻي ٽٽي، پر هڪ پاسي کان اهو زمين جو ٽڪرو (اپ بيٽ) مرڪزي ڌرتيءَ سان ڳنڍيل رهي ٿو. مشيگن جو ڏکڻ وارو اپ بيٽ يعني هيٺيون اپ بيٽ هٿ جي دستاني (Mitten) جي شڪل جو آهي، جيڪو مشيگن کان هيٺ وارين رياستن اوهايو ۽ انڊيانا سان ڳنڍيل آهي، جيئن اسان وارو ’منهوڙو‘ سئنڊس پٽ ۽ ماڙيپور سان ڳنڍيل آهي. مشيگن جو مٿيون اپ بيٽ اولهہ ۾ وسڪنسن رياست سان ڳنڍيل آهي. انهن ٻنهي اپ بيٽن جي وچ ۾ اَٺ ڪلوميٽر ويڪرو ’Straits of Mackinac‘ (مئڪيناڪ جو ڳچي سمنڊ) آهي، جيڪو ٻن وڏن پاڻيءَ جي حصن (ڍنڍن): هورون ۽ مشيگان ڍنڍ کي ملائي ٿو.

مٿين ٻن اپ بيٽن جي وچ ۾ فيري بہ هلي ٿي تہ مئڪنڪ برج نالي دنيا جي وڏي ۾ وڏي Suspension پل بہ آهي، جيڪا هنن ٻن اپ بيٽن کي ڳنڍي ٿي. اها اَٺ ڪن ڪلوميٽر ٿيندي. 1957ع ۾ هن پل تهي راس ٿيڻ تي مٿانس ٽرئفڪ هلڻ شروع ٿي هئي. منهنجا جهاز هلائڻ وارا دوستَ ۽ شاگردَ. جن جو هن پاسي اچڻ نہ ٿيو آهي، تن کي مشيگن رياست کي سمجهڻ لاءِ هانگ ڪانگ جو مثال ڏيندو آهيان. هانگ ڪانگ ملڪ دراصل هڪ ٻيٽ ۽ هڪ اپ بيٽ تي مشتمل آهي. ٻيٽ جو نالو ’وڪٽوريا‘ آهي، جنهن تي رهڻ وارا ٽوئرسٽ هن وڪٽوريا ٻيٽ

ڪي ئي هانگ ڪانگ سمجهن ٿا. دراصل وڪٽوريا ٻيٽ سان گڏ ’ڪولون‘ بہ آهي، جيڪو پڻ ٻيٽ وانگر سمجهيو وڃي ٿو، پر ٻيٽ نہ پر اپ ٻيٽ آهي، جنهن جو هڪ پاسو چين جي سرزمين سان مليل آهي جتي چين جو شهر ’ڪئنٽن‘ آهي. ڪولون ڪان باءِ روڊ يا ٽرين ڪئنٽن (چين) وڃي سگهجي ٿو.

مِشيگن رياست، آمريڪا جي يارهون نمبر وڏي رياست آهي، جنهن جي جملي پکيڙ 2,50,000 چورس ڪلوميٽر آهي. سڄي سنڌ جي 1,41,000 چورس ڪلوميٽر آهي ۽ پنجاب جي 2,05,344 چورس ڪلوميٽر. آدمشماري سنڌ جي پنج ڪروڙ آهي ۽ پنجاب جي يارنهن ڪروڙ، پر مشيگن رياست جي فقط هڪ ڪروڙ. مشيگن رياست جو وڏي ۾ وڏو شهر ڊيٽرائٽ (Detroit) آهي ۽ ٻئي نمبر تي ’گرانڊ رئپڊس‘ آهي، ٽئي نمبر تي پيير تاج وارو شهر ’وارن‘ آهي. مشيگن جي گاديءَ جو شهر لانسنگ (Lansing) آهي.

ڪئناڊا جي باردر تي جيڪي آمريڪي رياستون آهن، تن ۾ وچ اوپر ۾ اڊاهو، مونٽانا، نارٿ ڊڪوٽا، منيسوٽا ۽ مشيگن وغيره. انهن جي شهرن ۾ سڀ کان وڏو شهر ڊيٽرائٽ آهي. اهو گاڏين (آٽو موبائلن) جي ڪارخانن ڪان پڻ مشهور آهي ۽ آمريڪا جي ٽن وڏين ڪمپنين: جنرل موٽرس، فورڊ ۽ Stellantis جو گهر آهي. ڊيٽرائٽ هن پاسي جو وڏو بندرگاهہ پڻ آهي، جيڪو ڊيٽرائٽ نديءَ تي آهي. ڊيٽرائٽ ندي، انهن چئن ڳچي سمندن مان هڪ آهي، جيڪي هن پاسي جي وڏين ڍنڍن (Great Lakes) کي ’سينٽ لارينس سي وي‘ سان ڳنڍيين ٿا، جيڪو اڳيان وڃي ائٽلانٽڪ سمنڊ سان ملي ٿو. يورپ ڪان يا USA جي بندرگاهن فلاڊلفيا يا نيويارڪ ڪان اسان ڊيٽرائٽ روانا ٿيندا آهيون تہ جهاز کي اتر ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ بوسٽن وٽان ئي ’گلف آف سينٽ لارينس‘ ۾ اچي لنگر ڪيرائيندا آهيون. پوءِ اتان مقامي پائليٽ (پاٽيءَ جي جهازن جو ڪئپٽن) اسان جي جهاز کي سينٽ لارينس نديءَ مان وٺي هيٺ ڏکڻ ڏي ايندو آهي. هي سامونڊي

رستو St.Lawrence Sea way به سڏجي ٿو. رستي تي ڪئناڊا جا مشهور شهر ڪيوبيڪ، Bacancour، سوريل، مانٽريل اچن ٿا. پوءِ نيويارڪ، پينسلوانيا ۽ اوهيو آمريڪي رياستن جي شهرن، بفئلو، Erie، ڪليو لئنڊ، لورين ۽ ٽوليڊو وٽان ٿيندا ايري (Erie) ڍنڍ ۾ پهچون ٿا. جتي ڊيٽرائٽ نديءَ جي هڪ پاسي مشيگن رياست جو شهر ’ڊيٽرائٽ‘ آهي ته ٻئي طرف ڪئناڊا جي اونٽاريو صوبي جو شهر ’ونڊسر‘ آهي. بس سمجهو ته ونڊسر ۽ ڊيٽرائٽ شهر ائين آهن جيئن مورو دادو. بلڪ ان کان به ويجها سکر - روهڙي، يا حيدرآباد - ڪوٽڙي. اسان جي ڪامارو شريف جي ليڪ جي مشيگن رياست جي جنهن شهر ’وارن‘ ۾ رهائش آهي، اهو ڊيٽرائٽ شهر کان ائين آهي، جيئن موري کان نوشهرو فيروز.

جيڪي آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ رهن ٿا خاص ڪري مِشيگن رياست ۽ اونٽاريو صوبي ۾، انهن جي يادداشت لاءِ لکندو هلان ته ڊيٽرائٽ ندي چوئيتاليهه ڪلوميٽر آهي، جيڪا سينٽ ڪلئر (St. Clair) ڍنڍ مان شروع ٿي ايري (Erie) ۾ داخل ٿئي ٿي. هن نديءَ جي خاص ڳالهه اها آهي ته اها مشيگن رياست جي ڊيٽرائٽ شهر کي ڪئناڊا جي صوبي اونٽاريو جي شهر ونڊسر کي الڳ ڪري ٿي. ٻين لفظن ۾ USA ۽ ڪئناڊا جي وچ ۾ بارڊر ناهي ٿي. مٿين ملڪن جي ٻن شهرن کي ڳنڍڻ لاءِ يعني انهن شهرن ۾ اچڻ وڃڻ لاءِ ڊيٽرائٽ نديءَ جي مٿان ائمبيسڊر پل آهي، جيڪا Suspension قسم جي پل آهي ۽ 2300 ميٽر يعني سوا ٻه ڪلوميٽر کن ڊگهي آهي ۽ چائيتاليهه ڪلوميٽر اتاهين آهي يعني ان کان ننڍي اوچائي وارا جهاز پل هيٺان لنگهي سگهن ٿا. هن پل کي ٻيانوي سال ٿي ويا آهن. بارڊر ڪراس ڪرڻ لا هن پل تي وڏي رش رهي ٿي. اسان جي ماڻهن کي حيرت ٿيندي ته ٻين ڪيترين شين (پڪن رستن، ريل گاڏين، بندرگاهن) وانگر هيءَ پل به هتي خانگي آهي يعني سرڪار جي ملڪيت ناهي، پر هتي جي امير ماڻهن نهرائي آهي ۽ هاڻ ٽول ٽئڪس ذريعي ڪمائي رهيا آهن.

ائمبيسبڊر پل کان علاوه هيءَ ندي ٽپڻ لاءِ ’ڊيٽرائٽ- ونڊسر سرنگهہ‘ استعمال ڪئي وڃي ٿي. Detroit-windsor Tunnel ’ڊيٽرائٽ ڪئناڊا ٽنل‘ بہ سڏجي ٿو. جيڪو بين الاقوامي هاءِ وي آهي ۽ ٻن ملڪن جي شهرن ڊيٽرائٽ ۽ ونڊسر کي ملائي ٿو. ايمبيسيڊر پل بعد هي رستو (ٽنل) بارڊر ڪراس ڪرڻ جو مشغول رستو آهي. هيءَ سرنگهہ بہ 1930ع کان استعمال ۾ آهي. هن ٽنل مان لنگهڻ جي في ساڍا چار آمريڪن ڊالر آهن ۽ روزانو 12000 کن ڪارون بسون ڪراس ڪن ٿيون.

مٿين ٻن بين الاقوامي رستن کان علاوه ’مشيگن سينٽرل ريلوي ٽنل‘ آهي، جيڪو هنن ٻن شهرن ڊيٽرائٽ ۽ ونڊسر کي ڳنڍي ٿو. هي ٽنل 1910ع ۾ شروع ٿيو هو ۽ هن جي ڊيگهہ اڍائي ڪلوميٽر آهي يعني هي سرنگ ڊيٽرائٽ نديءَ جي هيٺان کوٽائي ڪري ٺاهي وئي آهي. آئون اهو ئي سوچيندو آهيان تہ پير تاج محمد جو شهر ’وارن‘ ڊيٽرائٽ جي ويجهو هجڻ ڪري هن لاءِ ’آمريڪا ۽ ڪئناڊا‘ بارڊر ڪراس ڪرڻ ڪو مسئلو ئي ناهي. لاهور کان امرتسر پهچڻ ۾ بہ اڌ ڪلاڪ لڳيو وڃي، پر ڊيٽرائٽ کان ونڊسر پهچڻ ۾ تہ ڏهہ منٽ بہ نٿا لڳن. هُو پنهنجن مهمانن کي نہ فقط مشيگن رياست جون مٺي پاڻيءَ جون ڍنڍون گهمائيندو هوندو پر نياگرا آبشار بہ، سو بہ آمريڪا (USA) واري پاسي کان بہ تہ ڪئناڊا واري پاسي کان بہ.

مشيگن رياست ۾ رهڻ وارن خاص ڪري ڊيٽرائٽ، وارن، لانسنگ شهرن جي رهاڪن لاءِ نہ فقط ڪئناڊا جو بارڊر ڪراس ڪري نديءَ جي ٻئي پاسي وارو شهر ونڊسر سڏ پنڌ تي آهي، پر اوشاوا، هئملٽن، ٽورنٽو، اوٽاوا يعني ڪئناڊا جي اونٽاريو صوبي جا شهر، ويندي پر واري ڪيوبيڪ صوبي جا شهر ’مانٽريل‘ ۽ ’ڪيوبيڪ‘ وغيره بہ ويجها آهن. ڪئناڊا جي انهن شهرن ۾ اسان جا پاڪستاني جام رهن ٿا. جو هڪ تہ اهي ڪئناڊا جي ڏکڻ ۾ هجڻ ڪري، اتي وري بہ سيءُ گهٽ پوي ٿي ۽ ٻيو تہ ڪئناڊا جا هي ٻہ صوبا ڪيوبيڪ ۽ اونٽاريو ڏکڻ ۾ USA جي نيويارڪ رياست

سان ڳنڍيا پيا آهن. جتي پڻ اسان جي ملڪ جا گهڻا رهن ٿا ۽ ٻنهي پاسي جي ڌرين جو هڪ ٻئي ڏي اچڻ وڃڻ لڳو رهي ٿو. نيويارڪ جو شهر بُفئلو تہ بلڪل ڪئناڊا جي بارڊر وٽ. ڪئناڊا جي صوبي اونٽاريو جي شهر نياگرافالس وٽ آهي، جيڪو نِياگرا نديءَ جي اولهہ واري ڪَپ تي آهي. نائيگرا فالز شهر جو نالو آهي تہ آبشار جو بہ. جيڪو اونٽاريو (ڪئنيڊا) ۽ نيويارڪ (USA) جي بارڊر تي آهي.

پير تاج محمد قريشيءَ جو سفرنامو شروع ڪرڻ کان اڳ پڙهندڙن لاءِ ڪجهہ وڌيڪ شيون جاگرافيءَ جون پڻ يعني USA ۽ ڪئناڊا جي بيهڪ جون سمجهائڻ ضروري سمجهان ٿو.

آمريڪا (USA) پنجاهہ حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪي رياستون سڏجن ٿيون. اسان جڏهن يورپ يا آفريڪا کنڊَ کان آمريڪا کنڊَ ڏي اچون ٿاتہ اسان کي اهي رياستون منهن ۾ اچن ٿيون، جيڪي آمريڪا جي اوڀر ڪناري تي آهن يعني جن کي ائٽلانٽڪ سمنڊ ڇهي ٿو. اسان جو يورپ يا آفريڪا کان جڏهن بہ آمريڪا وڃڻ ٿيو تہ اسان پورچوگال، جبرالٽر يا ڪيپ آف گڊ هوپ ڪراس ڪرڻ بعد هميشہ ويسٽ انڊيز ڏي رخ رکيو ٿي يعني ڪيوبا، ترنيڊاڊ، ٽُوباگو، بهاما ٻيٽن ڏي. اتي پهچي، اتي جو سامان لاهي، پوءِ اتر طرف روانا ٿياسين ٿَي يعني USA ۽ ڪئناڊا جي بندرگاهن ڏانهن. ڪيوبا بعد يڪدم USA جي فلوريڊا رياست اچي ٿي. اتي جي ڪنهن بندرگاهہ ۾ ترسي پوءِ ڪڏهن اولهہ طرف USA جي ڏاکڻ بندرگاهن نيو اورلينس ۽ هيوسٽن ڏي ويندا هئاسين. نہ تہ فلوريڊا پهچي اتر جو رخ ڪندا هئاسين جو ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي اٽڪل پندرهن کن آمريڪا جون رياستون آهن. جن بعد ڪئناڊا شروع ٿئي ٿو. آمريڪا جون اهي رياستون اتر طرف وڌڻ سان هڪ ٻئي پويان هن ريت آهن: فلوريڊا جارجيا، سائوٿ ڪئرولينا، نارٿ ڪئرولينا، ورجينيا، ميري لئنڊ، نيوجرسي، ڊيلاور، پينسلوانيا، نيويارڪ، ڪنيڪٽيڪٽ، رهوڊ آئلنڊ، مساچوسيٽس، نيو همسفائر، ۽ آخر ۾، بلڪل اتر ۾ مائين (Maine) آهي.

هڪ ٻي ڳالهه ته ڏکڻ کان توهان اتر طرف ويندائو ته سِيءُ وڌي ٿو. ان ڪري اسان جي ملڪ جا ماڻهو فلوريڊا، ٽڪساز، ميڪسيڪو ۽ لوزيانا جهڙين ڏاکڻين رياستن ۾ رهڻ کي ترجيح ڏين ٿا. هُو اتراهين رياستن ۾ گهٽ رهن ٿا. بهرحال اڄ ڪلهه ته روزگار خاطر هر هڪ کي هر هنڌ رهڻو پوي ٿو. آمريڪا کان متي ڪئنيڊا جي ٿڌ ۾ به اسان جا ماڻهو هاڻ سڪون سان رهيا پيا آهن. هُونءَ جيترو اتر ۾ وجبو اوترو سيءُ وڌندو. ڪراچيءَ کان سکر فقط 470 ڪلوميٽر متي يعني اتر ۾ آهي ته اتي ڪيترو وڌيڪ سيءُ ٿئي ٿو؟ لاهور ۾ ته اڃا به گهڻو، جو لاهور ڪراچيءَ کان 1200 ڪلوميٽر اتر ۾ آهي. اهو ئي حال ميامي (فلوريڊا) جي مقابلي ۾ نيويارڪ جو آهي، جيڪو ميامي کان 1250 ڪلوميٽر اتر ۾ آهي. آمريڪا جي اتر واري رياست مائين (Maine) جو آخري شهر يعني ڪئنيڊا جي بارڊر وارو 'ڪئريبو' (Caribou) ته نيويارڪ کان اڃا به ڇهه سئو ڪلوميٽر پري اتر ۾ آهي. ڪئنيڊا اتان شروع ٿئي ٿو.

آمريڪا جي هن اتراهين رياست 'مائِين' جي ساڄي پاسي ڪئنيڊا جو پرڳڻو / صوبو 'نيوبرنسوِڪ' آهي جنهن جي بندرگاهه سينٽ جان ۾ اسان جو 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن ۾ ڏاڍو وڃڻ ٿيندو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ اسان کي اتي ورلي ڪو پاڪستاني نظر ايندو هو. مقامي ماڻهو به ٿورا هئا. سياري ۾ ته سنسان ۽ ويران ماحول جو احساس ٿيندو هو. اڄان به مائين رياست سان ڳنڍيل ڪئنيڊا جو کاٻي پاسي وارو صوبو ڪيوبيڪ ڪجهه رونق وارو لڳو ٿي جنهن جا مانٽريل، ڪيوبيڪ، اوٽاوا ۽ شربروڪ اهم شهر آهن.

آمريڪا USA جي اتراهين رياستن ڏي ويندڙن کي (جيئن پير تاج محمد ان رياست مشيگن ۾ رهي ٿو، جيڪا ڪئنيڊا جي بلڪل بارڊر تي آهي ۽ٻئي پاسي ڪئنيڊا شروع ٿئي ٿو). ڪئنيڊا جي بارڊر واريون اتراهون آمريڪي رياستون ڏيان ۾ رکڻ کپن جتان اڪثر بارڊر ٽپي ماڻهو ڪئنيڊا وڃن اڇن ٿا ائٽلانٽڪ سمنڊ واري پاسي کان. اولهه طرف پئسفڪ سمنڊ ڏي ڏسبو ته آمريڪا جون رياستون هن ريت آهن: مائين، نيويارڪ (ياد

رکڻ کپي ته نيويارڪ شهر جو نالو به آهي ته رياست جو به)، مِشيگن (جنهن ۾ اسان جو ڪامارو جو پير تاج محمد رهي ٿو)، منيسوٽا، نارٿ ڊڪوٽا، مونٽانا، اڊاهو ۽ آخر ۾ واشنگٽن رياست آهي.

اهڙي طرح ڏارئين مسافر يا آمريڪا جي رهاڪوءَ کي USA’ ڪئناڊا‘ بارڊر وارا ڪئناڊا جا صوبا ڌيان ۾ رکڻ کپن.

ائٽلانٽڪ سمنڊ کان اولهه ڏي هلجي ته ڪئناڊا جا صوبا هن ريت آهن: نوواسڪوشا، نيوبرنسوڪ، (انهن ٻن صوبن جي وچ ۾ پرنس ايڊورڊ ٻيٽ به اچي ٿو)، ان بعد ڪيوبيڪ، اونٽاريو، مانيٽوبا، Saskatchewan، البرٽا ۽ آخر ۾ پئسفڪ سمنڊ جي ڪناري وٽ برٽش ڪولمبيا صوبو آهي. جپان کان اسان جو جهاز جڏهن به ڪئناڊا يا آمريڪا ڏي ايندو هوته برٽش ڪولمبيا جي وڏي بندرگاهه وئنڪوئر ۾ اچي لنگر انداز ٿيندو هو. انبعد لاس اينجلس به ويندو هو.اهي بندرگاهه پئسفڪ سمنڊ ۾ آهن. باقي ائٽلانٽڪ سمنڊ پاسي بالٽيمور يا نيويارڪ يا اجا مٿي اتر طرف ڪئناڊا وڃڻو هوندو هو ته ڪئناڊا جي اڪثر سينٽ جان، هئليفئڪس، پرنس روپرٽ ۽ مانٽريل جهڙن بندرگاهن ۾ ويندا هئاسين.

ڪئناڊا جي مٿين صوبن کان علاوه ڪئناڊا جا ڪجهه وڏيڪ علائقا اجا به اتر ۾ آهن. جيڪي Territoriesسڏجن ٿيون، هن ريت آهن: پئسفڪ سمنڊ پاسي يوڪان آهي، ان بعد اڀرندي پاسي نارٿ ويسٽ ۽ ان بعد Naunavut. ان پاسي ايڏو سيءُ ۽ سمنڊ ڄميل رهي ٿو جو اسان جو ڪڏهن وڃڻ نه ٿيو. ان کان مٿي اجان به ڪئناڊا جا علائقا آهن جيڪي ويران آهن ۽ اتر قطب سان وڃيو ملن. ڪئناڊا جي اتر ۾ بئفن بي، beaufortSea ۽ برنگ نالي سمنڊ آهي. اهي سمنڊ سال جو وڏو حصو ڄميل رهن ٿا. ڪئناڊا جي اتر ۾ ساڄي پاسي گرين لئنڊ ۽ آئسلينڊ آهي.

ٻين ڳالهين سان گڏ نيويارڪ رياست جي هڪ شهر بفئلو (Buffalo) بابت لکڻ ضروري سمجهان ٿو، جيڪڏهن توهان نِياگرا فالس آبشار جي ڳالهه ٿا ڪريو. منهنجي خيال ۾ ته انشهر (بُفئلو) جو نالو ۽ ان

سان گڏ پوني، اٿاڪا (نيو يارڪ جو هڪ ٻيو شهر) ۾ ڪارنيل يونيورسٽيءَ جا نالا اسان سڪر، روهڙي ۾ ڊوميڊيڪل ڪاليج جي نالن ڪان اڳ پنهنجي اڻ پڙهيل ڏاڏيءَ کان تڏهن ٻڌا هئا جڏهن آئون پرائمري اسڪول ۾ هوس. اسان جيئن ئي هوش سنڀاليو ته پوني جو نالو ٻڌوسين، جتي جي ائگريڪلچر ڪاليج (هاڻي يونيورسٽيءَ) مان منهنجو والد گل محمد شيخ ائگريڪلچر سائنس ۾ B.Sc. ڪري آيو هو. ان بعد نيويارڪ رياست جي شهر اٿاڪا (Ithaka) جو ٻڌوسين جتي جي ’ڪارنيل يونيورسٽيءَ‘ ۾ منهنجي والد ساڳئي سبجيڪٽ ۾ ماسترس ڪئي ٿي. بفئلو شهر اِٿاڪا ۽ نيويارڪ کان پري آهي پر شايد منهنجي والد جو اتي گهڻو رهڻ ٿيو. جو سندس هر خط جڏهن اسان جي ڏاڏيءَ جو پرائمري اسڪول جو ماستر پاڻ پڙهي ٻڌائيندو هو ته. هُو اهو ئي چوندو هو ته هي خط بفئلو مان لکيل آهي.

بهرحال اٿيڪا شهر اڄ به ڪارنيل يونيورسٽيءَ کان مشهور آهي جيڪا ’عذرا ڪارنيل‘ نالي هڪ شخص 1865ع ۾ ٺهرائي، جنهن ۾ اڄ ڪلهه 26 هزار شاگرد تعليم وٺن ٿا ۽ 4800 ايڪڙن تي آهي. هن يونيورسٽيءَ جا ٻه ٻيا به ڪئمپس آهن: هڪ نيويارڪ شهر ۾ ۽ ٻيو قطر جي ’ايديوڪيشن سٽي‘ ۾. ڪئناڊا وڃڻ وارن لاءِ خاص ڪري ’نياگرا آبشار‘ ڏسڻ وارن لاءِ نيويارڪ رياست جي هن شهر بفئلو (Buffalo) جي ٻيهڪ سمجهائڻ تمام ضروري سمجهان ٿو. بفئلو نيويارڪ رياست جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. پهرين نمبر تي نيويارڪ سٽي آهي جنهن جا مئن هٽن، برانڪس، بروڪلن، ڪئينس ۽ اسٽيٽن ٻيٽ پنج ضلعا (Boroughs) آهن. بئفلو شهر نياگرا نديءَ جي بلڪل منهن وٽ ڪئناڊا جي بارڊر وٽ آهي. نياگرا ندي ’ايري (Erie) ڍنڍ‘ کان اتر طرف ’اونٽاريو ڍنڍ‘ ڏي وهي ٿي. نيا گراندي ڪئناڊا جي اونٽاريو صوبي ۽ نيويارڪ رياست (USA) جي وچ ۾ بارڊر ٺاهي ٿي يعني نياگرا نديءَ جي هڪ

پاسي ڪئنادا آهي تہ ٻئي پاسي USA. هي ائين آهي جيئن سنڌو نديءَ جي هڪ پاسي دادو ضلعو آهي تہ ٻئي پاسي نوشهرو فيروز ضلعو.

ڪئنادا توڙي آمريڪا ۾ ڪيترين ئي ننديون وڏيون نديون آهن. نندي هوندي يعني 1960ع واري ڍاڪي ۾ جڏهن سامونڊي نوڪريءَ ۾ آيس تہ مون کي جاگرافي يا تاريخ جي ايتري ڄاڻ نہ هئي ۽ نہ ڪو اسان جو ان سان ڪو واسطو هو. اسان مئرين انجنيئرن جو ڪم تہ جهاز هلائڻ ۽ انجڻ جي وقت سر ناهہ جوڙ ڪرڻ، خراب ٿي پوڻ يا ڀڄي پوڻ تي ان جي مرمت ڪرڻ يا نوَن پرزن سان تبديل ڪرڻ آهي. بهرحال اسان جو ڏاڪڻ بندرگاهن ۾ اچڻ وڃڻ گهڻو هو. خاص ڪري ’لوئيزيانا رياست‘ جي ’نيو اورلينس‘ بندرگاهہ ۾ جنهن لاءِ اسان کي مِسِيسِپي نديءَ ۾ سئو ميل کن اندر وڃڻو پوندو هو يعني ڪراچيءَ بعد جهاز کي سنڌو نديءَ اندر ڪوٽڙي وٽي وڃڻو پيو ٿي. مون سمجهيو تہ هيءَ ندي وڏ ۾ وڏ هڪ ٻن رياستن تائين آهي. بعد ۾ پير تاج محمد جي رياست مِشيگن ۽ ان جي پر واري ڪئنادا بارڊر واري رياست ’منيسوٽا‘ ۾ باءِ روڊ وڃڻ ٿيو تہ اتي مِسِيسِپي نديءَ جي هجڻ جو ٻڌي، يقين ئي نہ پيو اچي تہ آيا اها ساڳي نيو اورلينس واري آهي يا هيءَ ٻي ڪا مِسِيسِپي ندي آهي. آخرڪار آمريڪا جو ڏاکڻو شهر نيو اورلينس ۽ اتراهون ميناپولوس (Minneapolis) جيڪو پڻ مِسِيسِپي جي ٻنهي ڪنارن تي آهي، هڪ ٻئي جي ويجها شهر تہ نہ آهن! سندن وچ ۾ ٻہ هزار ڪلوميٽرن جو فاصلو آهي ۽ ڪار رستي 18 ڪلاڪ لڳن ٿا.

ان بعد خبر پئي تہ اميزان بعد مِسِيسِپي آمريڪا جي ڊگهي ندي آهي، جنهن جي ڊيگهہ 6300 کن ڪلوميٽر آهي. (سنڌو ندي تہ 3610 ڪلوميٽر آهي يعني وولگا کان ٿوري ننڍي). مِسِيسِپي ندي ڪئنادا واري بارڊر جي آمريڪي رياست منيسوٽا کان شروع ٿئي ٿي ۽ وسڪنسن، آيووا، الناس، مسوري، ڪينٽڪي، ٽيننسي، ارڪانساس، مِسِيسِپي ۽ لوئيزيانا رياست مان ٿيندي خليج ميڪسيڪو (Gulf of Mexico) ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، جتان هن جو پاڻي ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ خارج ٿئي ٿو.

سو آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ ڪي ڏکيون نديون آهن. ته ڪي نائيگرا نديءَ جهڙيون ننڍيون. جيڪا ڊيگهه ۾ 60 ڪلوميٽر مس آهي ۽ ايري ڍنڍ مان نڪري اونٽاريو ڍنڍ ۾ چوڙ ڪري ٿي. هي ٻئي ڍنڊون ڪئناڊا ۽ آمريڪن بارڊر تي آهن يعني هنن ڍنڊن جي هڪ پاسي ڪئناڊا آهي ته ٻئي پاسي آمريڪا (USA). هنن ڍنڊن جي وچ ۾ جيڪا هيءَ نياگرا ندي وهي ٿي اها ڪا خاص ڏکي ناهي. هالا کان حيدرآباد تائين مس آهي يا ڪٽي چئجي ته سکر کان گمبٽ تائين آهي، پر هن جي اهميت ان ڪري آهي ته اها ڪئناڊا ۽ USA جي وچ ۾ بارڊر ناهي ٿي. نديءَ جي هڪ ڪناري تي آمريڪي سپاهي ۽ اميگريشن وارا آهن ته ٻئي پاسي ڪئناڊا جا رائفلون تاڻيو بيٺا آهن، ته متان ڪا سهٽي ٻئي پاسي ميهار ڏي هلي وڃي.

پڙهندڙن لاءِ هڪ ٻي ڳالهه به لکندو هلان متان انهن ڪي يا هن پاسي ايندڙ شاگردن يا ٽورسٽن کي مونجهارو ٿئي. اها هيءَ ته ساڳيا نالا مختلف شين جا به آهن. جيئن 'اونٽاريو'، ڪئناڊا جي صوبي جو نالو آهي ته شهر جو پڻ. ساڳئي وقت ڪئناڊا ۽ USA جي وچ ۾ اونٽاريو نالي ڍنڍ به آهي. اهڙي طرح نياگرا نديءَ جو، شهر جو ۽ آبشار جو نالو آهي.

هتي اهو به لکندو هلان ته آمريڪا جي مِيشگن جي کاٻي پاسي واري رياست وسڪنسن جيتوڻيڪ ڪئناڊا جي بارڊر وارين ٻين آمريڪي رياستن کان ٿورو هيٺ پيري آهي، پر ڏٺو وڃي ته اها رياست به ڪئناڊا سان ملي پئي آهي جو ٻنهي جي وچ ۾ سپيريئر ڍنڍ آهي. وسڪنسن رياست جي گاديءَ جو شهر مئڊيسن آهي، پر ان کان وڏا شهر 'مِلواڪي'، 'گرين بي' ۽ 'ڪينوشا' آهي. هتي وسڪنسن رياست جو ذڪر ان ڪري ڪنيو اٿم ته اسان جي ليکڪ پير تاج محمد قريشيءَ جو هڪ ڀاءُ پير عبدالحفيظ قريشي سندس هڪ پاڙي واري رياست ۾ ڊاڪٽر آهي. وسڪنسن رياست جي جنهن شهر ۾ ڊاڪٽر صاحب رهي ٿو اليانوس رياست جو شهر شڪاگو به اتي ئي پر ۾ آهي. پير تاج محمد جو هڪ دوست سُهيل جروار به شڪاگو ۾ رهي ٿو. هُو ڪمپيوٽر امپورٽ

ايڪسپورٽ جو ڪم ڪري ٿو. پير تاج محمد جا ٻه ٻيا دوست، هن جي ئي رياست مشيگن ۾ رهن ٿا. هڪ خالد ڏيپلائي ميمڻ، جنهن کي اتي گئس اسٽيشن يعني ’پيٽرول پمپ‘ ۽ ’سيون اليون‘ جا دڪان آهن ۽ ٻيو جان محمد رند ٻروچ، جيڪو حيدرآباد جي ٿيو نمبر تلاءُ تي رهيو ٿي، اهو پڻ مِشيگن ۾ ’سيون اليون‘ دڪان جو مالڪ آهي.

اليناس (Illinois) رياست جي وڏي شهر شڪاگو ۾ اسان جي ننڍي ڪنڊ جا ڪيترائي رهن ٿا. سنڌ جا مسلمان شاگرد، نوڪريون ۽ واپار ڪرڻ وارا ٻه ڪافي آهن. جهڙوڪ اسحاق تنيو، منور جتوئي، رفيق ميمڻ ۽ ٻيا ٻه ڪيترائي. پير تاج محمد قريشي جي ڳوٺ Warren کان سندس پياءُ ڊاڪٽر پير عبدالحفيظ جو وسڪنسن ۾ ڳوٺ يا اليناس جو شڪاگو جيتوڻيڪ پنج سئو ڪلوميٽر آهي، شڪاگو کان فلڊالفيا چارسئو ڪلوميٽر ۽ شڪاگو کان نيويارڪ اَٺ سئو ڪلوميٽر آهي پر آمريڪا ۾ اهي فاصلا وڏا نٿا سمجهيا وڃن.

وسڪنسن رياست ۾ پنهل سنجراڻي ۽ سريش لوهاڻي ٻه رهن ٿا ۽ اليناس رياست ۾ سعيد عباسي، ارشد انصاري، فيروز، سهيل انصاري ۽ ظهور شاهه وارا ٻه رهن ٿا. اليوناس جي پر واري رياست مسوريءَ ۾ ڪاشف پٽو، اعجازالحق شيخ، حيدر قلباڻي، اسد ۽ مهدي وارا ٻه رهن ٿا. هُونءَ پير تاج محمد جي شهر Warren کان نيويارڪ رياست جو شهر بفئلو چار سئو ڪلوميٽر مس آهي، جتان نياگرا فالس واري شهر ۾ پهچڻ سپ کان سوَلو آهي. ٽوئرزم، گهمڻ ۽ قدرتي نظارا ڏسڻ کان اها روٽ سيني ۾ بهترين آهي. بفئلو شهر ايري (Erie) ڍنڍ جي ڪناري تي آهي. بُفئلو کان نِياگرا فالس پنجتيهه ڪلوميٽر آهي يعني باءِ ڪار اڌ ڪلاڪ جو رستو آهي. بُفئلو کان نياگرا فالس توهان ٽرين ۽ بس ذريعي ٻه وڃي سگهو ٿا. ٽرين جو ڀاڙو ٽيهه کن ڊالر آهي ۽ بس فقط ٻه ڊالر وٺي ٿي.

پير تاج محمد قريشي جنهن شهر ’وارن‘ ۾ رهي ٿو، ان جي پٽ شاهه يا بائو ديري جيتري ڏيڍ لک آدمشماريءَ جو ٻڌي اسان ان کي ڪٽي ڳوٺ

سمجهون، پر اهو هڪ خوبصورت شهر آهي ۽ مشيگن رياست جو ٽيون نمبر وڏو شهر چئي سگهون ٿا. ڊنڊي ڏاڙي جو مرڪز آهي خاص ڪري 'جنرل موٽرس' جو ٽيڪنيڪل سينٽر آهي. ان کان علاوه 'بگ بُئاءِ ريسٽورنٽس' جو هيڊڪوارٽر آهي. هُونءَ به سڊريل ملڪن جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ صحت توڙي تعليم جون سهولتون جام آهن. اچ ڪلهه ته آمريڪا توڙي يورپ ۽ جپان ۾ نه فقط مسجدون ۽ حلال ڪاڌن جا دڪان آهن، پر اسلامي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 'اسلامڪ سينٽر' به آهن. هُونءَ به اسان مسلمان اتي رهڻ کي ترجيح ڏيون ٿا، جتي مسجد ۽ مسلم ڪميونٽي هجي.

منهنجي خيال ۾ ٽي ويءَ جو مزاحيه اداڪار 'انور مقصود' چرچي طور چوندو آهي ته، "اسان مسلمان به عجيب آهيون. پاڪستان ۾ هونداسين ته آمريڪن اسڪولن جي ڳولا ڪنداسين. آمريڪا ۾ هونداسين ته مدرسن ۽ اسلامڪ سينٽرن جي." ڏٺو وڃي ته اهو سڀ ڪجهه ضروري آهي. معاشي حالتون بهتر بڻائڻ لاءِ نوڪريءَ جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ بين الاقوامي ٻولي انگريزيءَ ۾ پڙ هجڻ ضروري آهي. اسان جي مقابلي ۾ سري لنڪا، فلپينو، بنگلاديش ۽ انڊيا وغيره جا انجنيئر ڊاڪٽر ولايتن ۾ جلدي نوڪري حاصل ڪريو وڃن، جو هنن جي انگريزي سٺي آهي. هُو پنهنجو پاڻ ۾ به انگريزي ڳالهائيندا رهن ٿا. هنن کي هَبَڪَ يا شرم محسوس نٿو ٿئي. هنن کي ڦَر ڦَر انگريزي ڳالهائيندو ٻُڌي عرب، ملئي يا ٻين امير ملڪن جا ماڻهو سمجهن ٿا، ته هُو ڪي وڏا قابل آهن. هاڻ اسان وٽ به ماڻهن ۾ اهو احساس جاڳيو آهي ته ڪو زمانو هو جو 'فارسي گهوڙي چاڙهسي' هئي، پر هاڻ انگريزي آهي. ويندي ايران، جپان ۽ عرب ملڪن ۾ به انگريزيءَ تي زور ڏنو پيو وڃي. سو اسان جا ماڻهو به چاهين ٿا ته سندن ٻار انگريزي سٺي سکن ۽ ڳالهائين، جو انگريزي ڳالهائڻ واري جو جرمني فرانس ته ڇا ناروي سئيڊن ۾ به گذارو ٿيو وڃي.

ساڳئي وقت، جيڪي اسان جا هم وطن ولايت ۾ رهن ٿا، اهي اهو پڻ ضروري سمجهن ٿا ته ٻار کي پنهنجي ڪلچر ۽ ثقافت جي ته ڄاڻ

ڏجي پر مذهب ۽ اخلاق بہ سيکارجي، جيئن هُو وڏا ٿي پنهنجي زندگي بهتر نموني سان گذاري سگهن ۽ وڏي عمر ۾ پنهنجي والدين جو خيال رکن ۽ عزت سان پيش اچن.

مشيگن ۾ رهندڙ اسان جي ليکڪ پير تاج محمد قريشيءَ جي شادي 1993ع سندس چاچي پير عبدالحميد قريشيءَ جي نياڻي سان ٿي. پير عبدالحميد صاحب، جيڪو ڪامارو شريف جي درگاهہ جو گادي نشين بہ آهي، سنڌ پوليس ۾ AIG جي پوسٽ تان رٽائرڊ ٿيو. پير عبدالحميد صاحب نيويارڪ مان آٽو انجنيئرنگ ڪئي. هي 1960ع واري ڏهاڪي جا اهي سال آهن جڏهن عبدالرزاق شيخ، مبارڪ ٽالپر، ڏاهري پائر، بشير مغل ۽ اسان جو پيٽارين رئيس نُور احمد نظاماڻي پڻ اتي رهيا ٿي، جيڪي ڪامارو شريف جي هن پير جي ڏاڍي تعريف ڪندا هئا. تہ هي پِيرَ اسان جي روايتي پِيرن کان بلڪل مختلف آهي. اڄ مٿيان يارَ حيات نہ آهن، نہ تہ هُو مون کي پير صاحب بابت لکڻ لاءِ ڪيترين ئي ڳالهيون ٻڌائين ها. پير عبدالحميد صاحب هن وقت 87 سالن جا ٿيندا ۽ حيدرآباد جي حسين آباد واري علائقي ۾ رهن ٿا.

اسان واري پير تاج محمد جو نالو سندس ڏاڏي تان رکيو ويو، جنهن کي پُٽن ۾ پير مرتضيٰ حسن ۽ پير غلام مصطفيٰ کان علاوہ پير حميد قريشي AIG صاحب ۽ اسان واري پير تاج محمد جو والد پير عبدالجليل بہ هئا. ڏاڏي جي نالي هجڻ ڪري پير تاج محمد کي 'ڏاڏا سائين' بہ سڏين ٿا. پير تاج محمد قريشيءَ کي ست ڀاءُ آهن. وڏي ڀاءُ پير غلام محمد، زولاجيءَ ۾ ماسترس ڪرڻ سان گڏ وڪالت بہ پڙهي ۽ هاڻ زمينون سنڀالي ٿو. سندن ٻيو ڀاءُ پير منظورقادر زميندراي ڪري ٿو. ٽئين نمبر تي پاڻ آهن ۽ چوٿون نمبر ڀاءُ ڊاڪٽر پير عبدالحفيظ لاءِ لکي چڪو آهيان تہ هُو مشيگن رياست جي پر واري رياست وسڪنسن ۾ ڊاڪٽري ڪري ٿو. سندس هڪ ڀاءُ پير عبداللطيف هڏين جو ماهر آرٿوپيڊڪ سرجن ۽ حيدرآباد جي اسريٰ يونيورسٽيءَ ۾ ٽيچنگ پروفيسر پڻ آهي.

جنهن کان پوءِ سندن پاءُ پير عبدالسميع هو، جيڪو نومبر 2020ع ۾ ڪرونا جي وبا ۾ گذاري ويو. سندس پاءُ پير عبدالبديع قريشي پائرن سان گڏ زميندارِيءَ ۾ هٿ ونڊائي ٿو. پير عبدالبديع قريشي هڪ يار ويس، سادو سودو ۽ کِلڻو مِلڻو انسان آهي. پير تاج محمد جو سڀ کان ننڍو پاءُ ڊاڪٽر پير عبدالحي ميرپورخاص جي ’محمدي ميڊيڪل ڪاليج‘ سان وابسته آهي ۽ ان سان گڏ پنهنجون زمينون پڻ سنڀالي ٿو.

هن سفرنامي جي مصنف پير تاج محمد ٻڌايو ته هن جي ڌيءَ State Wayne يونورسٽي مان ميڊيڪل جي برانچ پبلڪ هيلٿ ۾ B.Sc. ڪري رهي آهي. اها يونيورسٽي مشيگن رياست جي هڪ اهم ۽ مشهور يونيورسٽي آهي، جنهن جو بنيادي طرح واسطو ميڊيڪل سان آهي. هيءَ يونيورسٽي 1868ع ۾ ٺهي ۽ ڊيٽرائٽ شهر جي وچ ۾ آهي. مشيگن يونيورسٽيءَ ۾ هيءَ ٽيون نمبر وڏي يونيورسٽي آهي، جنهن ۾ چوويهه هزار شاگرد تعليم حاصل ڪن ٿا. ڪيترائي شاگرد اسان جي پاسي (ايشيا ۽ آفريڪا) جا به آهن. هن يونيورسٽي وين (Wayne State University) جا ٻه گرئجوئيٽ ٿا ياد اچن. هڪ عبدي محمد ڪوسو. هي ڪوسو صاحب اسان جي ٻروچن مان ناهي، پر صوماليا جو شيدي مسلمان آهي. هن 1998ع ۾ Wayne يونيورسٽيءَ مان Ph.D ڪئي. هن ڪيترائي ڪتاب ۽ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن پاران روزگار خاطر يورپ ڏي لڏپلاڻ تي مضمون پڻ لکيا آهن. هن جي مون سان سُئيڊن ۾ رهندڙ صوماليه جي ماڻهن بابت ڳالهه ٻولهه ٿي هئي. عبدي ڪوسي جي ڊائسرٽيشن جو عنوان هو: “Migration & Identity Process Among Somali Immigrants in Canada”. ڪوسو (Kusow) صاحب اڄ ڪلهه آمريڪا جي آيووا (Iowa) رياست ۾ سوشالاجي جو پروفيسر آهي.

هن Wayne State يونيورسٽيءَ جي هڪ بنگلاديشي سائنسدان ’سلطانه نورن نهار‘ به ذيان ۾ اچي رهي آهي، جنهن ڍاڪا يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪرڻ بعد مِشيگن رياست جي هن يونيورسٽي Wayne

مان پي ايڇ ڊي ڪئي ۽ هاڻ ’اوهايو يونيورسٽيءَ‘ جي ائسٽرانامي ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪري ٿي. اميد آهي ته پير تاج محمد جي ڌيءَ به هن يونيورسٽيءَ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري بنگلاديش جي سلطانه وانگر نالو روشن ڪندي.

”هئيثم کي ته مون قرآن حفظ ڪرڻ تي لڳايو آهي.“ پير تاج محمد ٻڌايو.

”تمام سٺو“، جواب ڏنومانس، ”اِن جهڙو ته ٻيو بهتر ڪم آهي ئي ڪونه.“

هئيثم، پير تاج محمد جو ننڍو پٽ آهي. اسان سان گڏ هڪ ٻيو به دوست هو تنهن مون کان يڪدم پڇيو ته آئون اها ڳالهه ڪهڙي خيال کان ٿو ڪريان؟... ڇا ثواب جي خيال کان؟

”ثواب پنهنجي جاءِ تي. اهو ته ضرور آهي“، مون هنن کي پنهنجو تجربو ٻڌايو، ”هڪ ٽيچر جي حيثيت ۾ مون ڏٺو آهي ته اهي شاگرد جيڪي قرآن جا حافظ آهن، انهن جو يادگيرو وڌيڪ تيز رهي ٿو ۽ هُو اڪيڊمڪس ۾ به نمبر کڻن ٿا.“

ڪراچيءَ جي جنهن علائقي ۾ آئون رهان ٿو، اتي گجراتي بزنيس مين رهن ٿا. هنن کي مون ڏٺو آهي ته پنهنجن ٻارن کي پهرين قرآن حفظ ڪرائين ٿا، ان بعد اسڪول ۾ داخل ڪرائين ٿا يا اسڪول سان گڏ قرآن به حفظ ڪرائين ٿا، پوءِ اهي ٻار ڏکئي کان ڏکيا امتحان پاس ڪريو وڃن ۽ هاڻ ته جڏهن کان اسان جي پاڙي فيز 4 ۾ ’بيت السلام مسجد‘ ٺهي آهي ۽ جتي قرآن حفظ ڪرڻ جو بندوبست رکيو ويو آهي ته تقريبن هر گهر جو ٻار قرآن حفظ ڪري ٿو. اسان جي گهر جي سامهون وارو حافظ ڇوڪرو محمد اڪبر زبيري، آغا خان مان نه فقط سٺي پوزيشن ۾ ڊاڪٽر ٿيو پر آرٿو پيڊڪس ۾ پوسٽ گرئجوئيشن ڪئي ۽ هاڻ فقط ڪرنگهي جي سرجريءَ ۾ وڌيڪ تعليم لاءِ انگلنڊ مان اسڪالر ملي اٿس.

دادو جو منير شيخ بہ اسان جي پاڙي ۾ رهي ٿو. هن جي پٽ بہ قرآن حفظ ڪيو. ان بعد ڊاڪٽري پڙهيو. بهرحال ان بابت ضرور بحث هلندو آهي تہ ٻار کي قرآن حفظ ڪرائجي يا معنيٰ ۽ تفسير سان پڙهائجي، جيئن هُو ٻين کي بہ سمجهائي سگهي. بهرحال ٻار جي يادداشت وڌائڻ لاءِ هن کي قرآن جون ننڍيون صُورون، شاهہ جا بيت يا ٻيون ڳالهيون طوطي وانگر ياد ڪرائڻ ۾ بہ فائدو آهي. ان ڳالهہ جي فئور ۾ سنگاپور جو سابق وزير اعظم 'لي ڪُئان يُو' پڻ هوندو هو. جپاني يا چيني پڙهڻ وارن کي ڏسو تہ هُو پنهنجي الفابيٽ تي ڪيڏو رَٽو هڻن ٿا. هُونءَ جو ٻار خالي دماغ وينو هجي ۽ اوٽ پٽانگ جون گاريون ۽ ڊائلاگ وينو ٻڌي، ان کان بهتر آهي تہ هن کي ڪا ڪم جي شئي ياد ڪرڻ ۾ لڳائجي جيئن هندو، ٻُڌ يا چيني پنهنجن ٻارن کي پنهنجي ڌرم جون شيون ياد ڪرائين ٿا.

هُونءَ مشيگن رياست ۾ رهندڙ مسلمان خوش نصيب آهن جو اتي 'مشيگن اسلامڪ انسٽيٽيوٽ' نالي ادارو آهي، جيڪو ان شهر Warren ۾ آهي، جتي ڪامارو شريف جو پير تاج محمد فئمليءَ سان رهي ٿو. وارن شهر جي هن اداري Michigan Islamic Institute ۾ هيٺيان پروگرام آهن:

- فل ٽائيم حفظ القرآن.
- فل ٽائيم عالم ڪورس.
- ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ضروري علم.
- 5 کان 12 درجي تائين تعليم.

هن اسلامي اداري ۾ سومر کان جمعي تائين صبح جو اَٺين کان شام جو ساڍي ڇئين تائين ڪلاس ٿين ٿا. اهي ٻار جيڪي قرآن حفظ ڪن ٿا يا عالم مفتي ٿيڻ چاهين ٿا، انهن جا ڪلاس اَٺين کان ٻارهين تائين رهن ٿا. ٻارن کي ڇئن سالن جي عرصي ۾ قرآن حفظ ڪرايو وڃي ٿو. پهرين سال ۾ هنن کي ناظره ۽ تجويد ۽ قرآن پاڪ جا بہ سيپارا ياد ڪرايا وڃن ٿا. ٻئي ۽ ٽئين سال ۾ قرآن جا ستاويهہ سيپارا ياد ڪرايا وڃن ٿا. آخري سال ۾ مڪمل قرآن شريف ۽ قرآن جو ٽي دفعا دَور ڪرايو

وجي ٿو. ڪورس ختم ٿيڻ تي شاگردن کي اسلامڪ مشيگن انسٽيٽيوٽ طرفان ’حفظ القرآن‘ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو وڃي ٿو. جنهن بعد هُو ٻين کي قرآن پڙهائي سگهن ٿا ۽ امامت به ڪري سگهن ٿا. شاگردن کي ڏهه ڏهه ڄڻن جي گروپ ۾ وهاريو وڃي ٿو. جنهن لاءِ الڳ الڳ ٽيچر رکيو وڃي ٿو. اسلامي اداري کي هاسٽل به آهي. پير تاج محمد اهو ٻڌائي رهيو هو ته. ”هن جو پٽ هئيثم قريشي، جيڪو قرآن حفظ ڪرڻ سان گڏ انگريزي تعليم به حاصل ڪري رهيو آهي ۽ ٻارهين گريڊ ۾ آهي، اتي هاسٽل ۾ رهي ٿو. هئيثم قريشي، قرآن حفظ ڪرڻ کان پوءِ اڳتي مڪينيڪل انجنيئر ٿيڻ چاهي ٿو.“

’مشيگن اسلامڪ انسٽيٽيوٽ‘ جي نالي سان هي ادارو مشيگن جي ’مسجد عثمان بن عفان‘ سان لاڳاپيل آهي. ان کان علاوه يعني مشيگن اسلامڪ انسٽيٽيوٽ کان علاوه ڪجهه ٻيا اسلامي ادارا پڻ مسجد عثمان بن عفان سان Affiliated آهن، جتي اسلامي تعليم سان گڏ قرآن پڻ حفظ ڪرايو وڃي ٿو. جهڙوڪ:

- مفتاح انسٽيٽيوٽ ۽
- منير اڪيڊمي.

هتي اهو به لکندو هلان ته آمريڪا جي مشيگن رياست ۾ فقط مٿين مسجد عثمان بن عفان ناهي. مشيگن جي رڳو ڊيٽرائٽ شهر ۾ ٽيٽيهه کن مسجدون آهن. هڪ مسجد ’ڊيربورن‘ ته 1937ع ۾ ٺهي هئي. جيڪا آمريڪا جي ٻيو نمبر پراڻي مسجد آهي. هيءَ مسجد لبنان کان لڏي آيل مسلمانن ٺهرائي هئي. مون کي ياد آهي ته ڪنهن زماني ۾ 1980ع ۾ هن مسجد جي پاڙي وارن ٻانگ جي آواز تي اعتراض ڪيو هو. پوءِ ڪيس هليو. جج، مسلمانن جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ چيو ته. ”ٻانگ ائين آهي، جيئن گرجا گهر جا گهنڊ. ان ڪري هتي جي ماڻهن کي اعتراض نه هئڻ کپي.“

آمريڪا جي پهرين مسجد بہ هن رياست مشيگن جي شهر هائيليند پارڪ ۾ آهي ۽ 1921ع ۾ ٺهي هئي. هيءَ مسجد دمشق کان آيل هڪ سخي عرب واپاريءَ ٺهرائي هئي. مِشيگن جي هڪ ٻي مشهور مسجد ’الاصلاح مسجد‘ آهي، جيڪا بنگلاديش کان لڏي آيل بنگالين 2000ع ۾ ٺهرائي.

بهرحال هن ڪتاب جي ليکڪ پير تاج محمد قريشي، جنهن جي خاندان جو واسطو ڪامارو شريف جي پيرن سان آهي، جيڪي وڏيرا، داداگير يا سياستدان نہ پر مذهب جي ڄاڻ رکندڙ، انسان ذات جو ڀلو چاهيندڙ ۽ تعليم جي حيثيت سمجهندڙ آهن. انهن لاءِ مون کي پڪ آهي تہ آمريڪا جي هيءَ رياست مشيگن بيست آهي. هن خاندان جي پِيرن کي آئون سنڌ جي ڪيترن پيرن کان مختلف ۽ مثالي ٿو ڏسان. آئون بہ اڌ صديءَ کان جڏهن کان 1968ع ۽ 1969ع کان آمريڪا وڃڻ ٿيو، آئون پنهنجن سنڌي آمريڪن دوستن کان ڪاماري وارن پِيرن بابت ٻڌندو اچان، خاص ڪري پير عبدالحميد قريشي بابت، جيڪو انهن ڏينهن ۾ يعني 1960ع واري ڏهاڪي ۾ نيويارڪ ۾ هو. سندس ڀائٽي پير تاج محمد جي ڪتاب جي پيش لفظ لکڻ جي بهاني مون کي هن فئمليءَ بابت ڪجهہ لکڻ جو موقعو مليو آهي، جيئن اسان جي ماڻهن جي ڄاڻ ۾ اچي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سنڌ ۾ خانقاهن جو وجود عام و خاص ماڻهن جي ديني رهنمائيءَ جو وسيلو رهيو آهي. خانقاهن جي سرپرستن عوام الناس جي اخلاق ۽ معاشري جي اصلاح جو ڪم ڪيو آهي. ’درگاهہ پير اشرف شاهہ رح ڪامارو شريف‘ جو سرپرست پير محمد اشرف قريشي ڪاماري وارو بہ اهڙن عظيم روحاني رهنمائن مان هو، جنهن خدا جي عشق ۽ ماڻهن جي محبت ۾ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي هئي. پير صاحب ٽالپرن جي حڪومت ڏاري ’ڳوٺ ڪرم خان جمالي ٽنڊي باڳي‘ کان هجرت ڪري ’ڪامارو تعلقو ٽنڊوالهيار‘ ۾ اچي سڪونت

اختيار ڪئي. سندن خاندان ’شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني‘ جي نسب مان هو ۽ سنڌ ۾ هن خاندان جي اڳ ۾ ئي ڪافي اچ وڃ هوندي هئي.

پير محمد اشرف جي ولادت 1799ع ۾ ڳوٺ ڪرم خان جمالي تعلقي ٽنڊي باگي ۾ ٿي هئي. ڪاماري شريف ۾ سندس آمد آسپاس جي عام و خاص ماڻهن لاءِ رحمت ۽ برڪت جو باعث ٿي ۽ هي ننڍڙو ڳوٺ شهرت ماڻڻ لڳو. هُونءَ به هي ڳوٺ صديون اڳ آباد هو، جيئن شاهه لطيف هن ڪي سر سارنگ ۾ ڇاڻايو آهي:

ڏٺ ڏري پٽ پيئون، آيون ڪاهي ڪاماري،
وٺا پٽ پراڻ جا، وٺيون ساماري،
ڪکر ۾ ڪري، وڄڙين پسو ويس ڪيا.

اها ئي سِڪائتي ڇڪ هئي، جنهن پير محمد اشرف جهڙي عظيم شخصيت کي ڪاماري ڪَهِي اچڻ لاءِ مائل ڪيو. پاڻ به انهيءَ سڪ سان ۽ ساڳئي سر سارنگ ۾ ڪاماري جي سار سنڀال لهي رهيو آهي.

جمعي ڏينهن جوڙ، ڪي ماندائا مينهن جا،
قادر ڪاماري جا، اچي ٻنا ٻوڙ،
صاحب سنڌو سائين، ڇڏ گسر ڪر گوڙ،
اوهيرا آب جا، مٿي چنن چوڙ،
پڪا پراڻ ڪنڌئين، آٽي ڪٽيرن جا ڪوڙ،
پڪا تن جا توڙ، جن سانديون اشرف چوي.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

ڪر ڪٽي ڪاماري تي، ڪر وسڻ سان وس
جي ڏوگاهي ڏيريون ڪيون، تن جو ڪر ترس.

پير صاحب جي توڪل بابت ڪيئي روايتون ماڻهن ۾ مشهور آهن. پاڻ صاحب طب جي علم ۽ فن ۾ به صاحب ڪمال هو. ڪيئي لاعلاج مريض وٽانئس شفاياب ٿيندا رهيا ٿي.

پير محمد اشرف قريشي 1860ع ۾ وفات ڪئي. سندس مقبري جي ڪتبي تي هيٺيون فارسيءَ جو قطعو ڪاشيءَ جي سِرُن تي نقش ٿيل آهي:

فغان از وفات ولي خدا،
ڪہ مثلث نبوده دارين شش جهات.
محمد علم اشرف اثر شد خطاب،
چو اسم و خطابش برابر صفات.
نبايد بہ تحرير و صفش اگر،
شود خانہ اشجار و دريا دوات.
خلف ماند زو در جهان نام نيک،
ڪہ نيڪي ز نيڪان جود باقيات.
ڪلامش جود عاشقان را چو قوت،
بيانش جود طالبان را برات.
دلم گفت سال و صالش بحق،
محمد جود اشرف ڪائنات.

(1277هه)

پير تاج محمد جي سفرنامي تي پيش لفظ لکڻ بهاني مون کي سندس ڪتاب ۽ فئمليءَ تي لکڻ جو هڪ سٺو موقعو مليو آهي ۽ مضمون ڪجهه وڌو ٿي ويو آهي، جيتوڻيڪ اجا ڪيترين ڳالهيون لکڻ تي دل چوي پئي. هن فئملي، ڪاماري شريف جي پيرن جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جستجو، طبيعت جي سادگي، ضرورتمند جي ڪم اچڻ، هر وقت ٻئي جي ڀلي جو سوچڻ... سندن وڏن کان هلندو اچي. هنن روايتي پيري مريدي ۽ پئسي ڏوڪڙ جي لالچ کان هٽي ڪري ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه تہ هنن پاڻ بہ تعليم حاصل ڪرڻ ۽

تعليم حاصل ڪرڻ وارن جي مدد ڪئي ۽ هنن جي خوشحال زندگي بڻائي ۽ اهو ئي ميسيج هن ’پيش لفظ‘ ذريعي پنهنجي سرندي وارن سردارن، اميرن، پيرن، وڏيرن، وزيرن، سياستدانن کي ڏيڻ ٿو چاهيان ته هُو نه رڳو پنهنجي ٻارن تي سختي ڪن ته هُو صحيح طرح تعليم حاصل ڪن، پر پنهنجي تر جي غريب ذهين ٻارن جي مالي ۽ اخلاقي مدد ڪن ته هُو ڪنهن منزل تي پهچي پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪن. جنهن جي مدد ڪندائو اهو ۽ ان جو اولاد توهان کي سڄي زندگي دعائون ڏيندو رهندو. ان جو فقط هڪ ننڍڙو مثال هتي ڏيان ٿو... ٿي سگهي ٿو ڪنهن کي منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃي ۽ هُو محسوس ڪري سگهي ته اصل خوشي ڇا ۾ آهي. اڄ ڪان ٽيهارو سال ڪن اڳ ورجينيا آمريڪا ۾ رهندڙ لاڙڪاڻي جي علي نواز ميمڻ ڪان موڪلائڻ وقت هن مون کي چيو ته مقبول هاليپوٽو، ڊاڪٽر اعجاز ترڪ، حنيف سانگي ۽ ٻه ٽي ٻيا دوست چندو ګڏ ڪري انهن غريب ڇوڪرين کي تعليم ڏيڻ چاهين ٿا، جيڪي هوشيار هوندي پڙهي نٿيون سگهن. اسان مختلف شهرن جي استادن معرفت هر سال چار پنج لائق ڇوڪريون ڳولي انهن جي مالي مدد شروع ڪئي. مون کي حيرت ٿي ته اسان جي ڳوٺن ۾ سخت غربت جي باوجود ڪيترين ئي ڇوڪريون اهڙيون مليون جن بورڊ ۾ پهريون، ٻيو يا ٽيو نمبر ڪنيو ٿي. هُو غربت ڪري هاڻ بِي اَي به نٿي ڪري سگهيون. هنن کي ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ خرچ ڏنو ويو. جيتوڻيڪ اهو ڪو گهڻو پئسو نه هو. هنن جو في ڪان علاوه مانيءَ جو هڪ ويلو مس ٿي ٿيو. هنن ڏاڍي محنت ڪئي ۽ هر سال سٺي پوزيشن سان پاس ٿينديون رهيون ۽ هي سلسلو هلندو رهيو. منهنجو ڪم انهن تائين پئسو موڪلڻ ۽ هنن جي پروفيسرن ڪان هنن جي تعليمي پروگريس جي معلومات حاصل ڪري علي نواز ميمڻ صاحب کي USA رپورٽ موڪلڻ هو، جيئن پئسا ڏيڻ وارن کي خبر پوي ته هنن جو پئسو صحيح استعمال ٿي رهيو آهي. پنج سال اڳ تائين اها ڊيوٽي منهنجي حوالي هئي ۽ پوءِ طبيعت

صحيح نہ رهڻ ڪري مون معذرت ڪئي ۽ هاڻ اهو ڪم ’سهارو‘ وارا ڪري رهيا آهن. بهرحال منهنجي هوندي هڪ سئو کن ڇوڪريون ڊاڪٽرياڻيون ٿيون، جيڪي هُونءَ غربت جي ڪري پڙهائي قائم نہ رکي سگهن ها. ساڳئي وقت اسان جي آمريڪن سنڌي دوستن لاءِ اهو پئسو ڪو وڏي ڳالهہ نہ هو، پر ڏسو هنن ڪيڏو وڏو خير جو ڪم ڪيو ۽ اڄ ڪندا اڇن ۽ غريبن جا ٻار اڄ خوشحال زندگي گذاري رهيا آهن.

هڪ دعوت ۾ روينيو جو آفيسر زال سان گڏ مليو. هُو منهنجو نالو ٻڌي مون کي ۽ منهنجي آمريڪن دوستن کي دعائون ڏيڻ لڳا. خبر پئي تہ هن جي زال نہ فقط ڊاڪٽر آهي پر گائناڪالاجسٽ پڻ، جنهن جي ننڍپڻ ۾ ماءُ پيءُ گذاري وڃڻ ڪري، هن جي پيڻ جيڪا ڳوٺ جي اسپتال ۾ هڪ نرس هئي، جيڪا پاڻ بہ غريب ۽ ٻچڙيوال هئي تنهن نپايو. هن لاءِ انٽر بعد پڙهڻ ناممڪن هو، جيتوڻيڪ هُوءَ بيحد هوشيار ۽ محنتي هئي، پر اسان جي پيٽارو جي اقبال جماڻيءَ جي ڏنل اسڪالر مان هُوءَ نہ فقط ڊاڪٽر ٿي وئي، پر ماهر امراضِ زنانہ پڻ. ڪنهن ٿي سوچيو تہ ڏورانهين ڳوٺ جي هڪ يتيم ۽ غريب ڇوڪري پڙهي سگهندي. اقبال جماڻي ۽ سندس گهرواري ادي فهميده چوندي آهي تہ اسان جي ٻي ڪا انويسٽمينٽ ناهي سواءِ غريب ڇوڪرين کي پڙهائڻ ۽ مالي مدد ڪرڻ جي.

اهڙي طرح هڪ دفعي سول اسپتال ۾ پرهہ نالي لاڙڪاڻي جي هڪ ڊاڪٽرياڻي اچي ملي. هن منهنجي صحت جو پڇي چيو تہ، ”سر! تڪلف نہ ڪريو. آئون هتي ڪافي سينئر ڊاڪٽرياڻي آهيان. منهنجي لائق خدمت هجي تہ ٻڌايو. آئون توهان ۽ توهان جي دوستن جي ٿورائتي آهيان.“

منهنجي نہ سڃاڻڻ تي هن ٻڌايو تہ ڏهہ سال اڳ هن ۽ هن جي سوٽِ بورڊ ۾ پوزيشن ڪئي هئي، پوءِ آمريڪا ۾ رهندڙ علي نواز ۽ ان جي ڪزن سرفراز ميمڻ کي چئي، مون هنن کي پنجن سالن لاءِ اسڪالر وٺرائي ڏني هئي ۽ هُو ٻئي چانڊڪا مان نہ فقط سٺي پوزيشن ۾ ڊاڪٽر ٿيون، پر ڪراچيءَ ۾ وڌيڪ پڙهي اڄ وڏيون ڊاڪٽرياڻيون آهن. مون کي

ياد آيو تہ هُو هڪ اهڙي ڳوٺ جون هيون، جن جي گهر ۾ بلب بہ نہ هو. رات جو پڙهڻ لاءِ هنن کي موڪل جي ڏينهن ۾ بہ هاسٽل ۾ رهڻو پيو ٿَي ۽ هڪ ويلي تي گذارو ڪرڻو پيو ٿَي. آئون پنهنجي خاندان جي ڇوڪرين کي هميشہ هن پرهہ ۽ سندس ڪزن سان فون تي ڳالهائڻ لاءِ چوندو هوس، تہ هُو ڪيئن ڏکين حالتن ۾ رهي تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. اڄ انهن مان هڪ کي اعليٰ پوسٽ تي ڏسي ۽ هن کي آمريڪا جي دوستن کي دل سان دعائون ڏيندو ڏسي خوشي ٿي.

ان ڏينهن هڪ ٻئي ڊاڪٽر سان ملاقات ٿي. مون کي SIUT ۾ ’ڊاڪٽر اديب رضويءَ‘ سان ملي فوٽو ڪڍرائڻو هو. ان لاءِ مون کي پيٽارو جي شهيد دوست ’ڊاڪٽر سرفراز شاهہ‘ ENT جي ماهر، جو پٽ آرٿوپيڊڪ ’سرجن غضنفر شاهہ‘ وٺي آيو. ڊاڪٽر اديب رضويءَ کي ڪير نہ سڃاڻي. هُو نہ فقط پنهنجي فيلڊ جو ماهر ڊاڪٽر آهي، پر سخي مرد پڻ. هن پنهنجي زندگي انسان ذات جي ڀلي لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي ۽ هن جي اداري جي ڪارڪردگي دنيا ۾ مشهور آهي. 83 ورهن جي ڄمار جي ڊاڪٽر اديب الحسن رضويءَ جو چوڻ آهي تہ هن جي مري وڃڻ بعد بہ هي ادارو اهڙو ئي بهتر رهندو، جو هن ڊاڪٽرن کي ان يورولاجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن جي ڪم ۾ ماهر ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن مان بهترين ڊاڪٽر هن سان گڏ ڪم ڪن ٿا.

اسان جي ملاقات وقت ڊاڪٽر اديب سان گڏ جيڪو نمبر ون يعني بهترين ۽ ماهر ترين ڊاڪٽر هو، ان سان هن ملائيندي چيو تہ، ”ڊاڪٽر مبارڪ، سنڌ جي ٿر واري علائقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جو آهي. ڪيترن ئي سالن کان هي مون سان ڪم ڪري رهيو آهي. سندس بهترين ڪم، ڄاڻ، محنت ۽ ايمانداريءَ جي ڪري آئون هن کي ڇڏي نٿو سگهان. آئون ۽ هڏن جو ماهر نوجوان ڊاڪٽر غضنفر ڪي لمحا ٽورائيتين نظرن سان ڊاڪٽر اديب رضويءَ کي ڏسندا رهياسين تہ هي ڪيڏو عظيم انسان آهي،

جيڪو مذهب، ذات پات، زبان، فرقي، غريب امير جو فرق نہ ڪندي انسان ذات جي خذمت ڪندو رهي ٿو.

ڊاڪٽر محمد مبارڪ نوهڙيءَ سان ملڻ جو مون کي بہ شوق هو. مون هن بابت ٻڌو هو پر ڏٺو نہ هو. ڊاڪٽر غضنفر شاهہ کي هن بابت ڪا خبر نہ هئي. ڊاڪٽر مبارڪ سنڌيءَ ۾ اسان کي کيڪاريو تہ ڪِلي چيومانس تہ، ”سائين مون تہ توهان کي آمريڪا جي رياستن مِشيگن ۽ وِسڪنسن ۾ پئي ڳولهيو.“ پاڻ سمجهي ويو ۽ ڪيس اطلاع بہ ٿيل لڳو ٿي تہ آئون ڪنهن جو حوالو ڏئي رهيو آهيان. يڪدم چيائين، ”آئون ڪاماري شريف جي پِيرن جو ٿورائتو آهيان، جن جي ڪري آئون هن منزل تي آهيان نہ تہ اسان ٿر جي ڳوٺ جي غريب ڀائرن کي ڪٿي هئي ڄاڻ! ڪٿي هو پئسو جو ڊاڪٽر ٿيون. آئون ۽ منهنجا ٻار ٻچا اهڙن پِيرن لاءِ هر وقت دعائون گهرندا رهون ٿا. هُو عظيم انسان آهن.“

مون ڏٺو تہ مون سان گڏ ڊاڪٽر غضنفر، ڊاڪٽر مبارڪ جون ڳالهيون حيرت سان ٻڌندو رهيو تہ ڊاڪٽر اديب رضويءَ جي ڳالهہ مان هيءَ ڪاماري شريف جي پِيرن جي ڳالهہ ڪيئن نڪتي! ۽ مبارڪ جو مطلب ڇا آهي؟ غضنفر کي چيم تہ، ”ٻاهر نڪري توکي سڄي ڪهاڻي ٿو ٻڌايان.“

ڊاڪٽر اديب ۽ ڊاڪٽر مبارڪ نوهڙي سان گڏ چانهہ پي، ڪتاب لاءِ فوٽو ڪڍي موڪلايوسين. ٻاهر نڪري غضنفر کي چيم تہ، ”مون سان بہ موجوده ڪامارو شريف جي پڳ واري سائين پير عبدالحميد قريشي جي فرزند پير عبدالمجيد، ڊاڪٽر مبارڪ ۽ سندس ڀاءُ اکين جي ماهر ڊاڪٽر محمد سالم جي ڳالهہ ڪئي هئي. سائين پير عبدالحميد کان اڳ پير ابراهيم خليل ولد پير خان محمد گادي نشين هو. پير ابراهيم خليل 1922ع ۾ مکي شريف ۾ ڄائو هو. هُو وڏو پڙهيل ڳڙهيل هو. ممبئيءَ مان مئٽرڪ ڪيائين ۽ پوءِ 1947ع ۾ ممبئيءَ مان ئي مڪينيڪل انجنيئرنگ ڪيائين. ان بعد هن کي ڊاڪٽريءَ جو شوق ٿيو ۽ انٽر پري ميڊيڪل ۾ ڪري 1967ع ۾ ’ڪنگ ايڊورڊ ميڊيڪل ڪاليج‘ مان

ڊاڪٽري پڙهي. ان کان علاوه .B.Sc انگريزي سبجيڪٽ ۾ به ڪئي هئائين. هُو واپس ڪاماري آيو. سروس نه ڪيائون. پنهنجي گاديءَ جو خيال رکيائين ۽ ماڻهن جو مفت علاج ڪندا رهيا. سندن والد جون زمينون مسڻ وڏي ۾ جيڪي هيون، انهن کي سندن پاءُ پير اسماعيل صادق سنڀالڻ لڳو. هتي هڪ دفعو وري ياد ڏياريندو هلان ته پير خليل ۽ پير اسماعيل اسان جي ليکڪ پير تاج محمد قريشيءَ جا ماما ٿيا. بهرحال ڳالهه ٿا ڪن ته ڳوٺ جي اسڪول ۾ پير اسماعيل صادق جي ڪمدار جو پٽ به پڙهيو ٿي، جيڪو امتحان ۾ هر سال ٽيون نمبر آيو ٿي.

”چو پيلا پهريون نمبر نٿو اچي؟“ پير صاحب، ڪمدار کان پڇيو.

ڪمدار ٻڌايو ته زمينن تي جيڪي ٽري هاري ڪم ڪن ٿا، انهن مان هڪ جا به پٽ هر سال پهريون ۽ ٻيو نمبر ڪٽيو وڃن. پير صاحب کي حيرت به ٿي ته خوشي به. هن انهن ٻنهي ڀائرن کي گهرائي پڇيو ته، ”توهان وڌيڪ پڙهڻ چاهيو ٿا؟“ هنن جي هائوڪار تي پِير صاحب سندن رهائش ۽ کاڌي پيتي جي خرچ جو حيدرآباد بندوبست ڪيو. هنن مئٽرڪ ۽ انٽر ڪئي، ان بعد MBBS ڪري ڊاڪٽر ٿيا ۽ انگلنڊ مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نندو پاءُ ڊاڪٽر محمد سالم اکين جو ماهر ڊاڪٽر ٿيو ۽ وڏو ڊاڪٽر محمد مبارڪ جنهن سان پاڻ هاڻ ملياسين نه فقط بورڊ جي امتحان ۾ پهريون نمبر آيو، پر ڊاڪٽريءَ جي امتحانن ۾ به. اڄ هُو ڊاڪٽر اديب رضويءَ سان ڪم ڪري ٿو ۽ يوورولاجيءَ جو ماهر ڊاڪٽر آهي.“

ڊاڪٽر مبارڪ تي ڪنهن ٻئي هنڌ تفصيل سان لکڻ چاهيان ٿو. هتي هن لاءِ فقط ايترو لکندس ته لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي آخري سال جي ڪانووڪيشن ۾ ڪيس اٺ گولڊ ميڊل ۽ يارنهن ميرٽ سرٽيفڪيٽ مليا ۽ هُو ’بيسٽ گرئجوئيٽ‘ مڃيو ويو. اهڙي طرح هن کي FCPS جي امتحان ۾ به ٽي گولڊ ميڊل مليا. ڊاڪٽر صاحب کي شروع کان ريسرچ سان شوق رهيو آهي ۽ سندس تقريبن ٽي سئو پيپر ڇپيل آهن.

بهرحال مٿيون ڳالهيون لکڻ مان منهنجو مقصد يا ڪٿي چئجي ته انهن ڳالهين جي باٽم لائين اها آهي ته سنڌ جي ٻهراڙي توڙي شهرن ۾

هر قسم جو Talent تمام گھڻو آهي، بس هنن کي موقعو نٿو ڏنو وڃي... توهان موقعو ڏئي ڏسو تہ ڪيترائي بهترين ڳائڻا، ڪرڪيٽر ۽ هاڪي پليئر، ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان ۽ جهاز هلائڻ وارا ملندا... مرد توڙي عورتون. منهنجا آمريڪا جا سنڌي دوست، جيڪي اسڪالرون ڏيندا هئا اهي سڀ ڳوٺن جون ڇوڪريون هيون. سيني MBBS ۽ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي ۽ اڄ هُو ملڪ جون ناليريون ڊاڪٽرياڻيون آهن، جيڪي غربت ۽ سهوليت نہ ملڻ جي حالت ۾ هرگز پڙهي نہ سگهن ها. ٻي ڳالهہ اها تہ توهان پنهنجي اوسي پاسي ڪو ذهين ۽ محنتي شاگرد ڏسو تا تہ هن جي تعليم جو بندوبست ڪري، خير جو ڪم ڪريو ۽ دعا ڪٽيو. ٻيو نہ تہ ذوالفقار هاليپوٽي ۽ ذوالفقار قادريءَ وانگر هنن کي ريڙهو ٺهرائي ڏيو تہ هُو ڀاڄي يا ميوو وڪڻي روزگار کي لڳي سگهي. آخري ڳالهہ اها تہ توهان جنهن بہ ضرورتمند جي مدد ڪندائو، هُو سڄي عمر توهان کي ياد رکندو. ڊاڪٽر مبارڪ (۽ هاڻ هن جو پٽ بلاول بہ هيڏو وڏو ڊاڪٽر ٿي ويو آهي پر ان هوندي بہ) اهو ٻڌائيندي پنهنجي بي عزتي نٿو محسوس ڪري تہ هُو مسڪين هاريءَ جو ٻار هو. هُو ڀراڙيءَ ۾ رهيو ٿي. اڄ هُو جيڪي ڪجهہ آهي، اهو ڪاماري شريف جي پِيرن جي ڪري آهي، جيڪي غريب شاگردن جي مدد ڪندا رهن ٿا. هُو پاڻ بہ تعليم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ غريب غربي لاءِ بہ تعليم عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا. توهان کي ميڊيڪل فيلڊ ۾ ئي ڪاماري شريف جي پِيرن جون ڪيتريون ئي عورتون ۽ مرد نظرايندا. جن محنت ڪري اعليٰ رتبا حاصل ڪيا آهن، نہ تہ اسان وٽ اهڙن وڏن ماڻهن جا ٻار B.A جي ڊگري بہ پاڻ پڙهي حاصل ڪرڻ بدران ٻين ذريعي حاصل ڪن ٿا.

**الطاف شيخ**

16 ڊسمبر 2021 ع
ڪراچي

## هڪ ٻئي آمريڪيءَ جو سنڌي سفرنامو...

آڏيءَ کان البني تائين (مهاڳ)

اج ڪلهه ڏسجي ٿو ته سنڌي ادب ۾ سفرنامن جو تعداد ناولن کان به گهڻو نظر اچي ٿو. منهنجو پهريون سفرنامو ’منهنجو ساگر منهنجو ساحل‘ 1969ع ۾ ڇپيو. هي انهن سفرن جو احوال هو، جيڪي مون سال 1968ع ۾ مختلف سامونڊي ۽ هوائي جهازن ۾ ڪيا. ان وقت سنڌيءَ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا سفرناما هئا. اج منهنجي سؤ کن سفرنامن کي مائينس ڪجي ته به مختلف ليکڪن جا انيڪ سفرناما موجود آهن، جيڪي گهمڻ جي شوقين، ولايت ۾ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن، نوڪريون ڪندڙن، ڊاڪٽرن، انجنيئرن، پروفيسرن، ڪانفرنسون ۽ سيمينار اٽينڊ ڪرڻ لاءِ ولايت ويندڙ مردن توڙي عورتن جا آهن. اهي آتم ڪٿائن (آٽو بايوگرافين) بعد ٻئي نمبر تي شوق سان پڙهيا وڃن ٿا.

شروع جي ڏينهن ۾ يعني 1960ع واري ڏهاڪي ۾، مون جڏهن اج واري بنگلاديش ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران ’دريائن جي ديس مان‘ جي عنوان سان ان وقت جي ’بادل‘، ’نئين زندگي‘، ’ڳوٺ سڌار‘ ۽ ’هلالِ پاڪستان‘ رسالي لاءِ لکڻ شروع ڪيا ته ان وقت نه هئي انٽرنيٽ يعني ڪمپيوٽر ۽ نه اج وارا سمارٽ فون، جن ذريعي دنيا جي هر معلومات پل کن ۾ مليو وڃي. وڏ ۾ وڏ انسئڪلوپيڊيا برٽانيڪا جا 30 کن ٿلها واليوم هئا، جيڪي ڪن خاص ۽ وڏين لئبررين ۾ نظر ايندا هئا. انهن ۾ محدود ڄاڻ هئي ۽ ڪا ڪم جي ڳالهه حاصل ڪرڻ لاءِ وقت جي وڏي سيڙپ ٿيندي هئي. مون کي ياد آهي ته 1970ع واري ڏهاڪي ۾ به

پنهنجي سفرنامي ۾ ڪنهن ملڪ جي ڪا معمولي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ به مون ڪي موڪل جو اڌ اڌ ڏينهن ٽوڪيو ۽ راٽرڊم جهڙن بندرگاهن ۾ سير و تفريح ڪرڻ بدران اتي جي ڪنهن وڏي لئبريريءَ ۾ وڃي وِهڻو پيو ٿي، پوءِ به ڪا معلومات ملي ٿي ته ڪا نه. ايتري قدر جو 1980ع ۾ مون کي ملائيشيا جي شهر ’ملاڪا‘ ۽ ايران جي بندرگاهه ’چابهار‘ ۾ اتي جي ’مئرين اڪيڊمين‘ ۾ پڙهائڻ جو شور جاب (يعني ڪناري واري نوڪري) ملي ته مون کي ڪير ڪو نه پيو ٻڌائي ته اهي شهر ڪيئن آهن؟ ۽ اتي ڪيئن پهچجي؟ انسئڪلوپيڊيا ۾ بس ايترو ئي هو ته اهي آڳاٽا بندرگاهه آهن، جيڪي مهاڻن جون بستيون هيون. ڪو اهڙو سفرنامو نه پئي مليو، جنهن ۾ انهن شهرن بابت لکيل هجي ۽ آئون پڙهي ٻنهي شهرن مان هڪ جي سوَلائيءَ سان چُونڊ ڪري سگهان. پنهنجين تڪليفن کي ڏيان ۾ رکي، ملاڪا پهچي مون پهريون ڪم ’ملير ڪان ملاڪا‘ ۽ ’ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه‘ لکيو ته اهي شهر ڪٿي آهن؟ ڪيئن آهن؟ انهن ۾ ڇا ڇا آهي؟ اتي ڪئين پهچي سگهجي ٿو؟ وغيره وغيره.

ڏٺو وڃي ته شروع جا سفرناما گذريل صديءَ جي آخر تائين، فقط مختلف ملڪن جون ويزائون حاصل ڪرڻ جي طريقي بابت، هوائي سفر جي احوال، هوٽل جي مسواڙ ۽ رهائش بابت هوندا هئا. ته به ماڻهن وڏي شوق سان پڙهيا ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄ ان قسم جو سفرنامو بور ثابت ٿئي ٿو، جو ان قسم جي معلومات هاڻ انٽرنيٽ تي تمام تفصيل سان، آسانيءَ سان مليو وڃي. شروع ۾ منهنجي سفرنامن ۾ رڱو ڊڪار، ممباسا ۽ ماپوتو جهڙن بندرگاهن جا ۽ برمودا، ٽرنيداڊ ۽ ٽباگو جهڙن ٻيٽن جا نالا پڙهي، پڙهندڙ حيرت ۾ پيا ٿي.

ڏٺو وڃي ته اڄ ڪلهه مارڪيٽ ۾ جيڪي سفرناما آهن، اهي ٽن قسمن يا ٽن دورن جا آهن. هڪڙا اهي آهن جيڪي شروع وارا آهن، جن جي لکندڙن هفتي ڏيڍ لاءِ ڪنهن هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ ملڪن جو چڪر هڻي سفرناما لکيا ٿي. جن مان ٿوري گهڻي اها ڄاڻ پئي ٿي ته

انهن نالن وارن ملڪن جي انهن شهرن ۾ ڪيئن پهچجي؟ هوائي جهاز جو سفر ڪيئن ٿو ٿئي؟ ولايتن جي هوٽلن ۾ رهائش ڪيئن آهي؟ باقي ملڪ جي مختلف حالتن جي ڄاڻ چڱي طرح نٿي پئي. ظاهر آهي هفتي يا ڏهه ڏينهن جي ٽوئر ۾ ڪو فرانس، انگلنڊ ۽ جرمنيءَ جي شهرن مان ٿي ايندو يا ٽوڪيو، اوساڪا، هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور مان گهمي ايندو، اهو مختصر وقت ۾ تفصيل سان ڇا ڏسي يا گهمي ڦري سگهندو؟ مقامي ماڻهن جي حالتن بابت ڇا لکي سگهندو!؟ اهڙن سفرنامن ۾ پوءِ ڪڏهن اهڙيون ئي ڳالهيون هونديون آهن. جنهن جو مثال هن چرچي مان لڳائي سگهو ٿا ته ڪنهن ليکڪ پنهنجي آمريڪا جي سفرنامي ۾ لکيو ته، ’برازيل جا ماڻهو مندا ٿين ٿا يعني هڪ ٽنگ وارا.‘

اهو پڙهي ڪنهن پڇيس ته، ”اهو ڪيئن ٿو چوين، تون ته برازيل وئين به ڪونه؟“

هن چيو ته، ”نيويارڪ ايئرپورٽ تي هڪ مندو مليو. هن ٻڌايو ته هُو برازيل جو رهاڪو آهي.“

سو اهڙن سفرنامن ۾ ان قسم جون سطحي ڳالهيون ئي ٿينديون ۽ هُونءَ به ڪنهن ملڪ جي ماڻهن جو مزاج، رسم و رواج ۽ عادتون پرکڻ لاءِ وقت ٿو لڳي. مون کي ياد آهي ته ملائيشيا ۾ نوڪريءَ دوران هڪ رانا نسيم خان سفير ٿي آيو. هڪ ڏينهن ڪوالالمپور ۾ ان جي آفيس ۾ هن سان ڪچهري ڪرڻ دوران هُن، هِن ملڪ جي ملئي مسلمانن بابت خبرون ڪندي چيو: ”مون کي هن ملڪ ۾ آئي به مهينا ٿي ويا آهن، پر هتي جي ماڻهن جي مزاج کي سمجهي نه سگهيو آهيان.“ مون کي کِل اچي وئي. ان ڪري جو هن جي پريشاني واقعي حقيقت تي مبني هئي، جو ملئي ماڻهن کي پرکڻ سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. وراڻيومانس ته، ”سائين! مون کي ته هنن پٽن تي ايندي ۽ رهندي ويهه سال ٿي ويا آهن، ان هوندي به ڪين سمجهي نه سگهيو آهيان.“

سو ڳالهه اها آهي ته ڪنهن ملڪ ۽ اتي جي موسم، ماڻهن ۽ ماحول جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ وقت ٿو گهرجي. سفرنامو لکڻ جي

شوقينن کي آئون هميشه اها صلاح ڏيندو آهيان ته هُو گهٽ ملڪن ۾ وڃڻ بدران گهٽ ڏينهن جو سوچين ۽ ڪوشش ڪري پنهنجو سفر هڪ ملڪ تائين محدود رکن. مون کي ڪِل ايندي آهي انهن ٽوئرسٽن تان جيڪي خوشيءَ ۾ پيا ٻهڪندا آهن ته هُو هفتي ۾ پنج ملڪ گهمي آيا آهن. اهڙن جي سوچ کي ڌيان ۾ رکي اڄ به ڪيترائي ’ٽريول ايجنٽ‘ ان قسم جي ٽوئرن جو شوقينن لاءِ بندوبست ڪن ٿا. هينئر به هڪ اخبار ۾ اشتهار هلي رهيو آهي ته هُو هيترن پئسن ۾ ٻن هفتن اندر ڏهن ملڪن: آذربائيجان، ترڪي، ايران ۽ سريلنڪا جي شهرن جو سير ڪرائيندا. منهنجي هڪ سڃاڻوءَ کي به شوق ٿيو ۽ مون کان صلاح وٺڻ آيو. چيومانس ته، ”متان ويو آهين، بيمار ٿي موٽندين.“

”ڇو؟“ هن حيرت مان پڇيو.

”ان ڪري جو اهڙي سفر ۾ تنهنجو سمورو وقت ايئرپورٽن ۽ هوائي جهازن ۾ بسر ٿيندو. نه چڱي طرح شهر گهمي سگهندين، نه چڱي طرح ننڊ ڪري سگهندين. هر وقت سامان پئڪ ڪري ايئرپورٽ ڏي روانگيءَ ۾ رهندين.“

بهرحال! اهڙا به سفرناما آهن، جن ۾ ليکڪ هفتي ڏيڍ ۾ ٽي چار ملڪ گهميا... پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن ۾ گهڻو احوال هوٽلن جي ڪمرن ۾ وڇايل سهڻن غاليچن ۽ پڙدن جو هوندو آهي. مفت ۾ نيرن تي ملندڙ وِيهن ڊشن ۽ ڪمرو صاف ڪرڻ وارين گورين ڇوڪرين جو هوندو آهي يا هوائي جهازن ۾ وينل سهڻن مسافرن ۽ ايئرهوسٽسن جو هوندو آهي، پر سچي ڳالهه اها آهي ته انهن ڏينهن ۾ اهي سفرناما به پڙهندڙن پسند ڪيا ٿَي جو اسان جي ٽي وي ته رڳو بليڪ ۽ وائيٽ ’پي ٽي وي‘ هئي. نه هو ’نئشنل جاگرافڪ‘ جو چئنل نه ’ائنيمل ورلڊ‘ جهڙا رنگين چئنل. انٽرنيٽ به اڃا عام نه ٿيو هو.

ان دور کان پوءِ انهن ليکڪن جا سفرناما آيا ۽ وڏيڪ پسند ڪيا ويا، جيڪي نوڪري يا تعليم خاطر هڪ ڌارئين ملڪ ۾ ٻه ٽي سال رهيا

ٿَي. هنن جو سفرنامي ۾ هڪ ملڪ جو صحيح پر ان بابت تفصيلي احوال ڏنو ويو ۽ ان ملڪ ڏي ويندڙ همراهه ڪي اهڙو سفرنامو ڪارآمد لڳو ٿي. هي اهو وقت هو جڏهن اسان جا ڪيترا ماڻهو نه فقط انگلنڊ ۽ يورپ جي شهرن ۾ پر آمريڪا ۽ ڪئنيڊا جهڙن ڏورانهن ڏيهن ۾ هميشه رهڻ لڳا يعني اسان جي سنڌ جا مسلمان به! سنڌ جا هندو ته ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان به گهڻو گهڻو اڳ جپان، ملايا، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ته ڇا پر برمودا، ڪيپ وردي، ٽرنيڊاڊ ۽ ڪوروسائو جهڙن ننڍن ٻيٽن تي به رهيا ٿَي. دراصل انهن ماڻهن جي لکڻ پڙهڻ جهڙن ڪمن سان دلچسپي نه هئي، جو اهي سپ واپاري طبيعت جا هئا. نه ته انهن جون لکڻيون دلچسپ ثابت ٿين ها. بعد ۾ يعني گذريل ٽيهن چاليهن سالن ۾ جيڪي سنڌ جا مسلمان ٻاهر رهڻ شروع ٿيا ته هُو هر وقت روزگار خاطر پريشان رهيا ٿَي، ان ڪري هنن کي لکڻ پڙهڻ جو شوق يا توفيق نه رهي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسان جي مسلمانن توڙي هندن جن پنهنجو وطن ڇڏي، ولايتن ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي، مشغوليت ڪري ادب سان دلچسپي نه رکي، ان ڪري هنن مان ڪنهن سفرنامي لکڻ جي اميد نٿي رکي وئي. پر ڏهه ٻارنهن سالن کان ڏسي رهيو آهيان بلڪ مون لاءِ ۽ ٻين لاءِ اها حيرت انگيز خوشخبري چئي سگهجي ٿي ته ولايت ۾ مستقل طور رهندڙن مان ڪجهه سنڌي پنهنجو ۽ پنهنجي آس پاس جو احوال ڪالمن ۽ سفرنامن جي شڪل ۾ ڏئي رهيا آهن، جهڙوڪ: سئيڊن ۾ رهندڙ عبدالرحيم نظاماڻي، عبدالله مورائي، قادر جتوئي، ڪئنيڊا ۾ رهندڙ فياض سومرو ۽ خير محمد ڪولاچي، آمريڪا ۾ رهندڙ منور لغاري ۽ رعنا صديقي... ۽ ويجهڙائيءَ ۾ مِشيگن رياست جي رهاڪو، ڪاماري شريف جي پير تاج محمد قريشيءَ جو سفرنامو آيو آهي. ظاهر آهي اهي ماڻهو جيڪي هميشه لاءِ اتي رهيل آهن ۽ ڪين اتي رهندي، ڪافي سال ٿي ويا آهن، انهن جو انهن ملڪن، شهرن، ماڻهن بابت وڌيڪ دلچسپ ۽ حقيقت تي مبني احوال هوندو. پڙهندڙ هنن جون ڳالهيون وڌيڪ دلچسپي

سان پڙهن ٿا ۽ اهي هنن لاءِ يا هنن جي اولاد لاءِ وڏيڪ ڪارآمد ثابت ٿين ٿيون. اڄ ڪلهه اها ڄاڻ تہ گوگل ۽ وڪيپيڊيا جهڙن ڳولا ڪاتن (Search Machines) ڪان مليو وڃن تہ فلاڻو يا فلاڻو ملڪ يا شهر ڪٿي آهي؟ اتي ڪيئن پهچجي؟ اتي جي موسم ۽ مهانگائي ڪيئن آهي؟ پر اهو هنڌ، شهر يا ملڪ اسان سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪيئن آهي؟ جياپي لاءِ جتن ڪرڻ آسان آهن يا مشڪل ۽ ليکڪ انهن کي ڪيئن منهن ڏيو ويٺو آهي؟ ان جو سربستو احوال ولايت ۾ رهندڙ ليکڪن جي لکڻين مان ئي پئجي سگهي ٿو تہ هُو گذر سفر لاءِ ڇا ڪري رهيا آهن؟ سندن ٻار ٻچا ڪيئن ٿا رهن؟ تعليم ۽ صحت جون ڪهڙيون سهوليتون آهن؟ موڪلن ۾ هُو ڪيڏانهن گهمڻ ٿا وڃن؟ وغيره وغيره. جيئن پير تاج محمد جي سفرنامي مان ڄاڻ پوي ٿي تہ مشيگن جهڙي آمريڪي رياست، جتي هُو رهي ٿو، اتي انگريزي اسڪول تہ آهن، پر ديني تعليم جو بہ بندوبست آهي ۽ مسجدون توڙي مدرسا عام آهن. جن مان هڪ ۾ سندس پٽ قرآن مجيد بہ حفظ ڪري پيو. سئيڊن جهڙن ٿڌن ملڪن ۾ جتي هر وقت برفباري لڳي رهي ٿي اتي عبدالرحيم نظاماڻيءَ جون ننڍڙيون ڌيئر گرم ڪپڙا پائي نہ رڳو اسڪول وڃن ٿيون، پر شام جي شفٽ ۾ پارڪ ۾ راند بہ ڪيڏن ٿيون.

مٿيون ڳالهيون اهڙيون آهن، جيڪي اسان جا ماڻهو ڄاڻڻ چاهين ٿا، ڇو جو اڄ ڪلهہ هُونءَ بہ هڪ تہ سڄي دنيا هڪ ننڍڙو ڳوٺ ٿي وئي آهي ۽ اسان جو ماڻهو جيڪو ٿندو باگو ڪان بدين وڃڻ ٿي بہ پرديسي ٿي ويو ٿَي، سو ڪيوٽو جپان ڪان بہ وڃيو نڪري، جو تعليم ۽ روزگار خاطر هن کي ٻاهر نڪرڻو پوي ٿو. 1960ع ۽ 1970ع واري ڏهاڪي تائين بہ، ولايت ۾ رهائش آسانيءَ سان ملڻ جي باوجود اسان رهڻ نٿي چاهيو، جو ان وقت پنهنجي ملڪ ۾ روزگار ۽ امن امان هو. ولايت جا ڏڪا ڇو ڪائجن پر اڄ ڪلهہ ڪو مون ڪان صلاح وٺندو آهي تہ آئون هن کي چوندو آهيان تہ ٻاهر نوڪري يا رهائش جو موقعو ملي ٿو تہ ضرور حاصل ڪجي. ڇوڪرا تہ ڇا

ڇوڪرين کي به نوڪريءَ لاءِ وڃڻ ڪپي. ملائيشيا، ڄپان توڙي ناروي ڊئنمارڪ يا آمريڪا جي شهرن ۾ اڪيلين سنڌي ڇوڪرين کي نوڪري ڪندو يا تعليم حاصل ڪندو ڏسان ٿو ته حيرت ئي ٿئي ٿي ته هُو ايڏو پُراعتماد ۽ سڪون ۾ آهن ۽ هيڏانهن اسان وٽ خيرپور يا ڄامشوري جا تعليمگاهه هجن يا ڪراچيءَ ۽ لاڙڪاڻي جا ڪيڏي بدامني ڇوڏاري آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ هر ڪو ٻاهر وڃڻ جي خواهش رکي ٿو. جيتوڻيڪ ٻاهر جي نوڪري سخت ٿئي ٿي. اهو اسان جو ملڪ آهي، جتي No work culture (ڪم ڪان پڇڻ جي عادت) آهي، پر ان هوندي به ولايت ۾ آئون جنهن ڪان به پڇان ٿو ته. هُو اهو ئي چوي ٿو ته پورهيو سخت آهي پر ذهني طرح سڪون آهي يعني انسان کي فزيڪل ڪم پريشان نٿو ڪري، پر ذهني ڏکيائيون گهڻو مُنجهائين ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو سنڌين جهڙي ٻاهر نه نڪرندڙ قوم جا ماڻهو به آفريڪا جي گرم توڙي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي سرد ملڪن ۾ روزگار خاطر هميشه لاءِ رهيا پيا آهن. انهن مان ڪيترن جو احوال اسان اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ پڙهي رهيا آهيون. هُنن پنهنجين لکڻين ذريعي روايتي سفرنامن جو ٽرينڊ ئي بدلائي ڇڏيو آهي. هنن کي جس هجي جو مشغول هوندي به، موسم جي سخت هجڻ جي باوجود، آرام ۽ گهمڻ ڦرڻ جهڙا شوق ڇڏي، پنهنجي وطن جي ماڻهن لاءِ ڄاڻ مهيا ڪرڻ لاءِ لکڻ پڙهڻ کي وقت ڏنو اٿن. اهڙن ئي ماڻهن مان هڪ ڊاڪٽر منصور ٿلهو آهي، جنهن جو سفر نامو 'آڌيءَ ڪان البني تائين' پيش لفظ لکڻ لاءِ منهنجي اڳيان رکيل آهي.

هي سفرنامو عام سفرنامن ڪان بلڪل مختلف نوعيت جو آهي، جيڪو منصور صاحب وڏي محنت ۽ جاکوڙ بعد لکيو آهي. هُونءَ به ڊاڪٽر صاحب جون لکڻيون نه حقيقت تي مبني هونديون آهن. دراصل هن سفرنامي لاءِ پيش لفظ لکڻ لاءِ اجا به ميڊيڪل جي ڪنهن ڊاڪٽر جي سفرنامي تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ سولو ڪم آهي. ڊاڪٽر منصور ٿلهو ميڊيڪل وارو نه پر Ph.D وارو ڊاڪٽر آهي سو به سنڌي ٻوليءَ جو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي به خاص

۽ ڏکئي سبجيڪٽ جو. هن سبجيڪٽ ۾ هن ڊاڪٽوريٽ ڪرڻ ۾ جيڪا محنت ڪئي هوندي، ان ڪان ڪوبہ انڪاري نہ هوندو. ڊاڪٽر صاحب جو سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل فئملي سان تعلق آهي. سندن ايم فل ۾ مقالي جو عنوان آهي: ’سنڌي ۽ سرائڪي ناول نگاريءَ ۾ موضوعي ۽ فني هڪجهڙائي.‘ جيڪو هن ڊاڪٽر محمد علي مانجهي صاحب، هينئر چيئرمئن لئنگئيج اٿارٽي سنڌ، حيدرآباد جي نگرانيءَ ۾ مڪمل ڪيو آهي.

منصور ٿلهو صاحب جي هن سفرنامي ’آڏيءَ ڪان البنيءَ تائين‘ کان اڳ بہ هن جا پندرنهن ڪن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. تازو هن مهيني حيدرآباد جي ’سمبارا پبليڪيشن‘ وارن سائينءَ جو ناول ’ناوَ ۽ ناکُئا‘ ڇپيو آهي، جيڪو سندن اونهي مطالعي ۽ تحقيق جو نتيجو آهي. اهڙي طرح ڊاڪٽر منصور جا ٻيا ڪتاب بہ تحقيق ۽ ڳوڙهي مطالعي جو نتيجو آهن، جهڙوڪ:

- سنڌو ماتريءَ جون لکت واريون نشانيون، جنهن جا بہ ڇاپا شايع ٿي چڪا آهن.
- گڏاپ جا گل (لغت) 2018ع
- سنڌي، سرائڪي ۽ اسپيني ٻولين جا هڪجهڙا آواز ۽ لفظ (تحقيق) 2019ع.
- اکر پٽي (لغت) 2014ع.

هُونءَ ڊاڪٽر صاحب جي ڪريڊٽ تي اها ڳالهہ نمايان طور لکڻ کپي تہ هن گهڻو ڪجهہ هتي ولايت ۾ آمريڪا جهڙي رونقن جي ملڪ ۾ ويهي لکيو آهي. نہ فقط لکيو آهي پر ڪيترين شين جي ريسرچ ڪرڻ لاءِ ڍير ڪتاب پڙهيا آهن ۽ مختلف قومن ۽ ٻوليون ڳالهائڻ وارن ڪان انٽرويو ورتا آهن. منصور ڪيترائي ناول پڻ لکيا آهن. ٻن ٽن جا نالا مون کي بہ ياد آهن، جهڙوڪ:

- زندگي يوڳ. 2002ع.

- مِٽي ۽ مُهاڻا. 2008ع.
- جِيوَن ليکا 2005ع ۾ ريڙهي مياڻ - ۾ ڇاپا.
- جي هانءُ نہ هارين (ڪهاڻيون). 2005ع.

منصور ٿلهو جو هن کان اڳ بہ هڪ سفرنامو 2017ع ۾ ڇپجي چڪو آهي، نالو اٿس: ’سوڪي بندر ۽ سامونڊي سُور.‘

هن ڪتاب تي سنڌالاجي وارن طرفان مصنف انعام يافتہ قرار ڏنو ويو هو. سندس ڪتاب The Sons of Soil انگريزيءَ ۾ پڻ ڇپيو آهي.

منصور جو هي سفرنامو ’آڏيءَ کان البني تائين‘، جيڪو مون وٽ پيش لفظ لکڻ لاءِ پهتو آهي، اهو هڪ نرالي قسم جو آهي، جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي آسپاس رهندڙ سنڌي ٽوٽي ڀين ٻولين، خاص ڪري هسپانوي ڳالهائڻ وارن جو احوال ۽ حالتن بابت بيحد دلچسپ احوال لکيو آهي. هن سفرنامي جو هر چئپٽر پڙهڻ جوڳو ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ آهي. هتي مڙيئي ڪجهہ ڪجهہ ڳالهين جي Input آئون ڏيندس، جيئن پڙهندڙ کي ليکڪ ۽ هن جي سفرنامي کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ آساني رهي. خاص ڪري انهن پڙهندڙن لاءِ جيڪي هن پاسي يعني آمريڪا ڏي نہ آيا آهن ۽ نہ هن پاسي جي جاگرافي ۽ تاريخ کان واقف آهن.

سفرنامي جي عنوان ۾ ٻن شهرن ’آڏي‘ ۽ ’البني‘ جا نالا آهن، جن ۾ ليکڪ جي رهائش ٿي آهي. سنڌ جو شهر ’آڏي‘ ليکڪ جي جنم ڀومي آهي، جتي هن جو دُر محمد ٿلهو جي گهر ۾ 15 جنوري 1959ع تي جنم ٿيو. جيڪو اڄ ڪلهہ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي تعلقي نصيرآباد ۾ آهي. سندس ڏاڏو سرائي بخشل خان ٿلهو تر جو وڏو زميندار هو. منصور صاحب جو والد صاحب انگريزيءَ جو ٽيچر هو. ان سان گڏ تاريخ جاگرافيءَ جو بہ ماهر هو. پاڻ هاءِ اسڪول باڊهہ، نصيرآباد، وڳڻ ۽ ميروخان ۾ پڙهايو ۽ پنهنجي ٻارن جي تعليم تي بہ ڌيان ڏنو.

منصور وارا پاڻ ۾ ڇهہ ڀائر آهن. منصور سيني ۾ وڏو آهي ۽ گذريل ٻارنهن سالن کان آمريڪا ۾ رهي ٿو. ڊاڪٽر منير ٿلهو ٻيو نمبر ڀاءُ آهي،

جنهن ويجهڙائيءَ ۾ ريٽائرمينٽ حاصل ڪئي آهي. ٽيو نمبر ڀاءُ آفتاب ٿلهو، ڪوئيٽا ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر آهي. ان بعد ڊاڪٽر بخشل ٿلهو آهي، جنهن جو سياست ۽ سوشل ڪمن سان واسطو هجڻ ڪري هن ڪان سنڌ جا اڪثر ماڻهو واقف آهن ۽ پاڻ ليکڪ آهن. سندس ڇپيل ڪتابن مان ڪجهه آهن:

1. ٽڪيائي ٽر ٽيلهه (عالمي انقلاب ۽ عوامي جدوجهد) آدرش پبليڪيشن
2. تبديليءَ جو فلسفو (جديد ڪيٽيگورين جي ا ب ت) روشني پبليڪيشن
3. نٽشي (ترجمو) پيڪاڪ پبليڪيشن.

ان بعد سجاد ٿلهو، نصيرآباد ۾ زميناري ڪري ٿو ۽ ننڍو ڀاءُ صغير ٿلهو ڪراچيءَ ۾ ’بئنڪ الفلاح‘ جي مين بلڊنگ ۾ نوڪري ڪري ٿو. سو منهنجي لاءِ اها اهم ڳالهه آهي ته سائين دُر محمد ٿلهو صاحب ٽيچر ٿي ڪري پنهنجي سڀني ٻارن کي پڙهايو، جيتوڻيڪ هُو آڏي (نصيرآباد) جهڙي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهيا ٿي، جتي بنيادي سهوليتون به ناپيد آهن.

اسان واري آمريڪي مصنف ’منصور ٿلهي‘ پرائمري تعليم نصيرآباد جي پرائمري اسڪول مان ورتي ۽ مئٽرڪ به هن شهر جي هاءِ اسڪول مان 1974ع ۾ ڪئي. اهو آهي ته منصور کي ننڍي هوندي کان ادب لاءِ چاهه هو. ضرور هن جي والد صاحب، جيڪو ٽيچر هو تنهن منصور کي اخبارون ۽ رسالا پڙهڻ لاءِ شوق ڏياريو هوندو. ايتري قدر جو پاڻ مئٽرڪ واري عرصي ۾ نصيرآباد شهر ۾ ’لطيف پبليڪيشن‘ جي انچارج جي حيثيت سان به ٻاراڻا ڪتاب ’روشني‘ ۽ ’لاٽ‘ ڇپرايا. منصور لکڻ جي شروعات شاعري ۽ ننڍڙيون ڪهاڻيون لکڻ سان ڪئي، جيڪي ان دؤر جي سنڌي ٻاراڻن رسالن ۽ سنڌي اخبارن ۾ شايع ٿينديون هيون.

منصور 1976ع ۾ انٽر ۽ 1979ع ۾ بي. اي. ڪئي. 1985ع ۾ ايم. اي. ڪئي. ان کان اڳ 1983ع ۾ اديب سنڌي (جنهن ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي)، 1984ع ۾ اديب عالم سنڌي (ٻي پوزيشن) ۽ 1985ع ۾ اديب فاضل سنڌي پهرين پوزيشن سان پاس ڪيائون.

مون کي ياد ٿو اچي ته اسان جڏهن اسڪول جي ڏينهن ۾ هوندا هئاسين ته اڪثر ڇوڪرا، جن جي ڊرائنگ سٺي هوندي هئي، اهي ڊرائنگ جا بنيادي امتحان ’ايليمينٽري‘ ۽ ’انٽر‘ پاس ڪندا هئا. اهو ان خيال کان ته جيئن ’ڊرائنگ ٽيچر‘ ٿي سگهجي. اسان جي منصور صاحب ته ’آرٽ ٽيچر ڪورس‘ (ATC) به ڄامشورو مان ڪيو ۽ ڪجهه عرصي لاءِ ’ڊرائنگ ٽيچر‘ ٿي رهيو، ان بعد کين ’ڪوآپريٽو بئنڪ‘ ۾ نوڪري ملي، جتي هن جي مختلف ضلعن ۾ بدلي ٿيندي رهي. بدلي ٿيڻ تي اسان جا ماڻهو اڪثر رنج ۽ مايوسيءَ جو اظهار ڪندا آهن، پر منصور ۾ اها نندي هوندي کان عادت آهي ته هُو هر حال ۾ خوش رهي ٿو. اها عادت اڄ به هن ۾ آهي. هُو آمريڪا ۾ اڪيلو رهيو پيو آهي، صحت جي خيال کان به هُو چئجي ته معذور رهي ٿو. هُو گهر ۾ رهي سرڪار کان سوشل وٺي سگهي ٿو، پر هُو ان کي خراب سمجهي ٿو ۽ پنهنجي هٿن جو پورهيو ڪري ٿو. هڪ دفعي خبر ناهي ڪهڙي ڳالهه تي چيومانس ته، ”منصور توکي ڏک ٿيو هوندو.“ ته هن يڪدم وراڻيو، ”سائين ڏک، مايوسي ۽ پريشانيءَ جهڙيون شيون منهنجي لغت ۾ ئي نه آهن. آئون هر وقت خوش گذارڻ وارن ماڻهن مان آهيان. حالتون ڪيڏو به مخالفت ۾ هجن.“

بهرحال ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسان جو ليکڪ منصور ٿلهو وڏو همت وارو ۽ توڪلي مڙس آهي. هن جون ڪيترين ئي بيمارين کان آپريشنون ٿيل آهن، جن مان هڪ Prostate Gland جي ڪئنسر جي به آهي. هن کي اڄ به اٿڻ وهڻ ۽ هلڻ ۾ رنڊڪ ۽ تڪليف ٿئي ٿي، پر هُو ڏکين حالتن ۾ به پنهنجو ادب سان شوق قائم رکندو اچي. هُو جتي وڃي ٿو جنهن جنهن سان ملي ٿو، ان کان حاصل ڪيل لاڀائتي ڄاڻ بابت لکي ٿو، جيئن سندس وطن جا ماڻهو اها حاصل ڪري سگهن. تڏهن ته چوان ٿو ته منصور جون لکڻيون ڪي اسان وانگر سطحي ۽ عام رواجي نه آهن، پر هن انهن تي وڏي کوجنا ڪئي آهي.

مٿي لکي چڪو آهيان ته منصور، بئنڪ جي نوڪريءَ ڪري مختلف ضلعن ۾ بدلي ٿيندو رهيو ۽ جتي ٻيا بدليءَ جو ٻڌي ناراض

ٿيندا هئا، اتي منصور خوش ٿيندو هو. ان خوشيءَ جو واحد سبب اهو ٿي هوندو هو ته هن کي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ڳالهه ٻولهه جو انداز ۽ اتان جي ماڻهن جي زندگيءَ جو مشاهدو ڪرڻ جو موقعو مليو ٿي. منصور سنڌ جي سيني ضلعن ۾ رهيو، جن مان گهڻو عرصو ٺٽي ۾ گذاريائين. هن کي ٺٽي ضلعي جي ماڻهن جي زندگيءَ جو ڏيک، رهڻي ڪهڻي ٻين ضلعن جي ماڻهن کان مختلف ڏسڻ ۾ آئي. هن پاسي جا ماڻهو منصور کي بلڪل سادي طبعيت جا ۽ ڏيک ڏيکاءَ کان پري، پاڻ کي پڌائڻ ۽ شوبازيءَ کان اڻ واقف لڳا. اهي ڳالهيون منصور جي ناولن ۾ لاڙ جي ڪردارن ۾ نظر اچن ٿيون.

بقول محمد حسين ’دلشاد‘ جي لاڙ جي علائقي ۾، خاص طور سامونڊي علائقا ۽ انهن جي پاسن ۾ ٻيٽن ۽ درياءَ جي ڇاڙن تي رهندڙ ماڻهن جي حياتيات کي ڏسي اسان جو ليکڪ جهُري پوي ٿو. جڏهن ته سنڌ تاريخي ڪتابن ۾ خاص طور سامونڊي پٽي ماضيءَ جي شاهوڪار شهرن ۽ بندرگاهن جي سونهن سان جرڪندي نظر اچي ٿي. ڇو ته سنڌ جو هي خطو بهترين سامونڊي بندرگاهن ۽ درياءَ جي بندرگاهن وارو حصو هو. ليکڪ اهي ڳالهيون ماضيءَ وارن ڪتابن ۾ پڙهيون هيون، پر جڏهن پاڻ وڃي انهن پٽن تي پنڌ هلندي، راتين جون راتيون مقامي ماڻهن سان گڏ رهندي، مشاهدا ڪيا. انهن جي حياتي گذارڻ جي انداز کي ڏٺو ته پوءِ ڪيس وڏيڪ لکڻ جو شوق جاڳيو. انهن ماڻهن يعني ملاحن، مُهاڻن ۽ ناکئن جي حياتين ۽ رهڻي ڪهڻي کي ڏسندي پاڻ بہ جهُري پوندو هو. چوندو هو ته، ”سنڌي ماڻهن جو درد ۽ لاڙ جي مهاڻن جو ڏک تاريخ جو الميو آهي، جيڪو ڪتابن، ڪهاڻين ۽ ناولن جي پنن تي لکي نٿو سگهجي، ڇو ته صدين جو درد هنن پٽن ۾ پلتجي پيو آهي...“

منصور ٿلهي صاحب جي پندرنهن ڪتابن مان ڇهه کن لاڙ علائقي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي جي حوالي سان آهن، جهڙوڪ: ’مٽي ۽

مهاڻا‘ (ناول)، منصور هڪ سرد رات جو جڏهن ڪارو چاڻ ويو تہ اتان جي مهاڻن جي حالت ڏسي هن هي ناول لکي ورتو. سندس هي ناول ’مٽي ۽ مهاڻا‘ سنڌ ساحل پبليڪيشن ڪارو چاڻ پاران 2008ع ۾ ڇپايو ويو.

’ريڙهي مياڻ‘ (ناول) پڻ سنڌ ساحل پبليڪيشن ڪارو چاڻ، سال 2015ع ۾ شايع ڪيو.

ريڙهي مياڻ، سنڌ جي قديم بندرگاهہ مان هڪ آهي ۽ اڄ بہ اهو وسندڙ ۽ آباد بندرگاهہ آهي. ليکڪ ساموندي پٽيءَ جي اجڙيل ماڳن، بندرگاهن، ڪنڌين جي درد کي پنهنجو درد سمجهي ناول جي ڪردارن ۾ ڏيکاريو آهي. سنڌ جي چوڙ وارو علائقو سدائين آباد ۽ خوشحال رهيو آهي، پر دريائن تي ڊئم ۽ بند ٻڌي انهن علائقن کي ويران ڪيو ويو آهي. هي ناول ’ريڙهي مياڻ‘ اهڙي ئي علائقي جي ڪٿا آهي. هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ آهي، جنهن ۾ بلوچستان جو مڪران وارو علائقو ۽ پنجاب جو ملتان سنڌ ۾ ڏيکاريا ويا آهن.

- ’اکر پٽي‘ (لغت) هن ڪتاب ۾ ساموندي پٽيءَ جا لفظ آهن. هي ڪتاب ڀاڱو پهريون آهي، جيڪو ’الف کان و‘ تائين آهي.
- ’لاڙي لفظن جي موتين مالها‘ (لغت).
- ’سوکي بندر ۽ ساموندي سور‘ هي هڪ سفرنامو آهي، جيڪو 2017ع ۾ سمبارا پبليڪيشن شايع ڪيو هو. سمنڊ ويجهو سنڌو درياهہ جي مک وهڪري تي سوکي بندرگاهہ توڙي جو آڳاٽي زماني ۾ هڪ پتڻ رهيو هو، پر انگريزن جي دور ۾ هڪ بندرگاهہ جي شڪل اختيار ڪيائين. مختلف سارين/چانورن جي پلين ٻنين جي وچ ۾ سوکي وارو علائقو گهڻي زماني کان زرعي لحاظ کان تمام گهڻو خوشحال هو. سنڌوءَ جي جنهن وهڪري تي سوکي بندر هو، سو اهو ئي وهڪرو آهي، جنهن جي اوير ۾ ويجهو ئي شاهہ بندر آباد هو. سنڌو درياءُ ڪجهہ ڪوهن تي اڳتي اولهہ طرف هلي، ڪاري ۾ ڇٽي ’ڪارو چاڻ‘ سڏبو هو/آهي.

مختلف لکتن ۾ روايتن مان لڳي ٿو تہ شاهہ بندر جو اوج گهٽ ٿيڻ کان پوءِ ’سوکي‘ اسريو ۽ اوج تي پهتو. ان تان ئي اها چوٽي مشهور ٿي تہ ’شاهہ (بندرگاهہ) ڦِٽو سوکي وٺو.‘

جاگرافيائي لحاظ کان سوکي بندر اهڙي علائقي ۾ موجود هو، جتان سمنڊ وسيلي مختلف ملڪن ڏانهن مال متاع بہ وڃي سگهندا هئا. مليل انگن اکرن موجب هزارين آباديءَ تي مشتمل هن بندرگاهہ ۾ ٿي سئو هَٽَ ۽ ڪجهہ ٽيلها وغيره موجود هوندا هئا. سوکي بندرگاهہ تي هر وقت ننڍيون وڏيون ٻيڙيون اينديون ويندون هيون، جنهن ڪري هر وقت ماڻهن جي گهڻا ئي هوندي هئي. شهر ۾ وڏا واپاري ۽ شاهوڪار بہ رهندا هئا تہ آسپاس وڏا زميندار بہ آباد هئا. ٺٽي ڪاليج جو سائين ڊاڪٽر محمد علي ’مانجهي‘ لکي ٿو تہ 1982ع ۾، ”هن بندرگاهہ جا اسان جيڪي آثار ڏٺا، انهن کي ڏسي حيرت ٿي هئي تہ هيڏو وڏو شهر اجڙي ويو. سوين ڊٺل دڪان، بہ وڏيون رائيس ملون، ٻيڙين ٺهڻ جا ڪارخانا ۽ سوين اجڙيل گهر وغيره اجڙيل صورت ۾ موجود هئا. 1980ع واري ڏهاڪي کان پوءِ لڳاتار رڪاوٽون وجهڻ ڪري، درياهہ جي گهٽجڻ ڪري ۽ ٻئي پاسي سمنڊ جي خشڪيءَ طرف وڌڻ جي ڪري، سوکي بندرگاهہ ٻين بندرگاهن وانگر ساڻو ٿيندو، نيٺ اجهامي ويو.

نہ سي ونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.
(شاهہ لطيف)

اسان جو آمريڪا ۾ رهندڙ ليکڪ ’ڊاڪٽر منصور ٿلهو‘ ٺٽي ۾ بئنڪ جي نوڪري دوران سامونڊي چوڙ واري علائقي تي گهڻو عرصو ڪم ڪندو رهيو. هن ڪڏهن لفظن جا موتي تي هٿ ڪيا تہ ڪڏهن ڪن داستانن جا هيرا لعل تہ ڪڏهن وري ڪن منظرن جا احوال ۽ حقيقتون ڳولي هٿ ڪيون ٿي. هن سامونڊي ڪناري واري علائقي جي پسمنظر ۾

ڪهاڻيون ۽ ناول بہ لکيا آهن. سندس ڪتابن ۾ اتي جي ماڻهن جا تلخ تجربا ۽ مشاهدا موجود آهن، جيڪي تاريخ جو حصو آهن.

منصور ٿلهي صاحب جو هيءُ ڪتاب ’سوڪيءَ بندر ۽ ساموندي سور‘ سفرنامو سچ تہ پڙهڻ وٽان آهي، ڇو جو هن بندر ’سوڪيءَ‘ تي تمام گهڻ لکيو ويو آهي. منصور اتي وڃي ڏينهن جا ڏينهن رهي، احوال محفوظ ڪيا آهن. بندر جي آسپاس ڪي ووڙيو آهي، هتان لڏي مختلف هنڌن وڃي ويٺل ماڻهن سان اتي وڃي ملي، ساڻن رهاڻيون ڪري، سمورا احوال حاصل ڪيا آهن. اهڙي طرح منصور هن بندر جي تاريخي حقيقت کي اسان آڏو آندو آهي.

ان تحقيق ۽ ماڻهن سان ملڻ جلڻ جي عادت اڄ بہ منصور ۾ موجود آهي. هُو اڄ بہ اوسي پاسي جي ماڻهن سان ملي، انهن جون رسمون، رواج، ٻوليءَ جو لهجو ۽ ٻيا واقعا درج ڪري، اسان اڳيان پيش ڪري ٿو. منصور سان فون تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ مون کيس چيو تہ. ”تو پنهنجي سفرنامي ’آڏيءَ کان البني تائين‘ سفرنامي ۾ تو ايترو ريسرچ ورڪ ڪيو آهي ۽ ٻين ماڻهن جي ٻولين بابت لکيو آهي جو هن قسم جي ڪتاب جا پيش لفظ توهان کي مرحوم عبدالجبار جوڻيجي يا سراج ميمڻ جهڙي کان لکائڻ گهرجي ها، جو توهان پاڻ بہ سنڌي ٻوليءَ جا ماهر آهيو ۽ عالم فاضل کان پي ايڇ ڊي ڪئي اٿانوَ.“

”نہ سائين،“ ڊاڪٽر منصور ٿلهي پنهنجي روايتي نوڙت جو اظهار ڪندي چيو، ”اسان توهان جهڙن اديبن جا ڪتاب پڙهي علم پرايو آهي.“

ٿهڪ ڏيندي چيومانس تہ. ”ڊاڪٽر صاحب! ڳالهہ ٻڌو. مون ڪتاب ضرور لکيا آهن پر جيئن تہ آئون هڪ جهازي (Seafarer) ماڻهو آهيان، منهنجو واسطو جهازن ۽ بندرگاهن تي ڪم ڪندڙ مهاڻن، ماڇين، ساٿين ۽ ڪڇي مڪرانين جهڙي جينٽريءَ سان آهي، جتي ادب جون ڳالهيون نہ پر گاريون ئي ٻڌون ٿا.“

ان تي البني (آمريڪا) ۾ رهندڙ منصور چيو، ”سائين! آئون جنهن علائقي ۾ محلي ۾ رهان ٿو، اتي اسپيني ڳالهائڻ وارا آهن ۽ توهان کي ته خبر آهي ته اسپيني ماڃين ساڻين کان به وڌيڪ گاريانديا آهن.“

”اها ڳالهه صحيح ٿو ڪرين ۽ شاباس هجي تنهنجي Observation کي.“ مون چيو.

”سائين آبزرويشن ڇا... جتي ڪم ڪريان ٿو، جنهن بس ۾ سفر ڪريان ٿو، اتي اسپيني مرد ته ڇا عورتون به اهڙي زبان ڳالهائين ٿيون، جو توبنهه زاري... پريل بس ۾ هُو زور زور سان هڪ ٻئي کي ڪچيون گاريون ڏينديون ۽ اهي اهي ولگر لطيفا ٻڌائينديون، جيڪي مرد به ٻڌائڻ کان اڳ ۾ ٻه دفعا سوچين.“ منصور چيو.

بهرحال منصور، اسپيني ٻوليءَ کان به واقف آهي ۽ هن ان بابت پڻ ڪتاب لکيا آهي. ”سنڌي، سرائيڪي ۽ اسپيني ٻولين جا هڪجهڙا آواز ۽ لفظ.“

باقي لائن اها آهي ته ڊاڪٽر منصور صاحب، جتي به رهي ٿو اتي هو پنهنجي تحقيق جو ڪم قائم رکي ٿو، هُو سخت محنتي مڙس آهي ۽ ايمانداريءَ سان هر شئي قلمبند ڪري، ڪتابي صورت ۾ آڻي ٿو. هئڻ ته ائين کپي ته هن جهڙا ريسرچ ۽ ادب وارا ڪتاب اسان جا سرڪاري ادارا ڇپرائي، شاگردن کي سستي اگهه تي ڏيارين، پر في الحال شاباس هجي منصور کي، هُو پنهنجا ڪتاب پنهنجي خرچ تي ڇپرائي نه رڳو بنا فائدي جي پر ڪيترن ئي قدردانن کي تحفي ۾ ڏئي ٿو.

پاڻ سنڌ جي لاڙ علائقي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي جي حوالي سان منصور ٿلهي جي لکيل ڪتابن جو ذڪر ڪري رهيا هئاسين. مٿين ڪتابن کان علاوه سندن هڪ ٻيو ڪتاب، جيڪو هن مهيني ڇپيو آهي، اهو آهي ’ناوَ ۽ ناکُئا‘. هي ڪتاب لاڙ جي مهاڻن ۽ ناکئن جي زندگين تي تحقيق ٿيل آهي. سندس انهن ڪتابن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هُو لاڙ جي پٽيءَ سان ڪيترو چاهه رکي ٿو. هُو لاڙ جي پٽي جي

سگهڙن، شاعرن، ناڪئن، خلاصين ۽ سنگهارن سان سڪ پريت جو رشتو اڄ بہ قائم رکندو اچي. هُو سال ڏيڍ بعد آمريڪا کان جڏهن بہ پنهنجي وطن چڪر تي ايندو آهي تہ لاڙ جي انهن دوستن سان ضرور ملندو آهي ۽ نئون ڪتاب لکندو آهي.

منصور ٿلهو صاحب جي ناول ’مٽي ۽ مهاڻا‘ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ’The Sons of Soil‘ ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ رشيدالله زهراڻي صاحبن ڪيو آهي ۽ هن ناول جو اردو ۾ ترجمو ٿي رهيو آهي.

مٽي اسپيني ٻولي ڳالهائڻ وارن لاءِ اسان جي ليکڪ منصور ٿلهي ۽ ان ڪي وارو وٺرائيندي، مون پڻ ٽيڪو ڏنو آهي تہ اهي گاريون ڏين ٿا. ويندي عورتون پريل بس ۾ زور زور سان هڪ ٻئي کي اگهاڙا لطيفا ٻڌائيندي شرم نٿيون محسوس ڪن. هتي هڪ ڳالهہ صاف ڪندو هلان، جو اسان جا ماڻهو جيڪي اسپين جي شهر ’مئڊرڊ‘ يا ’بارسلونا‘ ۾ رهن ٿا يا اتي جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهن ٿا، اهي منهنجيون مٿيون سِٽُون پڙهي چوندا تہ اهو غلط آهي، اسپين جا ماڻهو اهڙا بدافعالا نہ آهن.

ڳالهہ اها آهي تہ هتي اسپيني ڳالهائڻ وارن سان منهنجو يا اسان جي ليکڪ منصور ٿلهي صاحب جو مطلب اسپين جا ماڻهو نہ آهن، پر وچ آمريڪا، ڏکڻ آمريڪا ۽ اوسي پاسي جي مختلف ملڪن ۽ علائقن جا ماڻهو آهن، جيڪي اسپيني ٻولي ڳالهائين ٿا ۽ هسپانوي يعني هسپانڪ آمريڪا يا لئٽن آمريڪا جا يا آئيبيرين آمريڪا جا سڏجن ٿا، جن تي اسپين وارن جي ڪلچر جو اثر آهي، هُو اسپين جي ٻولي ’اسپيني‘ ڳالهائين ٿا ۽ اهي ملڪ اسپين جي قبضي ۾ رهيا. اهي ماڻهو نہ فقط ڏکڻ ۽ وچ آمريڪا جي ملڪن ۾ رهن ٿا، پر اتان لڏپلاڻ ڪري اتر آمريڪا يعني ڪئناڊا ۽ USA ۾ آيا. USA جي ڏاکڻين رياستن ’ٽيڪساس‘، ’لوزيانا‘ وغيره ۾ تہ تمام اسپيني ڳالهائڻ وارا رهن ٿا، جيڪي مختلف رنگن، قد بت ۽ نمونن جا ٿين ٿا.

اسان جا ماڻهو جيڪي ڪئناڊا يا USA ۾ نوڪري، روزگار يا تعليم خاطر رهن ٿا، اهي لاطيني (Latin)، هسپانوي (Hispanic) يا آبيرن

(Ibero) ٻڌي مونجهاري ۾ پوَن ٿا. انهن لاءِ هيٺ ڪجهه سِٽُون لکڻ ضروري سمجهان ٿو. اسپين جيڪو سعودي عرب ۽ ٿائِليند وانگر 'Kingdom of Spain' سڏجي ٿو، اتي 'پارليامينٽري مونارڪي' آهي يعني چونڊن ذريعي وزيراعظم ۽ اسيمبلين جا ميمبر ضرور چونڊجن ٿا، پر بادشاهت بہ آهي ۽ ملڪ جي بادشاهہ کي پارليامينٽ طرفان ڪجهہ محدود اختيار مليل آهن. جيئن انگليند جي راڻي ايلزبيٿ صاحبہ کي! اسپين ملڪ فرانس، جرمني، اٽلي، بيلجم وانگر يورپي ملڪ آهي ۽ يورپ کنڊ جي بلڪل ڏکڻ ۾، پکيڙ ۾ اسان جي صوبي سنڌ کان چئوڻ تي وڏو ٿيندو. سنڌ جي پکيڙ 1,41,000 چورس ڪلوميٽر آهي ۽ اسپين جي 5,06,000 چورس ڪلوميٽر. اسپين جي آدمشماري اڄ ڪلهہ پنجاهہ ملين آهي. اڪثريت جو مذهب رومن ڪئٿولڪ آهي. اسپين يورپ جي ملڪن ۾ چوٿون نمبر وڏو ملڪ آهي. يورپ ۾ سڀ کان وڏو ملڪ روس آهي، ٻئي نمبر تي يوڪرين، ٽئين نمبر تي فرانس... دراصل ڏٺو وڃي تہ روس تہ تمام وڏو ملڪ آهي ۽ پکيڙ ۾ يورپ کنڊ جو 70 سيڪڙو ٿيندو. باقي يوڪرين، فرانس، اسپين ۽ ويندي سُئيڊن، جيڪو پنجون نمبر ملڪ آهي تقريبن هڪ جيڏا آهن. ان بعد ٻيا ملڪ بيلجيم، هاليند، پوليند وغيره ننڍا ننڍا ملڪ آهن، ويندي انگلنڊ بہ، جيڪو اسپين جي اڌ جيڏو آهي.

اسپين جي گاديءَ جو هنڌ مئڊرڊ (Madrid) آهي، جيڪو هوائي جهاز رستي لنڊن کان اڍائي ڪلاڪن جي فاصلي تي آهي ۽ مئڊرڊ کان نيويارڪ ستن ڪلاڪن جو فاصلو آهي. اسپيني قوم 17 خودمختيار ڪمونيٽين ۾ ورهايل آهي، جن جي هر علائقي (Region) ۾ پنهنجي پنهنجي صوبائي حڪومت آهي. اسپين جي اتر ۾ پائرينيز (Pyrenees) جبلن جي قطار آهي، جيڪا فرانس ۽ هڪ ننڍڙي ملڪ انڊورا (Andorra) جي وچ ۾ قدرتي باردر ٿي ٿاهي.

جيئن انڊيا جي سرزمين کان عربي سمنڊ جو 'لڪديپ' ٻيٽ ۽ خليج بنگال سمنڊ جو 'انڊامان' ۽ 'نڪوبار' ٻيٽ انڊيا جي قبضي ۾ آهن،

تيئن اڄ جي اسپين ۾ ڪجهہ علائقا ۽ ٻيٽ آهن، جيڪي ڏورانهان هجڻ جي باوجود اسپين جي قبضي ۾ آهن. جن هنڌن تي اسپين جي فوج ۽ اسپين جو سڪو ’پسيتو‘ (Peseta) هلي ٿو. اهي علائقا ’سُوتا‘ (Ceuta) ۽ ’ميليلا‘ (Melilla) آهن. جيڪي آفريڪا کنڊ جي موراڪو ملڪ اندر اچن ٿا. ان کان علاوه پونچ سمنڊ جا چار ٻيٽ: ’فارمينتريا‘ ۽ ’ابزيز‘، ’مايورڪا‘ ۽ ’مينورڪا‘ جيڪي ’باليبار‘ ٻيٽ (Baleric Islands) سڏجن ٿا. ان کان هي ’سَت ڪَناري‘ ٻيٽ (Canay Islands) جيڪي آفريڪا کنڊ کان سؤ کن ڪلوميٽر پري آهن. جن مان لاس پاماس ٻيٽ تي اسان جو جهاز ويو هو ۽ جنهن جو احوال منهنجي پهرئين سفرنامي ’منهنجو ساگر منهنجو ساحل‘ ۾ تفصيل سان آهي.

اسپين جون ٻہ اهم نديون آهن. هڪڙي نوَ سؤ ڏهہ ڪلوميٽر ڊگهي ’ريو ايبرو‘ ۽ ٻي ايڪهتر ڪلوميٽر ڊگهي ’تاگوس ندي‘ آهي. اسپين فليمنگو ناچ، ٽوماٽينا (ٽماٽن هٽڻ جي جشن)، سانن اڳيان ڊوڙڻ ۽ بُل فائٽنگ ڪان مشهور آهي.

اسپين سان، اسان مسلمانن جو ويجهو واسطو رهيو آهي، جو اميہ گهراڻي جي اسپين تي ست سؤ کن سال حڪومت رهي. هنن 711ع کان 1492ع تائين هن علائقي تي حڪومت ڪئي. ٿورو تاريخ جو جائزو وٺجي تہ هن ريت ٿيندو: مغربي رومن سلطنت جي ختم ٿيڻ تائين اسپين، رومن حڪومت جي ماتحت رهيو. 476ع ۾ جرمان بادشاه اوڊاسر (Odoacer) مغربي رومن سلطنت جي آخري حاڪم رومولس اگسٽولس (Romulus Augustulus) کي اٽليءَ ۾ شڪست ڏني. رومن سلطنت جي مشرقي حصي جو بچاءُ ٿي ويو. جيڪا بازنطيني سلطنت (Byzantine Empire) سڏجڻ لڳي، جنهن جي گاديءَ جو شهر قسطنطنيہ (Constantinople) رکيو ويو. هيءَ سلطنت ترڪيءَ جي سلطنتِ عثمانيہ جي 1453ع ۾ طاقت ۾ اچڻ تي ختم ٿي. ترڪيءَ جي سلطنتِ عثمانيہ (Ottoman Empire) قسطنطنيہ جو نالو بدلائي ’استنبول‘ رکيو.

بهرحال 476ع ۾ مغربي رومن سلطنت جي ختم ٿيڻ تي يورپ جي ’ويزگوٿا قبيلي‘ فرانس جي ڏاکڻي حصي ۽ آئيبيريا اپ ٻيٽ (اڄ جي اسپين ۽ پورچوگال) تي قبضو ڪيو ۽ ويزيگوٿا سلطنت قائم ڪيائون. اسپين تي سنڌن حڪومت 711ع تائين قائم رهي، ان بعد اسپين کي اميہ گهراڻي فتح ڪيو ۽ سڄي آئيبيريا اپ ٻيٽ تي مسلمانن جي ست سؤ کن سال 1492ع تائين حڪومت رهي.

مسلمانن جي دورِ حڪومت ۾ الاندلس معاشي ۽ علمي حساب سان وڏو مرڪز رهيو. سندس شهر قرطبہ (Cordoba) دنيا جي وڏن ۽ امير شهرن مان هڪ مڃيو ويو ٿي. آخرڪار آئيبيريا يعني اسپين ۽ پورچوگال جو ڪنٽرول عيسائي سلطنتن حوالي ٿيو ۽ 1492ع ۾ هنن مڙني مسلمان حاڪمن کي اسپين مان پڇائي ڪڍيو. ان ساڳئي سال ڪرسٽافر ڪولمبس آمريڪا کنڊ جي نئين دنيا ڳولي لڌي. هي مهم جُو همراهہ ’ڪولمبس‘ اسپين جي حاڪم طرفان موڪليو ويو هو. اها ڄاڻ پوڻ تي تہ ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ٻئي پاسي نہ فقط هڪ وڏي دنيا آهي، پر اها ڌاتُن ۽ زرعي پوک لاءِ بهترين زمين آهي... پوءِ اسپيني ماڻهن جي قبضي خاطر ڊوڙ لڳي وئي. ڏسندي ئي ڏسندي سڄو ڏکڻ آمريڪا ۽ سينٽرل آمريڪا اسپين جي حوالي ٿي ويو. ٿورو گهڻو جيئن تہ برازيل تي پورچوگالين جو قبضو ٿيو. تمام ننڍڙا حصا فرانس ۽ ٻين يورپي ملڪن جي ب نصيب ۾ آيا. ڏسندي ئي ڏسندي اسپين جيڪو ستن صدين کان مسلمانن جي قبضي ۾ هو، اهو يورپ جو امير ترين ملڪ ٿي ويو. هڪ طرف هنن مسلمان حاڪمن جي غلاميءَ مان جان ڇڏرائي، ٻئي پاسي نئين دنيا جون زمينون ۽ ڌاتو وغيره هنن کي ملي ويا. ٽئين طرف آئيبيريا اپ ٻيٽ جي ٻئي حصي پورچوگال جي رهاڪن (واسڪوڊاگاما وغيره) ڪيپ آف گڊ هوپ ڪراس ڪري انڊيا ۽ ملايا پهچڻ ۽ اتي جي ملڪن تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي.

آمريڪا کنڊ تي اسپيني ۽ پورچوگالين جو قبضو تہ ٿي ويو، پر اتي زمينن تي پوک جي ڪم لاءِ ۽ کاڻين مان ڌاتو ڪڍڻ لاءِ هنن آفريڪا

مان شيدين کي غلام طور آندو. ڪجهه پر وارن ڪئريبين ٻيٽن جي ماڻهن جو اچڻ ٿيو. نتيجي ۾ اڄ جيڪي آمريڪا ۾ شيدي ڏسو ٿا اهي ان وقت جي آفريڪي شيدي غلامن جو اولاد آهن. اهڙي طرح گورن ۾ به پورچوگالين کان علاوه يورپ جي مختلف ملڪن جا ماڻهو آهن، جيڪي آمريڪا جي خوشحاليءَ جو ٻڌي پنهنجا وطن ڇڏي، هتي هميشه لاءِ رهائش پذير ٿي ويا. ويندي پورچوگالي ڪالوني، برازيل ۾ توهان کي لکين جپاني ملندا، جيڪي هڪ يا ڏيڍ صدي اڳ جاپان ۾ غربت ڪري برازيل ۾ پوک لاءِ آيا ۽ هتي ئي ترسي پيا. هُو پنهنجي مادري زبان جپانيءَ کان علاوه ملڪ جي قومي ٻولي ’پورچوگالي‘ ڳالهائين ٿا. اهڙي طرح آمريڪا جو وڏو حصو اسپيني ڳالهائي ٿو ۽ هنن تي اسپيني تهذيب، تمدن، رسم و رواج جو وڏو اثر آهي. بعد ۾ اسپين ۽ پورچوگال حڪومتن جا آمريڪي ملڪ آزاد ٿي ويا. سورهين صديءَ کان اوڻيهين صديءَ جي شروعات تائين اسپين دنيا جي هڪ وڏي سلطنت تي حڪومت ڪئي ٿي. اڄ اهي ملڪ اسپين يا پورچوگال جي قبضي ۾ نه آهن پر اتي اسپيني ۽ پورچوگالي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جيئن اسان وٽ سنڌي ڪنڌ ۾، انگريزن جي وڃڻ بعد به انگريزي عام هلي پئي. دنيا ۾ انگريزيءَ بعد ٻئي نمبر تي اسپيني ڳالهائي وڃي ٿي. اٽڪل چار سؤ ملين کان مٿي ماڻهو اسپيني ڳالهائين ٿا. اسپيني ٻوليءَ کي ’ايسپاچول‘ ۽ ’هسپانوي‘ به سڏيو وڃي ٿو. نموني خاطر اسپيني ٻوليءَ جا ڪجهه بنيادي لفظ هيٺ لکان ٿو:

- Hola - Hello
- Adios - Good Bye
- Si - Yes
- No - No
- Senora - Mrs
- Senorita - Miss

- Por Favor - Please
- Gracias - Thank you
- Lo Siento - Sorry
- Salud - Bless you
- Yono comprendo - I do not understand.
- Bella - Beautiful.

اسپين جا رهاڪو Spanish ماڻهو به سڏجن ٿا ته Spaniards به. ڏکڻ آمريڪا جا اسپيني ڳالهائڻ وارا ماڻهو عام طرح Hispanic يا Latino (هسپانوي) سڏجن ٿا. وچ آمريڪا جي ملڪ ميڪسيڪو کان ڏکڻ آمريڪا جي چيڙي واري ملڪ چلي ۽ ارجنتائين تائين وارو علائقو 'لئٽن آمريڪا' سڏجي ٿو. لئٽن آمريڪا ۾ جيتوڻيڪ مختلف ملڪ ۽ ماڻهو اچي وڃن ٿا، پر منجهن ڪامن ڳالهه اها آهي ته هڪ ته هُو گهڻي ڀاڱي رومن ڪئٿولڪ آهن ۽ ٻيو ته عام ٻولي اسپيني ڳالهائي وڃي ٿي.

مٿيون ڳالهيون سمجهه ۾ اچڻ بعد هاڻ اسان جا ماڻهو لئٽن آمريڪا، هسپانڪ آمريڪا ۽ آئبيرو آمريڪا جو مطلب سمجهي سگهن ٿا. 'لئٽن آمريڪا'، آمريڪا کنڊ جو اهو حصو آهي، جنهن ۾ اهي ملڪ ۽ علائقا اچيو وڃن ٿا، جتي اسپيني، پورچوگالي ۽ فرينچ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. اتي جا ماڻهو 'لئٽينو' سڏجن ٿا. 'لئٽن آمريڪا' ٽرم انهن ملڪن لاءِ به استعمال ٿئي ٿو، جتي پورچوگال، اسپين ۽ فرانس وارن جي حڪومت هئي. ڏکڻ آمريڪا ۾ پورچوگالي ڪالوني برازيل هو. فرانس جي قبضي ۾ هائٽي، ڊومنيڪن، ريپبلڪ، فرينچ گائنا هو. اسپين وارن جي هٿ ۾ ڪيترائي ملڪ رهيا جتي هينئر اسپيني ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي.

هڪ ٽرم 'هسپانڪ آمريڪا' به توهان ڪي ٻڌڻ ۾ ايندو. اهو لفظ انهن ملڪن لاءِ استعمال ٿئي ٿو، جتي اسپين جو اثر رسوخ رهيو ۽ اسپيني ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. انهن ملڪن جا ماڻهو چلي، ارجنتائنا، وينزوئلا وغيره کان لڏي USA اچن ٿا ته انهن کي 'هسپانوي' سڏجي ٿو.

اهڙي طرح ’آئيبيرو آمريڪا‘ ٽرم آهي، جنهن ۾ اهي ملڪ اچن ٿا جيڪي آئيبيريا اپ ٻيٽ ’پيننشولا‘ جي ملڪن اسپين ۽ پورچوگال جي راڄ ۾ هئا ۽ جتي اسپيني ۽ پورچوگالي ڳالهائي وڃي ٿي. سو اهي ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ بعد توهان هاڻ سمجهي ويا هوندائو ته اسان جو ليڪ جڏهن اسپيني ڳالهائڻ وارن جي ڳالهه ڪري ٿو ته هن جو مطلب اسپين ملڪ جي شهرن مئڊرڊ، قرطبا، غرناتا يا بارسلونا کان آيل ماڻهن جي نه، پر لئٽن آمريڪا کان لڏي آيل مڪسچر جي ڳالهه ڪري ٿو، جيڪي گئاتمالا، نڪراگئا، اڪيدار، چلي جهڙن ملڪن کان لڏي آيا ۽ جيڪي اسپيني ڳالهائين ٿا.

## آخر ۾ ٻه اکر هاڻوڪي اسپين بابت:

اسپين بابت ڄاڻ رکڻ جو اهو ٻه سبب آهي ته اسان مسلمانن جو ماضيءَ ۾ اسپين سان وڏو واسطو رهيو آهي. اسپين ۽ سنڌ تي تقريبن هڪ ئي سال 711ع ۾ عربن فتح حاصل ڪئي. اسپين ٿو وڃجي ته اتي جي ڪيترن شهرن جا نالا ٻڌي، عرب مسلمانن جي حڪومت ياد اچي ٿي، جن اهي شهر ٻڌرايا ۽ انهن جي دؤرِ حڪومت ۾ اهي شهر ’بَلَي بَلَي‘ هئا. اتي جي شهرن جون مسجدون، مدرسا، انهن ۾ جنم وٺندڙ يا انهن ۾ اچي رهندڙ دين جا عالم، سائنسدان، تاريخدان، جاگرافر، اديب، شاعر ۽ انهن جون لکڻيون مسلمانن جي خوشحالي، ترقي ۽ بهتر واپار جي ياد ڏيارين ٿا.

پندرهين صديءَ جي آخر ۾ اسپين وارن، مسلمانن کي پڇائي ڪڍڻ بعد نه فقط پنهنجي ملڪ اسپين جو ڪنٽرول سنڀاليو، بلڪِ آمريڪا ۾ نوان ملڪ هٿ ڪيا، پر سورهين صديءَ ۾ ڪيترن ئي يورپي ملڪن تي به حڪومت ڪئي، جهڙوڪ: پورچوگال، نيدر لئنڊ ۽ ڪجهه حصا فرانس، جرمني ۽ اٽلي ۽ آسٽريا جا.

اسپيني سِول لڙائي 1936ع کان 1939ع تائين اسپين ۾ ڪافي تباهي آندي. ان بعد 1939ع کان 1975ع تائين هتي جو فوجي ’جنرل

فرئنڪو‘ ملڪ جو ڊڪٽيٽر ٿي رهيو. 1975ع ۾ جنرل فرئنڪو جي مرڻ بعد جان ڪارلوس (Jaun Corlos) اسپين جو بادشاهه ٿيو. پاڻ اسپيني سِول لڙائيءَ جي ڏينهن واري بادشاهه ’الفنسو تيرهين‘ جو پوٽو هو.

جان ڪارلوس 2014ع ۾ تخت تان لاٿو ويو ۽ ان جي جاءِ تي هاڻ فيليپي ڇهون (Felipe VI) اسپين جو بادشاهه آهي. اولاد ۾ ڪيس ٻه ڌيئرون ’ليونور‘ ۽ ’صوفيا‘ آهن.

پاڻ ليڪڪ منصور ٿلهي جي تعليم بابت لکي رهيا هئاسين ته هُو سنڌي ادب ۾ هڪ قابل شخص آهي. هن عالم فاضل ڪان وٺي پي ايچ ڊي تائين سنڌيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪئي. سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ گرئجوئيشن ڪرڻ بعد، ايم فل علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. گذريل سال 2021ع ۾ ڪيس Ph.D جي ٻه ڊگري ڏني وئي. سندس ايم فِل ٿيسز جو ڪتاب جلد اچڻ وارو آهي، جنهن جو خوبصورت ٽائيٽل اڄ ڪلهه فيسبُڪ تي نظر اچي ٿو. ڪتاب جو نالو ٿيسز وارو آهي، ’سنڌي ۽ سرائيڪي ناول نگاريءَ ۾ موضوعي ۽ فني هڪجهڙايون.‘

منصور جي ٻين گهڻ ڪتابن وانگر، هي ڪتاب ٻه سنڌ جو مشهور پبلشر ساجد سنڌي، سمبارا پبليڪيشن طرفان ڇپي رهيو آهي.

منصور صاحب جا پندرنهن کن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، ٻيا ڇپائي هيٺ آهن، جن مان گهڻا تڻا تحقيق ۽ ادب تي آهن. ٽي کن سفرناما ٻه آهن. ڪالم نويس محمد حسين ’دلشاد‘، منصور جي ادبي خذمتن بعد پنهنجي مضمون ’سونهان سُڌيون ڏين...‘ ۾ لکي ٿو ته، ”منصور صاحب کان هڪ ڏينهن هن سوال پڇيو ته. ”سائين! آتم ڪٿا لکڻ جو ارادو نه آهي ڇا؟“

ٿهه پهه وراڻيائين، ”نه.“

ٻيو سوال ڪيم، ”نه جو سبب ٻڌايو؟“

جواب ڏنائين، ”سچ لکڻ ۽ پنهنجين ڪمزورين کي لکڻ ۾ همت گهرجي. ماڻهو پنهنجي ڪمزورين کي اوڏيهه ويهه يعني بيان ڪونه ڪندا

آهن، باقي ڪارنامن ڪي وڏي واڪي پيش ڪندا. دنيا ۾ ڪيترن ماڻهن پنهنجيون آتم ڪٿائون لکيون، ان ۾ ايڏو سچ لکيو اٿن، جو اهو هر ماڻهوءَ کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو ته اهو سچ ڪيئن لکيو اٿن.“

دلشاد صاحب، هن مضمون ۾ هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته، ”مون خيرپور، سکر ۽ حيدرآباد جي بُڪ اسٽالن تان منصور ٿلهو صاحب جا ڪتاب پڇايا، پر ڪنهن به اسٽال تان ڪتاب ڪونه مليا.“ ان باري ۾ ڪچهري ڪندي، هن ڪائنس سوال ڪيو ته، ”اوهان جا ڪتاب مارڪيٽ ۾ بُڪ اسٽالن تان نٿا ملن، تنهن جو ڪهڙو سبب آهي؟“

ٻڌايائين ته، ”مان ڪتاب وڪري لاءِ نه ڇپرائيندو آهيان. ها هڪ ٻن دوستن جا بڪ اسٽال آهن، انهن کي مفت ۾ ڏيندو آهيان. ڪجهه ڪتاب ادب دوستن، اديبن ۽ لائبريرين ۾ ورهائي ڇڏيندو آهيان.“

منصور ٿلهو، مولائي دين محمد (زاهد حسين ابڙو جو ڏاڏو)، ڪلياڻ داس ۽ منصور جي ڏاڏي بخشل خان ۽ جسٽس راڻا ڀڳوان داس ۽ علي اڪبر ڊڪڻ جو ڳوٺ نصيرآباد آهي. منصور ٿلهو، نصيرآباد کي ڇڏي 2010ع ۾ مائيڪل ٽائسن، اٿلي ماسرو، پريا آنند، حامدي الوڪايا، عمر ياغي، عبدالرحمان جي آمريڪي ڳوٺ البني (Albany) ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. هُن هِن سفرنامي جو نالو به پنهنجي پراڻي ۽ نئين ڳوٺ ’آڏي‘ ۽ ’البني‘ نالي وقف ڪيو آهي. دراصل آڏي ڳوٺ، نصير آباد جو ئي حصو آهي، جيڪو نصيرآباد کان ٽن چئن ڪلوميٽرن تي آهي. جتي منصور جي ڏاڏي بخشل خان جون جاگيرون آهن. اسڪول ۽ ٻين سهوليتن جي ڪري ۽ منصور جي والد جي نوڪريءَ جي ڪري هنن کي نصيرآباد ۾ رهڻو پيو ۽ هاڻ ته منصور جا ڀائر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا، سواءِ هڪ ڀاءُ سجاد ٿلهي جي، جيڪو زمينن جي ديک ڀال لاءِ نصيرآباد ۾ رهي ٿو. سندن والد ’در محمد ٿلهو‘، جيڪو هن وقت نوَي کن سالن جو ٿيندو، اڄ به نصيرآباد ۾ خوش گذاري ٿو، جتي بقول منصور جي آڏي ڳوٺ مان گهڻا ماڻهو لڏي ويا آهن. فقط چند ذاتين وارا ’کوکر‘، ’ڪوري‘، ’ڪنير‘ ۽ ’بروهي‘ ذات جي ماڻهن جا گهر وڃي بچيا آهن.

مٿي نصيرآباد ۽ البني جي ڪجهہ ماڻهن جا نالا لکيا اٿم. منهنجي نظر ۾ اهي بيحد اهم شخصيتون آهن. جن کان منهنجا پڙهندڙ ضرور واقف هئڻ گهرجن. مزي جي ڳالهہ اها تہ راڻا ڀڳوانداس ۽ علي اڪبر ڍڪڻ صاحب جن سان منهنجي سڃاڻپ چاليهہ سال کن اڳ ٿي، پر اها خبر مون کي بہ نہ هئي. هي ’پيش لفظ‘ لکندي ٿي تہ اهي سيئي يار منصور ٿلهي جي ڳوٺ نصيرآباد جا هئا.

’علي اڪبر ڍڪڻ‘، مون کان چار سال وڏو آهي يعني 1940ع ۾ ڄائو. منهنجي ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جي ڪلاس ميٽ ’شوڪت جماڻيءَ‘ مون کي ڍڪڻ صاحب سان ملايو هو. سندس ڪهاڻي محنت ۽ جفاڪشيءَ جي آهي. سندس والد محمد رمضان ڍڪڻ هڪ پورهيت هو. جنهن رازڪو ڪم ڪيو ٿي. ننڍڙو علي اڪبر، ٽي ميل پنڌ ڪري اسڪول ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ ڪوبہ ڳوٺاڻو ٻار اسڪول نہ ويندو هو. 1958ع ۾ هن نصيرآباد مان مئٽرڪ ڪئي. وٽس وڌيڪ پڙهڻ لاءِ پئسو نہ هو. علي اڪبر ٻڌائي ٿو تہ، ”ان زماني ۾ هن جي والد صاحب کي رازڪي جي مزدوري فقط ٻہ روپيہ ملي ٿي. ان دوران شادي بہ ٿي ۽ ڪنهن همدرد هن کي ڪلارڪي وٺرائي ڏني. ان بعد ٺٽدوچام ۾ ’ڳوٺ سڌار‘ ۾ بہ ڪم ڪيائين. ان بعد 1961ع کان بدين، ميهڙ، ڏوڪري، وارهہ، ڄامشورو ۽ حيدرآباد جي هاءِ اسڪولن ۾ پڙهايو. ان دوران بيچلر، ماسٽرس ۽ ايڪانامڪس ۾ Ph.D ڪئي. جنهن کان پوءِ سنڌ حڪومت ۾ اسسٽنٽ چيف پلاننگ آفيسر ٿيو ۽ پوءِ 1975ع ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر اسٽيٽ بئنڪ ٿيو. رٽائرڊ ٿيڻ بعد هن سنڌ جي سيني يونيورسٽين ۾ پڙهايو. ڪراچي جي ’زئبسٽ‘، ’اندس‘، ’ڪئسبٽ‘ ۽ ’بزٽيڪ‘ يونيورسٽين ۾ ڊين فئڪلٽيز ۽ پروفيسر ٿيو. پاڻ ڪيترن ئي انگريزي ۽ سنڌي ڪتابن جو مصنف آهي. خاص ڪري هن جو شاهہ جي رسالي تي وڏو ڪم ٿيل آهي.“

نصيرآباد جي جسٽس راڻا ڀڳوان داس کان تہ هر ڪو واقف هوندو. هُو 1942ع ۾ ڄائو ۽ 73 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. هُو هڪ باعزت

جج سمجهيو وڃي ٿو. پاڻ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو ’ائڪٽنگ چيف جسٽس‘ بہ رهيو. پاڻ ’فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن آف پاڪستان‘ جو چيئرمين بہ رهيو. هن ماسٽرس ڊگري ’اسلامڪ اسٽڊيز‘ ۾ ڪئي.

راڻا ڀڳوانداس، پهريون هندو جج ٿي گذريو آهي. هُونءَ مزي جي ڳالهہ اها تہ پهرين هندو عورت جج بہ راڻا ڀڳوانداس جي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ’سُمن پاوَن بوداني‘ آهي. سُمن قانون ۾ ماسٽرس ڪرڻ بعد وڪالت شروع ڪئي ۽ وڏيڪ امتحانن بعد جج مقرر ٿي. سندس پتا ’ڊاڪٽر پاون ڪمار‘ اکين جو ماهر ڊاڪٽر آهي ۽ هن جي وڏي ڀيڻ سافٽ ويئر انجنيئر آهي ۽ ٻي ڀيڻ ’چارٽرڊ اڪائونٽنٽ‘ آهي.

مولائي دين محمد جو پوٽو زاهد حسين ابڙو پڻ نصيرآباد جو آهي، جنهن 1977ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايڪانامڪس فائننس ۾ تعليم حاصل ڪئي. پاڪستان ۾ مختلف وڏن عهدن تي رهڻ بعد اڄ ڪلهہ هُو نيويارڪ ۾ رهي ٿو. هُو دنيا جي 150 ويسٽرن يونين جو آفيسر آهي ۽ هُو هڪ هنڌ ويهي 24 ئي ڪلاڪ ڪم جو ذميوار رهي ٿو. زاهد ابڙو صاحب 1964ع ۾ نصيرآباد ۾ جنم ورتو.

زاهد ابڙو صاحب ۽ منصور ٿلهي صاحب جي ڏاڏن جو هڪ همعمر ڪلياڻ داس بہ هن ڌرتي نصير آباد جو نيڪ فرزند ٿي گذريو آهي، جيڪو سخاوت جي ڪمن ڪان هن علائقي ۾ مشهور هو. افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ ههڙي مخيّر انسان کي اسان جي ڌاڙيلن قتل ڪري ڇڏيو. ان بعد سندس اولاد نصيرآباد ڇڏي ويو. سندس ڪجهہ اولاد هاڻ شايد ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

اهي تہ ٿيا منصور ٿلهي جي اصلي ڳوٺ آڏيءَ (نصيرآباد) جا ڪجهہ ماڻهو. اهڙي طرح سندس هاڻوڪي ڳوٺ ’البني‘ جا ڪجهہ ماڻهو جن بابت پاڻ ٻڌايائين هن ريت آهن:

”هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي اسان جا ماڻهو بہ سڃاڻن ٿا يا پڙهي حيرت ٿيندي تہ نصيرآباد جيڏي شهر البنيءَ ۾ اهڙا ماڻهو رهيا يا

زندگيءَ جو وڏو عرصو ان ۾ گذاريو. جهڙوڪ باڪسر مائيڪ ٽائيسن، جيڪو 1987ع کان 1990ع تائين دنيا جو هڪ عظيم هيوي ويٽ باڪسر ٿي رهيو. 1992ع ۾ ٽائيسن زنا جي ڪيس ۾ گرفتار ٿيو ۽ ڇهه سال جيل آيو هوس. باڪسنگ کان رٽائرڊ ٿيڻ بعد هن 350 ڪبوتر پالڻ جو شوق ڪيو. 2007ع ۾ نشي واري حالت ۾ گاڏي هلائڻ ڪري هن کي چوويهه ڪلاڪ وري جيل ۾ رکيو ويو. هن فلمن ۾ به ڪم ڪيو، جن مان سال 2009ع جي فلم 'The Hangover' مشهور آهي.

استنبول (ترڪي) جي مشهور يونيورسٽي 'استنبول ٽيڪنيڪل يونيورسٽي' جي جيولاجيڪل ڊپارٽمينٽ جي هيڊ 'پروفيسر علي محمد جلال شنگور' (Celal Sengor) پڻ البني (آمريڪا) جا ڪجهه اهم ماڻهو ٻڌايا هئا. جلال شنگور، ترڪيءَ ۾ 1955ع ۾ ڄائو ۽ جيالاجسٽ آهي. سندس وڏو عرصو منصور ٿلهي جي هاٽوڪي آمريڪي ڳوٺ البني ۾ گذريو ۽ هن جيالوجيءَ ۾ البني جي يونيورسٽي 'سني يونيورسٽي' مان 1982ع ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي هئي.

آمريڪا جي نيويارڪ رياست جو البني ڳوٺ، جنهن جي آدمشماري پاڪستان جي سنڌ صوبي جي ڳوٺ نصيرآباد جيتري ضرور آهي، پر دنيا ۾ عمارتسازي، ڪامرس، ڪلچر، اعليٰ تعليمي درسگاهن ۽ اعليٰ تاريخ کان مشهور آهي. مٿين يونيورسٽي سني (SUNY) 'اسٽيٽ يونيورسٽي آف نيويارڪ، البني' هڪ ٽاپ جي يونيورسٽي آهي، جنهن جا ڪيترائي آمريڪن ۽ ٻين ڪنڊن جا گرئجوئيٽ دنيا ۾ مشهور آهن. نصيرآباد جيڏي البني شهر ۾ هن يونيورسٽي (SUNY) کان علاوه به ٿي ٻيا به مشهور تعليمي درسگاهه آهن:

- البني ميڊيڪل ڪاليج
- ڪاليج آف سينٽ روز
- ايڪسيلسر ڪاليج
- البني ڪاليج آف فارميسي ائنڊ هيلٿ سائنسز

♦ البني لا اسڪول وغيره.

اڄ ڪلهه جي مشهور فلمي اداڪاره، ڪاميڊي، ليکڪ ۽ ٽي وي هوسٽ ’آڪوافينا‘ (Awkwafina) پڻ البنيءَ جي آهي، جتي هن 1988ع ۾ جنم ورتو. هڪ ٻيو فلمي ائڪٽر، پروڊيوسر ۽ ليکڪ ’ايڊورڊ برن‘ جو واسطو پڻ البني سان آهي.

عورتن جي پروفيشنل ملهه ۽ ماڊل، چاليهه سالن جي ’ائشلي ماسارو‘ پڻ هتي جي آهي. ڪيس اسان مان ڪيترن ئي ٽي وي تي WWE (ورلڊ ريسلنگ انٽرٽينمينٽ) ڪُشتي پروگرامن ۾ ڏٺو هوندو. هُوءَ 39 سالن جي ڄمار ۾ 2019ع ۾ اوچتو گذاري وئي.

انڊيا جي هڪ فلم ائڪٽريس ۽ ماڊل ’پريا آنند‘ به البني جي مشهور شخصيت آهي. هُوءَ 1986ع ۾ ڏکڻ انڊيا جي شهر چنائيءَ ۾ ڄائي. ڪيس مائٽن اعليٰ تعليم لاءِ ننڍي هوندي ئي آمريڪا موڪليو هو، جتي هن البني جي SUNY يونيورسٽيءَ مان ڪميونيڪيشن ۽ جرنلزم ۾ تعليم حاصل ڪئي. سال 2008ع ۾ هن وطن موٽي ماڊلنگ ۽ فلمن ۾ ڪم شروع ڪيو. پهرين تامل فلمن ۾ ان بعد مليالم هندي، تيلگو ۽ ڪنهڙ فلمن ۾ ڪم ڪيو. هندي فلمن ۾ هن جون ٽي فلمون مشهور آهن، ’انگلش ونگلش‘، ’رنگريز‘ ۽ ’فقري‘. 2013ع جي فلم ’فقري‘ هڪ ڪميڊين فلم آهي، جيڪا سنڌي پروڊيوسر ’رتيش سڌواڻيءَ‘، چندن ٽوٽا رام جي پٽ ناهي، جنهن کي سندس پهرين فلم ’دل چاهتا هي‘ تي 2001ع ۾ نئشنل ايوارڊ مليو هو.

پريا آنند اڄ به هنديءَ کان وڌيڪ سائوٿ انڊين ٻولين، تامل، تيلگو، مليالم ۽ ڪنهڙ فلمن ۾ ڪم ڪري ٿي، جيڪي سري لنڪا، سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾ پڻ عام ڏٺيون وڃن ٿيون ۽ اهو ئي سبب آهي جو پريا، انڊيا کان علاوه متين ملڪن ۾ به مشهور آهي.

هڪ ٻيو مشهور ترڪ همراهه ’حمدي اولوڪايا‘ جيڪو ڪُرد نسل جو آهي، ان جو واسطو پڻ هن شهر البنيءَ سان آهي. توهان جو جيڪڏهن

آمريڪا ۾ رهڻ ٿيو آهي ته اتي جي مشهور ۽ اعليٰ درجي جي ’چوباني يوگرٽ‘ (ڏڌو‏نرو) ضرور ٻڌو هوندانوَ. حمدي (Hamdi Ulukaya) هڪ امير، وڏو واپاري، سخي مرد (Philanthropist) ۽ انساني حقن جو علمبردار (Activist) آهي، جيڪو آمريڪا جي هڪ اعليٰ فوڊ ڪمپني ’Chobani‘ جو مالڪ ۽ چيئرمين آهي. حمديءَ 1972ع ۾ ترڪيءَ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ جنم ورتو. هن جي فئمليءَ ’فرات نديءَ‘ جي ڪناري تي رڍون پاليون ٿي ۽ کير مان پنير ٺاهي وڪيو ٿي. هُونءَ ڪيترا اهو سمجهن ٿا ته ’فرات‘ ۽ ’دجله‘ نديون فقط عراق مان وهن ٿيون. بلڪل صحيح آهي، پر ’فرات ندي‘ جيڪا 2800 ڪلوميٽر ڊگهي آهي، شروع ترڪيءَ کان ٿئي ٿي ۽ شام ملڪ مان گذري، عراق ۾ ’شط العرب‘ وٽ ’دجله نديءَ‘ سان ملي، ايراني نار ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

’انقره يونيورسٽي‘ ترڪيءَ مان تعليم حاصل ڪرڻ بعد حمدي انگريزي ۽ بزنيس جي تعليم لاءِ 1994ع ۾ آمريڪا آيو ۽ يونيورسٽي آف البني مان گرئجوئيشن ڪيائين. ان بعد هن ڏڌو‏نرو (Yogurt) ٺاهڻ ۽ وڪڻڻ جو ڪم شروع ڪيو. پنهنجي ڏڌو‏نري (ڏهيءَ) جو نالو ’چوباني‘ رکيو، جيڪو ترڪ ٻولي جي لفظ ’چوبان‘ مان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’ريڍار.‘ حمدي پنهنجي بهترين ڏڌو‏نري مان ايڏو ڪمايو آهي، جو اڄ ڪلهه دنيا جي سئو ملڪن جي امير ترين ماڻهن مان هڪ آهي، پر يارو حمديءَ جو خير خيرات جي ڪمن ۾ به دنيا ۾ نالو آهي. هُو وڏو سخي مرد آهي، جنهن خاص ڪري پنهنجي ڪُردن ۽ عراق توڙي شام جي ڏتڙيلن جي وڏي مدد ڪئي آهي.

منصور ٿلهي صاحب جي هن نئين ڳوٺ البني جا مشهور ماڻهو ته گهڻا ئي آهن، پر هتي آخر ۾ به ٻين جا نالا لکان ٿو، جن جو توهان هتي البني توڙي ڪئليفورنيا جي شهر ’برڪلي‘ ۾ نالو ٻڌندانوَ. هڪ ته پروفيسر ’عمر مونس ياغي‘، جيڪو اردن جي شهر عمان ۾ 1965ع ۾ ڄائو. 15 سالن جي ننڍي عمر ۾ هُو تعليم لاءِ آمريڪا پهتو ۽ البني جي

يونيورسٽيءَ مان ڪيمسٽري ۾ پي ايچ ڊي ڪيائين. اڄ ڪلهه هُو ڪئليفورنيا جي شهر برڪلي جي ’يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا‘ ۾ ڪيمسٽريءَ جو پروفيسر آهي. هيءَ اها يونيورسٽي آهي، جتان ’ڪامارو شريف‘ جي ’پير تاج محمد قريشيءَ‘ گرئجيوئيشن ڪئي، جنهن بابت هن کان اڳ پير تاج محمد جي سفرنامي ۾ لکي چڪو آهيان. البني ۾ سنڌ جا هندو به گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا. جيڪي سنڌ کان لڏي هندوستان ويا، پوءِ آمريڪا ۾ اچي سيٽل ٿيا. ڪيترائي سنڌي هندو خاندان، آمريڪا جي هن شهر البني ۾ رهن ٿا. اُهي ڪاروباري آهن، ڪي وڏن عهدن تي پڻ آهن. دادو ضلعي جي ميهڙ شهر جو ’ڊاڪٽر ڪاڪا لعلچند سوبچا‘ جي فئملي نيويارڪ ۽ البني ۾ رهي ٿي. ’ڊاڪٽر دليپ سوبچا‘ به البني ۾ رهي ٿو.

صوماليا جي گورنر ۽ هاڻ وزيرِ خزانه جو نالو ’عبدالرحمان فئرول‘ به هن لسٽ ۾ ڏيندو هلان، جنهن جو پڻ هن ڳوٺ البني ۾ رهڻ ٿيو ۽ هتان تعليم حاصل ڪئي. هن شخص عبدالرحمان فئرول کي مون جهڙا جهازران، خلاصي، Seafarer ياد ڪندا هوندا، جنهن جي سخت قدم ۽ سزائن جي ڪري غواردافوي (Guardafui) چئنل ۾ قزاقن جي حملن ۾ گهٽتائي آئي، نه ته صوماليا جي ان هنڌ تان لنگهڻ وقت، پاڻيءَ جا جهاز هلائڻ وارن جون ننڊون حرام ٿِي ويون ٿَي.

منصور ٿلهي صاحب جي هن سفرنامي جو نالو ’آڏي ڪان البني‘ آهي. البني آمريڪا جو اهو شهر آهي، جتي هاڻ هُو رهي ٿو بلڪ ٻارنهن سالن کان رهي ٿو. جيئن مٿي لکي آيو آهيان ته جيتوڻيڪ منصور جي هن نئين ڳوٺ البني شهر جي آدمشماري اٽڪل ميهڙ شهر جيتري آهي، پر يارو آمريڪا جو هي شهر البني تمام گهڻي اهميت ان ڪري رکي ٿو، جو اهو آمريڪا جي مشهور ۽ امير رياست ’نيويارڪ‘ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. اها ڳالهه توهان لاءِ حيرت انگيز هوندي. شروع شروع ۾ معلوم ڪري مون کي به تعجب ٿيو هو. مون ته اهو ئي ٿي سمجهيو ته

’نيويارڪ رياست‘ جي گاديءَ جو شهر ’نيويارڪ سٽي‘ هوندو. بلڪ مون ته سڄي آمريڪا ملڪ جي گاديءَ جو شهر نيويارڪ ٿي سمجهيو.. پوءِ خبر پئي ته اهو ’واشنگٽن‘ آهي ۽ نيويارڪ رياست جو ’البني‘ آهي. جيتوڻيڪ نيويارڪ رياست ۾ نيويارڪ کان علاوه ٻيا به شهر آهن، جيڪي البنيءَ کان وڏا آهن. جيئن ’بفئلو‘، ’بنگهامٽن‘، ’روچيسٽر‘ وينڊي ’سائراڪوز‘ (Syracuse) وغيره. پر اهو مون ڏٺو آهي ته آمريڪا (USA) جي اها ڳالهه سٺي آهي ته هنن ڪيترين ئي رياستن جا گاديءَ جا شهر وڏن شهرن بدران ننڍا رکيا آهن. جيئن ڪئليفورنيا رياست جي گاديءَ جو شهر ڪنهن کان پڇندائو ته هُو يڪدم چوندو ’لاس اينجلس‘ آهي، جو لاس اينجلس تمام وڏو ۽ امير شهر آهي، جيئن اسان وٽ سنڌ صوبي جي گاديءَ جو شهر ’ڪراچي‘ آهي، پنجاب جو ’لاهور‘ يا انڊيا ۾ مهاراشٽرا جو ’ممبئي‘ ۽ بنگال جو ’ڪولڪتا‘ وغيره پر هتي آمريڪا ۾ نيويارڪ رياست وانگر ڪئليفورنيا جي گاديءَ جو هنڌ ساڪرومينٽو (Sacramento) آهي، جيڪو ڏٺو وڃي ته رياست جو ڇهون نمبر وڏو شهر آهي. ان کان وڏا شهر ته لاس اينجلس کان علاوه سان ڊياگو پورٽ، San Jose، سان فرانسسڪو، پورٽ رچمنڊ ۽ Frenso آهي. اهڙي طرح ٽيڪساس رياست جي گاديءَ جو شهر آسٽن به رياست جو چوٿون نمبر وڏو شهر آهي، جنهن کان هوسٽن، سان انٽونيو، ڊالاس، پورٽ آرٿر وڏا شهر آهن.

اهو ائين آهي، جيئن اسان وٽ سنڌ جي گاديءَ جو شهر صوبي جي چيڙي واري شهر ڪراچي، حيدرآباد، سکر بدران قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جو نصيرآباد هجي يا بادهه، راڌڻ، مديجي هجي ها... يا سڪرنڊ، قاضي احمد، گمبٽ هجي ها! سڄي صوبي جي سرڪار جون آفيسون ننڍي ڳوٺ/شهر ۾ هجڻ ڪري سڄي صوبي کان آيل ڪم ڪارين وارن ڪي رهائش سستي پوي ها ۽ سواريءَ جو به ايڏو وڏو مسئلو نه ٿئي ها. وڏي ڳالهه ته اسان جا وزير، مشير، اسيمبلي ميمبر اچي، هنن ننڍن ڳوٺن ۾

رهن ها ۽ ڪين خبر پئجي سگهي ها ته سنڌ جي ڳوٺن ۾ تعليم يا صحت وغيره جو ڇا بندوبست آهي؟! ۽ هُو ٻين يعني عوام لاءِ ڪٽي نه پر پنهنجي ٻارن خاطر ته سٺن اسڪولن جو بندوبست ڪن ها يا پنهنجي صحت لاءِ سُٺين اسپتالن جو.. پوءِ نصيرآباد، بادهه يا قاضي احمد به البني جهڙي اهميت حاصل ڪري وٺي ها ۽ اسان جا ڳوٺ به جپان ۽ ملائيشيا جي ڳوٺن وانگر هر سهوليت سان ٽمٽار رهن ها.

جنهن رياست نيويارڪ ۾ اسان جو ليکڪ ٽلهو صاحب رهي ٿو، ان بابت ڪجهه Input ڏيندو هلان، جيئن اهي پڙهندڙ جن جو آمريڪا ۾ رهڻ يا اچڻ نه ٿيو آهي، انهن کي سفرنامو پڙهڻ دوران هن پاسي جي علائقن جي جاگرافيءَ جي Clarity رهي ۽ هُو منصور ٽلهي جي لکيل ڳالهين مان لطف حاصل ڪري سگهن. هُونءَ به آئون اهو چاهيان ٿو ته آمريڪا، ڪئناڊا، انگلنڊ، آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ جهڙن ملڪن جي جاڻ وڌيڪ ڏني وڃي. اڄ ڪلهه ولايت ۾ نوڪريون ڪرڻ وارن جو اهو ئي چوڻ آهي ته عرب ملڪن ۾ يا ملائيشيا، برونائي جهڙن مسلمان ملڪن ۾ نوڪري ڪرڻ ڪان بهتر آهي ته گهٽ پگهار تي ئي سهي، پر آسٽريليا، ڪئناڊا جهڙن يا اسڪينڊينيوين ملڪن (ناروي، ڊئنمارڪ، سئيڊن وغيره) ۾ نوڪري ڪجي، جيڪي ڪجهه سالن بعد ملڪ جي شهريت (پاسپورٽ) ڏيو ڇڏين. باقي اسان جي عرب يا مسلمان ملڪن جو ڪو حال ناهي، ويهه سال نوڪري ڪرڻ بعد به سعودي عرب، ڪويت يا برونائيءَ جهڙو ملڪ توهان کي پنهنجو نه سمجهندو. بلڪِ اهي اسلامي ملڪ اهڙا ملڪ آهن، جن جو مٿو ڦرڻ تي توهان کي ڪنهن وقت به، بنا ڪنهن سبب جي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندا. اها ٻي ڳالهه آهي ته جي توهان کي انگلنڊ، آمريڪا، ڪئناڊا جهڙي ملڪ جو پاسپورٽ آهي ته پوءِ توهان جو نالو وٺندي ساهه ويندو اٿن پوءِ اصل ۾ توهان ڪٽي پاڪستان، بنگلاديش جا هجو يا سري لنڪا نيپال جا. اهو ئي سبب آهي جو آئون به پنهنجي دوستن/سُجاڻن جي ٻارن يا پڙهندڙن کي اها ئي صلاح ڏيندو آهيان ته

ڪوشش ڪري آمريڪا، ڪئناڊا، نيوزيلينڊ، آسٽريليا جهڙن ملڪن ۾ نوڪري حاصل ڪري شهريت حاصل ڪريو. انهن ملڪن ۾ به مسلمان آهن. انهن ملڪن ۾ به مسجدون آهن. اتي رهندڙ اسان جي هم وطنين جو اهو ئي چوڻ آهي ته اتي جا رهاڪو عيسائي/يهودي ٿي ڪري به وڏيڪ انصاف پسند آهن ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪن ٿا.

آمريڪا واري سفرنامي 'نيوهالا کان نيويارڪ' ۾ يا 'بخشو لغاري کان بالٽيمور' ۾ هڪ فلسطينيءَ جو احوال لکي چڪو آهيان، جنهن جي فئملي آمريڪن سٽيزن آهي ۽ هن جهڙا پيا به انيڪ فلسطيني آمريڪا ۾ رهن ٿا. هن کي جڏهن چيم ته فلسطين ڇڏڻ بعد هُو هيڏو پري ڇو آيو. ان کان ته ڪنهن پر واري مسلمان ملڪ سعودي عرب ۾ رهي پوي ها. ان تي هن اهو ئي ڏک جو اظهار ڪيو ته عرب ملڪ هيڏا امير آهن، سعودي عرب جهڙي ملڪ کي ته زمين جي به کوٽ ناهي، پر هنن کي اسان مسلمانن ۽ ساڳي زبان ڳالهائڻ وارن سان ڪو پيار ناهي. اسرائيل اسان جا اهڙا حال ڪيا جو دربدر ٿي وياسين. ماني ڳپي لاءِ پريشان ٿي وياسين، پر سعودي عرب جهڙن حاڪمن به اسان کي پنهنجو نه ڪيو ۽ وچڻ تي لوڏي ڪڍيو. وري به آمريڪن کي شاباس هجي، جن مٿو ڍڪڻ لاءِ ڇت ڏني ۽ روزگار مهيا ڪيو. اڄ اسان غير مسلمانن جي ملڪ ۾ رهندي به خوشحال آهيون. ٻچا ٻار پڙهي وڏين نوڪرين ۾ اچي ويا آهن. هر ڳالهه جي آزادي اٿئون.

در اصل ڪو زمانو هو يعني 1960ع ۽ 1970ع واري ڏهاڪي جو ٿو سوچجي ته اسان جي ملڪ ۾ سک، چين، سڪون ۽ سستائي هئي. تعليم ۽ صحت جون بهتر سهوليتون هيون. غريب غربي لاءِ روزگار جا موقعا هئا. انهن ڏينهن ۾ ولايتن ۾ شهريت (Citizenship) ملڻ جيتوڻيڪ آسان ڪم هو، پر اسان چوندا هئاسين ته ولايت ۾ ڇو رهون، جتان مائٽن کي وطن فون ڪرڻ به مشڪل ٿو ٿئي، جتي ڪو ٻيو هم وطن يا هم زبان نٿو رهي، پر هاڻ هڪ ته دنيا هڪ 'گلوبل وليج' ٿي ويو

آهي ۽ ٻيو تہ اسان جي ملڪ جون معاشي ۽ امن امان جون حالتون خراب ٿي ويون آهن. اهڙين حالتن ۾ ڪنهن کي ٻاهرئين ملڪ ۾ روزگار ۽ رهائش ٿي ملي تہ هُو ڇو نہ وڃي. آئون تہ ڏسان پيو تہ اسان جي فوجين، سرڪاري ڪامورن، سياستدانن، وزيرن، پيرن ميرن جا ٻار بہ ٻاهر رهيا پيا آهن تہ پوءِ اسان جي غريب ماڻهوءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو! هن کي جي ٻاهر وڃڻ جو موقعو ملي ٿو تہ هُو ڇو نہ Avail ڪري. بقول ٻاهر رهندڙن جي ”ولايت ۾ سيءُ آهي، مشيني زندگي آهي، سخت پورهيو ڪرڻو پوي ٿو پر ٻارن جو مستقبل تہ محفوظ آهي ۽ آمريڪا ۽ ڪئناڊا جهڙين ولايتن ۾ تہ مدرسا ۽ مسجدون بہ موجود آهن. جتي هنن جا ٻار دين جي تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا. دنيا ۾ جتي ڪٿي گوشت ۽ ٻيون حلال شيون ملن ٿيون. ايتري قدر جو ’ڪوشر‘ جي بہ ضرورت ناهي. ڪوشر، اهو گوشت آهي جيڪو يهودي ذبح ڪن ٿا ۽ يهودين جي دڪانن تان ملي ٿو. اڄ ڪان مُنو صدي اڳ جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ مسلمان آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ رهيا ٿي اهي ’ڪوشر گوشت‘ وٺندا هئا، جنهن لاءِ هنن ٻڌايو ٿي تہ مصر جي ملائن فتوا ڏني آهي تہ يهودين جو ذبح ڪيل گوشت مسلمان کائي سگهن ٿا، پر پوءِ جتي ڪٿي مسلمانن جو تعداد ايترو وڌي ويو جو نيويارڪ، لاس اينجلس تہ ڇا پر ٽوڪيو، سيول ۽ تائيوان ۾ بہ حلال گوشت جا دڪان کلي ويا. انگلنڊ جي شهرن ۾ تہ ڪڏهوڪا انيڪ دڪان هئا. آمريڪا ۽ ڪئناڊا پاسي البت اسان جا پاڪستاني دير سان آيا. ڪئناڊا جي بندرگاهن ۾ ٿڌ ۽ برف باري ڏسي آئون چوندو هوس تہ اسان جا پنجابي، جيڪي دنيا جي هر ملڪ ۾ نظر اچن ٿا، پر هتي ڪير ايندو جيڪو هيڏو ڏور آهي ۽ جتي جي موسم هيڏي ظالم آهي. اڄ اڌ صديءَ بعد ڏسان ٿو تہ ڪئناڊا جي شهرن ۾ رهڻ ۽ رهائش جون ايڏيون سهوليتون ٿي ويون آهن ۽ ساڳئي وقت اسان جي پياري وطن ۾ بيروزگاري، بدامني، ناانصافي ايڏي وڌي آهي، جو اسان جي ملڪ جا پٺاڻ ۽ پنجابي تہ ڇا پر سنڌ جي ڳوٺن جا مسلمان بہ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا

۽ ايڪڙ ٻيڪڙ گهر نہ پر پاڙن جا پاڙا! ڏيپلائي ميمڻ، شڪارپوري شيخن، ابڙن، ڏاهرين، ناريجن، قاضين، ڪلمتين، سومرن ۽ صديقين جا نظر اچن ٿا. ولايت ۾ رهڻ ڪو سَوَلو ناهي. جيڪي رهن ٿا، انهن کي روزگار خاطر سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي، پر هنن وٽ ذهني سڪون آهي ۽ هُو بهتر زندگي (Quality of Life) بسر ڪن ٿا... هُو اسان جي رشوت خور ۽ ظالم ڪامورن کان بهتر آهن. جيڪي غريبن جي زندگين سان راڳا ڪن ٿا ۽ حرام ڪائين ٿا ۽ اهي ماڻهو اسان وٽ نہ فقط پوليس ۽ PWD کاتي ۾ آهن، جيئن اڳ ۾ انهن کاتن لاءِ چيو ويندو هو پر هاڻ تہ توهان کي قوم جا ڦورُو، صحت کاتي ۽ تعليم کاتي ۾ بہ ملندا. جيڪي غريبن جي دوائن ۽ مريضن جي کاڌي جا پئسا بہ کايو وڃن... سنڌي ادبي بورڊ ۽ يونيورسٽين جي صاحبن ۾ بہ ملندا... نتيجو اهو آهي تہ اسان جي ادبي ۽ ثقافتي ادارن کان وڏيڪ ڪتابَ اسان جا ساجد سنڌي، هوش محمد ڀٽي، انعام عباسي، قمر ابڙو، موهن مدهوش، فقير محمد ڍول، محمد علي ماجد ۽ قربان منگيءَ جهڙا بي پهچ پروانا ڇپرا ٿا ڪن.

هُونءَ پنج ئي آڱريون برابر بہ نہ آهن. آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ اسان جا ماڻهو، گهڻي ڀاڱي محنت ۽ پورهيو ڪري زندگي گذارين ٿا، جن ۾ پير تاج محمد جهڙا وڏن خاندانن جا ٻار بہ آهن تہ اسان جي ليکڪ منصور ٿلهي جهڙا معذور Handicapped بہ آهن، جيڪي معذوريءَ جي حالت ۾ هوندي بہ سرڪار طرفان ملندڙ ’سوشل مَني‘ (خيرات) وٺڻ عيب ٿا سمجهن. جيئن سئيدن جي سفرنامي ۾ اسان جي گهرن جي ڇپر ڪٽي گذر بسر ڪرڻ واري سِڪَ لاءِ لکيو اٿم تہ. هُو اتي جي شپ يارڊ ۾ ويلڊر هو تہ ڪرنٽ لڳڻ سبب معذور ٿي پيو ۽ ميڊيڪل بورڊ هن کي رٽائرمينٽ ڏئي ’سوشل‘ حاصل ڪرڻ جو مستحق قرار ڏنو، پر هن اهو مفت جي گهر ويٺي مليل پئسي کي خيرات سمجهي وٺڻ کان انڪار ڪيو. هن اهو ئي چيو تہ. ”اکين جي خرابيءَ جي ڪري آئون ويلڊنگ نٿو ڪري سگهان، پر منهنجا هٿ پير تہ سلامت آهن. آئون گهرن ۾ آفيسن

جي ڇپر ڪتري روزگار ڪمائيندس.“ ۽ پوءِ هن سالن جا سال اهو ڪم جاري رکيو. سندس اڪيلو پٽ، جيڪو اسان واري شهر مالمو (سُئيڊن) ۾ چوٿين ڪلاس ۾ هو ان گرئجوئيشن ڪئي. ان بعد هن انگلنڊ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ هاڻ مانچسٽر ۾ وڏي پگهار تي انجنيئر آهي. اسان جو پاڙيسري هي سِکَ سرڪار طرفان هر مهيني ملندڙ Social جي پئسن کي خيرات چوندو هو، جيڪو واقعي اسان جي ٻوليءَ ۾ خيرات ئي ٿئي ٿو، جيڪو سُئيڊن، ناروي يا ڪئناڊا جهڙن ملڪن جا امير ماڻهو ٽئڪس ذريعي ان خيال کان ڏين ٿا، جيئن سندن ملڪن جا غريب ماڻهو جن کي ٻار ٻچا آهن ۽ روزگار ناهي يا روزگار سٺو نہ آهي تہ اهو پنهنجو نالو درج ڪرائي سرڪار کان حاصل ڪري سگهن. افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ اسان جا ڪجهہ مسلمان هڪ تہ ايئرپورٽ تي اميگريشن پوليس کي پئسو ڪارائي پنهنجي پاسپورٽ تي Enter جو ٺپو نہ هڻائي، پنهنجي موجودگي ڪئناڊا ۾ ڏيکاري، ٽائيم پورو ڪري اتي جي شهريت وٺي هاڻي ويٺا پنهنجي ملڪ ۾ آهن ۽ اهڙي طرح پنهنجي بيروزگاري ۽ ٻچن لاءِ ڪئناڊا جهڙن ملڪن کان سوشل (خيرات) حاصل ڪري، گد گد پيا ٿين. اهڙين ڳالهين ۽ ڪمن بابت مختلف ملڪن جي مولوين، مفتين ٺڳيءَ جي فتويٰ ڏني آهي. جيئن پنهنجي هڪ هم وطن بابت پنهنجي شروع جي سفرنامن ۾ لکي چڪو آهيان تہ، هُو لنڊن جي هڪ اسٽور مان هميشہ ڊبل روٽي چوري ڪري Justification اها ڏيندو هو تہ، ”انگريزن اسان جي ننڍي کنڊ کي ٻہ سئو سال لُٽيو ڦريو، مون جي انگريزن جي ملڪ مان ڊبل روٽي چورائي تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ ٿي.“

بهرحال مقامي مولوين اها ئي فتويٰ ڏني تہ، ”اهو ڪم غلط آهي. هڪ غلط ڪم جو جواب غلط ڪم سان ڪيئن ٿو ڏئي سگهجي. انگريز راڄ ۾ سندن غلط ڪمن جي بدلي ۾ پاڙي جي غريب دوڪاندار جي ڊبل روٽي ۽ بيضا چورائڻ ڪهڙي شرافت آهي.“ پر ڳالهہ اها آهي تہ

ان قسم جي غلط ڪمن ۽ ناجائز فائدا حاصل ڪرڻ سان هڪ طرف اسان جي ملڪ جي بدنامي ٿئي ٿي ۽ ساڳئي وقت مجبور ۽ ضرورتمند ماڻهو ان فائدي کان رهجيو وڃن.

سُئيڊن ۾ تعليم دوران مون ڏٺو ته اتي جي حڪومت عوام جي ڀلي لاءِ اهو قانون ڪڍيو، ته نه فقط ٻارَ پر ان سان گڏ جيڪو وڏو هوندو، ان لاءِ به بس جو سفر مفت ٿيندو. ان جو نتيجو اهو نڪتو، جو اسان جي ماڻهن ننڍي ٻار کي جڻ 'بس جي پاس' ڪٽي سمجهيو. ماءُ کي شاپنگ لاءِ يا پنهنجي ساهيڙيءَ سان ملڻو آهي ته اڪيلو وڃڻ بدران معصوم ٻار کي گاڏي ۾ گهليندي وتي، جو ان ڪري هن جو سفر بس ۾ مفت ٿو ٿئي ۽ هُو ٽڪيٽ وٺڻ کان بچيو وڃي. ماءُ شهر جا چڪرَ هڻي گهر موٽي ته پيءُ ٻار جي گاڏي ۾ هٿ وجهي گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪري! چند هفتن ۾ نتيجو اهو نڪتو جو هڪ ته هر بس ۾ ٻارن جي گاڏن جو نمبر وڌي ويو ۽ ٽڪيٽ وٺي مسافرن جي چڙهڻ لاءِ جاءِ ٿوري بچڻ ڪري بس وارن جي ڪمائي گهٽجڻ لڳي، ٻئي طرف حڪومت ڏٺو ته ٻارن ۾ ٿڌ ۽ نمونيا جي بيماري وڌندي پئي وڃي، پوءِ کوجنا ڪرڻ تي هنن کي معلوم ٿيو ته سُئيڊن ۾ رهندڙ 'اميگرنٽ ايشين' بس ۾ مفت سواري ڪرڻ لاءِ ٻارن کي ٿڌ ۾ رلائيندا وتن. بعد ۾ هڪ ڏينهن سُئيڊن سرڪار اها سهوليت ختم ڪري ڇڏي. اهڙي طرح ٻيون به ڪيتريون ئي سهوليتون اسان جي ماڻهن جي غلط حرڪتن ڪري سُئيڊن ۽ ناروي جهڙن بهتر سوشل ملڪن ۾ بند ٿي ويون. جن جو تفصيل مون ان وقت جي سفرنامن 'ملير ڪان مالمو'، 'جِت برف پئي ٿي جامَ' ۽ 'اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا' وغيره ۾ لکي چڪو آهيان. اهڙي طرح ڪئناڊا ۾ رهائش پذير اسان جي ماڻهن کي حڪومت طرفان جيڪي سهوليتون ملنديون رهن ٿيون، چند ماڻهن جي نڱين جي ڪري، هڪ ڏينهن ٻين شريف ماڻهن جون به بند ٿي وينديون، جيڪي ڪئناڊا جي ٿڌ ۾ رهي محنت مزوري ڪري رهيا آهن.

ڪئناڊا يا آمريڪا جهڙن ملڪن جو پاسپورٽ حاصل ڪري، پوءِ پنهنجي ملڪ ۾ موٽي هڪ طرف مٿين ملڪن جون سهوليتون حاصل

ڪرڻ جهڙو پنهنجي ۽ ٻارن لاءِ سوشل (خيرات) حاصل ڪرڻ ته ٻئي طرف پنهنجي ملڪ ۾ رهي، پنهنجي ماڻهن تي ڏوُنس جمائڻ ته اسان آمريڪين يا ڪئنادين آهيون يعني اسان وٽ هڪڙا وڏيرا سردار اڳهين هئا ته مٿان وري هي پيدا ٿيا آهن. مهينو ڏيڍ اڳ تائين حيدرآباد ۾ رهندڙ هڪ اهڙي آمريڪن شهريت واري جون خبرون ته سيني پڙهيون هونديون، جيڪو شراب پي اوڙي پاڙي وارن کي گاريون ڏيندو هو. پوليس جي اچڻ تي هُو ان کي به اهي ئي دڙڪا ڏيندو هو ته، ”خبردار جو منهنجو نالو ورتو اٿانوَ. آءِ ايم ائن آمريڪن سٽيزن.“ ته جتي اسان جا ماڻهو آمريڪا، ڪئنادا، آسٽريليا وغيره جهڙن ملڪن ۾ رهي، محنت مزوري ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو سٺو گذر سفر ڪري رهيا آهن، اتي چند ماڻهو اهڙا به آهن، جيڪي پاسپورٽ حاصل ڪري اتي يا پنهنجي ملڪ ۾ پورهيو ڪرڻ بدران ٻئي لاءِ مٿي جو سُور پيدا ڪن ٿا. ان ڳالھ جو اتي رهندڙ اسان جي ٻين ماڻهن ۽ انهن ملڪن جي هتي سفارتڪارن کي به افسوس ٿيندو هوندو. آمريڪا ۾ رهندڙ هڪ پنهنجي وطن جي همراھ کان پڇيم ته آمريڪا ۾ پورهيو يا محنت ڪرڻ بدران، هُو پنهنجي وطن اچي غلط حرڪتون ڪرڻ تي، هن کي پوليس جو به خوف نٿو ٿئي؟ هن وراڻيو ته هُو ڪرپٽ پوليس آفيسرن سان دوستي رکي، هنن کي اهي ئي ڏِتا ڏئي ٿو ته نوڪريءَ مان نڪرڻ بعد يا رٽائرڊ ٿيڻ ته هُو جيئن ته آمريڪن سٽيزن آهي، سو هُو هنن کي آمريڪا ۾ Set ڪندو. اهڙي طرح پوليس ذريعي مفت جو شراب به حاصل ڪيو وڃي. بهرحال منهنجي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي وطن جي ماڻهن کي اها ئي التجا آهي ته هُو آمريڪا ۽ ڪئنادا يا ناروي ۽ ڊئنمارڪ جهڙن ملڪن جي شهريت ضرور حاصل ڪن پر اتي جي مقامي گورن (عيسائين، يهودي ۽ ڪارن) وانگر دل لڳائي پورهيو ڪن ۽ نوڪري ڪري ان ملڪ جي ايڪانامي کي فائدو رسائين. رڳو اتي جي سهوليتن مان فائدو نه وٺن ۽ نه ٻيا سردار، پير، مير، وڏيرا بڻجي پنهنجي ملڪ ۾ عوام لاءِ مٿي جو سُور بڻجن.

هتي هڪ ڪئناڊا جي شاگرد تان ڳالھ ياد ٿي اچي. هُو اسان وٽ شيڊول ڪاسٽ جي ماڻھن تي ريسرچ ڪري رهيو هو يعني باگڙي قسم جي ماڻھن تي جيڪي اسان جا وڏا زميندار ٻني ٻاري، چونڊي وغيره جي ڪم لاءِ هنن کي پنھنجي زمين تي جھوپڙيون اڏي رهڻ لاءِ اجازت ڏين ٿا. مون هن ڪئناڊين کي چيو تہ، ”توهان هر هڪ کي پنھنجي ملڪ ۾ رهڻ جي اجازت ڏيڻ بدران، چونڊي چونڊي ڪم وارا ماڻھو رکو ٿا. جيئن اسان وٽ هي باگڙي يا ڪولهي وغيره آهن.“ ان تي هُن ڪلندي چيو تہ، ”ايئن هرگز ناهي. توهان وٽ هي ماڻھو هميشہ ڪم ۾ رهن ٿا. ڪم نہ ڪرڻ تي توهان هنن کي ٽڪو بہ نٿا ڏيو، پر اسان ڪين هر صورت ۾ پئسو ڏيون ٿا. چاهي روزگار ۾ نہ هجن پر اسان وٽ توهان وٽان جيڪي ماڻھو اچن ٿا اهي اسان وٽ رهي ملڪ لا ڪارائتو ڪم ڪرڻ بدران، پاسپورٽ وٺي هليا وڃن ۽ حڪومت کان باقاعدي سوشل وٺندا رهن ٿا.“

هن سڄي پڻاڙ جو مطلب اهو آهي تہ اسان کي ڌارين ملڪن ۾ رهڻ جو موقعو (پاسپورٽ) ملي ٿو تہ اسان کي کپي تہ بهتر طريقي سان رهون، جيئن اسان جي ملڪ ۽ مذهب جو نالو ٿئي ۽ بدنامي نہ ٿئي. ڏٺو وڃي تہ اسان جي ماڻھن جو تعداد جيڪي ٻاهر رهن ٿا پوءِ اهي چاهي آمريڪا، ڪئناڊا ۾ هجن يا نيوزيلينڊ، آسٽريليا ۾، جپان، ملائيشيا ۾ يا انگلنڊ ۽ جرمني ۾... پنھنجي ڪم سان ڪم رکن ٿا ۽ محنت مزدوريءَ ۾ لڳا رهن ٿا. جيتوڻيڪ هُو ٿڳين، غلط حرڪتن ۽ بداخلاقين کان پاسو ڪن ٿا پر ان هوندي بہ اسان جا ڪجھہ ماڻھو ٿورائي سهي، غلط ڪمن ڪري سڀني کي بدنام ڪن ٿا. ملڪ ۽ مذهب جو مانُ هيناهون ڪن ٿا. منھنجو مطلب صرف پنھنجي صوبي سنڌ سان ناهي، پر سڄي ملڪ جي ماڻھن سان آهي، جن ۾ موجود چند ڪارين رڍن جي ڪري بدنامي ٿئي ٿي ۽ ڪيترا دفعا تہ مون ايئن بہ ڏٺو، خاص ڪري ملائيشيا، ٿائلنڊ، سنگاپور جھڙن ملڪن ۾ تہ قتل، چوري يا فراڊ جي معاملي ۾ گرفتار ٿيل پاڪستانيءَ جو اخبارن ۾ ٿي ويءَ تي نالو اچڻ بعد اهو ثابت ٿيندو

آهي تہ هُو دراصل پاڪستاني نہ پر افغاني، بنگالي، برمي يا ٻئي ملڪ جو آهي، پر ڪنهن طريقي سان پاڪستان جو پاسپورٽ ٺهرائي، هُو هن ڌارئين ملڪ ۾ رهيل هو ۽ ڏوهہ ڪري رهيو هو.

بهرحال جتي بہ رهجي ان ملڪ جي قانون جي عزت ڪجي، پنهنجي پاڙي اوڙي جي ماڻهن سان سنو هلجي بقول متي ذڪر ڪيل فلسطينيءَ جي، ڪجهہ بہ آهي، پر هنن گورن جي ملڪن توهان کي پنهنجن ملڪن ۾ رهڻ ڏنو آهي، جتي توهان سڪون سان پنهنجو روزگار ڪمائي سگهو ٿا. پنهنجي ٻچن کي بهتر تعليم ڏئي سگهو ٿا، جيڪو ملڪ توهان جو ۽ توهان جي فئمليءَ جي صحت جو بہ خيال رکي ٿو، توهان کي پنهنجي دين ڌرم ۽ عبادت ڪرڻ کان منع نٿو ڪري تہ توهان تي بہ فرض ٿو ٿئي تہ ان نئين ملڪ ۽ اتي جي ماڻهن جو توهان بہ خيال رکو. هُو ڇا چوندا آهن تہ جنهن ٿانوَ ۾ کائجي ان ۾ سوراخ نہ ڪجي.

هُونءَ هتي هڪ ڳالهہ لکندو هلان، جيڪا جيتوڻيڪ اسان جي گهڻن ماڻهن کي اعتبار نہ اچي يا پسند نہ اچي، اها هيءَ تہ ڌارين ملڪن ۾ اسان کان وڌيڪ اندين لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هُو فضيلت سان رهن ٿا ۽ هنن جي ڏوهن ۾ Involvement بہ گهٽ آهي ۽ مقامي ماڻهو هنن کي اسان کان وڌيڪ پسند ڪن ٿا، پوءِ اهي ڌاريا ماڻهو عرب هجن يا ملئي، انگريز هجن يا آمريڪن.

سئيڊن واري سفرنامي ۾ لکي چڪو آهيان، جتي تعليم دوران مون ٻہ سال مالمو شهر ۾ گذاريا، تہ ڪيئن اتي عربن ۽ ايشين جي پاڙن ۾ هر وقت پوليس جي گاڏي پئي هلندي هئي. اسان وٽ چيو وڃي ٿو تہ سڀ کان بهتر ۽ ڏوهن کان پري رهندڙ آغا خاني/ اسماعيلي آهن، هيءَ ڪميونٽي بهتر سمجهي وڃي ٿي ۽ هنن جي پاڙي ۾ رهڻ جي هر هڪ کي خواهش رهي ٿي، جو هُو سِول سوسائٽي جو خيال رکن ٿا.

ڳالهہ اها آهي تہ اسان سنا ٿي هلنداسين تہ ڌارين ملڪن کي اسان جي وڌيڪ ماڻهن کي رکندي عار نہ ٿيندو. خراب هلڻ سان ڌاريان ملڪ

اسان جي ماڻهن کي پنهنجي ويجهو آڻڻ کان گريز ڪندا. ولايت ۾ ڪو ٻه اهو نٿو ڏسي ته ڪو پنج وقت نمازي مسلمان آهي يا عيسائي يا يهودي... ۽ نه اهو ٿو ڏسي ته پاڙي وارو اڙدو ٿو ڳالهائي يا سنڌي، پنجابي. هُو توهان جون فضيلتون ٿو ڏسي ته توهان جي حرڪتن سان ٻئي کي تڪليف ته نٿي رسي.

ٻي ڳالهه ته قدرت توهان جو شوق پورو ڪري، توهان کي آمريڪا، ڪئناڊا يا انگلنڊ، آسٽريليا جهڙن امير يا طاقتور ملڪن جو پاسپورٽ ڏياريو آهي ته پوءِ پنهنجي مٽن مائٽن ۽ دوستن جي ٻه مدد ڪريو ته هُو ٻه فيض حاصل ڪري سگهن ۽ نه انهن تي رعب رکو ۽ ظالم سرڪاري ڪاموري، جاهل وڏيري يا سردار وانگر هنن جي زندگي عذاب ڪريو. اسان وٽ ڪيترا سرڪاري نوڪرين جي ڪري يا ڪنهن سياستدان سان مٽي مائٽي هجڻ ڪري، پنهنجي لَئي ڏيکارڻ خاطر، نه فقط ٽرئفڪ جي سگنلن کي فالو نه ڪندا، پر هر هڪ جي چُرچ ڪندا رهندا ۽ هاڻ انهن ۾ هڪ ٻي جنس شامل ٿي آهي، جيڪي آمريڪا جو پاسپورٽ رکڻ وارا آهن. بقول هڪ سلجهيل همراهه جي، هنن کي آمريڪا جي ٿڌي موسم ۾ رهي، ڪو پورهيو ڪِرت ته نٿي پڇي، پر هتي اباڻي وطن ۾ وتن ڏوهه ڪندا ۽ پاڙي اوڙي وارن لاءِ جنجال ڪندا. سال ٻه اڳ سکر ۾ هڪ نوجوان فرانس جو پاسپورٽ هجڻ ڪري، شراب پي نشي ۾ محلي جي گاڏين جا شيشا ڀڃندو رهيو، جنهن جو پوءِ فرانس جي مقامي قونصلخاني نوٽيس ورتو. ظاهر آهي فرانس وارن ٻه اهو ئي سوچيو هوندو ته ههڙن ماڻهن کي سٽيزن شپ ڏئي، پنهنجي خواري ڪرڻي ٿي پوي.

ان ڪري آئون هڪ ليکڪ ۽ ٽريولر جي حيثيت ۾ پنهنجي ماڻهن کي اها ئي نصيحت ڪندس ته هُو جتي ٻه رهن، اتي پورهيو ۽ محنت ڪري ايمانداريءَ جو مثال قائم ڪن... آخرڪار مشيگن ۾ رهندڙ پير تاج محمد قريشي ۽ نيويارڪ رياست جي شهر البني ۾ رهندڙ ڊاڪٽر منصور ٿلهي جهڙا ٻه ته آهن، جيڪي جاگيردارن، اميرن ۽ باعزت خاندانن جا ٻار

تي، ايمانداريءَ سان ولايت ۾ رهي روزگار ڪمائي رهيا آهن ۽ اهڙي طرح ٻيا بہ هزارين غريبن ۽ اميرن جي گهرن جا ٻار آهن. جيڪي ولايت ۾ رهن ٿا توڙي پنهنجي وطن ۾، تہ هُو سڪون ۽ شرافت جي مثالي زندگي گذارين ٿا. هُو نہ پنهنجي پاڙي وارن لاءِ عذاب بنجن ٿا ۽ نہ سفارتخانن/قونصلخانن لاءِ مٿي جو سُور.

پاڻ موٽي ڊاڪٽر منصور ٿلهي صاحب جي سفرنامي ’آڏيءَ ڪان البني تائين‘ تي اچون ٿا تہ البني ڪٿي آهي، جتي اسان جو ليکڪ گذريل ٻارنهن سالن کان رهي ٿو.

البني (Albany) آمريڪا جي اوڀر واري ڪناري جي رياست نيويارڪ جو شهر آهي بلڪ هن رياست جي گاديءَ جو شهر آهي. پهريون دفعو جڏهن اسان جو جهاز نيويارڪ رياست جي نيويارڪ هاربر ۾ آيو هو جنهن کي اڄ 50 سالن کان مٿي عرصو ٿي ويو، تہ ان دفعي ٿي اسٽيمر ذريعي جهاز جي ٻين آفيسرن سان گڏ البني وڃڻ ٿيو هو. شايد Lake George Steamboat جو فيري نما اسٽيمر هو. هاڻ تہ نيويارڪ ۽ البنيءَ جي وچ ۾ ’هڊسن نديءَ‘ ۾ مختلف ڪمپنين جون آرامده ۽ خوبصورت فيريون ۽ ڪروزشپ (پئسنجر جهاز) هلن ٿا. جيئن ’ڊچ ائپل ڪروز ائنڊ ٽوئرس‘ ڪمپني ۽ ’ڪئپٽن JP ڪروز ڪمپني‘، جن جي ٽڪيٽ پنجاهہ کان ستر ڊالر آهي ۽ هر فيريءَ ۾ ڇهہ سؤ کان مٿي مسافر ويهي سگهن ٿا. نيويارڪ کان جهاز رستي يعني هڊسن درياهہ ذريعي 250 ڪلوميٽرن جو فاصلو ٿئي ٿو. سمجهو تہ سنڌو نديءَ ذريعي ڪراچيءَ کان هالا پراڻا/ ڄامشورو پيا وڃو.

نيويارڪ کان البني ريل گاڏيون بہ هلن ٿيون خاص ڪري Amtrak ڪمپنيءَ جون آرامده ريل گاڏيون. ريل جو سفر بہ فيري جهڙو ئي خوبصورت رهي ٿو. جو ريل گاڏي هڊسن درياهہ جو ڪنارو وٺي 216 ڪلوميٽرن جو سفر طئہ ڪري ٿي. ريل جي اڄ ڪلهہ ٽڪيٽ ڇٽيهہ ڊالر آهي ۽ اڍائي ڪلاڪ وٺي ٿي. نيويارڪ کان البني هوائي جهاز ۾ بہ سفر

ڪري سگهجي ٿو، جيڪو پنجتيهن منٽن جو سفر آهي ۽ جهاز جي سڌو اڏامڻ ڪري فاصلو 216 ڪلوميٽر ٿئي ٿو.

البني شهر ڪٿي آهي؟

هن پاسي کان اڻ واقف لاءِ اهو لکندس ته آفريڪا کنڊ جي اولهه وارو ڪنارو يا يورپ کنڊ ڇڏجي ٿو، جيئن ڪولمبس ڪيو ته ڪجهه ڏينهن ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙڻ بعد آمريڪا کنڊ جي ڌرتي اچي وئي، جيڪا اتر قُطب کان ڏکڻ قُطب تائين آهي. هن ڌرتيءَ جو مٿيون حصو اتر آمريڪا سڏجي ٿو، جنهن ۾ ڪئناڊا ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس (USA) ملڪ اچي ٿو ۽ هيٺيون حصو ڏکڻ آمريڪا سڏجي ٿو، جنهن ۾ ڪولمبيا، برازيل، اڪيڊار، وينزوئلا، چلي ۽ ارجنٽائنا جهڙا ملڪ آهن، جن ۾ اسپيني ۽ پورچوگالي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جو انهن ملڪن تي يورپ جي اسپين ۽ پورچوگال قبضو ڪيو هو.

اتر آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي وچ ۾ جيڪا ڌرتيءَ جي سنهي پٽي آهي، اها وچ آمريڪا (سينٽرل آمريڪا) سڏجي ٿي، جنهن ۾ ميڪسيڪو، نڪراگئا، گئاٽامال ۽ پاناما جهڙا ست کن ملڪ اچن ٿا. پاناما ملڪ هڪ هنڌ تمام سوڙهو آهي، ان ڪري ان هنڌ تي کوٽائي ڪري ڪئنال ٺاهيو ويو آهي، جيڪو اوپر پاسي واري ائٽلانٽڪ سمنڊ کي ٻئي پاسي جي پئسفڪ سمنڊ سان ملائي ٿو، جيڪو سمنڊ، اڳيان وڃيو جپان ۽ چين جا ڪنارا ڪٽي. پاناما ڪئنال جي ڪري جهازن کي هڪ سمنڊ کان ٻئي ۾ پهچڻ ۾ آساني رهي ٿي.

هاڻ آمريڪا جي اتراهين کنڊ ۾ نالي ۾ ته فقط ٻه ملڪ آهن: ڪئناڊا ۽ USA، پر اهي ملڪ آهن تمام وڏا. اها ٻي ڳالهه آهي جو اتي ٿڌ گهڻي آهي ۽ ان جا اتراهان حصا اونهاري ۾ به برف سان ڍڪيل رهن ٿا. USA ملڪ ڪنهن زماني ۾ مختلف حصن ۾ ورهايل هو، جيڪي هاڻ رياستون سڏجن ٿيون. USA يعني ’متحده رياست هاءِ آمريڪا‘ پنجاهه رياستن جو مجموعو آهي ۽ هر رياست ڪافي وڏي آهي. ننڍي کان ننڍي

رياست بہ نيپال، ڪويت، سريلنڪا، مالديپ، مالٽا، سنگاپور، بحرين، هانگ ڪانگ جهڙن ملڪن کان گهڻي وڏي آهي. USA جون ڪي رياستون تہ تقريبن اسان جي ملڪ جيڏيون آهن، جيئن ٽيڪساس، ڪئليفورنيا، مونٽانا، نيوميڪسيڪو وغيره... بلڪ الاسڪا رياست تہ پاڪستان کان بہ گهڻي وڏي آهي. اهڙي طرح آمريڪا جي اوپر ڪناري واري پاسي يعني ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي اتر ۾ نيويارڪ نالي جيڪا رياست آهي، اها 1,41,300 چورس ڪلوميٽر آهي.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ جيئن ’خيرپور رياست‘ ۾ راڻيپور، گمبٽ ۽ ڪوٽ ڏيجي شهرن کان علاوه هڪ شهر خيرپور بہ آهي، تيئن نيويارڪ رياست ۾ بہ بفئلو (Buffalo)، البني (Albany)، روچيسٽر ۽ اٿاڪا (Ithaca) جهڙن شهرن کان علاوه هڪ شهر سمجهو تہ هڊسن نديءَ جي چوڙ وٽ ’نيويارڪ‘ نالي بہ آهي جيڪو ’نيويارڪ سٽي‘ يا ’NYC‘ بہ سڏجي ٿو. اها بہ هڪ عام شئي آهي تہ ندين جي چوڙ وٽ اڪثر ٻيٽارا ٺهن ٿا. جيئن اسان جي سنڌو نديءَ جي چوڙ وٽ ٺهيل ٻيٽن تي ’ديبل بندرگاهہ‘ جهڙا شهر هئا ۽ اهڙو ئي هڪ شهر سڪندرِاعظم. سنڌو ٽڪور (Delta) جي ٻيٽ تي اڏرايو هو، پر وقت سان گڏ اهي ويران ۽ غير آباد ٿي ويا آهن. دراصل سامونڊي طاقتور ڇولين (Wave energy) بہ انهن بندرگاهن کي ڪائي ڇڏيو.. Erode ڪري ڇڏيو. ديبل بندرگاهہ، جيڪو سامونڊي ڦورن (قزاقن) جي بہ مشهور رهائشگاهہ هو، جن اميہ گهراڻي جي راڄ ۾ عربن جي لنگهندڙ جهازن تي بہ ڦرون ڪيون ٿي، جنهن ڪري سبب ٻڌائي 710ع ۾ محمد بن قاسم سنڌ تي حملو ڪيو. بهرحال ديبل بندرگاهہ جو سن 1223ع تائين بہ لکت ۾ رڪارڊ ملي ٿو تہ اهو هن علائقي جو مشهور بندرگاهہ هو، پر جڏهن ’ابنِ بطوطا‘ هن پاسي آيو يعني 1340ع ڌاري تہ ديبل بندرگاهہ ڊهي چڪو هو. البت هن ’سنڌو ٽڪور‘ وٽ هلندڙ گينڊن (Rhinoceros) جو ذڪر ضرور ڪيو آهي. هڊسن نديءَ جي چوڙ وٽ نيويارڪ شهر ڪنهن هڪ هنڌ، هڪ ٻيٽ يا ڌرتيءَ

جي هڪ حصي تي هجڻ بدران مختلف ٽڪرن ۾ آهي، جتي هڊسن ندي ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. نيويارڪ شهر جا هي حصا پنج بورو (Boroughs) يعني علائقا سڏجن ٿا. سڀ کان گهڻو مشغول ۽ مرڪزي حصو مئن هٽن آهي ۽ ٻيا آهن: برونڪس، ڪُئنس، بروڪلن ۽ اسٽيٽن آئلنڊ. نيويارڪ رياست جي پرواري رياست 'نيوجرسيءَ' مان توهان پنهنجي ڪنهن دوست کي چوندائو ته نيويارڪ شهر ٿو وڃان ته هُو توهان کان ضرور پڇندو ته مئن هٽن وڃين ٿو، برونڪس، بروڪلن يا ڪنهن ٻئي بورو ڏي. جيئن حيدرآباد کان ڪو چوي ته ڪراچيءَ وڃان پيو ته تي سگهي ٿو ته هن جا دوست يار يا مائٽ پڇن ته ڪراچيءَ جي ڪهڙي حصي ۾ وڃي رهيو آهي، صدر، ڪياماڙي، ماڙيپور، ملير يا سرجاڻي يا سچل ڳوٺ ڏي.

هڊسن ندي، پنهنجي چوڙ وٽ يعني جتي اها ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿي، نيويارڪ رياست ۽ نيوجرسي رياست جي وچ ۾ باربر ٺاهي ٿي يعني هڊسن نديءَ جي هڪ پاسي نيو جرسي رياست آهي ته ٻئي پاسي نيويارڪ رياست. ٻنهي رياستن جو پاڻ ۾ ايترو ويجهو تعلق، ڪاروبار ۽ اچ وڃ آهي، جيئن سنڌو نديءَ جا ٻئي پاسي هڪ ئي سنڌ جو حصو آهن ۽ ماڻهو سڄو ڏينهن پيا ڪوٽڙي حيدرآباد، ڄامشورو هالا پراڻا، دادو مورو، يا سکر روهڙي اچن وڃن يعني جتان ٻه درياهه ٽپڻ لاءِ پليون آهن. سو هيڏانهن ٻه نيوجرسي ۽ نيويارڪ جا ماڻهو درياهه هڊسن تي ٺهيل پلين يا درياهه جي هيٺان سرنگهن (Tunnels) ذريعي پيا اچن وڃن.

لوئيزيانا رياست جي نيواورلينس يا ٻئن روگ بندرگاهن ۾ جهاز کي وٺي ويندا آهيون ته اسان کي سمنڊ پار ڪري مِسيسِپي نديءَ جي چوڙ وٽ پهچي، پوءِ نديءَ ۾ ڪافي اندر وڃڻو پوي ٿو، جو اهي بندرگاهه ڪوٽڙي، هالا پراڻا، مانجهند ۽ سن وانگر ڪافي اندر آهن. اسان وٽ ته هاڻ ڪو ننڍو جهاز ٻه سنڌو نديءِ ۾ اندر نٿو وڃي سگهي، جو هڪ ته اسان جي نديءَ ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو نه رهيو آهي ۽ ٻيو ته برجن (پلين)

۽ بئراجن ڪري جهاز کي اڳتي وڌڻ لاءِ رستو ناهي. مِسِيسِپي يا هڊسن ندي تہ تار ٿيو پيون وهن ۽ ہي ڳالهہ تہ اهي نديون ٽپڻ لاءِ يعني دادو کان مورو وڃڻ لاءِ درياهہ جي گهڻو هيٺان سرنگهون (tunnels) آهن، جن مان ڪارون لاريون تہ ڇا ٽرينون پيون هلن. سرنگهن کان علاوه جيڪي پليون آهن، اهي ايتريون اتاهيون آهن جو هيٺان وڏا وڏا جهاز لنگهيو وڃن. توهان جيڪڏهن نيويارڪ يا نيوجرسي رياستن ۾ رهو ٿا تہ پنهنجي سهوليت ۽ ويجهڙائي واري هنڌ تان ڪنهن سرنگهہ اندران يا پل مٿان هڊسن ندي ٽپي ٻئي پاسي پهچي سگهو ٿا يا نيويارڪ جي هڪ بورو مئن هٽن کان ٻئي بروڪلن يا اسٽيٽن آئلنڊ وڃي سگهو ٿا. اسان ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي نيويارڪ ۽ نيوجرسي رياستن اڳيان جنهن خليج ۾ اچي لنگر ڪيرائيندا آهيون، اهو اپر بي (Upper Bay) سڏجي ٿو، جنهن ۾ هڊسن ندي ڇوڙ ڪري ٿي. اپر بي وارو علائقو نيوجرسي جي ڪنهن بندرگاهہ نيويارڪ وغيره ۾ داخل ٿيڻ يا نيويارڪ جي ڪنهن بندرگاهہ برانڪس وغيره ڏي وڃڻ لاءِ انتظارگاهہ وارو سمنڊ آهي. هي سمنڊ جو حصو Upper Bay ائين آهي جيئن خليج بنگال، جتي هر جهاز کي پهچي لنگر ڪيرائڻو پوندو آهي، جتان پوءِ چٽگانگ، ڪلنا يا ڪولڪتا بندرگاهہ سامهون ٿي هوندا آهن. ’نيويارڪ اپر بَي‘ ۾ لنگر انداز ٿيڻ تي، سامهون آزاديءَ جو مجسمو بہ نظر پيو ايندو آهي.

نيويارڪ رياست ۽ نيوجرسي رياست جي شهرن ڏي اچ وڃ دوران هڊسن ندي ٽپڻ لاءِ بہ ٽي ٽنل (سرنگهون) ۽ پليون عام طرح ٽپٽيون پوَن ٿيون، اهي آهن:

## هالنڊ ٽَنِل

هي ٽنل، نيويارڪ جي مَئِن هِٽن ٻيٽ کي نيوجرسي رياست جي شهر ’جرسي سٽي‘ کي ملائي ٿو. نيو جرسي کان مئن هٽن وڃڻ لاءِ هڊسن درياهہ ٽپڻ لاءِ بہ ٻيا بہ رستا آهن. هڪ ’لِنڪن ٽَنِل‘ ۽ ٻيو ’جارج واشنگٽن پل‘. هالنڊ ٽنل، 1920ع ۾ ٺهڻ شروع ٿيو ۽ 1927ع کان

ماڻهن هن سرنگهه ذريعي هڊسن ندي ٽپڻ شروع ڪئي. انهن ڏينهن ۾ جڏهن هالنڊ ٽنل کليو، هيءَ سرنگهه پاڻي هيٺان دنيا جي سڀ کان وڏي سرنگهه هئي. سرنگهه مان جڏهن گاڏيون هلن ٿيون، ته انهن جي دونهين ڪري تمام گهڻي Pollution ٿئي ٿي. هي پهريون ٽنل آهي، جنهن جي اندرئين حصي کي صاف رکڻ لاءِ ’مڪينيڪل وينٽيليشن‘ جو بندوبست ڪيو ويو هو. هيءَ سرنگهه نَوَ ميٽرن جي ٽيوبن تي مشتمل آهي، جيڪي هڪ ٻئي کان پندرنهن فٽن (يعني ساڍن چئن ميٽرن) جي فاصلي تي هڊسن نديءَ جي هيٺ آهن. سمجهو ته درياهه جي تري کان پنجويهه ميٽر هيٺان لنگهن ٿا. هن ٽنل ذريعي هڊسن ندي ٽپڻ جي اڄ ڪلهه في (ٽال) سورنهن ڊالر آهي ۽ هي ٽنل اڍائي ڪلوميٽر ڊگهو آهي.

لِنڪِن ٽَنِل

نيوجرسي ۽ نيويارڪ رياستن جي وچ ۾ وهندڙ هڊسن ندي ٽپڻ لاءِ ’لنڪن ٽنل‘ ٻه مشهور سرنگهه آهي، جيڪا پڻ اڍائي ڪلوميٽر جي لڳ ڀڳ ٿيندي. هي ٽنل نيوجرسي پاسي ويهاڪِن (Weehawken) علائقي کي نيويارڪ پاسي جي مڊ ٽائون مئن هٽن سان ملائي ٿو. هي ٽنل اڄ کان 84 سال کن اڳ 1937ع ۾ ٺهيو هو. هن سرنگهه ذريعي هڊسن ندي ٽپڻ جو ٽال (Toll) سورهن ڊالر آهي، ۽ چون ٿا هن ٽنل مان روزانو هڪ لک ويهه هزار گاڏيون لنگهن ٿيون.

پل ذريعي هڊسن ندي ٽپڻ لاءِ ’جارج واشنگٽن برج‘ سيني ۾ مشهور ۽ مشغول آهي، جيڪا آمريڪا جي پهرئين صدر ’جارج واشنگٽن‘ جي نالي آهي. هيءَ پل ڪافي اتاهين ۽ ڊبل ڊيڪر آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان جو جهاز بلڪل هن پُل هيٺان لنگر ڪيرائي نيويارڪ يا نيوجرسيءَ جي ڪنهن بندرگاهه ۾ وڃڻ لاءِ برٿ (ڏڪو) خالي ٿيڻ جو انتظار ڪندو هو. بعد ۾ نيوجرسيءَ ۾ رهڻ دوران جڏهن هن پل ذريعي نيويارڪ وڃڻ ٿيندو هو ته هيٺ جهازن کي لنگهندو ڏسي پراڻا ڏينهن ياد اچي ويندا هئا. ’ڊبل ڊيڪر‘ برج جو مطلب آهي ته پل تان ٻه

روڊ وجن ٿا. هڪ تمام مٿي ۽ ٻيو ٿورو هيٺيرو. ٽرئفڪ جون چوڏنهن قطارون آهن. اَٺ مٿين ڊيڪ تي ۽ ڇهه هيٺين ڊيڪ تي. مٿين ڊيڪ تي پنڌ ۽ سائيڪل تي هلڻ وارن لاءِ سائيڊ واڪ آهي. هن پل جي مالڪ نيويارڪ ۽ نيوجرسي رياستن جي پورٽ اٿارٽي آهي، جيئن اسان وٽ ڪا پل يا پارڪ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ (KPT) جي ملڪيت سمجهيو وڃي ٿو. انجنيئرنگ جي شاگردن لاءِ لکندو هلان ته هيءَ پل Suspension ٽائيپ جي برج آهي. يعني پل جا ڊيڪ، جن تان گاڏيون هلن ٿيون، لوهي زنجيرن (Cebles) ذريعي ڇڪيل رهن ٿا. دنيا ۾ هن قسم جون ڪيترين ئي پليون آهن، جيئن پير ۾ مٿي هتن ۽ بروڪلن بورو کي ڳنڍڻ لاءِ 'بروڪلن برج' آهي، 'فرئنڪلن برج'، 'سئن فرانسسڪو اوڪلنڊ برج'، 'گولڊن گيٽ برج' يا انگلينڊ ۽ اسڪاٽلنڊ کي ڳنڍڻ واري 'يونين برج'، چين جي 'سر ڊُو رِور برج' (Sir Du River Bridge) جيڪا دنيا ۾ سڀ کان اتاهين (پاڻيءَ جي سطح کان پنج سؤ ميٽر مٿاهين) Suspension برج آهي، جپان جي 'اڪاشي ڪائيڪيو برج' جيڪا دنيا ۾ سڀ کان ڊگهي ونگ (Span) واري پل آهي، يا مصر ۾ نيل ندي ٽپڻ لاءِ سڀ کان ماڊرن پل 2019ع ۾ ٺاهي وئي آهي ۽ دنيا ۾ ويڪري ترين هجڻ ڪري ان جو ذڪر گنيس بڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ به اچي چڪو آهي، اها آهي 'روض الفرج' (Rod El Forag) پل.

بهرحال هن جارج واشنگٽن پل تان چون ٿا ته روزانو ٻه لک نَوي هزار گاڏيون ڪراس ڪن ٿيون. هڪ ڳالهه آهي ته هيءَ پل اسان مان ڪيترن پنهنجي ملڪ ۾ رهي تصويرن ۾ ضرور ڏٺي هوندي، جو هيءَ پل نيويارڪ جي پسمنظر ۾ ٺهيل ڪيترين ئي فلمن ۾ نظر اچي ٿي، جهڙوڪ 1941ع جي فلم 'Ball of Fire' ۽ ٻي 1948ع جي فلم 'Force of Evil'. اهي ٻئي فلمون ڏسڻ وارن ۾ سنڌ ۾ هاڻ توهان کي مون کان علاوه امداد حسيني، غلام نبي مغل، نعيم بروهي، وليرام ولڀ، ادي ماهتاب محبوب ۽ پروفيسر قاضي خادم جهڙا ڪي چند ماڻهو ملندا. ان

بعد 1953ع جي فلم ’How to marry a Millionaire‘، 1976ع جي ’Network‘ ۽ تازو ويجهڙائي واري 2016ع جي فلم ’Sully‘ ۾ پڻ هيءَ هڊسن نديءَ واري پُل ’جارج واشنگٽن برج‘ ڏيکاري وئي آهي. ٻه فلمون جيڪي اسان مان ڪيترن ئي ڏٺيون هونديون، جن ۾ پڻ هيءَ پل آهي، هن ريت آهن: ’دي گاڊ فادر‘ ۽ ’ڪاپ لئنڊ.‘

بهرحال هڊسن ندي ڪيترن ئي هنڌن تان پلين (Bridges) ۽ سرنگهن (Tunnels) ذريعي ٽپي سگهجي ٿي. نيويارڪ کان هڊسن درياءَ رستي منصور ٿلهو صاحب جي ڳوٺ (شهر) البني تائين ڪيترين ئي پلين نظر ايندين، جن جي هيٺان فيري يا اسٽيمر مسافر کڻي لنگهي ٿو. ’لِونگسٽن ايوينيو برج‘، جيڪا ريل روڊ برج آهي، اها البني شهر کي هڊسن نديءَ جي ٻئي پاسي ’رين سير‘ شهر سان ڳنڍي ٿي ۽ مشهور پل آهي. اسان جي ليکڪ منصور صاحب کي گهر کان آفيس يا مارڪيٽ ويندي هڊسن ندي مٿان هيءَ پل پري کان ضرور نظر ايندي هوندي. خريد و فروخت واري علائقي يعني ’بزنيس ڊسٽرڪٽ‘ ۾ ايندي ’پرل اسٽريٽ‘، ’براڊوي‘، ’مونٽگمري اسٽريٽ‘ تان لنگهندي هُو هڊسن نديءَ کي وهندو ڏسي سگهندو هوندو. ’Quay اسٽريٽ‘ ته بس سمجهو ته هڊسن نديءَ جو ڪنارو آهي. هڊسن نديءَ لاءِ جيتوڻيڪ چون ٿا ته ايڏي صاف ناهي پر آئون جڏهن پنهنجي پاسي وارين ندين، ’سنڌو‘، ’گنگا‘، ’برهمپترا‘ يا ’برما‘ (ميانمار) جي ’اراوادي نديءَ‘ سان ڀيٽيان ٿو ته هڊسن هڪ صاف سٿري ۽ رونق واري ندي نظر اچي ٿي، جيڪا هر وقت پاڻيءَ سان تار ڏسي مون کي ڀيٽارو وارن ڏينهن (1960ع) جي اندس ياد اچي ٿي، جنهن جي لهرن ۽ ڪُنن کان خوف ٿيندو هو. پڪ اٿم ته اسان جو محترم ليکڪ ڊاڪٽر منصور ٿلهو، هڊسن درياءَ کي ڏسي پنهنجو سنڌو درياهه ياد ڪندو هوندو، جنهن کي ننڍي هوندي ڏسڻ لاءِ هن کي پنهنجي ڳوٺ نصيرآباد/ آڏيءَ کان ويهه کن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ’محسن شاهه‘ يا ’ٻلهڙيجي‘ پتڻ تي وڃڻو پوندو هو.

باقي يارو! هڊسن نديءَ ڏسي منهنجو اندر سڙي وڃي ٿو. شروع جي سالن يعني 1960ع واري ڏهاڪي جي سالن ۾ نه پر هاڻ، نيويارڪ جهاز کي پهچائڻ لاءِ اسان کي ائٽلانٽڪ سمنڊ جهاڳي نيويارڪ جي 'مٿين خليج' ۾ اچي لنگر ڪيرائڻو پوي ٿو. جنهن ۾ هڊسن نديءَ ڇند جي اڳيان ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ خارج ٿئي ٿو. هي هنڌ بيحد خوبصورت لڳي ٿو. سامهون مئن هٽن جون اوچيون عمارتون، ساڄي پاسي بروڪلن جي اڳيان لبرٽي آئلنڊ جنهن تي آزاديءَ جو مجسمو آهي. اسان پنهنجي جهاز کي هڊسن نديءَ جي چوڙ وٽ لنگر انداز ڪرائيندا آهيون، جنهن جي هڪ پاسي نيويارڪ رياست هوندي آهي ته ٻئي پاسي نيوجرسي. مئن هٽن يا برونڪس ۾ جيٽي خالي نه هوندي آهي ته اسان کي نيوجرسي جي 'نيو ارڪ' بندرگاهه ۾ داخل ٿي سامان لاهڻ لاءِ چيو ويندو آهي. جتان سامان بارجن يا مال گاڏين ذريعي نيويارڪ پهچايو ويندو آهي. هڊسن نديءَ جي منهن وٽ هر وقت خوبصورت فيريون يعني مسافر جهاز ۽ اسٽيمر نظر ايندا آهن، جيڪي هڊسن نديءَ ۾ اڳيان مختلف بندرگاهن ڏي مسافر کڻي پيا ويندا آهن. اندس جهڙي هيءَ هڊسن ندي ۽ ان جو نظارو ڏسي، اڄ ڪلهه منهنجو اندر سڙندو آهي، جو هاڻ اسان جي سنڌو پاڻيءَ کان خالي هوندي آهي. سامونڊي وير چڙهڻ تي سمنڊ جو کارو پاڻي ترجي مهاڻن ۽ انهن جي آباديءَ کي تباهه ڪندو آهي. سنڌو نديءَ جا بچيل بندر ۽ بازاريون ويران ٿي ويون آهن! ڪنهن جي هن ڌرتي ۽ درياهه کي نظر لڳي جو سنڌو نديءَ جو حال 'نرمادا'، 'ماهي'، 'سبرا متي'، 'ميگهنا'، 'پدما'، 'سورما'، 'هوگلي'، 'گهاگهرا'، 'ياگڙاتي' جهڙين ڪوچڙين ندين جهڙو به نه رهيو آهي! سنڌو نديءَ جو چوڙ وارو يعني ڊيلٽا (ٽڪور) وارو علائقو ته ڇا پر گهٽو اندر تائين ماڻهو مٺي پاڻي پيئڻ لاءِ پيا سِڪن. ان بعد درياهه سُڪو پيو آهي، جنهن جي پيٽ تي ٻار پيا ڪرڪيٽ کيڏن يا سائيڪلون هلائين. نه ته 1960ع واري ڏهاڪي تائين به اسان جي اندس، هڊسن وانگر تارو تار وهي ٿي، پر هاڻي جڏهن ماڻهن ۽

وهتن جي پيئڻ لاءِ پاڻي ڪونهي ته هڊسن نديءَ وانگر ڪهڙا اسٽيمر ۽ فيري جهاز هلي سگهندا. پر هيڏانهن هڊسن ندي جنهن ۾ اسٽيمر ذريعي منصور ٿلهي جي ڳوٺ البني ۽ تائين وڃبو هو. اج به اها ٽرانسپورٽ ۽ ٽڙ پتڻ قائم آهن، بلڪ پهرين کان به خوبصورت.

هي سفرنامو پڙهڻ وارن جو نيويارڪ وڃڻ ٿئي ته منهنجي هنن کي اها ئي صلاح آهي ته هو منصور ٿلهو جو هي نئون شهر البني ضرور گهمڻ وڃن ۽ البني ٽرين يا ڪار ذريعي نه پر هڊسن نديءَ ذريعي ڪنهن مسافر جهاز ۾ وڃن. توهان کي اها ڳالهه يعني سفر ضرور وڻندو.

نيويارڪ کان البني هوائي جهاز جي سڌو وڃڻ ڪري به سؤ سورنهن ڪلوميٽر فاصلو آهي، پر باءِ روڊ يا هڊسن ندي ذريعي سفر ڪرڻ ۾ به سؤ پنجاهه ڪلوميٽر فاصلو آهي ۽ مختلف ڪمپنين جا فيري جهاز ۽ اسٽيمر هڊسن نديءَ ۾ هلن ٿا، جن جي ٽڪيٽ پنجاهه کان ستر ڊالر آهي. سفر جو ٽائيم اڍائي ٽي ڪلاڪ ٿين ٿا. اج ڪلهه هنن ڪمپنين جا جهاز هلن ٿا:

- ڊچ ائپل ڪروزا ۽ ٽوئرس ڪمپني
- ليڪ جارج اسٽيم بوٽ ڪمپني
- ڪئپٽن JP ڪروزا ڪمپني.

هڊسن ندي ڪٿي ڏيڍ ڪلوميٽر ته ڪٿي پنج ڪلوميٽر به ويڪري آهي. گذريل دفعي مون فيري جهاز ذريعي نيويارڪ کان البني سفر ڪيو هو. نيويارڪ وٽ جارج واشنگٽن برج ٽپڻ بعد البنيءَ تائين ڪيترين ئي پليون اچن ٿيون، جهڙوڪ:

- گورنر ماريو ڪومو برج
- بيئر مائونٽين برج
- نيوبرگ بيڪن برج
- مڊ هڊسن برج
- ڪنگسٽن رائين ڪِلف برج
- رپ وان ونڪل برج

- البني وٽ البني رين سيلر برج

نيويارڪ کان البني تائين، هڊسن نديءَ جو سفر نهايت خوبصورت نظارن جو سفر آهي ۽ رستي تي جيڪي بندرگاهه اچن ٿا اهي ڏچ ۽ انگريز راڄ جي تاريخ ۽ عمارت سازيءَ بابت ٻڌائين ٿا. ڪئپٽن JP ڪمپنيءَ جا جهاز بيحد خوبصورت ۽ ڇئن ڏيکن وارا آهن. نيويارڪ شهر ڇڏڻ بعد 'Sleepy Hallow' نالي شهر اچي ٿو، جنهن کي هن پاسي جي ليکڪ 'واشنگٽن اورنگ' امر بڻايو آهي. ليکڪ کي هيءَ هڊسن نديءَ واري ماٿريءَ اهڙو موهت ڪيو هو، جو هن پنهنجي زندگي هن شهر 'سليپي هالو' ۾ گذاري ڇڏي. هُن، هِن علائقي جو ذڪر پنهنجي ٻن ناولن ۾ ڪيو آهي:

- The Legend of Sleepy
- Rip Van Winkle

ان بعد 'West Point' ۽ 'Hyde Park' شهر اچن ٿا. انهن کان پوءِ 'ڪنگسٽن' شهر اچي ٿو، جيڪو 'مئريٽائيم ميوزيم' کان مشهور آهي ۽ پوءِ البني اچي ٿو. هڪ ڳالهه لکندو هلان ته هڊسن نديءَ جي منهن وٽ هڪ پاسي نيويارڪ رياست آهي ته ٻئي پاسي نيوجرسي رياست، پر پوءِ هڊسن ندي نيويارڪ رياست مان ئي گذري ٿي ۽ نديءَ جي ٻنهي ڪنارن وارا شهر نيويارڪ رياست ۾ اچن ٿا، جيئن سنڌو ندي، سنڌ صوبي جي وچ مان لنگهي ٿي ۽ نديءَ جي ٻنهي پاسن وارا شهر ڪوٽڙي، حيدرآباد، ڄامشورو، هالا، مورو، دادو يا سکر ۽ روهڙي سنڌ جا ئي شهر آهن. ڪن ملڪن ۾ ڪي نديون ٻن صوبن يا ٻن ملڪن جي وچ ۾ بارڊر ٺاهين ٿيون، جيئن 'برهمپترا ندي' انڊيا ۽ بنگلاديش جي وچ ۾ بارڊر ٺاهي ٿي، 'گولو ڪندي'، ٿائلنڊ ۽ ملائيشيا جي وچ ۾، 'هيرمند ندي' افغانستان ۽ ايران جي وچ ۾، 'آرديلا ندي' پورچوگال ۽ اسپين جي وچ ۾ بارڊر ٺاهي ٿي. پوءِ اهڙين ندين جي هڪ پاسي هڪ ملڪ جا پتڻ هوندا آهن ته ٻئي پاسي ٻئي ملڪ جا. جيئن ملاڪا ڳچي سمنڊ مان لنگهڻ مهل هڪ

پاسي ملائيشيا جا بندرگاهه: پينانگ، پورٽ ڪلانگ (ڪوالالمپور)، ملاڪا، جوهوربارو وغيره آهن ته ٻئي پاسي انڊونيشيا جي سماترا ٻيٽ جا پتڻ اچن ٿا.

هتي به ٿي سٺون هتي جي سنڌو ندي يعني 'هڊسن نديءَ' بابت لکندو هلان. هڊسن ندي پنج سؤ ڪلوميٽر ڊگهي آهي، جيڪا نيويارڪ رياست جي اتراهين شهر 'نيوڪومب' وٽ جبلن ۾ 'هينڊرسن ڍنڍ' کان شروع ٿي نيويارڪ شهر وٽ 'اپر نيويارڪ خليج' ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، جتي اسان بندرگاهه ۾ اندر داخل ٿيڻ کان اڳ لنگر ڪيرائي انتظار ڪندا آهيون. هڊسن نديءَ جو پاڻي اپر خليج بعد ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو. هيءَ ندي، هڊسن ندي هڪ انگريز 'Explorer' ۽ 'نيويگيٽر هينري هڊسن' جي نالي آهي، جنهن کي 'ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني' لاءِ هن پاسي جهاز هلائيندي 1609ع ۾ هيءَ ندي نظر آئي هئي. ان بعد ڪئناڊا وارو خليج هڊسن Hudson Bay به هن نالي ٿيو. 1807ع ۾ پهريون اسٽيمر نيويارڪ شهر مان مسافر کڻي البني آيو هو.

آمريڪا جي 50 رياستن مان هڪ 'نيويارڪ رياست' جنهن جي اپرندي ڪناري کي ائٽلانٽڪ سمنڊ ٿو ڇهي، ان جي منهن وٽ نيويارڪ سٽي يعني نيويارڪ نالي شهر آهي، جنهن کان به سؤ پنجاهه ڪلوميٽرن جي فاصلي تي اتر ۾ اسان جي سنڌ ڄائي، آمريڪن ليکڪ ڊاڪٽر منصور ٿلهي جو ڳوٺ البني (Albany) آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيوسين. البني کان وري وڌيڪ اتر اولهه ۾ اڍائي سؤ ڪلوميٽرن تي نيويارڪ رياست جو هڪ ٻيو مشهور شهر 'اِٿاڪا' (Ithaca) آهي، جنهن ۾ 1969ع يا 1970ع ۾ منهنجو وڃڻ ٿيو هو. ان بعد وڏي عرصي کان پوءِ جڏهن آئون باءِ ايئر نيو جرسي ويو هوس، ته هڪ دفعو وري ويو هوس. منهنجو هن شهر سان ننڍپڻ جو ناتو رهيو آهي. اسان ننڍا هئاسين ته آمريڪا جي هن شهر اٿاڪا جو نالو ٻڌوسين. منهنجي والد 'گل محمد شيخ' هن شهر جي 'ڪارنيل يونيورسٽيءَ' مان 'ائگريڪلچر' ۾ اعليٰ

تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ اتان هُو جيڪو خط ’ايئروگرام‘ لکندو هو، ان تي اِٿاڪا لکيل هوندو. بعد ۾ اسان جي ڳوٺ جي هڪ نوجوان ’سائين عبدالقدوس علويءَ‘ کي ’سول انجيئرنگ‘ جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ’ڪارنيل يونيورسٽي‘ جي اسڪالرشپ ملي هئي. اوڌ فئملين سان آئون انڊيا ويو هوس ته ’دادا وسواڻي سنڌي اسڪول‘ دهليءَ ۾ اتي جي ائڊوائيزر ’پروفيسر چندر ڏاسواڻيءَ‘ سان ملاقات ٿي هئي، ته هن به اهو ئي ٻڌايو ته هو ڪارنيل يونيورسٽيءَ جو گريجوئيٽ آهي. ان ڪري ٻيو دفعو جڏهن اٿاڪا جي ڪارنيل يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيس ته اهو ئي سوچيندو رهيس ته هن ڌرتيءَ تي نه فقط منهنجو والد پر NED يونيورسٽيءَ جو سابق وائيس چانسلر ڊاڪٽر عبدالقدوس علوي ۽ پروفيسر چندر ڏاسواڻي جهڙا انسان هليا چليا. هي لکڻ دوران خبر ملي اٿم ته گذريل هفتي اسان جو پيارو ڳوٺائي ۽ محنتي سائين عبدالقدوس علوي گذاري ويو.

اٿاڪا، ڪاليجن جو شهر سڏجي ٿو. اهو ’ڪارنيل يونيورسٽي‘، ’اٿاڪا ڪاليج‘ ۽ ’ٽومپڪنس ڪارٽلنڊ ڪاليج‘ جهڙن تعليمي ادارن جو گهر سڏيو وڃي ٿو. ڪارنيل يونيورسٽي جو 1865ع ۾ مسٽر ’عذرا ڪارنيل‘ نالي هڪ آمريڪي بزنيس مئن، سياستدان ۽ سخي مرد بنياد رکيو. هي ئي شخص آهي جنهن ويسٽرن مرد بنياد رکيو. هي ئي شخص آهي جنهن ’ويسٽرن يونين ڪمپني‘ ٺاهي، جنهن لاءِ مٿي نصيرآباد جي زاهد ابڙو صاحب لاءِ لکي چڪو آهيان  ته آمريڪا جي هڪ سؤ ڪان مٿي ’ويسٽرن يونين آفيسن‘ جو انچارج آهي.

هن شهر اٿاڪا سان ڪيترن ئي اهم ماڻهن جو واسطو رهيو آهي، جهڙوڪ:

- ’الونزو ڪارنيل‘، جيڪو 1880ع ۾ نيويارڪ جو گورنر هو. هو عذرا ڪارنيل جو پٽ هو.
- ’اليڪس هيلي‘. غلام شيدين بابت ڪتاب The Roots-The Saga of American Family جو مصنف.

- ’ولادمير نابوڪوو‘، ڪارنيل يونيورسٽيءَ جو پروفيسر ۽ مشهور ليکڪ، لوليتا ۽ ٻين ڪتابن جو مصنف.
- ’بينجمن نيتن ياهُو‘ اسرائيل جو وزيراعظم.

هتي اهو به لکندو هلان ته ڪارنيل يونيورسٽي، دنيا جي پهرين يونيورسٽي آهي، جنهن ’Veterinary Medicine‘ جي ڊگري جاري ڪئي.

مون کي لڳي ٿو ته منصور ٿلهو صاحب طرفان مون کي آزادي ڏيڻ ڪري آئون ڪجهه وڌيڪ ئي لکي ويو آهيان ۽ هاڻ پنهنجي قلم کي پاسيرو رکي پڙهندڙن کي ڊاڪٽر صاحب جي هن نرالي ۽ دلچسپ سفرنامي کي غور سان پڙهڻ لاءِ چوندس. آئون شروع ۾ لکي چڪو آهيان هي سفر نامو ٻين سفرنامن کان نرالو آهي. اهو ان خيال کان ته هڪڙا هوائي سفرناما هوندا آهن، جيڪي مختلف گهمڻ وارا مخلتف ملڪن ۾ مختصر وقت گذاري لکندا آهن. ٻيا ملائيشيا، جپان يا سمنڊ تي ڪجهه وقت رهي لکندا آهن، پر هي سفرنامو ڪاماري شريف جي پير تاج محمد قريشيءَ جي سفرنامي وانگر هڪ آمريڪن جو پنهنجي نئين ملڪ آمريڪا بابت آهي.

پڙهندڙ شايد اهو چون ته هي ته آمريڪن نه پر سنڌي آهن. هرگز نه. هر اهو ماڻهو جنهن کي آمريڪن پاسپورٽ آهي، اهو آمريڪن به ٿيو. جيڪڏهن هي آمريڪن ناهي ته پوءِ آمريڪا ۾ توهان کي ڪوبه آمريڪن نه ملندو. ائين ته پوءِ اصلي آمريڪي فقط ريڊ انڊين ئي ٿيندا. ٻيا سڀ ماڻهو آفريڪا، يورپ، ايشيا کان آيل آهن. ان سلسلي ۾ ڪنهن هنڌ آئون لکي آيو آهيان ته اسان جا ماڻهو، جڏهن آمريڪن کي ڪافر ٿا سڏين يا گهٽ وڌ ٿا ڳالهائين ته اهو غلط آهي. ڇو جو آمريڪن ۾ اسان جا مسلمان به آهن، ڊيپلائي ميمڻ به ته شڪارپور جا صديقي ۽ سومرا به آهن، ملائيشيا جا ملئي مسلمان آهن ته فلسطين، عراق ۽ شام جا عرب به آهن، ايران ۽ ترڪي جا مسلمان به آهن، جن جي ڪري يورپي گورن نو مسلم جي ڪري آمريڪا ۽ ڪئناڊا جون مسجدون آباد آهن. اڄ کان

پنجاهه سالن بعد آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ رهندڙ شڪارپور جا شيخ ۽ ميمڻ پاڻ کي آمريڪن ئي سڏائيندا ۽ شڪارپوري ٿون ۾ ڳالهائڻ بدران هُو آمريڪن ٿون ۾ ڳالهائيندي ٻُڌبا. شايد ڪيترن کي ته اهو به ياد نه رهي ته هنن جا ڏاڏا پڙڏاڏا سنڌ جي ڪهڙي شهر مان آيا! هُو شايد جهڏو ۽ سنجهورو يا ميهڙ ۽ مانجهند به صحيح طرح اُچاري نه سگهن ۽ انڊين ڇوڪريءَ وانگر 'شڪارپور' بدران چون ته سنڌ جي شهر 'شڪاگو' کان آيا.

ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچر دوران هڪ شاگردياڻيءَ کان جڏهن پڇيو ويو ته، "تنهنجو ڏاڏو يا پڙڏاڏو سنڌ جي ڪهڙي شهر کان آيا؟" ته هن چيو ته "اٽليءَ کان".

"بيبي، اٽلي ته سنڌ ۾ نه پر يورپ ۾ آهي!"

بهرحال بعد ۾ خبر پئي ته اهي اٽليءَ کان نه، پر 'ٽلٽيءَ' کان آيا هئا. اهڙي طرح هڪ ٻي ڇوڪري پنهنجي وڏن لاءِ جيڪي 'قلجيءَ' کان آيا، ٻڌايو ته 'فجيءَ' کان ممبئي آيا هئا! سو اهو حال اڄ جي ولايت ۾ رهندڙن جي پوٽاڻ ڏوهٽاڻ جو وڃي ٿيندو.

هن سفرنامي جي ليکڪ سائين منصور ٿلهي جي هڪ ٻي ڳالهه قابلِ داد آهي ته هُو انگريزيءَ کان علاوه اسپيني ٻوليءَ کان به چڱي طرح واقف آهي، جيڪا هن جي شهر البنيءَ ۾ ڪيترائي ماڻهو ڳالهائين ٿا ۽ هو هنن سان خبر چار ڪري احوال وٺندو رهي ٿو. آئون هميشه ان ڳالهه جي وڪالت ڪندو رهان ٿو ته ولايت ۾ رهڻ واري کي اتي جي مڪاني يا ٻي زبان: ملئي، جپاني، عربي، فارسي، اسپيني يا پورچوگالي وغيره سکڻ کپي. ان سان توهان جي ولايت ۾ نه رڳو زندگي سوَلي ٿيندي پر مقامي ماڻهن ۾ توهان پنهنجائپ جو احساس به محسوس ڪندائو.

منصور ٿلهو صاحب، هي سفرنامو مختلف بابن ۾ لکيو آهي، جن ۾ هن نه فقط پنهنجي شهر البني بابت لکيو آهي، پر اتي جي رهندڙ پراڻن سنڌي هندو ماڻهن ۽ اسپيني ماڻهن بابت، هنن جي ڪلچر ۽ ثقافت جون

ڳالهيون پڻ لکيون آهن. ادب جو شاگرد هجڻ جي ناتي هن سنڌي ۽ اسپيني لفظن ۾ هڪ جهڙائي بابت لکيو آهي. البني ۾ رهندڙ پراڻن سنڌي آمريڪن جون دلچسپ ڪهاڻيون بہ لکيون آهن، جيڪي پڙهڻ سان تعلق رکن ٿيون. مون کي پڪ آهي تہ پڙهندڙ منصور ٿلهو صاحب جو جڳ کان نرالو هي سفرنامو پڙهي حِظ حاصل ڪندا. ان سان گڏ اها بہ اميد رکان ٿو تہ منصور صاحب پنهنجي پڙهندڙن کي ٻيا بہ سفرناما ۽ تحقيق جا ڪتاب ڏيندو رهندو.

**الطاف شيخ**

18 جنوري 2022ع
ڪراچي



منظور جوکيو ۽ الطاف شيخ



مير مبارڪ ٽالپر، نور احمد نظاماڻي، الطاف شيخ ۽ عاشق ميمڻ



1969ع نيويارڪ ۾ آغا خدا داد، حسن جاويري، پير فضل الحق راشدي ۽ غبدالرزاق شيخ




آفريڪا



1968ع نيويارڪ ۾ الطاف شيخ ۽ نور احمد نظاماڻي




اتر آمريڪا




دنيا جو نقشو




ڏکڻ آمريڪا

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

